# انسان جي ڪهاڻي

مبخائل ايلين

ايلينا سيگال

حُسين بادشاه



روشني

# انسان جي ڪهاڻي

ميخائل ايلين
ايلينا سيگال

---

حُسين بادشاهه

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2006ع

**Roshni Book No. 349**

ڪتاب جو نالو: انسان جي ڪهاڻي
ليکڪ: ميخائل ايلين ۽ ايلينا سيگال
سنڌيڪار: حُسين بادشاهه

ڇاپو پهريون: © روشني 2006ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي ۽ انور حسين سومرو
روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز، حيدر چوڪ، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد،
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

**INSAN JEE KAHANI**

by: **Mikhail Allian & Alina Segal**

Translated by: **Hussain Badshah**

Composed by: Habib Qadir Qureshi & Anwar Hussain Soomro
Roshni Composer and Printer, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
First Edition © Roshni 2006

**اسٽاڪسٽ**

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
سچل بوڪ سينٽر، ممتاز مارڪيٽ - حيدرآباد
ڪاٺياواڙ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي
حسين عامر نيوز ايجنسي، مين بس اسٽاپ، سجاول
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر - لاڙڪاڻو
نئون نياپو، ڪتاب مرڪز، گهنٽي ٽاڪ - لاڙڪاڻو
شاهه لطيف ڪتاب، ميهڙ
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ - دادو
جنيد بوڪ ڊيپو - دادو
مرچو لال بوڪ ڊيپو - بدين
عزيز ڪتاب گهر - بئراج روڊ، سکر
ڪتاب مرڪز - فريئر روڊ، سکر
يونائيٽيڊ بڪ لينڊ - مهراڻ مرڪز، سکر
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
قاسميه لائبريري - ڪنڊيارو

ارپنا-

تاج صحرائي،
حاڪم علي شاھ،
بدر ابڙو
اشتياق انصاري ۽
رسول بخش درس
جي نانءُ.

# فهرست


ٻہ اکر 9
عظیم انسان 11

## باب پهريون

اکين کان اُوجهل پنجرو 12
جهنگ جو سير 13
پيلي جا باندي 16
مڇيون خُشڪيءَ تي ڪيئن آيون؟ 18
گونگو گواهہ 21
انسانِ: آزاديءَ واريءَ وات ڏانهن 26
وڏڙن سان مُڪاميلو 31

## باب ٻيو

اسان جي سورمي جي ڏاڏي ۽ پيا مِت مائٽ 33
اسان جا مائٽ رافيل ۽ روزا 35
ڇا چمپئنزي ماڻهو ٿِجي سگهي ٿو؟ 38
اسان جي سورمي پنڌ ڪرڻ سکيو 42
انسان جي پيرن ڪيئن هٿن کي ڪم لاءِ آجو ڪيو 43
اسان جي سورمي جو زمين تي لهڻ 44
وچايل ڪڙي 47

## باب ٽيون

انسان قاعدن کي ٽوڙي ٿو 55
انساني هٿن جا ڇڏيل نشان 56
جيئري ڪوڏر ۽ جيئري ٽوڪري 60
انسان جا هٿ جيڪڏهن ڪوڏرون هجن ها؟ 63

ماهر انسانَ ۽ ماهر دريا 64
انساني حياتيءَ جي احوال جو مُنڍ 67
ماڻهو وقت جو ڪاٽو ڪيو 70
ميڙيندڙ ماڻهو 72

## باب چوٿون

آفت جو ويجهو اچڻ 74
جهنگن جي ويڙهه 75
دنيا جي پڇاڙي 80
ڏُنيا جي ابتدا 83
پٿري صفحن جو ڪتاب 84
ماڻهو جهنگ کي ڇڏي ٿو 85
لفظن کي ٺيڪ پڙهڻ گهرجي 86
ڇتاپيتي جي پڇاڙي 91
ماڻهو پنهنجي دنيا ٺاهي 93

## باب پنجون

ماضيءَ ۾ پهريون سفر 94
هزارين سالن جو اسڪول 97
ماضيءَ ۾ ٻيو سفر 101
اشارن جي زبان 105
ڳالهائيندڙ هٿ 109
اشاراتي ٻوليءَ جي لغت جو پنو 110
اسان جي پنهنجي اشارن واري ٻولي 111
ماڻهو پنهنجو دماغ ٿو ماڻي 113
ڪيئن هٿن جي جاءِ ٻولي ورتي 115
درياهه ۽ سندس وسيلا 117

## باب ڇهون

ڇڏيل گهر 119
ڏکھو هٿ 124

جيئرو جا ڳنڍو جهرٽو 127
نوان ماڻهو 129
"گهريلو تاريخ" جو پهريون باب 131
آڳاٽن شڪارين جا گهر 133
زميني آرٽ گيلري 141
ڳجهه ۾ سُلجهاءُ 142

## باب ستون

کهڙا کهڙا عجائب آهن جهان ۾.... 147
دنيا بابت اسان جي وڏڙن جا ويچار 150
پنهنجي وڏڙن سان ڳالهيون 154
قديم ٻوليءَ جون باقيات 157

## باب آٺون

گليشيرن جو پوئتي هٽجڻ 161
ماڻهن جي جهنگ سان ويڙهه 165
ماڻهوءَ جو چوپايو ساٿي 167
درياهه سان ماڻهوءَ جي ويڙهه 170
شڪاري مهاڻن جو گهر 172
سيني جهازن جو پڙڏاڏو 174
اوائلي ڪاريگر 177
ٻج جي گواهي 179
نئين ۾ پراڻو 183
انوکو ذخيرو 186

## باب نائون

وقت جي پيرڙن جو اڳتي وڌڻ 190
ڍنڍ جي ڪهاڻي 192
اوائلي ڪپڙو 197
اوائلي ڪاٺيون ڪوتيندڙ ۽ ڌاتو ڳاريندڙ 198

| | |
|---|---|
| اوائلي روسي ڪُڙمي | 203 |
| انساني پورهئي جو ڪئلينڊر | 205 |


## باب ڏهون

| | |
|---|---|
| ٻہ قانون | 209 |
| آڳاٽي ”نئين دنيا يعني آمريڪا“ | 210 |
| غلطين جو سلسلو | 217 |


## باب يارهون

| | |
|---|---|
| جادوئي جُوتا | 225 |
| آڳاٽي جاءِ ۾ ڏار | 227 |
| پهريان لاڏڙو | 234 |
| جيئرا اوزار | 237 |
| حافظو ۽ يادگار | 239 |
| ٻانهو ۽ آزاد ماڻهو | 243 |
| تنبو ڪيئن گهر ٿيو ۽ گهر ڪيئن شهر بڻجي ويو | 246 |
| قلعي جو گهيرو | 249 |
| جيئرن جي ڪهاڻي مُئلن جي زباني | 251 |
| ماڻهو هڪڙو نئون ڏاتو ڳولهيو | 254 |
| منهنجو ۽ تنهنجو | 256 |
| هڪڙي نئين نظام جي ابتدا | 258 |


## باب ٻارهون

| | |
|---|---|
| سائنس جي ابتدا | 261 |
| ديوتائن جي اولمپس ڏانهن پاڇ | 264 |
| علم ۽ شعور جو ڦهلاءُ | 267 |
| پهريان پَت يا چارڻ | 270 |
| ڪتاب جي پيڄاڙي | 274 |

# ٻه اکر

هيءَ ڪتاب اڳوڻي سوويت يونين جي 'رادوگا' اشاعت گهر ماسڪو طرفان اڄ کان اٽڪل پنجاهه ورهيه اڳ ڇپيو هو، جنهن جا دنيا جي انيڪ ٻوليءَ ٻولين ۾ ترجما ٿيا، پر سنڌيءَ ۾ ڪوبه ترجمو نه ٿيو. جيئن ته هيءَ ڪتاب لکين ننڍڙن پڙهندڙن کي، علم جي دنيا ۾ داخل ٿيڻ مهل، سمجهڻ ۾ هي مدد ڏئي ٿو ته: ماڻهو ۽ سماج جي زندگي ڪيئن آهي. ماڻهو ڪيئن ٿا ڪرت ڪن ۽ سماجي وهنوار توڙي ڪم ڪيئن ٿو هلي. گڏوگڏ هن ڪتاب ۾ ليکڪ پنهنجي طريقي سان 'ماڻهو' لاءِ، ساراهه ۽ واکاڻ پڻ ظاهر ڪئي آهي، جيڪو قدرتي رازن جي گهرائين ۾ لهندو، لڳاتار اڳتي وڌندو، ڪم ۽ رهڻ سهڻ جا نوان نوان ڍنگ ٺاهيندو جوڙيندو پيو وڃي.

ميخائيل ايلين (1895-1953ع) پنهنجي سڄي زندگي انتهائي ڏکئي پر باعزت ڪم لاءِ ارپي ڇڏي هئي، يعني هن جا ٺاهيل ڪتاب سميت پنهنجي لکيل ٻين ڪتابن ۾ اٽڪل هڪ لک اهڙن سوالن جا سائنسي جواب ڏنا، جيڪي سمورن ارتقا ڪندڙ ٻارن- ڪوڙجي نظرن سان پنهنجي چوڌاري دنيا کي ڏسندڙن- جي سوچن ۾ اُتساهه جاڳائي، ڪائنات سان پيار ۽ انسانذات لاءِ زندگي ارپڻ واسطي اُڀارين ٿا. هن پنهنجي لکڻين وسيلي سائنسي رازن جي ڀرپور طريقي سان ڇنڊڇاڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪا سائنس نه رڳو ڪائنات کي ٿي بدلائي پر انساني سماج کي پڻ بدلائي ٿي ڇڏي. اُهو ئي هُن جو ڳڻ هو، ڇو ته هُو پنهنجي دؤر جو سچو سپوت- ترقي پسند انساني دماغ ۽ نئين سماج جو سرواڻ- هو.

ايلين جو چوڻ آهي ته: 'سائنسدان پنهنجي چوڌاري دنيا جي ڇنڊڇاڻ ڪري، پنهنجي چونڊيل شعبي جو اڀياس ڪري ٿو. ۽ فنڪار سڄي دنيا کان، مجموعي طور سدائين متاثر ٿئي ٿو. جڏهن فنڪار فطرت جو گهرو اڀياس ٿو

ڪري، تہ هو مجموعي طور نباتات، حيوانات ۽ موسميات جو ماهر بڻجي وڃي ٿو. گڏوگڏ پنهنجي سموري ادب جيان هاڪارو سائنسي ادب پڻ، ماڻهو ۽ فطرت جي ڳانڍاپي تي نظر رکي ٿو."

ايلين ارتقا ڪندڙ ٻارن ۾، اُن سائنسي شعور وڌائيندڙ ڪم ۾ پنهنجي زندگي ارپي ڇڏي هئي، جنهن کي ميڪسم گورڪي شروع ڪيو هو. گورڪي ٻارن لاءِ تعليمي ڪتابن جو عظيم سلسلو جوڙڻ جو هڪڙو وڏو پروگرام ٺاهيو هو، جنهن وسيلي ٻارن کي ڌرتيءَ تي جيون جي ابتدا کان وٺي انساني ترقيءَ ۽ تهذيبي تاريخ جي تعليم ڏيڻي هئي.

هن ڪتاب جو سهڪاري ليکڪ ايليا مارشاڪ هو، جيڪي ڏنڌي موجب انجنيئر هو. تنهن ايلينا جو قلمي نالو اپنايو هو ۽ انهيءَ ڏس ۾ سندس چوڻ هو تہ: "مون پنهنجو نالو ان ڪري مٽايو، تہ جيئن ماڻهو منهنجي نالي کي، منهنجي ڀاءُ ۽ ناميا ري سوويت شاعر سيموئل مارشاڪ جي نالي سان وچڙائي نہ سگهن."

هن ڪتاب ۾ حقيقي سائنس جي اُها گرمي ملي ٿي، جيڪا انسان جي خدمت ڏاڍي وفاداريءَ سان ڪري ٿي ۽ جيڪا هاڻي ڪيس عظيم مُسرتن جا وسيلا مهيا پئي ڪري. هن ڪتاب ۾ نوجوان پڙهندڙن سامهون قدرت جا گهڻا ئي ڳُجهہ کولي نروار ڪيل آهن، جن مان هيءَ ڳالهہ چِٽي ٿئي ٿي، تہ سمورن علمن- سائنسي توڙي سماجي علمن- ۾ مُسرت ۽ شاعري هُجي ٿي. آس اٿم تہ ارتقا ڪندڙ سنڌي ٻار- ڏهن ورهين جي ڄمار کان پنجاهہ ورهين تائين- پڻ هن سائنسي ڪتاب مان لاڀ پرائيندا.

آئون هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ دوست عاصم آخوند، ساٿي عرفان چانڊيي ۽ اندرجيت لوهاڻي جي سهڪار تي سندن ٿورائتو آهيان.

- حُسين بادشاهہ

# عظيم انسان

ڌرتيءَ تي هڪ عظيم هستي رهي ٿي.
هن جا هٿ اهڙا آهن، جيڪي آسانيءَ سان ڪنهن به انجڻ کي ڪٽي ٿا وٺن.
هن جا پير اهڙا تہ آهن جو اُهي هزارين ميل ڊگهي واٽ هڪڙي ڏينهن ۾ ئي پوري ٿا ڪن.
هن جا ڪنپ اهڙا آهن، جو اُهي ڪيس ڪڪرن کان مٿي اُتي کڻي ٿا وڃن، جتي پکي بہ پَرَ هڻي نٿا سگهن.
هن جا تارو پير اهڙا آهن، جو اُهي پاڻيءَ جي تہ ۾ ڪنهن بہ مڇيءَ کان پيلو ڪم ٿا ڏين ۽ گوءِ کڻي ٿا وٺن.
هن جون اکيون اهڙيون آهن، جو اُهي ڪنهن بہ اوجهل شيءِ کي ڏسي سگهن ٿيون، ۽ ڪَن بہ اهڙا اٿس جو اُهي دنيا جي ٻئي ڇيڙي جي ڳالهہ ٻُڌي سگهن ٿا.
اُها هستي ايڏي تہ سگهاريَ آهي، جو ڏونگرن مَنجهان سُرنگون ٿي ٺاهي ۽ جهرڻن کي هوا ۾ ڦُلاري ٿي ڇڏي.
اُها پنهنجي مرضيءَ هيٺ دنيا جو گهاڙيٽو پئي بدلائي، پيلا پٽي پوکي، سمنڊن کي هڪٻئي سان پئي ڳنڍي ۽ ريگستانن کي ريج پئي ڏئي.
هاڻي، پيلا اُها عظيم هستي آهي ڪير؟
انسان.
پر اُهو عظيم ٿيو ڪيئن، ڌرتيءَ جو مالڪ ڪيئن بڻيو؟
هن ڪتاب ۾ اسان اِهو ئي سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ پيا چاهيون.

پهريون باب

# اکين کان اوجهل پيرو

هڪڙو اهڙو به زمانو هو، جڏهن انسان عظيم نه پر تڇ سمان هو. هُو قدرت جو مالڪ نه، پر فرمانبردار پانهو هوندو هو.

قدرت تي هُن جو زور ۽ آزادي، جهنگلي جانور يا پکيءَ جيتري گهٽ ۽ محدود هئي.

انسان بابت هي چوڻي مشهور آهي ته: ”هُو ڪُونج جيان آزاد هُجي ٿو.“

پر هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي، ته ڇا ڪونج واقعي آزاد هُجي ٿي؟

هي سچ آهي ته ڪونج جا ڪنب ٿين ٿا ۽ اُها ٻيلن، جبلن ۽ سمنڊن مٿان اُڏامندي ڪٿي به وڃي سگهي ٿي. جڏهن سرءُ ۾ ڪُونجون ڏکڻ ڏانهن اُڏري وڃن ٿيون، ته اسان کي ڏاڍي رِيس ٿئي ٿي. چمڪندڙ ۽ اُجري آسمان ۾ اُهي باقاعدي قطارون ناهي اُڏامن ٿيون ۽ هيٺ بيٺل ماڻهو پنهنجا ڪنڌ مٿي ڪٽي ڪين نهارين ٿا ۽ اچرج منجهان چون ٿا: ”ڪُونجن کي ڏسو! اُهي هر طرف ڇُوٽ سان اُڏامي وڃي سگهن ٿيون!“

پر ڇا واقعي ائين آهي؟ ڇا ڪونجون هزارين ميل اُن لاءِ اُڏامن ٿيون، جو ڪين سفر وڻي ٿو؟ بلڪل نه، اُهي خوشيءَ وچان نه، پر جبلت هيٺ ائين ڪن ٿيون. منجهن منتقل ٿيندڙ اُهي عادتون، انيڪ نسلن ۽ هزارين ورهين جي زندگيءَ دوران، جدوجهد ڪندي ۽ جاکوڙيندي پيدا ٿيون آهن.

جيئن ته هر ڪونج هڪڙي جاءِ کان ٻي جاءِ ڏانهن اُڏامي وڃي سگهي ٿي، تنهنڪري هي سوال واقعي اُڀري ٿو، ته پوءِ هر قسم جون ڪُونجون دنيا جي هر ڀاڱي ۾ ڇو نٿيون لڀجن.

جيڪڏهن ائين هجي ها ته پوءِ اسان جي صنوبر وارا اُتريان ٻيلا ۽ سفيدي جا جهنگ، ٽِڪن ۽ شوخ رنگ وارن طوطن ۽ ٻگهه پکين سان ڀريل هجن ها؛ اسان

شهري ماڻهن لاءِ ته اهو سڀ ڪجهه رڳو جهنگ ئي آهي، پر ڪو ڳوٺاڻو پڇڻ تي وراڻيندو ته: هتي هڪ نه، پر چار جهنگ آهن. مثال طور: ٿورڙي ڏيان سان ڏسبو ته لاهيءَ ۾ نم جي وڻن جا جهُنڊ ڏسڻ ۾ ايندا، جتي پَٽ تي ڇپر جي ٿُلهي پرٽ وڇايل هوندي. وري تنهن اڳيان واريا سي هيٺاهينءَ تي گهاٽي پوري رنگ جي گاهه وچ ۾ صنوبر جا وڻ بيٺل هوندا، جن جي چوڏاري ڳاڙهن نيرن پيرن جا وڻ ڏسڻ ۾ ايندا. ۽ مٿي واريا سي ٽڪرين تي اڇاڻ مائل پوري رنگ جي گاهه وچ ۾ صنوبرن جي جهُنڊ تي نظر پوندي ۽ اڳيان پُسيل هنڌ تي گاهه ۽ ڇپر سان وڪوڙيل صنوبرن وارو هنڌ ملندو.

ڏسو، هاڻي توهان انهن ٽن ديوارن، جيڪي ٻيلي جي چئني سنسارن کي هڪٻئي کان ڌار ڪندڙ آهن، ٽن وچان لنگهي آيا آهيو. پر توهان ته اوڏانهن ڌيان ئي نه ڏنو.

جيڪڏهن گهرن جيان ٻيلن ۾ پڻ نالن جي سُڃاڻپ واريون تختيون لڳل هجن ها، ته پوءِ توهان کي صنوبر جي ٻيلن ۾ وڻن تي ڪاٺ ڪُٽيءَ، جهنگلي ڪُڪڙ ۽ ٽن آڱرين واري هُدهُد جون تختيون لٽڪيل ڏسڻ ۾ اچن ها ۽ پنن وارن وڻن جي جهنگ ۾ ٻين قسمن- سائي هُدهُد ۽ ڦُدڙي وغيره- جي تختين تي نظر پوي ها.

سيئي ٻيلا گهڻ- ڏاڪا ٿين ٿا. صنوبر جي ٻيلي ۾ ٻه ۽ ورلي تي ڏاڪا پڻ ٿين ٿا. هيٺيون ڏاڪو ڇپر يا گاهه جو، ته وري وچ ۾ جهُنڊ ۽ مٿيون ڏاڪو صنوبر جو ٿئي ٿو.

ٻڙ جي جهنگ ۾ وري ست ڏاڪا ٿين ٿا. سيني کان مٿين ڏاڪي وارو ٻڙ تارين، ڳوٺج ۽ ٽڙ تي ٻَڌل ٿئي ٿو. ٻڙ جون تاريون هوا ۾ اوچائيءَ تي لُڏنديون لمنديون رهن ٿيون، جيڪي اونهاري ۾ ڇهچ سائي ڇت ۾، ته وري سرءُ ۾ رنگارنگ روپ ۾ مٽجي وڃن ٿيون. گهاٽي ٻڙ جي اڌ اوچائي تائين ٻير، جهنگلي صوف ۽ ناسپاتيءَ جي وڻن جون چوٽيون به ٽڪرائجن ٿيون.

انهن هيٺان ڪن ڪچري جو هڪڙو چار ڦهليل ٿئي ٿو. گند گاهه جي هيٺان وري ٻوٽا ۽ گُل ٿين ٿا، جيڪي تهن هيٺان ته ڦُٽندا رهن ٿا. ۽ زمين جي بلڪل ويجهو نرم ڇپر ٿئي ٿي.

جهنگ جو پَٽ زميني ته هُجي ٿو ۽ هتي اسان کي وڻن ۽ ٻوٽن جون پاڙون ملن ٿيون.

صنوبر يا پن وارن وڻن جي ٻيلي جي هر ڏاڪي جا پنهنجا رهواسي ٿين ٿا. چهرو پنهنجو آڪيرو سيني کان اوچائيءَ تي ناهي ٿو. انهيءَ جي هيٺان ڪنهن وڻ جي پور ۾ هُدهُد به پنهنجي ڪتنب سان رهي ٿو. چيهو سرنهه جي جهڳٽي ۾ رهڻ جو سرشتو ناهي ٿو. هيٺين ڏاڪي ۾ رهندڙ جهنگلي ڪُڪڙ هيڏي هوڏي ڊوڙندي رهي ٿي. زمين جي هيٺين تهن ۾ جهنگلي ڪوئن جا ٻِرَ ۽ گهرڙا ٿين ٿا.

انهيءَ وڏي گهر ۾ هر قسم جا ڪمرا ٿين ٿا. مٿين ڏاڪي ۾ اُس پُهچي ٿي ۽ خُشڪي به هجيس ٿي. هيٺين منزل ۾ اوندهه ۽ آلاڻ ڏسبي. اهڙا ٿڌا ڪمرا پڻ ٿين ٿا، جيڪي رڳو گرمين ۾ رَهڻ لاءِ ڪتب اچن ۽ گرم ڪمرا پڻ ٿين ٿا، جن ۾ سڄو سال رهي سگهجي ٿو.

زمين جي اندر ٿهيل ٻِرُ گرم رهي ٿو. هڪڙي سياري جي رُت ۾ اهڙي ٻِرَ جي گرميءَ جو درجو ماپيو ويو، جنهن جي اونهائي ڏيڍ ميٽر هئي. پتو پيو ته ٻاهر گرميءَ جو درجو 18- سينٽي گريڊ هوندي به، ٻِرَ جي اندر گرميءَ جو ماپو 8+ سينٽي گريڊ هو.

وڻن جي پور ۾ ته انهيءَ کان به وڌيڪ ٿڌ ٿئي. هتي سياري ۾ ڪو جانور سيءَ ۾ ٺري مري به سگهي ٿو. پر گرمين ۾ اها ڏاڍي سُٺي جاءِ- خاص ڪري چهرن ۽ چمڙن لاءِ- ٿئي ٿي، جيڪي هميشه "رات" ۾ نظر اچن ٿا ۽ سڄو ڏينهن ڪنهن اونداهي ڪمري ۾ سج کان لِڪي ڪونگهرا هڻڻ پسند ڪن ٿا.

انسان ته اڪثر پنهنجي رهڻ وارو هنڌ مٽائيندو رهي ٿو. هڪڙي گهر کان ٻئي گهر، هڪڙي ماڳ کان ٻئي هنڌ هليو وڃي ٿو. پر ٻيلي ۾ عملي طور تي اها اڻ ٿيڻي ڳالهه ٿئي ٿي.

جهنگلي ڪُڪڙ پنهنجي اونداهي ۽ آلي گهر کي، ڪنهن خُشڪ ۽ روشن اوچي ڏاڪي سان ڪڏهن به نٿي بدلائي. ۽ چهرو جيڪو مٿئين آشرم کي چاهيندڙ ٿئي، سو ڪڏهن به اهو پسند نٿو ڪري، ته سندس آکيرو هيٺين ڏاڪي تي ڪنهن وڻ جي پاڙ ويجهو هجي.

# ٻيلي جا ٻاندي

ڪجهہ گھڙين لاءِ اهو ميجي وٺو تہ هڪڙي نوريئڙي، نچندڙ ڪُڏندڙ ڪوئي سان گھر منائڻ جو پڪو پهہ ڪيو آهي. نوريئڙو تہ جهنگ ۾ رهي ٿو ۽ ٽپندڙ ڪُڏندڙ ڪوئو کُليل ميدان يا ريگستان ۾ واسو ٿو ڪري.

نوريئڙي جو گھر وڻ جي چوٽيءَ تي، وڻ جي پور يا ٽارين جي وچ ۾ ٿئي ٿو. ۽ نچندڙ ٽپندڙ ڪوئو زمين منجهہ جُڙيل ٻر ۾ رهي ٿو.

هاڻي پنهنجي نئين گھر تائين پهچڻ لاءِ ٽپندڙ ڪُڏندڙ ڪوئي کي وڻ تي چڙهڻو پوندو، پر هو ائين ڪري نہ سگھندو، ڇو تہ سندس پير وڻ تي چڙهڻ جا اهل نٿا ٿين.

ٻئي پاسي نوريئڙو بہ زمين منجهہ نٿو رهي سگھي. هن جون سموريون عادتون ۽ ڍنگ تہ وڻن تي رهندڙ جانورن جهڙا ٿين ٿا. اسان هن جو پُڇ ۽ پير ڏسندي ئي ٻڌائي ٿا سگھون، تہ هو ڪٿي جو واسي آهي.

نوريئڙي جي پيرن جي جوڙجڪ ٽاريون جهلڻ، اخروٽ ۽ صنوبر جا ميوا وڻن تان چونڊڻ لاءِ ٺهيل ٿئي ٿي ۽ هُن جو پُڇ هڪ اُڏامندڙ ڇٽيءَ جو ڪم ڏئي ٿو، جيڪو ڪيس هڪڙي ٽاريءَ کان ٻيءَ ٽاريءَ تائين ڏگھو ٽپو ڏيڻ ۾ واهرو ٿئي ٿو. جڏهن ڪو شڪاري جانور مٿس جهٽ هڻي ٿو، تہ ڪيس بچڻ ۽ اُڇل ڏيڻ ۾ سندس پُڇ ڪم اچي ٿو.

پر ميدانن جي نچندڙ ٽپندڙ ڪوئن جي پيرن ۽ پُڇ جي بناوت تہ نوريئڙي کان بلڪل ڌار ٿئي ٿي. سڌي ۽ کُليل پَٽ ۾ پناهہ لاءِ نہ ڪو وڻ ۽ نہ ئي ڪو جهُنڊ واهرو ٿئي ٿو. دشمن کان پاڻ بچائي ڀڄي نڪرڻ جو اڪيلو طريقو ئي اهو هُجي ٿو، تہ ڀڄي الوپ ٿي وڃجي: يعني زمين جي اندر گھِڙي وڃجي. ۽ ائين اهو سڀ ڪجهہ ڪُڏندڙ ڪوئو بہ ڪري ٿو. هو مٿي ڪنهن باز يا ڇپري کي ڦيرا پائيندي ڏسندي ئي، ڏاڍي تيزيءَ سان زمين جي ٻِرن ۾ موجود، پنهنجي ڪنهن ٻِر ۾ الوپ ٿي وڃي ٿو. تنهنڪري هن جا پير ئي اهڙا ٿين، جو هُو ڪڏڻ وقت پنهنجا ڏگھا پير اڳتي ڌِڪجڻ لاءِ عمل ۾ آڻي ٿو ۽ سندس اڳيان ننڍڙا پير زمين کوٽڻ جي ڪم اچن ٿا. هو دشمنن کان پنهنجي ٻِر ۾، جيڪو ڪيس اونهاري ۾ گرمي ۽ سياري ۾ ٿڌ کان بہ بچائي ٿو، تنهن ۾ پناهہ وٺي ٿو.

۽ هن جي زبان ايڏي ڊگهي ۽ لوچي ٿئي ٿي، جو اُها اُبتي سُبتي ليڪن تي لُڏندي ٽِڙندي اڳتي وڌندي وڃي ٿي ۽ بيضن کي هڙپ ڪري ٿي وڃي.

اهڙي ريت ٻڙ جو وڻ، چوڏي جو ڪينئون ۽ هُدهُد، هڪڙي سنگهر جيان پاڻ ۾ جڙيل تين ٿا.

اِها انهن سمورين سنگهرن مان رڳو هڪڙي سنگهر آهي، جنهن هُدهُد کي وڻ ۽ ٻيلي جو پابند بڻائي ڇڏيو آهي.

هتي وڻ مان ڪيس ڪاڏو- رڳو چوڏي جو ڪيڙوئي نه، پر ٻيا جيت ۽ سندن بيضا پڻ- ملي ٿو. سياري ۾ ڪاٺَ ڪُٽو ڏاڍي صفائيءَ سان صنوبر جي ميون کي، وڻ جي ٿُڙ ۽ ڪنهن ٽاريءَ جي وچ ۾ رکي، منجهانئس ٻج ڪڍي وٺي ٿو. هُدهُد پنهنجي ڪٽنب لاءِ ڪنهن وڻ جي ٿُڙ ۾ چُر ناهي ٿو. هن جو پُڇ ۽ پيرن جيان سگهاري آڱر، ڪيس ٿڙ تي چڙهڻ توڙي لهڻ ۾ سهارو ڏين ٿا. ته پوءِ هو پنهنجي وڻ جي جيون کي ڪنهن ٻي شيءِ سان ڪيئن ٿو مٽائي سگهي؟

اسان ڪي هي ڳالهه ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ته هُدهُد ۽ نوريئڙو جهنگ جا واسي نه، پر ٻاندي آهن.

## مڇيون خُشڪيءَ تي ڪيئن آيون؟

جهنگ جي ننڍي وڏي دنيا انهن انيڪ ننڍڙين پيارين دنيائن مان هڪ آهي، جنهن سان گڏجي هڪڙي وڏي دنيا ٺهي ٿي.

هن ڌرتيءَ تي رڳو ٻيلا ۽ سرسبز ميدان ئي نه آهن، پر هتي جبل، برفاني چوٽيون، سمنڊ ۽ ڍنڍون پڻ آهن.

هرهڪ جبل تي اُوجهل ديوارون، هڪڙي ننڍڙي دنيا کي ٻي دنيا کان ورڇين ٿيون.

۽ هر سمنڊ انهن اڻ ڏٺل چِتن وسيلي ڏاڪن ۾ ورچيل ٿئي ٿو.

سامونڊي ڪناري تي لهرن سان ٽڪرائجندڙ ٽڪريون انيڪ ڪوڏين سان ڍڪيل تين ٿيون. اُهي انهن ٽڪرين سان ايڏو ته سگهه سان چنبڙي پون ٿيون، جو وڏي کان وڏو طوفان به کين انهن ٽڪرين کان ورچي نٿو سگهي.

۽ اڳيان اُس ڪري روشن پاڻيءَ ۾، سائي ۽ بادامي سامونڊي گاهه جي وچ ۾ رنگارنگي مڇيون ڪُڏنديون نظر اچن ٿيون. شفاف جيلي مڇي هيڏي هوڏي

ترندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ تارُو ميڇي هوريان هوريان تهہ جي ويجهو ترندي رهي ٿي. پاڻيءَ هيٺان تڪريون انوکن جاندارن سان ڍڪيل هجن ٿيون، جيڪي ٻوٽن جيان چُرپر کان وانجهيل هُجن ٿيون. انهن کي پنهنجي غذا جي ڳولا نٽي ڪرڻي پوي، پر اُها پاڻ سندن وات ۾ پهچي وڃي ٿي. هي ٻن مُنهن وارا ڳاڙها ڪوڏ آهن، جن کي ننڍڙن ننڍڙن ڪينئن کان- جيڪي اُهي پاڻيءَ سان چُوسي وٺن ٿا- کاڌو ملي ٿو. چمڪندڙ سامونڊي ميڇي انيمونس پنهنجن ڪنين جهڙي جهليءَ ۾ انهن ميڇين کي ڦاسائي ٿي وٺي، جيڪي سندس بلڪل ويجهو اچن ٿيون.

سمنڊ جي تهہ ۾ اونداهي فرش تي، جتي رات جو ئي واسو ٿئي؛ اُتي ڏينهن ڪڏهن بہ نٿو اچي، ۽ سدائين اوندهہ ڇانيل رهي ٿي، سا بلڪل ئي نرالي دنيا آهي. سمنڊ جي گهرائين تائين روشني نٽي پهچي ۽ انهيءَ جو مطلب هي ٿيو تہ اُتي سامونڊي گاهہ نٿو ٿئي، ڇوتہ اُن کي روشنيءَ جي گهُرج پوي ٿي.

سمنڊ جو تهہ هڪڙو ڦهليل قبرستان آهي، جتي جانورن ۽ ٻوٽن جون باقيات مٿان کان هيٺ اينديون رهن ٿيون.

ڏهن پيرن ۽ ڊگهن جهلين وارا ڪيڪڙا گپ ۾ ريڙهيون پائيندا رهن ٿا. ويڪري وات واريون ميڇيون اوندهہ ۾ ترنديون رهن ٿيون. ڪجهہ ميڇين جون تہ اکيون ئي نٿيون ٿين. ڪجهہ ميڇين جون بہ اکيون ٿين ٿيون، جيڪي دوربين جيان ٻاهر نڪتل هُجن ٿيون. اهڙيون ميڇيون پڻ آهن، جن جي جسم تي ٻاهہ اوڳاڇيندڙ گُل ٿين ٿا. اُهي ننڍڙن جهازن جيان لڳن ٿيون، جن جي درين مان چڻ روشني ڇٽندي هجي. اهڙيون ميڇيون بہ ٿين، جن جو مُنهن مناري جيان روشن ٿئي ٿو، جيڪو سندن ٻوڏي مٿان اُپريل ۽ چمڪندڙ هُجي ٿو.

اِها نرالي دنيا اسان واري دنيا کان ڪيڏي نہ نياري آهي!

پر سمنڊ سان ڇولين ۾ چُلجندڙ سامونڊي ڪنارو پڻ خشڪ زمين کان ڪيڏو نہ ڌار آهي. جڏهن تہ ڪين رڳو هڪڙي اڪيلي ليڪ- سامونڊي ڪناري واري ليڪ- ڌار ڪري ٿي.

ڇا هڪڙي دنيا جا واسي ٻي دنيا ڏانهن منتقل ٿي سگهن ٿا؟ ڇا ڪا ميڇي سمنڊ کي ڇڏي خشڪيءَ تي منتقل ٿي سگهي ٿي؟

هي ڳالهہ تہ بلڪل ناممڪن لڳي ٿي. ميڇين جو جياپو تہ پاڻيءَ سان واڳيل

آهي، ڪين خشڪيءَ تي رهڻ لاءِ ڪَلين جي پيٽ ۾ ڦڦڙن ۽ ڪنين جي جاءِ تي پيرن جي گهُرج پوندي. مڇي سامونڊي جيون جي پيٽ ۾، خشڪيءَ واري زندگي تڏهن گهاري سگهي ٿي، جڏهن اُها مڇي ئي نه رهي.

پر ڇا اهو ممڪن آهي ته مڇي، مڇي ئي نه رهي؟

جيڪڏهن توهان هي سوال ڪنهن سائنسدان کان ڪندا، ته هُو توهان کي ٻُڌائيندو، ته لکين سال اڳ ڪجهه قسم جون مڇيون واقعي خشڪ سامونڊي ڪناري تي آيون هيون، پر پوءِ اُهي مڇيون ئي نه رهيون. پاڻيءَ کان خشڪيءَ تائين انهيءَ عبوري دؤر گُذرڻ ۾ ڪي ٿورڙا سال نه لڳا، پر انهيءَ عمل ۾ لکين سال لنگهي ويا.

آسٽريليا جي دريائن ۾- جيڪي ورلي خشڪ به ٿي وڃن ٿا- هڪڙي قسم جي سينگ نالي مڇي ڏسبي آهي، جنهن جون ڪَليون ڦڦڙن جيان ٿين ٿيون. جڏهن سال جي خشڪ ڀاڱي ۾ پاڻيءَ جي سطح گهٽ ٿيڻ لڳي ٿي ۽ دريا رڳو هڪڙو ڊورو بڻجي ٿو وڃي، تڏهن ٻيون سموريون مڇيون مري وڃن ٿيون ۽ پاڻي ڏپارو ٿي ٿو وڃي. پر رڳو سينگ مڇي ئي انهيءَ خشڪ زماني ۾ جيئري رهي ٿي، ڇو ته ڪيس ڪَلين سميت سندس ڦڦڙ پڻ ٿين ۽ جڏهن اُنهيءَ مڇيءَ کي هوا جي گهُرج پوي ٿي، ته اُها پنهنجو مٿو پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍي وٺي ٿي.

آفريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾ اهڙيون ٻه مڇيون آهن، جيڪي پاڻيءَ کان سواءِ به جيئرو رهي سگهن ٿيون. اُهي خشڪيءَ جي زماني ۾، پوسل واريءَ منجهه گهڙي وڃن ٿيون، ماٺ توڙي بيوس رهن ٿيون، ۽ رڳو پنهنجي ڦڦڙن سان ساهه کڻنديون رهن ٿيون، ايستائين جو برسات جي مُند وري موٽي اچي ٿي.

انهيءَ جو مطلب هي ٿيو ته مڇيون ڦڦڙ پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿيون.

پر پيرن بابت توهان جو ڇا ويچار آهي؟ ها، مڇيون پير پڻ پيدا ڪري سگهن ٿيون، جنهن جا جيئرا جاڳندا مثال موجود آهن. گرم آبهوائي علائقن ۾، خشڪيءَ تي ڪُڏندڙ مڇيون ٿين ٿيون، جيڪي رڳو سامونڊي ڪناري تي ئي ڪُڏي نٽيون سگهن، پر وڻن تي پڻ چڙهي وڃن ٿيون. انهن جا ڇاڙا ڪنپ ڪين پيرن جو ڪم ڏين ٿا.

اُهي سموريون انوکيون هستيون ان ڳالهه جو جيئرو ثبوت آهن، ته مڇيون

پاڻيءَ کان نڪري خشڪيءَ تي اچي سگهن ٿيون. پر اسان اهو ڪيئن ٿا چئي سگهون ته واقعي ائين ئي ٿيو هوندو؟

ڏرتي.ٿان ميسارجنڌڙ جانورن جُون هڏيون اسان کي اهڙا داستان ٻُڌائين ٿيون. زمين جي قديم تهن جي کوٽجنا دوران قديم آثارن جي ماهرن کي کوٽائي ڪندي، اهڙي جانور جون هڏيون مليون آهن، جيڪو مڇي سان گهڻو ٺهڪجندڙ آهي. پر پوءِ به اُهو جانور مڇي نه هو. اهو ڏيڏر يا ترائٽن جيان جل پيومي جانور هو. انهيءَ جانور کي "اسٽيگوسي ڦالس" چيو وڃي ٿو، جنهن کي ڪنيڻ جي جاءِ تي باقاعدي پنج آڱرين وارا پير هئا. جڏهن اُهو جانور ٿوري مُدت لاءِ ڪناري تي ايندو هو، ته انهن پيرن جي مدد سان هوريان هوريان هلي سگهندو هو.

اڃو، ته هاڻي ٿورڙو عام ڏيڏر کي ڏيان سان ڏسون. جڏهن اُهو بيضي مان نڪري ٿو ته ڪيس هڪڙو پُڇ ٿئي ٿو، ۽ هُن ۾ ۽ مڇيءَ وچ ۾ ڏاڍو گهٽ ويڇو هجي ٿو.

انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو، ته لکين سال پهرين مڇين جي ڪجهه قسمن ان ديوار کي پار ڪري ورتو هو، جيڪا سمنڊ ۽ خشڪيءَ وچ ۾ بيٺل هئي. پر انهيءَ عبوري دؤر ۾ منجهن گهڻي تبديلي پيدا ٿي. جل پيومي جانور، مڇين جو اولاد آهن ۽ اُهي پاڻ رِڙهندڙ جانورن جي وڏڙن منجهان آهن. جانورن ۽ پکين جا قديم وڏڙا رڙهندڙ جانور آهن. منجهائنن ڪيترائي اهڙا به جانور ۽ پکي آهن، جيڪي پاڻيءَ کي بلڪل وساري چڪا آهن.

## گونگو گواهه

پهٽيل جانورن جون هڏيون هن ڳالهه جون گونگيون گواهه آهن، ته جاندارن منجهه لکين سالن دؤران تبديليون ٿينديون رهيون آهن.

منجهن ڪيئن ڦيرو آيو؟

برطانوي سائنسدان 'چارلس ڊارون' جي "ارتقائي نظريي" پيش ڪرڻ کان پهرين هيءُ هڪڙو ڳجهه هو. جيڪو ڪم 'ڊارون' شروع ڪيو هو، تنهن کي ٻن روسي سائنسدانن 'ڪواليفسڪي' ۽ 'تيميريازيف' جاري رکيو ۽ پوءِ هنن

پنهنجو گهڻ- پاسائون اڀياس پورو ڪندي، اسان کي اُهي ڳالهيون سمجهايون، جيڪي اسان جا وڏڙا ڪڏهن به سمجهي نه سگهن ها.

دنيا ۾ هر جاندار جو وجود پنهنجي جاءِ سان ٺهڪجندڙ- هوا ۽ وايومنڊل موجب- هجي ٿو، جنهن ۾ هو رهي ٿو. پر دنيا ۾ ڪوبه لقاءُ ساڳيو نٿو رهي. ڪوسي آبهوا ٿڌي ٿي وڃي ٿي. انهيءَ جاءِ تي، جتي پهرين ميدان هئا، اُتي جبل نروار ٿي وڃن ٿا. سمنڊ جي جاءِ خشڪي والاري وٺي ٿي. صنوبر جي جهنگ واري جاءِ تي پنن وارا ٻيلا ڦُٽي اچن ٿا.

۽ جڏهن چئني ڏسائن جون شيون مَٽجن ٿيون، ته پوءِ سوال ٿو پيدا ٿئي، ته اُتي جي جاندارن تي انهيءَ جو ڪهڙو اثر ٿو پوّي؟

اُهي پڻ بدلجن ٿا.

بهرحال، انهن جو ڪنهن به فيصلي تي وس نٿو هجي ته اُهي ڪيئن بدلجندا. ڪو هاٿي اوچتو پنهنجو چارو بدلائي پنن، گاهه ۽ ميون جي جاءِ تي گوشت کائڻ ته شروع نه ڪندو. ڪو رڇ هي نه چوندو ته، "مونکي گرمي ٿي لڳي، تنهنڪري آءُ پنهنجي وارن واري ٿُلهي ۽ ڳري کل لاهي ٿو ڇڏيان."

جاندار پنهنجي مرضيءَ موجب نٿا بدلجن، پر اُهي نين قسمن جون غذائون کائڻ ۽ نئين حالتن ۾ رهندي، مجبور ٿي بدلجن ٿا. ۽ وري منجهن جيڪي تبديليون اچن، سي هميشه سندن ڀلائيءَ لاءِ ڪارائتيون نٿيون هُجن.

اڪثر ائين ٿو ٿئي ته جانور يا ٻوٽا، نئين حالتن هيٺ هوريان هوريان فنا ٿي وڃن ٿا، ڇوته کين جياپي لاءِ جيڪي شيون گهُربل هُجن ٿيون، سي کين ائين نٿيون ملن، جيئن سندن وڏڙن کي ملنديون هيون.

اُهي بُک ۽ ٿڌ يا شايد اجائي گرمي ۽ خشڪي ستائڻ ڪارڻ مرن ٿا. انهن ڪارڻن هيٺ اُهي پنهنجن دشمنن جو آسانيءَ سان کاڄ ٿي وڃن ٿا. سندن اولاد ڪانئن اجا به وڌيڪ هيٺو ۽ نبل ٿئي ٿو ۽ نين حالتن ۾ جيئرو رهڻ جي ڀيٽ ۾ گهٽ صلاحيت رکندڙ ٿئي ٿو. نيٺ، اهو سمورو نسل ناس ٿي وڃي ٿو، ڇوته اُهو تبديلين تي ضابطو رکي نٿو سگهي.

پر اهو پڻ ممڪن آهي ته جاندارن ۾ اهڙيون تبديليون رونما ٿين، جيڪي سندن واسطي هاڃيڪار نه، پر ڪارائتيون هجن. ٺاهوڪين حالتن ۾ اهڙيون

ڪارائتيون تبديليون ايندڙ نسلن تائين منتقل ٿينديون رهن ٿيون، منجهن واڌارو ٿئي ٿو ۽ اُهي سگهاريون ٿين ٿيون.

وقت گذرڻ سان اسان ڏسون ٿا، تہ جيڪي نسل پنهنجن وڏڙن سان ٺهڪاءُ نٿا رکن، تن جي فطرت ئي مٽجي وڃي ٿي. اُهي اهڙين حالتن ۾ رهي سگهن ٿا، جيڪي حالتون سندن وڏڙن لاءِ هاڃيڪار هيون. اُهي رهڻي ڪهڻيءَ جي نون حالتن کان واقف ۽ سندن هيراڪ ٿي وڃن ٿا.

هِتي فطري چونڊ عملي روپ ۾ نظر اچي ٿي. اُهي جاندار جيڪي پنهنجي پاڻ کي نين حالتن جو هيراڪ نہ ٿاهي سگهيا، سي تباهہ ٿي ويا ۽ جن جاندارن کان ائين ممڪن ٿيو، سي ئي باقي رهيا.

'تيميريازيف' هڪڙو مثال ڏنو آهي.

هڪ صنوبر جو ٻوٽو جبلن ۾ پوکيو ويو. ميداني صنوبر جو ٽڙ ڏگهو ۽ ان جا پن چڱا ڦهليل ٿين ٿا. جبلن ۾ اِهو وڻ ننڍڙو ٿي ويو ۽ سندس پن ۽ ٽاريون ڌرتيءَ ويجهو ڦهلجي ويون.

انهيءَ تبديلي جو ڪارڻ هي هو، تہ صنوبر پاڻ کي هڪڙي نئين وايومنڊل ۾ ڏٺو. جبل جي آبهوا ۽ زمين ہئي ميدانن کان بلڪل ڌار ٿين ٿا. ۽ اهي تبديليون ان لاءِ سُٺيون بہ هيون. هاڻي ان لاءِ پنهنجون ٽاريون ٽوڙي پن برف هيٺان ڍڪي، سياري جي ٿڌين هوائن ۽ پاري کان پناهہ وٺڻ آسان هو.

اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن، جو ماحول جي تبديليءَ سان جاندار مخلوق جي فطرت ئي بدلجي وڃي ٿي.

هي ڳالهہ ان مان چِٽي ٿئي ٿي، تہ ميجيون هوريان هوريان تبديل ٿينديون، جل يومي مخلوق بنجي ويون آهن.

انهيءَ جي ابتدا، تاريخي زماني کان اڳ اَٿاهہ ڍنڍن ۽ سمنڊن کان ٿي هئي، جيڪي هوريان هوريان سُڪا پيئي. ميجين جا اُهي قسم، جيڪي پاڻ کي جياپي جي نون طريقن جو هيراڪ نہ ٿاهي سگهيا، سي مرڻ لڳا ۽ رڳو اُهي قسم جيئرا بچيا، جن ڏگهي مُدي تائين پاڻيءَ کان سواءِ رهڻ سِکي ورتو هو. خشڪ موسم ۾ اُهي واريءَ يا ويجهي تلاءُ ۾ لِڪي ويندا هئا. اُهي پنهنجن کنيڙاتين کي پيرن جيان عمل ۾ آڻيندا هئا. قدرت ننڍڙين ننڍڙين جسماني تبديلين کي استعمال

ڪيو، جيڪي خشڪيءَ تي ڪارائتيون ثابت ٿي پيون سگهن. انهن جون ڪَليون هوريان هوريان ڦڦڙن ۾ تبديل ٿينديون ويون، ۽ ڪنيڙاتين جي جوڙي پيرن جو روپ ڌاري ورتو.

اهڙيءَ ريت ڪجهه پاڻيءَ جي واسين پاڻ کي خشڪيءَ جي زندگيءَ جو هيراڪ ثابت ورتو. تبديليءَ جي اهليت ٿي مڇين جي ڪنيڙاتين، سندن ڪَلين ۽ جسماني جوڙجڪ کي، نئين ماحول پٽاندڙ ڦيرائي ڇڏيو.

چونڊ واري عمل، رڳو اُهي تبديليون برقرار رکيون جيڪي ڪارائتيون هيون ۽ ٻيون جيڪي هاڃيڪار هيون، تن کي ختم ڪري ڇڏيائين.

نسلي وراثت انهن ڪارائتين تبديلين کي ايندڙ نسلن ۾ منتقل ڪري، منجهن واڌارو ڪيو ۽ کين سگهارو بڻايو.

’ڪواليفسڪي‘ گهوڙي جي تاريخ بابت کوجنا ڪري هڪڙو ٻيو چٽو مثال پيش ڪيو آهي.

واقعي ويساهه ڪرڻ ڏکيو آهي، ته گهوڙو اهڙي ننڍڙي جانور جو اولاد آهي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ گهاٽن ٻيلن ۾ رهندو هو ۽ ڪريل وڻن مٿان سولائيءَ سان ٽپو ڏيندو رهندو هو. انهيءَ ننڍڙي جانور کي گهوڙي جهڙا کُر نه هوندا هئا، سندس پير ننڍڙا هئس ۽ پنج آڱريون هيون. جنهن سان کيس ٻيلي جي اُسڏي زمين تي قدم ڄمائي هلڻ ۾ مدد ملندي هئي.

پوءِ، اهڙو وقت به آيو جو اُهي گهاٽا ٻيلا ڇڊا ٿيڻ لڳا ۽ سندن جاءِ ميدانن والاري ورتي. هاڻي گهوڙي جي ٻيلائي وڏڙن کي گهٽو ڪري کُليل ميدان ۾ اچڻو پيو. جو کي جي حالت ۾ هتي ٻيلي جيان ڪا پناهه واري جاءِ نه هئي. بچاءَ جو طريقو رڳو تيز رفتاريءَ سان ڊوڙي ڀڄڻ هو. جهنگن ۾ لِڪڻ جو جيڪو طريقو هوندو هو، سو ميدانن ۾ نه هو. انهيءَ جي جاءِ ڀڄ ڀڄان وٺي ورتي ۽ انيڪ جهنگلي جانور لِڪ ڇپ واري ڏاڪي ۾ ناس ٿي ويا. رڳو اُهي جانور بچيا، جن جون ٽنگون سيني کان ڊگهيون ۽ تيز رفتار هيون.

هن ڀيري قدرت وري پنهنجي چونڊ کان ڪم ورتو. جنهن هر ان تبديليءَ کي ڳولي سانڍي رکيو، جيڪا جانور کي تيز ڊوڙڻ ۾ مدد ڪندي هئي ۽ هر ان شيءِ کي رد ڪري ڇڏيو، جيڪا ڊوڙڻ ۾ استعمال نه پئي ٿي سگهي.

گهوڙن جي وڏڙن کي جيون جي آزمائشن هي سبق سيکاريو، ته تکو ڊوڙندڙ جانورن جي پيرن ۾ گهٽين آڱرين جي گهُرج نه آهي. جيڪڏهن اُها آڱر سگهاري ۽ سخت آهي، ته پوءِ رڳو هڪڙوئي کُر ٺيڪ آهي. ڪنهن زماني ۾ گهوڙي جون ٽي آڱريون هونديون هيون ۽ نيٺ پوءِ هڪڙي رهجي وئي. جنهن گهوڙي کي اسان هاڻوڪي زماني ۾ ڏسون ٿا، تنهن جي هڪڙي ڊگهي آڱر يعني کُر آهي.

ميدان ۾ ايندي گهوڙي جا رڳو پير ئي نه بدليا، پر سندس سڄي جسم ۾ ڦيرو اچي ويو. مثال طور: گهوڙي جي ڳچيءَ کي ئي ڏسو. جيڪڏهن سندس ٽنگون وڏيڪ ڊگهيون ۽ ڳچيءَ ننڍي ٿي وڃي ها، ته گهوڙو ان گاهه تائين نه پهچي سگهي ها، جيڪو سندس پيرن هيٺان وڇايل هوندو هو. پر ائين نه ٿيو. قدرت ننڍڙي ڳچيءَ واري گهوڙي کي، جيئن اُها ننڍڙن پيرن واري گهوڙي سان ڪري چڪي هئي، رد ڪري ڇڏيو.

۽ هاڻي گهوڙي جي ڏندن بابت توهان جو ڇا ويچار آهي ؟ اُهي پڻ مَٽجي ويا. ميدان ۾ گهوڙي کي نوس ۽ ٿُلها ٻوٽا ڪاٽڻا پيا، جيڪي ڪيس انهيءَ کان اڳ پنهنجين ڏاڙُن سان چٻاڙي سنها ڪرڻا پوندا هئا. ۽ انهيءَ ڪري سندس ڏند به بدليا. هاڻي هن جا ڏند اهڙا آهن، جيڪي شڪل گاهه کي پڻ چٻاڙي سنهو داڻو ڪري سگهن ٿا.

گهوڙي جي پيرن، ڳچي ۽ ڏندن جي بدلجڻ واري ڌاهوڪي ڪم ۾ پنج ڪروڙ سال لڳا. ۽ انهيءَ عمل دوران ڪيترائي جانور ختم ٿي ويا.

انهيءَ جو هي مطلب ٿيو ته جيڪي ديوارون- سمنڊ کي خشڪي کان ۽ جهنگ کي ميدان کان ڌار ڪن ٿيون- سي مستقل نٿيون رهن. سمنڊ يا ته خشڪ ٿي وڃن ٿا يا خشڪيءَ تي چڙهي ٿا اچن. ميدان، ريگستانن ۾ بدلجي وڃن ٿا. سمنڊ جا واسي رِڙهندي خشڪي تي اچي ٿا وڃن ۽ جهنگ جا رهندڙ ميدانن ۾ رهڻ لڳن ٿا. پر ڪنهن جانور لاءِ پنهنجي ننڍي وڏي دنيا کي ڇڏڻ- پنهنجي ماحول جي سنگهرن کي ٽوڙڻ- ڪيڏو نه ڏکيو آهي. انهن سنگهرن کي ٽوڙڻ کان پوءِ به هو آزاد نٿو هجي، ڇو ته هو هڪڙي اڻ ڏٺل پڃري کان ٻئي پڃري ۾ پهچي ٿو وڃي.

جڏهن گهوڙو جهنگ ڇڏي ميدان ۾ آيو، ته هو جهنگ جو واسي نه رهيو، ۽

ميدان جو واسي بڻجي ويو. هڪڙي پيري جيڪڏهن ڪنهن قسم جي مڇيءَ کي، پاڻيءَ کان ٻاهر خشڪيءَ جي وات ملي وئي، ته پوءِ ان مڇي سمنڊ ڏانهن واپس موٽ نه ڪاڏي، ڇو ته واپسيءَ لاءِ ٻيهر تبديليءَ جي گهُرج هئي. اهو ئي عمل انهن انيڪ قسمن جي خشڪيءَ وارين مڇين سان ٿيو، جيڪي خشڪيءَ کان سمنڊ ڏانهن واپس موٽيون. انهن جون ڪنيڙاتيون وري ڪَلين ۾ تبديل ٿي ويون. مثال طور: وهيل کي اهڙي ”مڇي- جهڙو“ بنجڻو پيو، جو جيڪي ماڻهو ان جي ابتدا بابت نٿا ڄاڻن، سي ڪيس مڇي سمجهن ٿا. جڏهن ته اُها رڳو ظاهري روپ ۽ جياپي واري طريقي هيٺ مڇيءَ سان ٺهڪجندڙ آهي.

## انسان: آزاديءَ واريءَ وات ڏانهن

دنيا ۾ اٽڪل ڏهه لک قسمن جا جانور موجود آهن ۽ هرهڪ جاندار پنهنجي ننڍي وڏي دنيا ۾ رهي ٿو، جنهن جو هو هيراڪ آهي.

ڪجهه جاين تي هڪڙي قسم جي جانورن کي اُهو اڻ ڏٺل نشان ڏسڻ ۾ ايندو ته: ”پري رهو“ ۽ وري ڪجهه جانورن کي اهڙي جاءِ تي: ”ڀلي ڪري آيا“ جو اڻ ڏٺل نشان ملندو.

ٿورڙو سوچيو ته ڪنهن برفاني رڇ جو آفريڪي جهنگ ۾ ڪهڙو حال ٿيندو. رڇ جو ته ساهه ئي مُنجهي پوندو، ڇو ته هو گرم ٿُلهو ڪوٽ ته لاهي ئي نٿو



اُتر قُطب جا رڇ ۽ هاٿي هاڻي رڳو جانورن جي باغ ۾ ئي گڏ رهن ٿا.

سگهي. پر وري گرم علائقن ۾ رهندڙ ڪو هاٿيءَ ته آرڪٽڪ جي برف ۾ سيءَ کان ڄمي مري ويندو. ڇوته هي ڳالهه پڌري آهي ته جنهن جانور جي زندگي گرم علائقن ۾ گذرندي، تنهن جي جسم تي ته ڳرو ڪل ئي هوندي.

دنيا ۾ ڳرو هڪڙي اهڙي جاءِ آهي، جتي برفاني رڇ ۽ هاٿي پاڻ ۾ پاڙيسري هُجن ٿا، يعني اُها جاءِ "جانورن جو باغيچو" آهي، جتي دنيا جي هر پاڱي جا جانور هجن ٿا. هِتي ميدانن جا جانور، جهنگن جي جانورن کان ڳرو ڪجهه فاصلي تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ۽ جابلو جانور سندن پرسان رهن ٿا.

جانورن واري گهر ۾ ته ڏاڪڻي آفريقا ويجهو آسٽريليا هجي ٿو ۽ آسٽريليا جو پاڙيسري اُتر آمريڪا ٿي ٿو وڃي. سڄي دنيا کان جانور هِتي آندا وڃن ٿا. پر اُهي پاڻ نٿا اچن، انسان هِتي ڪين آڻي گڏ ڪري ٿو.

سوچيو ته انهن سڀني جانورن کي خوش رکڻ ڪيڏي نه ڏکي ڳالهه هوندي! هر جانور پنهنجي ننڍي وڏي دنيا جو هيراڪ هجي ٿو. ۽ انسانن کي انهن سڀني لاءِ اهڙيون حالتون پيدا ڪرڻيون ٿيون پون، جيڪي سندن دنيا پٽاندڙ هجن.

هِتي اهڙو تلاءُ به هئڻ گهرجي، جيڪو سمنڊ جي ياد ڏياري ۽ اُتي ريگستان جو هڪڙو ٽڪرو پڻ هجي.

پوءِ جانورن کي کاڌو کارائڻو ٿو پوي. ڪين هڪبئي کي ڳڙڪائڻ کان روڪڻو ٿو پوي. برفاني رڇ کي وهنجڻ لاءِ ٿڌو پاڻي گهُرجي. پولڙن کي گرميءَ جي گهُرج ٿئي ٿي. شينهن روزانو پنهنجي خوراڪ پٽاندڙ ڪچو گوشت گهُري ٿو ۽ باز کي ايتري جاءِ گهُرجي، جو هو پنهنجن کنين کي چُرپر ۾ آڻي سگهي.

انسان ميدانن، جهنگن، جبلن، ريگستانن ۽ سمنڊن جي جانورن کي، هٿراڌو طور تي ميڙي ٿو ته کيس انهيءَ ڳالهه جي به گهُرج پوي ٿي، ته سندن واسطي اهڙو هٿرادو وايومنڊل جوڙيو وڃي، جيئن اُهي ختم نه ٿين.

ڀلا، ڇا توهان کي هي ڄاڻ آهي، ته انسان پاڻ ڪهڙي قسم جو جانور آهي؟ جهنگلي يا جابلو جانور؟

ڇا جهنگ ۾ رهندڙ ماڻهو کي "جهنگلي ماڻهو" ۽ دريائي علائقن ۾ رهندڙن کي "دريائي ماڻهو" چئي سگهجي ٿو؟

نه، بلڪل نه.

انهيءَ ڪري جيڪو ماڻهو جهنگ ۾ رهي ٿو، سو ميدان ۾ پڻ رهي سگهي ٿو. ۽ جيڪو ماڻهو ترائيءَ ۾ رهي ٿو، تنهن کي وڏيڪ خشڪ جاءِ ڏانهن منتقل ٿيڻ ۾ سُرهائي ٿيندي.

ماڻهو ڪٿي به رهي سگهي ٿو. هن دنيا ۾ ورلي ڪا اهڙي ڪُنڊ هوندي، جتي ماڻهو نه پهتو هجي ۽ جتي ڪو اهڙو اَوجهل نشان هجي، جيڪو چوندو هجي: ”اي انسان، پري ٿيءُ!“ آرڪٽڪ ۾ ڪوجي برفاني ٽڪرين تي رهن ٿا. جيڪڏهن کين اوچتو انتهائي گرم ريگستاني علائقن ۾ وجهو پوي، ته کين ڪابه ڏکيائي نه ٿيندي.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو ساون ميدانن کان جهنگ ڏانهن يا جهنگ کان ميدانن ڏانهن منتقل ٿئي ٿو، ته کيس پنهنجا هٿ، پير ۽ ڏند نتا بدلائڻا پون. جيتوڻيڪ هن جو جسم ٿُلهي وارن واري کل سان ڍڪيل نٿو هجي، پوءِ به هو جڏهن ڏکڻ کان اُتر ڏانهن وڃي ٿو، ته سيءَ کان ناس نٿو ٿئي.

هن کي گرم ڪوٽ، ٽوپي ۽ جُتي، سيءَ کان ايئن بچائين ٿا جيئن جانورن کي وارن واري ٿُلهي کل بچائي ٿي.

ماڻهو، گهوڙي کان وڏيڪ تِکو هلڻ ته سِگهي ورتو، پر کيس ان لاءِ پنهنجين آڱرين تان هٿ کڻڻو نه پيو.

ماڻهو مڇيءَ کان وڏيڪ تِکو ترڻ ته سِکي ورتو، پر ان لاءِ کيس هٿ پيرن جي جاءِ تي کنين جي گهُرج نه ٿي.

ريڙهيون پائيندڙ جانورن کي، پکين ۾ بدلجڻ ۾ لکين سال لنگهي ويا. انهن کي ان تبديليءَ جي ڳري قيمت ڀرڻي پئي، ڇوته ان تبديليءَ دوران اُهي پنهنجن اڳين پيرن کان آجا ٿي ويا، جيڪي پوءِ هوريان هوريان کنڀ بڻجي ويا. انسان ڪجهه صدين کان ئي ته اُڏامڻ سِکيو، پر کيس ٻانهن کان محروم ٿيڻو نه پيو.

ماڻهو هي گُر سکي ورتو، ته اَوجهل ديوارن- جانورن کي پنهنجو قيدي ٺاهيندڙ- وچان تبديليءَ کان سواءِ ڪيئن لنگهي سگهجي ٿو.

انسان اهڙين ڇوٽين تائين وڃي ٿو سگهي، جتي ساهه کڻڻ لاءِ هوا نٿي هجي، پوءِ به هو ڌرتيءَ تي چُست ۽ ڦُڙت واپس موٽي ٿو.

جڏهن سوويت يونين جي خلائي سائنسدانن، هوا ۾ اُوچائيءَ جا سمورا ريڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا، ته زندگيءَ جي عام ڇت وڏيڪ اُوچي ٿي وئي ۽ اُها اُن دنيا جي حدن کان پار ٿي وئي، جنهن ۾ جيئري مخلوق آباد آهي.

جانورن ۽ پکين جو آڌار پوريءَ ريت قدرت تي هجي ٿو. رياضيءَ جي ڪنهن سوال جي حل جو آڌار سندس شرطن تي هُجي ٿو. قدرت جي جوڙجڪ پڻ اها ئي آهي. هر جانور اهڙو مسئلو آهي، جنهن کي زندگي، ڪاميابيءَ سان سُلجهائي ڇڏيو آهي. مسئلن جا شرط، زندگيءَ جون حالتون آهن ۽ سندن جواب پيرن، کُرن، کنين، مڇي جي کَلين، چُهنبن، چارن، عادتن ۽ ورتاءَ جو هڪڙو ڏگهو وچور آهي. جواب جو آڌار انهيءَ ڳالھ تي هُجي ٿو ته جانور کي ڪٿي ۽ ڪيئن- مٺي يا کاري پاڻيءَ ۾ يا خشڪيءَ تي، سامونڊي ڪناري تي يا سمنڊ ۾، سمنڊ جي تھ ۾ يا سمنڊ جي تھ ويجهو، اُتر يا ڏکڻ ۾، جبلن تي يا ماٿرين ۾، زميني ڳُجھ يا زميني تھ ۾، ساوَن ميدانن ۾ يا جهنگن ۾- رهڻو آهي. پي اهم ڳالھ هي آهي ته کهڙا جانور سندس پاڙيسري ٿين ٿا.

جانور پوري ريت پنهنجي وايومنڊل جو محتاج هجي ٿو.

پر ماڻهو پنهنجي مرضيءَ موجب منڊل ناهي ٿو. هو اڪثر قدرت جو ڪتاب سندس هٿ مان ڦُري ٿو وٺي ۽ انهن شرطن کي ڊاهي ٿو ڇڏي، جيڪي ڪيس نٿيون وڻن.

قدرت جو ڪتاب چوي ٿو: ”ريگستان ۾ ڪافي گهٽ پاڻي هُجي ٿو.“ پر جڏهن اسان ريگستان ۾ اونها واهه ٿا کوٽيون ته اسان انهيءَ حالت کي ختم ڪري ٿا ڇڏيون.

قدرت جو ڪتاب چوي ٿو: ”اُتر جي زمين بنجر ٿئي ٿي.“ پر اسان زمين ۾ ٻاڻ وجهي ان حالت کي مَٽائي ٿا ڇڏيون. اسان ڪيترن ئي سالن تائين پاٽمرادو ڦُٽندڙ گاهه ۽ ميويدار فصل پوکي، زمين کي پيلو ناهيون ٿا.

قدرت جي ڪتاب ۾ آهي: ”سياري جي موسم ۾ سيءُ ۽ رات ۾ اوندهه ٿئي ٿي.“ پر ماڻهو انهن ڳالهين جي ڪابه پرواهه نٿو ڪري. هو پنهنجي گهر کي سياري ۾ گرم ۽ رات کي روشن ٿو ڪري.

اسان لڳاتار پنهنجي ماحول کي بدلائيندا رهون ٿا.

جيڪي جهنگ اسان جي چوڏاري وجود رکندا هئا. تن جو هاڻي وڻڪاري ۽ جهنگن جي واڍي ڪارڻ مُدتن کان روپ مَٽجي چڪو آهي.

هاڻي اسان جا ساوا ميدان به اڳ جيان برپٽ ۽ ويران نه رهيا آهن، ڇوته ماڻهن کين پوکي راهيءَ هيٺ آڻي ڇڏيو آهي.

اسان جا پوتا، اسان جي ڪڻڪ ۽ مڪئي جا فصل، اسان جا صوف ۽ ناسپاتين جا وڻ، انهن جهنگلي گاهن ۽ ميون جي وڻن جيان بلڪل نه آهن، جيڪي ڪنهن زماني ۾ جهنگن ۾ ڇڙوڇڙ ڦُٽندا هئا.

ڇا توهان ڪٿي اهڙا قدرتي وڻ ڏٺا آهن، جن ۾ ناسپاتيون ۽ صوف پئي پيدا ٿيندا هجن، يا اڌ وڻن ۾ ڇاپرو پيرُ هجن، ته وري اڌ ۾ صوفي پيرُ هجن! اهي ۽ ٻيا ڪيترائي انوکا ميوا روسي سائنسدان ۽ باغن جي ماهر 'ايوان ميچورين' پيدا ڪيا آهن.

هُن جا تعليمي پوئلڳ سائنسدان هاڻي قدرت جي لڳاتار بدلجندڙ خوبين ۽ سندس وراثت توڙي چونڊ جي صفتن کي- جيڪي ماڻهوءَ لاءِ لاپائتيون ۽ ڪارائتيون آهن- انهيءَ وات تي لڳائي سگهن ٿا.

اهڙا گهريلو جانور: جيئن گهوڙا، ڍڳيون ۽ رڍون، هاڻي جهنگلي نه رهيا آهن. انهن کي ماڻهو تاتي نپائي ٿو ۽ سندن سارسنڀال لهي ٿو.

ماڻهن جهنگلي جانورن جا ڍنگ ئي بدلائي ڇڏيا آهن. ڪجهه جانور ڪاڏي جي ڳولا ۾ ماڻهن جي گهرن ۽ ٻنين جي گهڻو ويجهو رهن ٿا ۽ وري ڪجهه ماڻهن کان پنهنجي ڪوشش ۾ ڪانئن گهڻو پري، انهن جهنگن ۽ ويران جاين ڏانهن- جتي ماڻهوءَ جي ظهورجڻ کان اڳ انهن جانورن جا وڏڙا اُتي نه رهندا هئا- هليا ويا آهن.

هڪڙو زمانو اهڙو به ايندو، جڏهن ماڻهو ڪنهن اصلي جهنگ يا ويران جاءِ کي ڏسڻ چاهيندو، ته کيس خاص بچيل جاين تي وڃڻو پوندو، ڇوته اوستائين انسان دنيا جو چهرو بلڪل بدلائي چڪو هوندو.

اهڙين محفوظ جاين جون سرحدون ڇڪيندي اسان قدرت کي چئون ٿا: ”توکي اسان هتي ته مالڪ رهڻ ڏينداسين، پر انهيءَ سرحد پار هر شيءِ اسان جي آهي.“

انسان ڏينهون ڏينهن قدرت جو مالڪ بڻجندو پيو وڃي.
اهو روپ سدائين ڪان نه هو.
اسان جا تاريخي زماني کان اڳ وارا وڏڙا، قدرت جا اهڙا ئي ٻانها هئا، جهڙا هاڻوڪي دنيا ۾ رهندڙ ٻيا جانور آهن.

## وڏڙن سان مُڪاميلو

لکين سال اڳ جهنگ ۽ سندن وڻ، جانور ۽ گاهه اسان جي هاڻوڪي جهنگن ۽ باغن کان نيارا هئا.

انهن قديم زماني جي جهنگن ۾ ميندي، ڊاکُن ۽ تورين جي ولن توڙي ٻوٽن سميت ٻڙ، تاليءَ ۽ پپر جا وڏا وڏا وڻ ڦُٽندا هئا. ڊاکن جون وليون، اخروٽ جي وڻن سان ويڙهيل هونديون هيون ۽ بيد مُشڪ جا پاڙيسري ڪافور ۽ عنبر جا وڻ هوندا هئا.

وڏن وڏن وڻن سامهون ٻڙ جو وڻ پڻ ڪک جيان پانئبو هو.

جيڪڏهن اسان اڄوڪي جهنگ کي ڪنهن گهر سان ڀيٽ ڏينداسين، ته اسان کي اُنهيءَ زماني جو جهنگ آسمان کي ڇُهندڙ جاين جيان لڳندو.

انهيءَ "آسمان کي ڇُهندڙ جاءِ" جو سڀ کان مٿيون ڏاڪو روشن ۽ هلندڙ چلندڙ هوندو هو. اُتي وڏن وڏن رنگين گُلن وچ ۾، تکي رنگ جون ڦُندڻ واريون جهرڪيون هيڏي هوڏي پيون اُڏامنديون هيون ۽ سندن ٻول جهنگ ۾ پيا ٻُرندا هئا. پولڙو هيڏي هوڏي ٽارين سان پيو لٽڪندو هو.

ڏسو، پولڙن جو هڪڙو ولر ٽارين تي ائين



تِکن ڏندن واري واگهه جا اڳيان ڏند بلڪل خنجر جهڙا تيز هئا.

پيو ڊوڙي، جڻ اُهو ڪا پُل ٽپي رهيو هجي. مائرن جي ڇاتين سان ڀار چنبڙيل آهن ۽ اُهي سندن وات ۾ چٻاڙيل ميوا ۽ اخروٽ پيون پيرين. اُهي ڀار جيڪي ٿورڙا وڏا آهن، سي پنهنجين مائرن جا پير جهليو بيٺا آهن. ۽ انهيءَ ولر جو هڪڙو ٿُلهو جهُور سردار ڏاڍي ڦُڙتيءَ سان هڪڙي ٽاريءَ تي پيو چڙهي ۽ سڄو ولر سندس پويان آهي.

پولڙن جو هي ڪهڙو قسم آهي؟ هينئر اُهي توهان کي جانورن واري باغيچي ۾ پڻ نه ملندا. اهي اُهي پولڙا آهن، جن جي نسل منجهان ماڻهو، چمپئنزي ۽ گوريلن جا وڏڙا پيدا ٿيا. اجهو هاڻي اسان جو مُڪاميلو تاريخي زماني کان اڳ واري وڏڙن سان ٿيو آهي.

اُهي سڀ جهنگ جي اوچي ڏاڪي تي رهن ٿا. اُهي زمين کان گهڻي اوچائيءَ تي هڪڙي وڻ کان ٻئي وڻ تائين ٽارين وسيلي سفر ڪندا رهن ٿا، جڻ اُهي ٽاريون سندن واسطي پُل، ڇَڇا ۽ لنگهه هجن.

جهنگ ئي انهن جو گهر هو. رات جو اُهي وڻن جي ٿڙن ۾، ٽارين سان ٺهيل وڏن وڏن آکيرن ۾ آرام ڪندا هئا.

جهنگ ئي سندن پُور هو. اُهي مٿين ڏاڪي تي پنهنجي ويري ٽِڪن نُنهن ۽ ڏندن واري چيتي کان پناهه گهُرندا هئا.

جهنگ سندن پينڊار هو. اُهي مٿين ٽارين ۾ پنهنجو کاڌو- ميوا ۽ اخروٽ-
گڏ ڪندا هئا.

پر جهنگ جي ڇت هيٺان زندگي گهارڻ لاءِ، ڪين هڪڙي ٽاريءَ کان لنڪندي ٻي ٽاريءَ تائين وڃڻ واسطي سِکيا وٺڻي پوندي هئي ۽ ڪين اهو پڻ سمجهڻو پوندو هو، ته وڻن جي ٿڙن تان ڪيئن مٿي توڙي هيٺ چڙهجي ۽ لهجي ۽ هڪڙي وڻ تان ٽپو ڏيندي ٻئي وڻ تائين ڪيئن پهچجي. انهن ميون کي چونڊڻ ۽ اخروٽن کي ٽوڙڻ پڻ سکيو. مٿين سموري وارتا هيٺ انهن جي آڱرين کي ڦُڙت، اکين کي تيز ۽ ڏندن کي سگهارپ گهربل هئي.

اسان جا وڏڙا ڪيترن ئي سنگهرن هيٺ جهنگ، رڳو جهنگ نه، پر مٿين اُوچائي واري ڏاڪي سان پڻ واڳيل هئا. هاڻي سوال ٿو اُٿي ته پولا ماڻهن انهن سنگهرن کي ڪيئن ٽوڙيو؟ جهنگلي مخلوق ڪيئن اها همت ڪئي، جو اُن پنهنجو پيرو ڇڏيندي، گهر جي سرحدن ٻاهران قدم رکيا؟

ٻيو باب

# اسان جي سورمي جي ڏاڏي ۽ ٻيا مِٽ مائٽ

جڏهن پراڻي زماني ۾ ڪو ليکڪ ماڻهوءَ جي زندگي ۽ ڪارنامن بابت پنهنجي ڪهاڻي شروع ڪندو هو، ته هو عام طور تي پنهنجي ڪتاب جي اوائلي بابن ۾ پنهنجي سورمي جي ڪٽنب ۽ سندس وڏڙن جو پيرائتو ذڪر ڪندو هو. ڪجهه پنا پڙهڻ کان پوءِ اها ڄاڻ ملي ويندي هئي، ته جڏهن هُن جي ڏاڏي اڃا ڇوڪري هئي، ته هوءَ ڪيڏا نہ سهڻا وڳا پائيندي هئي ۽ شاديءَ کان ٿورڙو پهرين سندس ماءُ ان ڏينهن جا خواب ڪيئن ڏسندي هئي. دنيا ۾ انهيءَ سورمي جي



عوامَ، پولڙن ۽ ماڻهن وچ ۾ هڪجهڙائپ کي گهڻو اڳ سمجهي ورتو هو. تنهنڪري آڳاٽي زماني جي ڊرائنگ ۾ اُن هڪجهڙائپ کي ٿورڙي وڌاءُ طور بہ ڏيکاريو ويو آهي.

ظهور، سندس ڀڃريان ڏند، ڀهرين وائي، ڀهريون قدم ۽ ڀهرين شرارت بابت ڏگها بيان هوندا هئا. ڏهن بابن کان پوءِ ڇوڪرو اسڪول ۾ داخل ٿيندو هو ۽ ٻئي پاڳي جي پڇاڙيءَ ۾ هُو پيار ۾ ڦاسجي پوندو هو. ٽئين ڀاڳي ۾ هو ڪيترن ئي مُهمن ۽ واقعن کان پوءِ نيٺ پنهنجي پريمڪا کي ماڻڻ ۾ سوڀارو ٿيندو هو. ۽ انهيءَ ڪهاڻيءَ جي پُڇاڙي عام طور تي ائين ٿيندي هئي، جو بزرگ ۽ پوڙهو سورمو ۽ سندس اڇن وارن واري زال، پنهنجي گلاب جهڙي ڳلن واري پوٽي کي پيار سان پيا ڏسندا هئا، جيڪو پهريون پيرو لُڏندي لمندي زمين تي پيرڙا پيو رکندو هو.

اسان پڻ توهان کي انسان جي زندگي ۽ سندس ڪارنامن بابت ٻُڌائڻ چاهيون ٿا. ۽ پراڻي زماني جي ناول لکندڙن جي پيروي ڪندي، اسان پنهنجي سورمي جي قديم وڏڙن، سندس ڪٽنب ۽ مِٽن مائٽن، ڌرتيءَ تي سندس ظهورجڻ بابت ۽ اهو پڻ ٻُڌائڻ چاهيون ٿا ته هُن هلڻ، ڳالهائڻ ۽ سوچڻ ڪيئن سِکيو. اسان هُن جي جاکوڙ، خوشي ۽ ڏک، سوڀن ۽ شڪستن کي پڻ ٻُڌائڻ ٿا چاهيون.

پر اسان کي هي معلوم پوندو ته ابتدا ۾ اسان پاڻ کي وڏي ڏچي ۾ ڦاسجندي پيا پائيندا.

اسان پنهنجي سورمي جي "وڏڙن" - انهيءَ باندرائي وڏڙن بابت، جنهن جو اولاد اسان آهيون، ۽ جن وڏڙن کي فنا ٿئي لکين سال گذري چڪا آهن- بابت بيان ڪيئن شروع ڪريون؟ اسان وٽ هُن جي ڪا تصوير پڻ نه آهي، جو ته توهان جاڻندا هوندؤ ته پولڙا تصوير ناهي نٺا سگهن. جيئن ته اڳوٽن بابن ۾ چيل آهي، ته تاريخي زماني کان اڳ واري وڏڙن سان، اسان جي ملاقات رڳو عجائب گهرن ۾ ٿي سگهي ٿي. پر هِتي هي پڻ جاڻڻ ڏکيو آهي، ته اُهي انهيءَ زماني ۾ ڪيئن لڳندا هئا، جو ته هاڻي سندن رڳو ڪجهه هڏيون ۽ ڏند ئي باقي وڃي بچيا آهن، جيڪي آفريقا، ايشيا ۽ يورپ جي مختلف ڀاڱن مان مليا آهن.

اسان کي پنهنجي سورمي جي "مِٽن مائٽن، پائرن پيٽن" جي چاڻ ماڻڻ جو ڏاڍو سُٺو وجهه مليو آهي.

جيتوڻيڪ ماڻهو مدتن کان، تاريخي زماني کان اڳ جي گرم علائقن وارا جهنگ ڇڏي، پوريءَ ريت ڌرتيءَ تي آباد ٿي ويو آهي، پر هُن جا مِٽ مائٽ



رافائل ڪائي پيو



رافائل ڪم پيو ڪري



رافائل ڊرائينگ پيو ناهي

ڪبو هو. هي سچ آهي ته مهمان ورلي ڪتراڳيءَ جو نماءُ پڻ ڪندا هئا ۽ تالهين مان ميون جو رس چوسي پيئندا هئا ۽ رات جو، ويهاڻن تي متو رکڻ جي ٻيٽ ۾ مٽي تي ويهاڻو رکي سمهندا هئا.

پوءِ به جيڪڏهن رافيل ۽ روزا جون عادتون ۽ ڍنگ، انسانن جهڙا نه هئا، ته ساڻن ويجهو ته اوُس ئي هئا.

مثال طور: روزا هڪڙي سُگهڙ گهرڌياڻيءَ جيان ڪٻٽ جي ڪُنجين جو ڇڳو واپرائڻ ڄاڻندي هئي. اُهي ڪُنجيون نگران جي ڪيسي ۾ رهنديون هيون. روزا پير پيرن ۾ ڏئي ايندي هئي ۽ ڪانئس ڇڳو ڦري وٺندي هئي. هوءَ اک ڇنڀيندي ئي ڪٻٽ وٽ پهچي ويندي هئي. ڪرسيءَ تي چڙهي ڪُلف ۾ ٺيڪ ڪُنجي لڳائيندي هئي. شيشي جي پويان وٺندڙ خوبانين مٿان ڊاکُن جا ڇڳا ڏسندي هئي. ٺونٺ جي هلڪي چُرپر ڪُلف کي کولي ڇڏيندي هئي ۽ روزا جي هٿ ۾ ڊاکن جو هڪڙو ڇڳو هوندو هو.

اسان کي رافيل بابت پڻ نه وسارڻ گهرجي. هن جي سبقن ۾ ڪهڙو نظارو هوندو هو! هن جي سِکيائيَ شين ۾ خوبانين جي هڪڙي ننڍڙي ٽوڪري ۽ ڏار ڏار ويڪر- ٽولهه جا ست بلاڪ هوندا هئا. پر اُهي اهڙا بلاڪ نه هئا، جن سان ٻار کيڏن ٿا. رافيل جا بلاڪ انهن کان گهڻو وڏا هئا. سڀني کان وڏو بلاڪ رواجي ميز جيڏو ۽ سڀني کان ننڍڙو هڪڙي تپائي جهڙو هوندو هو. خوبانين جي ڇٻي، ڇت ۾ لڙڪائي ويندي هئي. هاڻي رافيل جي سامهون هي مسئلو هوندو هو، ته هو خوبانين تائين ڪيئن پهچي ۽ کين کائي.

پهرين ته رافيل ان مسئلي کي سُلجهائي نه سگهيو.

هُن کي گهر منجهه يعني جهنگ ۾ ته ميوا ماڻڻ لاءِ ڏاڍي اوچائي تائين چڙهڻو پوندو هو. پر هتي ته ميوا ڪنهن ٽاريءَ تي نه هئا. اُهي هوا ۾ پئي لٽڪيا ۽ رڳو ست بلاڪن وسيلي مٿي چڙهي پيو سگهجي. پر جيڪڏهن سڀني کان وڏي بلاڪ جي مٿان به چڙهي ها ته هو خوبانين تائين پهچي سگهيو پئي.

ميون تائين پهچڻ جي جاکوڙ ۾ بلاڪن کي ڪيرائيندي، رافيل هي ڄاڻي ورتو ته جيڪڏهن هُو انهن بلاڪن کي هڪٻئي مٿان رکي چڙهندو، ته پاڻ خوبانين جي گهڻو ويجهو پهچي ويندو. هوريان هوريان، هو ٽن بلاڪن جو ۽

پوءِ چار ۽ پنج بلاڪن جو مينار ٺاهڻ ۾ سوپارو ٿيو. هي ڪو ايڏو آسان ڪم نہ هو، ڇوتہ هو سوچ موجب مُنڍ ۾ ڪين مٿي هيٺ نہ پيو رکي سگهي. انهن بلاڪن جو هڪڙو رٿيل سرشتو هو: يعني پهرين سڀ کان وڏو، پوءِ ان کان ٿورڙو وڏو ۽ پوءِ ايئن اچا ٿورڙو وڏو.

ڪيترائي ڀيرا ڪوشش ڪندي رافيل ننڍڙن بلاڪن مٿان وڏا بلاڪ چونڊي رکيا. نتيجو هي ٿيو جو پورو ڍير لُڏڻ لڳو ۽ ڪِرڻ جي ويجهو ٿي پئي ويو. ائين پيو لڳي ڄڻ رافيل سميت سڄو ڍير هڪڙي گهڙيءَ ۾ اجهو ٿو اچي هيٺ ڪِري. پر ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيو، ڇوتہ نيٺ هو چُست، ڦُڙت، ڏاهو ۽ تيز پولڙو پڻ هو.

نيٺ مسئلو سُلجهي ويو. رافيل ٿولهہ- ويڪر هيٺ ست ئي بلاڪ هيٺ مٿي رکي ڇڏيا، ڄڻ تہ واقعي هن اُهي ست انگ پڙهي ورتا هئا، جيڪي انهن بلاڪن تي لکيل هئا.

جڏهن هُو ڇيهي‌ءَ تائين پهتو، تہ انهيءَ لُڏندڙ مينار تي ويهندي، هُن چاهہ مان اُهي خوبانيون کٽي کاڌيون، جيڪي هُن وڏي جاکوڙ سان ماڻيون هيون.

۽ ڪهڙو جانور اهڙو انساني طريقو واپرائي سگهي ٿو؟ ڇا ڪو ڪُتو بلاڪن جو اهڙو مينار ٺاهي سگهي ٿو؟ جڏهن تہ ڪُتو بہ ڏاڍو سمجهو جانور ٿئي ٿو.

اُهي سڀ ماڻهو جيڪي رافيل کي ڪم ڪندي ڏسندا هئا، سي انسان سان سندس هڪجهڙائيءَ تي دنگ رهجي ويندا هئا. هُو بلاڪن کي کٽي، انهن کي پنهنجن ڪُلهن تي رکندو هو ۽ ڪين هڪڙي هٿ سان سنڀاليندي، ڍير تائين کٽي ويندو هو. پر جيڪڏهن اُهو غلط ٿولهہ- ويڪر جو بلاڪ هوندو هو، تہ رافيل ڪيس هيٺ رکي ڇڏيندو هو ۽ ان تي ويهندي ڪجهہ سوچڻ لڳندو هو. ٿورڙي ساهي پٽڻ کان پوءِ هو پنهنجي ڇِڪ سُلجهائڻ لاءِ وري ڪم کي لڳي ويندو هو.

## ڇا چمپئنزي ماڻهو بڻجي سگهي ٿو؟

پر، هاڻي جيڪڏهن هي ڳالهہ آهي تہ پوءِ ڇا چمپانزي کي ماڻهوءَ جيان هلڻ، ڳالهائڻ ۽ ڪم ڪرڻ نٿو سيکاري سگهجي؟

گهڻا سال اڳ، جانورن کي سکيا ڏيندڙ 'ولاديمير دوروف' جو خيال هو ته ائين ممڪن آهي. هن پنهنجي پالتو چمپئنزي ميمس کي سِکيا ڏيڻ لاءِ ڪيترائي مهينا جاکوڙيو. ميمس ڏاڍو سُٺو شاگرد هو. هن چمچي سان کائڻ، ٽوال واپرائڻ، ڪرسي تي ويهڻ، ميز تي ڪجهه ڪيرائڻ بنا پنهنجو شوروو پيئڻ، ايستائين جو برف گاڏيءَ ۾ ويهندي ٽڪريءَ تان هيٺ گِسڪڻ پڻ سکي ورتو هو.

پر هُو ڪڏهن به انسان ۾ تبديل ٿي نه سگهي ها.

انهيءَ ۾ ڪا به اچرج جوڳي ڳالهه ناهي، ڇو ته انسان ۽ پولڙي جو ورثاءُ ۽ ڏنگ لکين سال پهرين ورڇجي ويا هئا. تاريخ کان اڳ واري دؤر ۾ انسان جا وڏڙا، وڻن تان هيٺ زمين تي لٿا ۽ هنن ٻن پيرن تي سڌو بيهندي هلڻ سِکيو ۽ ائين هنن پنهنجن هٿن کي ڪم لاءِ آزاد ڪري ڇڏيو. پر چمپانزي جا وڏڙا سدائين وڻن تي ئي رهيا ۽ اُهي اڳ کان وڌيڪ وڻن تي رهڻ جا هيراڪ بڻجندا ويا.

تنهنڪري، چمپانزي جي بناوت ماڻهو جهڙي نه آهي. هن جا هٿ، پير، زبان ۽ دماغ سڀ ڪجهه ڌار آهي. ڪنهن چمپانزي جو هٿ ڏيان سان ڏسبو، ته اُهو بلڪل انساني هٿ جيان نه هوندو. چمپانزي جو آڱوٺو سندس آڱرين کان ننڍڙو ٿئي ٿو. اسان جيان هُن جو آڱوٺو ٻين آڱرين سان ڪُنڊ نٿو ٺاهي سگهي. پر



ماڻهوءَ جو دماغ چمپانزيءَ جي دماغ کان ڪافي وڏو ٿئي ٿو

آڱوٺو انسان جي آڱرين ۾- يعني انهن پنج پورهيتن جي ميڙ ۾، جنهن ڪي اسان هٿ ٿا چئون- سڀ کان وڌيڪ اهميت رکي ٿو. آڱوٺو ٻين چار آڱرين مان ڪنهن به هڪ سان گڏ يا سڀ گڏجي سڌجي ڪم ڪري سگهي ٿو. تنهنڪري انساني هٿ سيني کان وڌيڪ ڳوڙهي آلي ۽ اوزار کي پڻ وڏي مهارت سان استعمال ڪري سگهي ٿو.

جڏهن ڪو چمپانزي ڪنهن وڻ تان ڪو ميوو ٽوڙڻ چاهيندو، ته هو اڪثر ٽاريءَ کي پنهنجن هٿن سان جهلي وٺندو ۽ ميوي کي پير جي آڱوٺن سان ٽوڙيندو. جڏهن چمپانزي زمين تي هلي ٿو، ته هو پنهنجي هٿ جي مُڙيل آڱرين تي وڌيڪ زور ٿو ڏئي. انهيءَ جو مطلب هي ٿيو ته هو اڪثر پنهنجن هٿن کي پيرن جيان ۽ پيرن کي هٿن جيان ڪتب آڻي ٿو.

جانورن کي سکيا ڏيندڙ- چمپانزي کي انساني حرڪتون، ورتاءُ ۽ ڍنگ سيکاريندڙ- اڪثر اُهو وساري ٿا ويهن، ته هٿن ۽ پيرن سميت انسان ۽ چمپانزي ۾ هڪڙو ٻيو به وڏو فرق ٿئي ٿو. اُهي وساري ٿا ويهن ته انسان جي ڀيٽ ۾ چمپانزي جو دماغ گهٽو ننڍڙو ٿئي ٿو ۽ انهيءَ جي جوڙجڪ به انساني دماغ جيڏي ڳوڙهي نٿي ٿئي.

'ايوان پاولوف' انساني دماغ جي اڀياس تي ڪيترائي سال کَپايا. هن کي روزا ۽ رافيل جي ورتاءُ ۽ ڍنگ سان گهڻي دلچسپي هئي. هو "پولڙي- گهر" ۾ ڪيترائي ڪلاڪ ويهندو هو ۽ سندن ڳوڙهو اڀياس ڪندو رهندو هو. اِهي ٻئي پولڙا بلڪل اٽڃاٽائيءَ کان ڪم وٺندا هئا. اُهي ڪو ڪم شروع ڪندا هئا ۽ وري ڪنهن ٻئي طرف ڌيان موڙي ان بابت وساري ويهندا هئا ۽ ڪنهن ٻي ڳالهه ۾ دلچسپي وٺڻ لڳندا هئا.

مثال طور: رافيل پنهنجو مينار ناهڻ ۾ لڳي ويندو هو ۽ گهڻو رُڌل رهندو هو. وري اوچتو هو ڪو ڏڙو ڏسندو هو، ته بلاڪن بابت بلڪل وساريندي، پنهنجي ڊگهي ۽ وارن واري هٿ سان ڏڙي کي اُڇلڻ ۽ ٿُڏڻ لڳندو هو. هڪڙي گهڙيءَ کان پوءِ جڏهن هن کي ڪا مک فرش تي ريڙهيون پائيندي ڏسڻ ايندي هئي، ته هو ڏڙي کي وساري ويهندو هو.

انهيءَ انتشار کي ڏسندي 'پالووف' هڪڙي ڀيري چيو هو: "اوهه، ڪيڏو نه ڏچو ۽ ڪتراڳ آهي."

ها، پولڙن جون گڙٻڙ حرڪتون سندن دماغ جي انتشار سان پريل فعل جو ٽڙ آئينو آهن، جيڪي انساني دماغ جي باقاعدي ۽ رُدَل فعل کان بلڪل نراليون آهن. پوءِ به چمپانزي ۾ سمجهه ٿئي ٿي. هو جهنگ جي زندگيءَ جو چڱو هيراڪ ۽ پنهنجي ننڍڙي دنيا جي اکين کان اوجهل ڪيترن ئي سنگهرن جو پابند ٿئي ٿو.

هڪڙي پيري هڪڙو ڪيمرامئن انهيءَ فليٽ ۾ آيو، جنهن ۾ روزا ۽ رافيل رهندڙ هئا. هُن انهن جي فلم ٺاهڻ پئي چاهي. فلم جي ڪهاڻي موجب پولڙن کي ڪجهه گهڙين لاءِ ٻاهر کليل ميدان ۾ ڇڏڻو هو. اُهي ٻاهر نڪرندي ئي ويجهن وڻن تي چڙهي ويا ۽ انهن جي ٽارين ۾ گهڻي سُرهائيءَ سان لُڏڻ لڳا. انهن کي سَهنجي ۽ آسودي فليٽ کان اِهو وڻ وڌيڪ گهريلو لڳو.

آفريڪا ۾ چمپئنزي جهنگ ۾ سيني کان ”مٿئين ڏاڪي“ تي رهي ٿو. هو پنهنجو گهر وڻ تي ٺاهي ٿو. هو پنهنجن دشمنن کان بچڻ لاءِ وڻ تي چڙهي وڃي ٿو ۽ وڻن تان هو اخروٽ ۽ ميوا به ماڻي ٿو، جيڪا سندس غذا آهي.

هو وڻ جي زندگيءَ جو ايڏو هيراڪ ٿي چڪو آهي، جو سنئين پَٽ تي هلڻ جي پيٽ ۾، وڻ جي ٽڙن تي گهڻي سهنجائي سان چڙهي ۽ لهي سگهي ٿو. توهان کي چمپانزي اهڙين جاين تي ڪٿي به نه ملندا، جتي جهنگ نه هجن.

هڪڙي پيري هڪڙو سائنسدان آفريڪا ۾ هي ڏسڻ لاءِ ڪيمرون ملڪ ويو ته چمپانزي پنهنجي قدرتي وايومنڊل ۾ ڪيئن ٿا رهن.

هن اٽڪل ٻارهن چمپئنزي جهلي پنهنجي فارم ويجهو جهنگ ۾ ڇڏي ڏنا، ته جيئن اُهي اُن جهنگ کي گهر جيان محسوس ڪن. گڏوگڏ هُن سائنسدان هڪ اَوجهل پڃرو پڻ ٺهرايو هو، ته جيئن اُهي پڃي نه وڃن. هي ڏسڻ ۾ نه ايندڙ پڃرو پڻ عام اوزارن يعني ڪهاڙي ۽ آريءَ وسيلي ٺاهيو ويو هو.

مُنڍ ۾ ڪاٺيرن جهنگ جي هڪڙي ننڍڙي ٽُڪر جي چوڌاري سمورا وڻ وڍي ڇڏيا. ۽ رڳو ميدان وچ ۾ وڻن جو هڪڙو جهُنڊ رهجي ويو. پوءِ سائنسدان پنهنجن پولڙن کي ان جهُنڊ ۾ آزاد ڇڏي ڏنو.

هن جي رٿا سوڀاري رهي، ڇوته پولڙا ته جهنگ جا رهواسي آهن، يعني اُهي پنهنجي مرضيءَ سان جهنگ ڪڏهن به نٿا ڇڏين. پر پولڙا پنهنجو گهر کُليل ميدانن ۾ نٿا ٺاهي سگهن، جيئن برفاني رڇ پنهنجو گهر ريگستان ۾ نٿو ٺاهي سگهي.

# انسان جي پيرن ڪيئن هٿن کي ڪم لاءِ آجو ڪيو

جڏهن اسان جا تاريخي زماني کان اڳ وارا وڏڙا وڻن تي رهندا هئا، تڏهن هنن پنهنجن هٿن کي، هورڀان هوريان مختلف ڪمن لاءِ استعمال ڪرڻ سکيو. اُهي ميون ۽ اخروٽن کي ٽوڙڻ ۽ وڻن جي ٽارين ۾ پنهنجو گهر ٺاهڻ لاءِ هٿ ڪتب آڻڻ لڳا.

پر جيڪو هٿ اخروٽ جهلي پيو سگهي، سو ڪو ڏنڊو يا پٿر به ڪٽي پيو سگهي. ۽ هٿ ۾ ڪنهن ڏنڊي يا پٿر جو مطلب هي ٿيو ته هٿ وڏيڪ ڏکو ۽ سگهارو ٿيندو پئي ويو.

پٿر ڪنهن سخت اخروٽ کي ٽوڙي پيو سگهي ۽ ڏنڊي سان ڪا سوادي پاڙ زمين منجهان ڪوٽي ڪڍي پئي سگهجي.

اهڙي ريت تاريخي زماني کان اڳ وارو ماڻهو انهن اوزارن کي پنهنجي غذا ماڻڻ لاءِ وڌ کان وڌ واپرائڻ لڳو. هُو ڏنڊي سان کوٽي پاڙون ۽ ڏانڊيون مٿي



اسان جي سورمي پنهنجو پهريون اوزار ڪنيو

ڇڪي وٺندو هو. وڏن وڏن پٿرن کي وٽن جي ٽُڙن سان ٿوڪي هُو ڪينئن جا بيضا ٻاهر ڪڍي وٺندو هو. پوءِ به هن لاءِ هٿن کان ڪم وٺڻ جو هڪڙو ئي روپ هو، يعني ڪين هلڻ جي ڪم ۾ واهپي کان آجو ڪري. هن جا هٿ جيڏو رُڌل هوندا هئا، اوترو ئي وڏيڪ پيرن کي هلڻ جو مسئلو سُلجهائڻو پوندو هو.

ائين هن جا هٿ سندس پيرن کي هلڻ تي مجبور ۽ سندس پير هٿن کي ڪم لاءِ آجو ڪندا هئا.

اهڙيءَ ريت هڪ نئين مخلوق جو دنيا ۾ وجود ٿيو، جيڪا پنهنجن پوين پيرن تي هلندي ۽ هٿن کان ڪم وٺندي هئي. روپ ۾ اها مخلوق اڃا گهڻو جانورن جهڙي هئي، پر جيڪڏهن توهان هن کي ڏنڊو يا پٿر کڻي هلندي ڏسو ها، ته هڪدم چئي ڏيو ها، ته اهو جانور ابتدائي انساني نسل آهي. اصل ۾ رڳو ماڻهو ئي اوزارن جو استعمال ڄاڻي ٿو. جانورن وٽ ته آلا ۽ اوزار نتا هجن.

جڏهن ڪو ڪُڏندڙ ڪوئو يا نوريئڙو پنهنجو ٻرُ کوٽي ٿو، ته ڪيس رڳو پيرن کان ڪم وٺڻو پوي ٿو، ڇوته وٽن ڪوڏرون نٿيون هجن. جڏهن ڪو ڪوئو ڪنهن ڪانيءَ کي ٽُڪي ۽ کوٽي ٿو، ته هو چاقو سان نه، پر پنهنجن ڏندن سان ائين ٿو ڪري. ۽ جڏهن ڪو هُدهُد وڻ جي ڇوڏي کي ٺونگون ٿو هڻي، ته هو ڪنهن چونيءَ سان نه، پر پنهنجي چُهنب کان ڪم ٿو وٺي.

اسان جي تاريخي زماني کان اڳ واري وڏڙن وٽ نه ته هُدهُد جهڙي چُهنب هئي ۽ نه ڏانداريءَ جهڙا ڏند ۽ نه ئي ڪو تکو چاقو هو.

پر انهن وٽ اهڙي شيءِ هئي، جيڪا انتهائي تکن ڏندن ۽ ڪيترن ئي سگهارين چُهنبن کان گهڻو چڱي هئي. هن وٽ هٿ هئا، جن سان هو زمين تان وڏيندڙ پٿر ۽ ڏکي چُهنب وارن ٻالن کي ڪٽڻ لاءِ ڪتب آڻي سگهندو هو.

## اسان جي سورمي جو زمين تي لهڻ

جڏهن اُهي واقعا پيش ٿيا ته آبهوا پڻ هوريان هوريان مَٽجي پئي. اسان جي تاريخي زماني کان اڳ وارن وڏڙن جون جهنگن ۾ راتيون وڏيڪ ٿڌيون ٿيڻ لڳيون هيون ۽ سياري ۾ وڏيڪ سيءُ پوڻ لڳو هو. جڏهن ته آبهوا اڃا به گرم هئي، پر انهيءَ کي ڇڱو گرم نٿو چئي سگهجي.

جبلن ۽ ٽڪرين جي اُترين هيٺاهين تي هوريان هوريان سدابهار ناريل، ميگنوليا ۽ لارل جي جاءِ بڻ، پپر ۽ تالهيءَ پئي والاري.

دريائن جي ڪنارن تي گهاٽن ٿهن ۾ ماڻهن کي اڪثر بڻ، پپر يا لائم جا پترايل پڻ ملن ٿا، جيڪي لکين سال پهرين ڪنهن پوڏ ۾ درياهه وسيلي هتي پهتا هئا.

ڏاکڻي لاهين ۽ هيٺاهين ۾ انجير جا وڻ ۽ ڊاکن جون وليون تڏين هوائن کان بچيل رهيون. گرم علائقن جي جهنگن جون سرحدون اڃا وڌيڪ ڏکڻ ڏانهن پوئتي هٽنديون ويون. ۽ انهن جهنگن جا واسي- هاٿي ۽ تکن ڏندن وارا چيتا به، جيڪي هاڻي گهڻو ناياب ٿيندا پيا وڃن- ڏکڻ ڏانهن پوئتي پئي هٽيا.

جتي پهرين جهنگلي گاهه تورڙي پوتا هئا، اُتي وڻن ورڇجندي اهڙا روشن ميدان ناهي ڇڏيا، جتي وڏا هرڻ ۽ گينڊا چَرندا هئا. ڪجهه پولڙا پڻ جهنگ سميت پوئتي هٽيا ۽ جانورن جا ٻيا قسم ناس ٿي ويا.

جهنگ ۾ ڊاکن جي ولين جو انگ گهٽجندو ويو. انجير جي وڻن کي ماڻڻ ڏکيو ٿي پيو. جهنگن مان گذرڻ اڃا وڌيڪ ڏکيو ٿي پيو، ڇوته اُهي هاڻي ڇڊا ٿي پيا هئا ۽ انهن جي واسين کي وڻن جي هڪڙي جهُنڊ کان ٻئي جهُنڊ تائين پهچڻ لاءِ زمين تي هلڻو پوندو هو. وڻن تي رهندڙن لاءِ اهو آسان ڪم نه هو، ڇوته ائين جانورن جو ڪاڄ بنجڻ جو وڌيڪ امڪان هو.

پر اُهي مجبور هئا. بُک اُڃ کين وڻن تان هيٺ آڻيندي هئي.

اسان جي تاريخي زماني کان اڳ وارا وڏڙا ڪاڏي جي ڳولا ۾ زمين تي اچڻ لاءِ مجبور ٿيا.

جڏهن هنن پنهنجو پيڙو يعني جهنگ جي دنيا ڇڏي، جنهن جا اُهي هيراڪ هئا، ته پوءِ ڇا ٿيو؟

هنن جهنگ جي قانونن کي تورڙي ڇڏيو. هنن اُهي سنگهرون تورڙي ڇڏيون، جن سان هر جانور قدرتي سرشتي ۾ هڪڙي جاءِ جو پابند هُجي ٿو.

اسان ڄاڻون ٿا ته جانورن ۽ پکين ۾ تبديليون ايندڀون رهن ٿيون. قدرت ۾ ڪابه شيءِ ساڳي نٿي رهي. پر اها تبديلي ڪو آسان ڪم نه آهي. هڪڙي ننڍڙي جهنگلي جانور کي، جنهن جا تيز نُنهن هئا، اڃوکو گهوڙو بنجڻ ۾ لکين

سال لڳي ويا. هر جانور ننڍپڻ ۾ پنهنجي والدين سان گهڻي مشابهت رکندڙ ٿئي ٿو. ۽ منجهن ورلي ڪو ويڇو ٿئي ٿو. جانور جي ڪنهن نئين قسم جي ارتقا ۾- اهڙي قسم ۾ تبديلي لاءِ جيڪي پنهنجي وڏڙن کان بلڪل نياري هئي- هزارين نسل گذري ويا.

۽ اسان جي تاريخي زماني کان اڳ وارن وڏڙن جو ڪهڙو حال ٿيو؟

جيڪڏهن اُهي پنهنجون عادتون ۽ ڍنگ نہ بدلائي سگهن ها تہ ڪين پڻ پولڙن سميت ڏکڻ ڏانهن هٽڻو پوي ها. پر اُهي پولڙن کان نيارا هئا، ڇوتہ هاڻي اُهي ڇاڻي ويا هئا تہ پٿرن ۽ ڪاٺيءَ جي ڏنڊن توڙي نُنهن سان ڪيئن غذا ماڻي سگهجي ٿي. هنن هي سِکي ورتو هو تہ ڏاڪڻي سوادي ميون بنا، جيڪي جهنگن ۾ ناياب ٿيندا پئي ويا، ڪيئن رهي سگهجي ٿو. انهن کي هن ڳالهہ کان پريشاني نہ هئي تہ جهنگ ڇڊا پئي ٿيا، ڇوتہ هنن زمين تي هلڻ سِکي ورتو هو ۽ اُهي کُليل ۽ وڻن کان وانجهيل جاين کان ڊڄندا نہ هئا. ۽ جيڪڏهن ڪو دشمن سندن رستي ۾ ايندو هو، تہ پولڙن جو سڄو گروهہ ڏنڊن ۽ پٿرن سان پنهنجو بچاءُ ڪندو هو.

جڏهن ڏکيو دؤر آيو تہ ان پولڙن کي نہ ختم ڪيو ۽ نہ ئي ڪين ڏاکڻي جهنگن سميت پوئتي هٽڻ تي مجبور ڪري سگهيو. ويتر ان پولڙن منجهان ماڻهو بنجڻ واري رفتار تيز ڪري ڇڏي.

۽ اسان جي دؤر وارن مائٽ پولڙن جو ڪهڙو حال ٿيو؟

اُهي ڏاکڻي جهنگن سميت پوئتي هٽيا ۽ سدا لاءِ جهنگ جا واسي بنجي ويا. اصل ۾ هنن سامهون ٻي ڪا واٽ ئي نہ هئي. اُهي اسان جي وڏڙن کان ارتقائي ڏاڪن ۾ پوئتي رهجي ويا هئا، ڇوتہ هنن اوزارن جو واهپو ئي نہ سِکيو هو. جڏهن تہ انتهائي چُست، ڦُڙت ۽ چالاڪ پولڙن، وڻن تي چڙهڻ ۽ ٽارين سان لٽڪڻ مُنڍ ۾ ئي نيڪ سِکي ورتو هو.

جيڪي پولڙا وڻن تي چڙهڻ ۾ گهڻ مهارت رکندڙ هئا ۽ وڻن جي زندگيءَ جا هيراڪ نہ بنجي سگهيا هئا، تن مان رڳو سيني کان وڏا ۽ سگهارا پولڙا بچي ويا. پر پولڙو جيڏو وڏيڪ ڳرو ۽ وڏو هوندو هو، ايترو ئي ڪيس وڻ واري زندگيءَ وڌيڪ ڏکي لڳندي هئي. تنهنڪري انهن وڏن وڏن پولڙن کي مجبوريءَ

هيٺ وٽن تان هيٺ لهڻو پيو. گوريلا هينئر به جهنگ ۾ زميني ڏاڪي تي رهن ٿا. هنن جا هٿيار نه ڏندا آهن ۽ نه ئي پٿر، پر اُهي وڏا ڏند آهن، جيڪي سندن سگهارين جاڙين مان ٻاهر نڪتل آهن.

اهڙيءَ ريت ماڻهو ۽ انهيءَ دؤر جي مائٽن ۾ هميشه لاءِ وڇوڙو ٿي ويو.

## وچايل ڪڙي

ماڻهو ٻن پيرن تي هلڻ هڪدم سِکي نه ورتو هو. اوائل ۾ هو لُڏندي، ٿڙندي ۽ ٿاٻڙجندي هلندو هو.

پهريون ماڻهو، يا اهو چوڻ وڌيڪ ٺيڪ ٿيندو ته پولڙو- انسان ڪيئن لڳندو هو؟

ڌرتيءَ تي پولڙو- انسان ڪٿي به موجود نه آهي. پر ڇا هن جون هڏيون ڪڏهن به نه مليون آهن؟

جيڪڏهن اُهي هڏيون ملي وڃن ته پوءِ هي انهيءَ جو پڪو ثبوت هوندو، ته انسان پولڙن جو اولاد آهي. ڇوته پولڙو- انسان قديم ماڻهو هو، اِها ان سِنگهر جي اهم ڪڙي آهي، جيڪا پولڙن کان شروع ٿئي ٿي ۽ جديد انسان تي پڄاڻي ٿئي ٿي. بهرحال، هي اهم ڪڙي ڪٿي دريائي ڪنارن واري تهن ۾- مٽي ۽ واريءَ جي تهن ۾- وڃائجي وئي آهي.

قديم آثارن جا ماهر زمين جي کوٽائي ۾ ماهر ٿين ٿا. کوٽائيءَ کان اڳ ڪين اها ڄاڻ طئي ڪرڻي ٿي پوي، جتي اهم ڪڙيءَ جي ڳولا ڪرڻي هوندي اٿن. سڄي دنيا ۾ ڪنهن شيءِ جي کوجنا ڪو ايڏو سولو ڪم نه آهي ۽ قديم ماڻهن جون هڏيون زمين ۾ ايئن پوريل آهن، جيئن ڪنهن گاهه جي ڍير ۾ ڪا سوئي ڍڪيل هجي.

اوڻويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ جرمن حياتياتي ماهر 'ايرنسٽ هيڪل' هي مفروضو ڏنو ته پولڙو- انسان، جنهن کي سائنسدان پٿيوڪين ٿراپس چون ٿا، جون هڏيون ڏکڻ ايشيا ۾ ملي سگهن ٿيون. هن اصل ۾ اُهو ٺيڪ هنڌ پڻ ٻڌائي ڇڏيو، جتي سندس سوچ ۾ اهي هڏيون ڍڪيل هيون. اُهي سُوندا جا ٻيٽ هئا.



بينگاوان درياءَ ڪناري پٿيڪانٿروپس جون هڏيون لڌيون ويون

ڪيترائي ماڻهو ان ڳالهه سان سهمت نه هئا. پر هُن جي نظريي کي وساريو نه ويو. خاص ڪري هڪڙو ماڻهو ته ڪانئس ايڏو متاثر هو، جو هُو پنهنجو سچو ڪم ڪار ڇڏي، سوندا ٻيٽن ڏانهن روانو ٿي ويو، ته جيئن هو پٿيوڪين ٿراپس واري مفروضي جا باقيات ڳولي لهي.

اهو ماڻهو ايمسٽرڊم يونيورسٽيءَ ۾ جسماني عضون واري علم جو ليڪچرر هو ۽ هن جو نالو 'ڊاڪٽر ايوگيني ڊيوبوا' هو.

هن جا ڪيترائي ساٿي ۽ پروفيسر اچرج مان ڪنڌ ڌُوڻيندي چوندا هئا ته: ڪو معقول ماڻهو ان اجائي جاکوڙ ۾ نٿو وچڙي سگهي. انهن انتهائي معزز هستين جو اچڻ وڃڻ رڳو ايمسٽرڊم جي سائنتيڪي واٽن کان يونيورسٽيءَ تائين محدود هو.

پنهنجي همتائتي رٿا واري ڪم جي مقصد سان 'ڊاڪٽر ڊيوبوا' کي يونيورسٽيءَ جي نوڪريءَ تان هٿ ڌوئڻا پيا. هو فوج ۾ ڀرتي ٿي سوماترا روانو ٿي ويو، جتي ڪيس ڊاڪٽر جي حيثيت سان ڪم ڪرڻو هو.

سوماترا ٻيٽ ۾ رهڻ دوران هُن پنهنجو سڄو وقت انهيءَ ڳولا لاءِ ڪَپائي ڇڏيو. هُن جي نگرانيءَ هيٺ پورهيتن کوٽائي ڪندي متيءَ جا ڍڳا ناهي ڇڏيا. هڪ، ٻه ۽ ٽي مهينا گذري ويا، پر پٿيوڪين ٽراپس جي هڏين سان تعلق رکندڙ ڪابه شيءِ نه ملي.

جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن وڃايل شيءِ جي ڳولا ڪري ٿو، ته ڪيس گهٽ ۾ گهٽ هي ڄاڻ ته هوندي اٿس، ته اُها هِتي ڪٿي ئي هوندي ۽ جيڪڏهن هو انهيءَ جي ڳولا ڏيان سان ٿو ڪري، ته ڪيس اُها ملي وڃي ٿي. پر 'ڊاڪٽر ڊيوبوا' جي حالت ان ڪان به وڌيڪ بُڇڙي هئي. هي رڳو قياس هو ۽ هُو بلڪل اهو نه ٿيو چئي سگهي، ته اهڙي باقيات جو واقعي وجود به آهي يا نه. پوءِ به هن اورچائيءَ سان ڳولا جاري رکي. هڪ، ٻه، ٽي سال لنگهي ويا، پر ''وڃايل ڪڙي'' ڪٿي به نه ملي سگهي.

جيڪڏهن هن جي جاءِ تي ڪو ٻيو هجي ها، ته سڄي ويچار کي پُوڪپائي ڇاڻندي، ڪم تان هٿ ئي کڻي وڃي ها. پر 'ڊاڪٽر ڊيوبوا' ڪنهن ڪم کي اڌورو ڇڏيندڙن مان نه هو.

جڏهن هن کي ويساهه ٿي ويو ته پولڙو- انسان جا باقيات کيس سوماترا مان نٿا ملي سگهن، ته هن جاوا ٻيٽ ۾ کوٽجنا جو فيصلو ڪيو. ۽ هِتي نيٺ هن کي سوڀ ملي.



پِٿيڪانٿروپس جون هڏيون

'ڊاڪٽر ڊيوبوا' کي هتي سُولو درياهہ جي ڪناري ترينيل ڳوٺ جي ويجهو پٿيڪين ٿراپس جون هڏيون مليون. منجهائن هڪڙي ران جي هڏي، کوپڙيءَ جو مٿيون ڀاڱو ۽ ڪيترائي ڏندِ هئا. پوءِ ران جي هڏين جا ڪيترائي ٻيا ٽڪرا بہ اُتي ويجهو ئي مليا.

'ڊاڪٽر ڊيوبوا' پنهنجي تاريخي زماني کان اڳ واري وڏڙي جي کوپڙيءَ کي ڏيان سان ڏسندي، هي سوچڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ اُهو پنهنجي دؤر ۾ ڪيئن هوندو. پولڙو- انسان جي پيشاني هيٺ جهُڪيل ۽ ڳُتيل توڙي سوڙهي هئي، جنهن ۾ اکين مٿان هڪڙي ٿُلهي هڏي اُڀريل هئي. چهرو انسان کان وڌيڪ پولڙي سان ٺهڪجندڙ هو. پر کوپڙيءَ جي ڳوڙهي اڀياس 'ڊاڪٽر ڊيوبوا' کي هي ويساهہ ڏياريو، تہ پٿيڪان ٿراپس، پولڙي کان وڌيڪ ڏاهو هو، ڇو تہ سندس دماغ، پولڙي کان گهڻو وڏو هو.

اصل ۾ کوپڙيءَ جو مٿيون ڀاڱو، ڏند ۽ هڪڙي ران جي هڏي اهڙيون شيون نہ هيون، جن کان اڳيان وڌي سگهجي. پوءِ بہ ڳوڙهي اڀياس وسيلي 'ڊاڪٽر ڊيوبوا' پولڙو- انسان جي جيون جا ڪيترائي واقعا ڳنڍي جوڙي ورتا. اهڙيءَ ريت ران جي هڏي هي ڏيکاريو، تہ اُهو پولڙو- انسان پنهنجي مُڙيل پيرن سان گهلجندي گهلجندي پنڌ ڪندو هو.

'ڊاڪٽر ڊيوبوا' ائين تصور ڪيو، ڄڻ تہ هو پولڙي- انسان کي جهنگ جي هڪڙي کُليل جاءِ تان گذرندي پيو ڏسي. هن جو بدن



شايد پٿيڪانٿروپس اهڙو هوندو هو. اهو ماڻهو تہ نہ هو، پر پولڙو بہ نہ رهيو هو.

جهُڪندي ہيٺو ٿيل آهي، ڪُلها بہ جهُڪيل آهن ۽ سندس ڏگها هٿ زمين کي پيا ڇُهن. پروئن جي گهاٽي اُپريل هڏيءَ هيٺان اکيون زمين ۾ کُتل آهن. هو نہ پيو چاهي تہ سندس نگاهہ کان ڪا ڪاڏي واري شيءِ ڇُڪجي وڃي.

هو هاڻي پولڙو نہ هو، پر اڃا ماڻهو بہ نہ ٿيو هو. 'ڊاڪٽر ڊيوبوا' هن پولڙي- انسان جو نالو "پٿيڪان ٿراپس ايريڪٽس" رکيو، ڇوتہ ہين پولڙن جي ڀيٽ ۾ هو وڌيڪ سِڌو ۽ ڪَڙو هلندو هو.

توهان شايد اِهو سمجهو پيا تہ 'ڊاڪٽر ڊيوبوا' پنهنجي پڇاڙيءَ واري ڏاڪي تي پهچي ويو هو؟ نيٺ، پٿيڪان ٿراپس واري ڳُجهارت کي سُلجهايو ويو يا اسرار پرئي پٿيڪان ٿراپس کي ڳوليو ويو! پر پوءِ 'ڊاڪٽر ڊيوبوا' جي زندگيءَ جا انتهائي ڏکيا ڏينهن ۽ سال آيا. هن ڏنو تہ انساني ڪروڙ جي گهرائين جي وائکائيءَ جي ڀيٽ ۾، زمين جي ٿُلهي تهن کي کوٽڻ ايڏو سولو نہ آهي.

'ايوگيني ڊيوبوا' جي کوجنا تي هر پاسي کان ڏِڪار ڪيو ويو ۽ ٺٺوليون ٿيون، ڇوتہ ڪيترائي ماڻهو انهيءَ حقيقت کي مڃڻ ئي نہ پيا چاهين، تہ انسان ۽ پولڙي جا تاريخي زماني کان اڳ وارا وڏڙا ساڳيا ئي آهن. چرچ ۽ انهن جي پيروڪارن جو چوڻ هو تہ: 'ڊاڪٽر ڊيوبوا' جيڪا کوپڙي لڌي آهي، سا ڪنهن لنگور (پولڙي) جي آهي ۽ ران جي هڏي ماڻهوءَ جي آهي.

'ڊاڪٽر ڊيوبوا' جي دشمنن انهيءَ ڳالهہ تي مات نہ ڪئي، جو اُهي جاوا جي پولڙي- انسان کي پولڙو ۽ ماڻهو جو ميلاپ ثابت ڪن ها، ويتر هنن هي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ: ڊانچي جون جيڪي هڏيون 'ڊاڪٽر ڊيوبوا' کي مليون آهن، سي تازيون آهن ۽ رڳو ڪجهہ سال اڳ زمين ۾ پوريل آهن ۽ 'ڊاڪٽر ڊيوبوا' جي ان دعويٰ ۾ ڪابہ سچائي نہ آهي، تہ اُهي هزارين سال پراڻيون آهن. هنن پٿيڪان ٿراپس کي ہيهر پورڻ، مٽيءَ ۾ دٻائڻ ۽ ڪيس وسارڻ جون ڪوششون ڪيون.

'ڊاڪٽر ڊيوبوا' اٽل رهيو، پنهنجي کوجنا کي سچو ثابت ڪندو رهيو ۽ اُهي سيئي ماڻهو جيڪي سائنس واسطي انهيءَ اهميت کي سمجهندا هئا، سي سڀ سندس پاسي هئا.

پنهنجن مخالفن سان بحث ۾ 'ڊاڪٽر ڊيوبوا' هي ثابت ڪيو، تہ اها



اينٿروپالوجيءَ جي ماهرن هڪڙي پٿرايل کوپڙيءَ مان سينانٿروپس جو روپ بحال ڪيو

کوپڙي ڪنهن به ريت لنگور (پولڙي) جي نثي تي سگهي، ڇوته پولڙي جي پيشاني نثي ٿئي ۽ پٿيڪان ٿراپس جي پيشاني آهي.

زمانو گذري ويو، پر پٿيڪان ٿراپس پوءِ به انساني ڪٽنب کان ڌار ئي رکيو ويو.

اوچتو سائنسدانن هڪڙو نئون پولڙو- انسان ڳولي ورتو، جيڪو پٿيڪان ٿراپس سان ٺهڪجندڙ هو.

ويهين صديءَ جي اوائل ۾ هڪڙو يورپي سائنسدان، چين جي شهر پيڪنگ ۾ هڪڙي ڏيهي دواخاني ۾ پهچي ويو. اُتي جيڪي انوکيون شيون رکيل هيون، تن ۾ ''زين شين'' نالي وَل جي شفا ڏيندڙ پاڙ، مختلف تعويذ، جانورن جون هڏيون ۽ ڏند شامل هئا. هُن جانورن جي ڏندن سان گڏ رکيل هڪ اهڙو به ڏند ڏٺو، جيڪو ساڻن بلڪل اڻ- ٺهڪندڙ هو، ڇوته اهو ڪنهن عام جانور جو نه پيو لڳي. پوءِ به انهيءَ ڏند ۾ انساني ڏند جو شڪ هو.

سائنسدان اُهو ڏند روڪڙن ۾ وٺندي، يورپ جي هڪڙي عجائب گهر کي وڪرو ڪري موڪلي ڏنو. اُنهيءَ ڏند کي اُتي ''چيني ڏند'' جو نالو ڏنو ويو.

انهيءَ ڳالهه کي پنجويهه سال پيا به گذري ويا. پوءِ پيڪنگ جي ويجهو چوڪوتيان جي غار ۾ انهيءَ قسم جا ٻه ڏند پيا به لڌا ويا ۽ پوءِ جنهن جا به اُهي ڏند هئا، سائنسدانن تن کي چائيناٽراپس جو نالو ڏنو.

انهيءَ جو مڪمل ڍانچو ڪڏهن بہ نہ مليو. نئين ڪؤجنائن ۾ اٽڪل پنجاهہ ڏند، ٽي کوپڙيون، ٻارهن ڄاڙين جا ٽڪرا، ران جي هڏيءَ جو هڪڙو ٻاگو، ڪرنگهي جي هڪ هڏي، هڪ ٻاسراٽي، هڪ ڏُونٽ ۽ پير جو هڪڙو ٽڪرو لڌو ويو.

انهيءَ جو هي مطلب نہ آهي، تہ غارن ۾ رهندڙ ماڻهن يا پولڙن جا ٽي مٿا ۽ هڪ پير هوندا هئا.

انهيءَ جي ڇنائي ايئن ڪري سگهجي ٿي، تہ چوڪوتيان جي غار ۾ پولڙن جهڙن ماڻهن جو هڪ وڏو گروهہ رهندو هو. لکين سالن دوران ڪيترين ئي هڏيون الوپ ٿي ويون. پر جيڪي ٽڪڙا مليا، سي ان غار جي رهندڙن جي جسماني روپ جي جوڙجڪ ڪرڻ لاءِ جهجها هئا. سائنسدانن کي جيڪڏهن هڪڙي آڱر بہ ملي وڃي، تہ اُهي سڄيَ جسم کي ڳولي ٿا وٺن.

اسان جو اُهو ڏورانهين دؤر جو سورمو ڏسڻ ۾ ڪيئن لڳندو هو؟

سچي ڳالهہ هي آهي تہ اُهو ايڏو سهڻو نہ هو. جيڪڏهن توهان انهيءَ کي اوچتو ڏسي وٺو ها، تہ هوند ڊڄي وڃو ها، ڇوتہ ان ماڻهو جي پيشاني سوڙهي، ٻاهر نڪتل ڊگهي ڪاڏي ۽ وارن واريون ٻانهون هيون ۽ هو پوءِ بہ گهڻو پولڙي جيان هو. ٻئي پاسي هڪڙو منٽ اهو سوچڻ کان پوءِ تہ هُو پولڙو هو، تہ توهان هڪدم پنهنجو خيال بدلائي ڇڏيو ها، ڇوتہ ڪو پولڙو ماڻهو جيان سِڌو نٿو هلي ۽ ڪنهن پولڙي جو چهرو ماڻهو سان ايڏو نهڪجندڙ نٿو ٿئي.

جيڪڏهن توهان پولڙي جهڙي ماڻهوءَ جو پيڇو سندس غار تائين ڪريو، تہ پوءِ توهان جا سمورا شڪ ڏور ٿيَ ويندا.

هُو پنهنجي مُڙيل پيرن تي گِسڪندو، ٿِڙندو ٿاٻڙجندو درياهہ جي ڪناري ويندڙ ٿو پيائجي. هلندي هلندي اوچتو هو ويهي ٿو رهي. هن کي هڪ وڏي پٿر سان دلچسپي پيدا ٿي پوي ٿي. هو انهيءَ پٿر کي ڪٽي ٿو وٺي. ڏيان سان ٿو ڏسي ۽ اُن کي ٻئي پٿر تي زور سان ٿو هڻي. هاڻي هو اُتي پنهنجي نئين ڪؤجنا سميت وري ٿِڙندو ٿاٻڙجندو روانو ٿي ٿو وڃي. نيٺ هو درياهہ جي ڪناري هڪ لِهواري اوچائي تي پهچي ٿو. اُتي هڪ غار جي مُنهن تي سندس قبيلو مِڙيل آهي. اُهي سڀ هڪ جُهور ڏاڙهي واري پوڙهي جي چؤڌاري مِڙيل آهن، جيڪو پنهنجي پٿر جي اوزار سان هڪڙي هرڻ کي پيو وڍي. عورتون ڪچي گوشت کي پنهنجي

هٿن سان پيون چيرين ڦاڙين. ٻار ٻوڙنديٰ ٻوڙندي گوشت جا ٽڪرا پيا کڻن. غار جي گهرائين مان ٻرندڙ باهه جي روشني پئي اچي.

پڇاڙيءَ وارا شڪ پڻ ڏور ٿي ٿا وڃن. ڇا دنيا ۾ ڪو اهڙو پولڙو آهي، جيڪو باهه ٻاري سگهي ۽ پٿرن منجهان اوزار ٺاهي سگهي. پر توهان پُڇي سگهو ٿا ته اسان کي ڪيئن ڄاڻ پئي، ته پولڙي جهڙو ماڻهو پٿرن مان اوزار ٺاهيندو هو ۽ باهه جو استعمال ڄاڻندو هو؟

چوڪوتيان جي غار انهيءَ مٿئين سوال جو جواب ڏنو آهي. انهن قديم ماڻهن جي باقيات جو جيڪو ذخيرو مليو آهي، تنهن ۾ ٻه هزار کان وڌيڪ پٿر جا اوزار ۽ اٽڪل ست ميٽر ٿُلهي مٽيءَ ۾ رک جي تهه ٻه لڌي وئي آهي. انهيءَ جو اهو مطلب ٿيو ته پولڙي جهڙا ماڻهو ان غار ۾ سالن تائين رهيا ۽ اُتي باهه ٻرندي رهي. اُهي باهه ٻارڻ نه ڄاڻندا هئا، پر اُهي ان کي ايئن ”گڏ“ ڪري وٺندا هئا، جيئن ڪاٺ لاءِ جڙي ٻوٽيون ۽ اوزارن لاءِ پٿر گڏ ڪندا هئا.

ڪنهن جهنگ ۾ باهه لڳڻ ڪان پوءِ باهه ملي ويندي هئي. تاريخ ڪان اڳ وارو انسان ڪو سڙندڙ ڪوئلو ڪٽي وٺندو هو ۽ ان کي ڏاڍي ڏيان سان پنهنجي رهڻ واري جاءِ تائين ڪٽي ويندو هو. هُو هتي غار ۾ برسات ۽ هوا ڪان بچائيندي، ان باهه جي رکشا ڪنهن نهايت قيمتي خزاني جيان ڪندو هو.

ٽيون باب

# انسان قاعدن کي ٽوڙي ٿو

جڏهن اسان جي سورمي ڏندن ۽ پٽرن جو واهپو سِکي ورتو، ته هو وڏيڪ سگهارو ۽ آزاد ٿي ويو. هاڻي جيڪڏهن سندس ويجهو ڪو ميوي جو وڻ نه هوندو هو، ته ڪيس ڪابه ڳڻتي نه ٿيندي هئي. هو پنهنجي رهڻ واري جاءِ وٽان ڪاڏي جي ڳولا ۾ اجا به وڏيڪ پري تائين- جهنگ جي هڪڙي ننڍڙي دنيا کان ٻيءَ دنيا ڏانهن، گهڻو ڊگهي وقت تائين کُليل ميدانن ۾ رهندو ۽ ٻين سمورن قائدن کي ٽوڙيندو، ۽ جن شين کي اڳ ۾ کائڻ جي همت نه ڪئي هئي سي کائيندو- اڳتي ئي وڌندو رهيو.

اهڙيءَ ريت، انسان مُنڍ کان ئي قدرتي قانونن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ لڳو. وڻن جو واسي انسان هيٺ لهي زمين تي گهُمڻ لڳو. هو پنهنجن ٻن پوين پيرن تي سِڌو بيهندي هلڻ لڳو. اهڙيون شيون کائڻ لڳو، جيڪي سندس لاءِ نه هيون. ۽ اهڙن وسيلن مان کاڌو ماڻڻ لڳو، جيڪي قدرتي نه هئا.

دنيا ۾ سمورا جانور ۽ ٻُوٽا هڪٻئي تي آڌاريل آهن، جوته اُهي پاڻ ۾ ”غذائي سلسلن“ وسيلي ڳنڍيل ٿين ٿا. جهنگن ۾ ڪيلوڪڙي صنوبر جا ميوا کائي ٿي ۽ نوريئڙو وري ڪيلوڪڙيءَ کي کائي ٿو. اهڙيءَ ريت هڪڙو سلسلو پاڻ ۾ ڳنڍيل آهي- يعني صنوبر جا ميوا، نوريئڙو ۽ ڪيلوڪڙي. نوريئڙو رڳو صنوبر جا ميوا ئي نٿو کائي، پر هو نانگ، ڪنييون ۽ ٻيا ڳردار ميوا پڻ کائي ٿو. ۽ ڪيلوڪڙي پڻ اهڙو جانور نه آهي، جيڪو رڳو نوريئڙي جو ڪاچ ٿيندو هجي. ٻيا جانور ۽ پکي به اهڙا آهن. مثال طور چپرو: جيڪو نوريئڙي جو شڪار ڪري ٿو. اهڙيءَ ريت ٻيو سلسلو جڙُي ٿو- يعني نانگ، ڪنييون ۽ ڳردار ميوا، نوريئڙو، ڪيلوڪڙي، چپرو، جهنگ جا سمورا واسي- انهن سلسلن جون ڪڙيون آهن.

پنهنجي جهنگ جي دنيا ۾ اسان جو سورمو پڻ هڪ ”غذائي سلسلي“ جي

ڪڙي هو. هو ميوا ۽ ٻج ڪائيندو هو ۽ گڏوگڏ تيز ڏندن وارو چيتو سندس شڪار به ڪندو هو.

پوءِ اوچتو اسان جي سورمي انهن سنگهرن کي ٽوڙڻ شروع ڪيو. هو اهڙيون شيون کائڻ لڳو، جيڪي هن پهرين ڪڏهن به نه کاڌيون هيون. هن تيز ڏندن وارن چيتن ۽ اهڙن ٻين جهنگلي جانورن کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي، جن هزارين لکين ورهين کان سندس وڏڙن جو شڪار پئي ڪيو.

هو ايڏو بهادر ڪيئن بڻجي ويو؟ هن کي زمين تي لهڻ جي همت ڪيئن ٿي، جتي تيز ڏندن وارا رت پياڪ جانور سندس تاڙ ۾ رهندا هئا؟ اهو ته بلڪل ائين ٿي هو، جيئن ڪا جهرڪي وڻ تان لهي، جنهن گهڙيءَ زمين تي ڪُڏڻ لڳي، تڏهن ٻليءَ سندس اوسيئڙي ۾ هيٺ ويٺي هجي.

انسان جي اها نئين همت هن جا هٿ هئا. هو جيڪي پٿر پنهنجن هٿن ۾ جهليندو هو ۽ هو جنهن ڪاٺيءَ کي پاڙون کوٽڻ لاءِ واپرائيندو هو، سي سندس هٿيار هئا. ماڻهوءَ جا اوائلي اوزار ئي سندس هٿيار بڻجي ويا.

وري ماڻهو جهنگن ۾ ڪڏهن به هيڪلو نه ڦرندو هو.

ماڻهن جو سچو ميڙ ان جانور تي چڙهائيءَ ڪندو هو، جيڪو مٿن جُلهه جي تاڙ ۾ هوندو هو ۽ پنهنجن نون هٿيارن سان ڪيس ماري ڀڄائي ڪڍندا هئا.

اسان کي باهه بابت پڻ وسارڻ نه گهرجي. انسان، باهه کي پنهنجو ساٿاري بڻائيندي انتهائي خوفائتن جانورن کي پڻ ڀڄائي ڇڏيندو هو.

## انساني هٿن جا ڇڏيل نشان

جڏهن انسان پنهنجي اُها زنجير بلڪل ٽوڙي ڇڏي، جنهن کيس وڻ جو ٻاندي بڻايو هو، تڏهن تاريخي زماني کان اڳ وارو ماڻهو وڻ کان زمين تي، جهنگ کان دريائي ماترين ڏانهن ڏورڻ لڳو.

اسان کي هي ڪيئن ڄاڻ پئي، ته هن دريائي ماترين جو پاسو ورتو هو؟ ها، اهڙا اهڃاڻ آهن، جيڪي اسان کي انهيءَ نتيجي تائين پهچائين ٿا.

پر اُهي نشان ڪيئن سانڍيل رهي سگهيا؟

اُهي عام قسم جا نشان نه آهن، جن کي "پيرن جا نشان" چئبو آهي. اُهي انساني هٿن جا ڇڏيل نشان آهن.

اٽڪل هڪ صدي اڳ فرانس جي دريا سوما جي ماٿريءَ ۾ پورهيتن مٽي ۾ ريتي پئي کوٽي.

آڳاٽي زماني ۾ جڏهن اهو درياهه وهندڙ هو ۽ پنهنجا چارا پرپاسي واري زمين تي پئي ٽاهيا، تڏهن هي درياهه اهڙو ڏڏڪيدار هوندو هو، جو پاڻ سان وڏيون وڏيون ٽڪريون وهائي ڪٽي ايندو هو. تکي وهڪري دوران پٿر پاڻ ۾ ٽڪرائجندا ۽ ڀڃجندا هئا ۽ اُن عمل ۾ اُهي پٿر گول، جرڪندڙ ۽ ننڍڙا واريءَ جي ڪڻن جهڙا ٿي ويندا هئا. پوءِ اڳتين ڏاڪي ۾ جڏهن درياهه وڏيڪ سُڪون پريو ۽ وهڪرو سست ٿي پئي ويو، ته ان مٿين پٿرن کي واريءَ ۽ مٽيءَ جي تهه سان ڍڪي ٿي ڇڏيو.

پورهيتن اُها واري ۽ مٽي کوٽي سندس هيٺان پٿر پئي ڪڍيا. اوچتو هنن هڪڙي انوکي ڳالهه ڏٺي. سمورا پٿر چڪنا ۽ گول نه هئا. اُهي گهڙيل هئا ۽ ائين پيو لڳي ڄڻ ته ڀنهي پاسن کان ڪين گهڙيو ويو هجي. انهن پٿرن کي ان روپ ۾ ڪنهن آندو؟ درياهه کان ته ائين ممڪن نه هو، ڇوته هو پٿرن کي ڇڪٽو ۽ گول ته ٽاهي نه پيو سگهي.

انهن انوکن پٿرن کي هڪڙي مقامي سائنسدان 'بوشي دي پيرت' ڏٺو. هن



رُڳو ماڻهوءَ جا هٿ ئي انهن پٿرن کي ڇلي گهڙي روپ ڏئي سگهي ٿو هتي شڪاري برڇي جو مٿيون نوڪدار حصو، رندو ۽ کرچڻي آهي.

وٽ اهڙين وٽندڙ شين جو وڏو ذخيرو هو، جيڪو هن سوما ماٿريءَ جي مٽيءَ مان لڌيون هيون. هن ڪي قديم هاٿيءَ جا وڏا ڏند، گينڊي جا سڱ، ۽ غار ۾ رهندڙ رڇن جون ڪوپڙيون مليون هيون. ڪنهن زماني ۾ اهي سمورا خوفائتا جانور انهيءَ سوما درياهه ۾ اڻين پاڻي پيئڻ ايندا هئا، جيئن اڄڪلهه ڏکيون ۽ رڍون اچن ٿيون.

پر تاريخي زماني کان اڳ وارو ماڻهو ڪٿي هو؟ 'بوشي دي پيرت' کي انهن هڏين جو ڪو اهڃاڻ نه مليو.

پوءِ هن اُهي گهڙيل ۽ ٽُڪيل عجيب پٿر ڏٺا، جيڪي واريءَ مان لڌا ويا هئا. انهن کي پاسن کان ڪير وڏي ٽُڪي پيو سگهي؟ هن ويچار ڪيو ته اهو عمل رڳو انساني هٿن جو ڪارنامو ٿي پيو سگهي.

قديم آثارن جي ان ڏاهي ماهر انهن ڪؤجنائن جي ڏاڍي اُتساهه سان ڇنڊڇاڻ ڪئي. هي سچ آهي ته اهي تاريخي زماني کان اڳ واري ماڻهوءَ جا پٿرايل اهڃاڻ نه هئا، پر اُهي اهڙا نشان ضرور هئا، جيڪي هن ڇڏيا هئا، سي سندس پورهيي جا نشان هئا. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه رهيو، ته اها درياهه جي ڪار نه، پر انسان جو ڪم آهي.

'بوشي دي پيرت' پنهنجي ڪؤجنائن بابت هڪڙو ڪتاب لکيو. هن جي ڪتاب جو نالو "جاندارن جي ابتدا ۽ ارتقا" هو.

۽ پوءِ ڇڪتاڻ شروع ٿي وئي. هن مٿان هر پاسي کان جُلهونِ ٿيون، جيئن اڳ ۾ 'ڏيوبوا' سان ٿيو هو.

انهيءَ زماني جي مشهور قديم آثار جي ماهرن ان ثابتيءَ جي ڪوشش ڪئي، ته پراڻي شين جو اهو صوبائي ماهر سائنس کي ٿورڙو به نٿو ڄاڻي، ڇوته سندس پٿر جون "ڪهاڙيون" ڪوڙيون آهن ۽ ڪتاب تي پابندي مڙهڻ گهرجي، ڇوته: "اُهو انساني تخليق بابت ڪليسائي تعليم خلاف آهي."

پندرهن ورهين تائين اها ويڙهه جاري رهي.

'بوشي دي پيرت' اڇن وارن سان پوڙهو ٿي ويو، پر هو پنهنجي نظريي لاءِ وڙهندو ئي رهيو ۽ انساني نسل جي آڳاٽي قدامت کي ثابت ڪندو رهيو. هُن پنهنجي پهرين ڪتاب جي ڇپائيءَ کان پوءِ ترت ئي ٻيو ۽ ٽيون ڪتاب پڻ لکيو.

جيتوڻيڪ طاقتون اڻ ٿهڪجندڙ هيون، پوءِ به 'بوشي دي پيرت' جي جيت ٿي. برطانيا جي نامياري پيونءِ- وگياني 'چارلس لائل' ۽ 'جوزيف پريستوچ'، 'بوشي دي پيرت' جي نظريي جي ڪُلي عام پُٺڀرائي ڪئي. اُهي ٻئي ڄڻا سوما ماٿريءَ ۾ ويا ۽ هنن اُتي کوٽائيءَ واري هنڌ کي ڏٺو. هنن 'بوشي دي پيرت' جي کوٽائيءَ مان لڌل شين جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اعلان ڪيو ته: ""بوشي دي پيرت' جيڪي اوزار لڌا آهن، سي واقعي تاريخي زماني کان اڳ واري ماڻهوءَ جا آهن. اُهو ماڻهو انهن وڏن هاٿين ۽ گينڊن جو سهيوڳي هو، جيڪي هاڻي فرانس ۽ يورپ مان ناس ٿي چڪا آهن."

'چارلس لائل' پنهنجي ڪتاب "انسان جي قدامت" ۾، جيڪو 1863ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو، تنهن ۾ 'بوشي دي پيرت' جي مخالفن جي سمورن دليلن جو فيصلائتو جواب ڏنو. تڏهن اُهي ماڻهو وري چوڻ لڳا ته: 'بوشي دي پيرت' اصل ۾ ڪا نئين کوڄنا نه ڪئي آهي، ڇوته تاريخي زماني کان اڳ وارا اوزار ڪائنس پهرين به ڪيترن ئي جاين تان لڀجي چڪا آهن.

'چارلس لائل' انهيءَ جو ڏاڍو کُهرو ۽ سُٺو جواب ڏنو. هن چيو ته:

"جڏهن به سائنس جي ڪا اهم کوڄنا ٿئي ٿي، ته ان کي 'مذهب مخالف' چوڻ لاءِ رڙيون ۽ ڪيڪون ڪيون وڃن ٿيون. جڏهن ته پوءِ اُهي ساڳيا ماڻهو دعويٰ ڪن ٿا، ته اِها ڳالهه ته سڀ ماڻهو مُدتن کان ڄاڻندڙ هئا."

'بوشي دي پيرت' جهڙا پٿر سوما ماٿريءَ مان لڌا هئا، اهڙا پٿر هاڻي دنيا جي مختلف ڀاڱن مان لڌا ويا آهن. عام طور اهي کوڄنائون درياهن جي انهن پراڻن تهن تي ٿيون آهن، جتان پٿر ۽ چُن وغيره کوٽي ڪڍيو ويجي ٿو.

اِهڙيءَ ريت جديد دؤر جي کوڏر، زمين مان تاريخي زماني کان اڳ وارا اوزار کوٽي ڪڍي پئي. جڏهن ته انسان اِجا هاڻي ئي ڪم سِکڻ لڳو هو.

سڀني کان پراڻو پٿر جو اوزار اُهو پٿر آهي، جنهن کي ٻنهي پاسن کان ڪنهن ٻئي پٿر سان ٽُڪي گهڙيو ويو هو. ويجهو ئي اهڙا ٻيا ننڍڙا پٿر پڻ مليا، جيڪي وڏي پٿر سان ٽُڪيل هئا.

پٿر جا اُهي اوزار انساني هٿن جا اُهي نشان آهن، جيڪي دريائن جي ماٿرين ۾ واريءَ جي ڍڙن تائين اسان جي رهنمائي ڪن ٿا. هتي زمين منجهه ۽

سانتيڪي پاڻيءَ ۾ ماڻهو انهن شين جي ڳولا تو ڪري، جن سان هو پنهنجا پٽري نُنهن ۽ ڏندا ٺاهيندو هو.

اُهو انسان جو ڪم هو. ڪو جانور يا پکي پنهنجي ڪاڌي جي ڳولا ڪري سگهي ٿو يا پنهنجو آکيرو ٺاهڻ لاءِ ڳُهرڀل شيون ته ڳولي سگهي ٿو، پر هو اهڙيون شيون ڪڏهن به ڳولي نٿو سگهي، جنهن سان پنهنجا وڏيل نُنهن ۽ ڏندا ٺاهي سگهي.

## جيئري ڪوڏر ۽ جيئري ٽوڪري

توهان شايد پکين، جانورن ۽ ڪينئن وغيره جي اڏاوتي اهليت بابت ڪٿي پڙهيو يا ٻُڌو هوندو. اسان ڄاڻون ٿا ته انهن جاندارن وچ ۾ ڪي اهڙا به ٿين ٿا، جيڪي ڪورڪو، رازڪو، لوهارڪو، موچڪو، سونارڪو، صرافڪو ۽ درزڪو ڪم ڪن ٿا. ڪِيتي جا تيز ڏند وڻ ڪي ڪيرائي سگهن ٿا. وري ڪِيئو (چُوهِي) ڪِريل وڻن جي ٿُڙن ۽ ٽارين مان حقيقي بند ٻڌي ٿو وٺي. انهن بندن ڪارڻ درياهه پنهنجي ڪنارن مٿان وهڻ لڳي ٿو، ۽ انهن سُڪون پرين تلائن کي سيراب ٿو ڪري، جن سان ڪِيتا ڏاڍي محبت ڪن ٿا.

پوءِ، جهنگ جي عام ڳاڙهين ماڪوڙين کي وٺو: جيڪي صنوبر جي سُڪل چوڏن سان پنهنجا دڙا ٺاهين ٿيون. جيڪڏهن اسان ڪنهن ماڪوڙيءَ جي ڍڳ کي لٺ سان ڇيڙيندا سين، ته اسان کي ڏسڻ ۾ ايندو ته اُها "آسمان کي ڇهندڙ اڏاوت" ڪيڏي نه هوشياري ۽ ڏاهپ سان ٺاهي وئي آهي.

هاڻي هي سوال ٿو اُڀري، ته جيڪڏهن انسان ڪِيتن ۽ ماڪوڙين جا گهر ۽ بند مِتائڻ ڇڏي ڏئي، ته پوءِ به ڇا ڪڏهن اهي ڪِيتا ۽ ماڪوڙيون انسان سان پُڄي سگهنديون؟ ڇا اڄ کان ڏهه لک سال پوءِ ماڪوڙين جون پنهنجون اخبارون هونديون. اُهي ماڪوڙين جي فيڪٽرين ۾ ڪم ڪنديون. ماڪوڙيون هوائي جهازن ۾ اُڏامنديون ۽ ريڊيو تي ماڪوڙين جي موسيقي ٻُڌنديون؟ نه، هرگز نه. ڇوته ماڻهو ۽ ماڪوڙين وچ ۾ هڪڙو وڏو اهم وڇو آهي. اهو ويڇو ڪهڙو آهي؟

ڇا فرق رڳو هي آهي ته انسان ماڪوڙيءَ کان وڏو آهي؟

نه.

ڇا فرق اهو آهي ته انسان جا ٻه پير آهن ۽ ماڪوڙيءَ جون ڇهه ٽنگون هُجن ٿيون؟

نه.

اسان انهيءَ ڪان بلڪل نرالي ڳالهه بابت پيا ڳالهايون.

ٿورڙو سوچيو ته انسان ڪيئن ٿو ڪم ڪري. هو رڳو پنهنجا هٿ ۽ ڏند استعمال نٿو ڪري. هوُ ڪهاڙي، ڪوڏر يا هٿوڙي کي پڻ ڪتب آڻي ٿو. پر توهان جيڪڏهن ماڪوڙين جي ڍڳ جو جائزو وٺندا، ته توهان کي منجهس ماڪوڙين جي ڪابه ڪهاڙي يا هٿوڙو ڏسڻ ۾ نه ايندو.

جڏهن ماڪوڙيءَ کي ڪا شيءِ ٻن ڀاڱن ۾ ورهڻي پوي ٿي، ته هوءَ پنهنجي جيئري قينچي واپرائي ٿي، جيڪا سندس مٿي جو هڪڙو ڀاڱو هُجي ٿي. جڏهن هن کي ڪا کڏ کوٽڻي پوي ٿي، ته پنهنجون چار جيئريون ڪوڏرون ڪتب آڻي ٿي. اُهي ڪوڏرون هُن جي ڇهن پيرن مان چار پير هُجن ٿا. اڳيان ٻه پير ڪوٽائي



جيئرن پوپن وارو گودام

ڪهاڙي نه ٺهي هُجي، پر هو پنهنجا ڏند ٿو ڪتب آڻي. ماڪوڙيون ۽ ڪِيتا پنهنجا هٿيار ٺاهين ٿا. اُهي نه انهن هٿيارن سميت ئي ڄمن ٿا.

مٿاڇري نظر سان ڏسبو، ته اهڙا هٿيار رِيس جوڳا آهن، جيئن توهان جي جسم جو ڀاڱو آهن، ڇو ته انهن جي وڃائڻ جو ڪو به ڊپ ناهي هجي. پر سوچڻ تي هي ڄاڻ پوندي ته اهي اوزار اصل ۾ ايڏا سُنا نه هُجن. انهن کي نه مٽائي ٿو سگهجي ۽ نه ئي بدلائي ٿو سگهجي.

جڏهن ڪِيتن جا ڏند پوڙهپڻ ڪارڻ مُڏا ٿي وڃن ٿا، ته اُهي پنهنجا ڏند ڪنهن ڪاتي يا چاقو تيز ڪندڙ لوهار وٽ ناهي کڻي وڃن. ۽ ماڪوڙي اهڙن سُئن پيرن جي تياريءَ جو حڪم نٿي ڏئي سگهي، جيئن گهٽو اونهو ۽ تيز ڪوٽي سگهندا هجن.

## انسان جا هٿ جيڪڏهن ڪوڏرون هجن ها؟

اچو ٿوري دير لاءِ هي مڃي ٿا وٺون، ته ماڻهوءَ وٽ ٻين جانورن جيان رڳو ”جيئرا اوزار“ آهن ۽ وٽس ڪاتي، لوهه يا فولاد جا هٿيار نه آهن.

هُو نه ڪو نئون هٿيار ٺاهي سگهندو ۽ نه پراڻو مٽائي سگهندو. جيڪو ساڻس گڏ ئي ڄميو هو. جيڪڏهن وٽس ڪنهن ڪوڏر جو هٿ گهُربل آهي، ته هو ڪوڏر جهڙا هٿ کڻي ٿو پيدا ٿئي. هي سچ آهي ته اسان رڳو اهو فرض پيا ڪريون، ڇو ته حقيقت ۾ ائين ڪڏهن به نٿو ٿي سگهي. پر هي مڃي وٺجي ته اهڙي عجيب مخلوق جو وجود هو. هو ڏاڍو سُٺو کوٽيندڙ هوندي به، ڪنهن ٻئي کي ڪوٽڻ نٿو سيکاري سگهي، جيئن ڪو سُٺي نظر رکندڙ پنهنجي نگاهه ڪنهن ٻئي کي نٿو ڏئي سگهي.

اهڙيءَ مخلوق کي پنهنجو ڪوڏر جهڙو هٿ هر وقت پاڻ سان گڏ رکڻو پوي ها، پر اهو هٿ ٻئي ڪنهن ريت ڪم نه ڪري سگهي ها ۽ جڏهن اها مخلوق مري وڃي ها، ته ڪوڏر جهڙو هٿ به ختم ٿي وڃي ها. اهو پيدائشي ڪوٽيندڙ پنهنجي ڪوڏر رڳو پنهنجي ايندڙ نسلن کي منتقل ڪري سگهي ها، پر شرط هي هجي ها، ته هن جا پوٽا ۽ پوٽيون سندس ڪوڏر جهڙي هٿ کي وراثت ۾ ماڻين ها.

بهرحال، هي قطعي ڳالهہ نہ آهي. ”جيئرا هٿيار“ تڏهن اينڊڙ نسلن جو جيئرو ياگو بڻبا آهن، جڏهن اُهي انهن لاءِ جوکائتا نہ پر لاڀائتا هجن.

جيڪڏهن ماڻهو زمين منجهہ رهندڙ جانورن جيان هجن ها، تہ ڪين ڪوڏر جهڙن هٿن جي گهُرج نہ پوي ها.

پر اهڙو هٿ، ڪنهن اهڙي هستيءَ لاءِ اجائي ڳالهہ آهي، جيڪا ڌرتيءَ تي رهندڙ هجي.

جيئرن ۽ قدرتي اوزار جي تخليق لاءِ ڪجهہ شرطون گهُربل آهن. بهرحال، خوشيءَ جي ڳالهہ هي آهي تہ انسان- پنهنجي ارتقا دوران ٻي واٽ ورتي. هن قدرت جو اوسيئڙو نہ ڪيو، تہ اُها ڪيس ڪوڏر جهڙو هٿ ڏئي. نيٺ هن پاڻ نہ رڳو ڪوڏر، پرچاقو، ڪهاڙي ۽ ٻيا ڪيترائي هٿيار پڻ ٺاهي ورتا.

هن انهن ڏهن آڱرين، ڏهن آڱوٺن ۽ ٻتيهہ ڏندن جي سهائتا سان، جيڪي کيس وڏڙن-کان ورثي ۾ مليا هئا، قسمين قسمين هزارين ڏڳها ۽ ننڍا، سوڙها ۽ ويڪرا، سنها ۽ ٿلها، تِکا ۽ مُڏا ڪهاڙا، هٿوڙا، آرا، مُترڪا، سُين ۽ مارينڊڙ آڱرين، ڏندن، پيرن توڙي مُڪن جو واڌارو ڪيو.

۽ انهيءَ ڪري هو حيوانن جي باقي دنيا کان ڊوڙ ۾ ايترو تہ اڳيان وڌي ويو، جو هاڻي ٻين جاندارن جو ڪيس جهلڻ بلڪل ناممڪن بڻجي ويو.

## ماهر انسان ۽ ماهر دريا

جڏهن اوائلي دؤر جو ماڻهو هوريان هوريان انسان ٿيڻ لڳو، تہ هو پٿر جا ننهن ۽ ڏند نہ ٺاهيندو هو، پر ڪين ايئن ڳڌ ڪندو هو جيئن اسان ڪُنييون يا جهنگلي ٻير ۽ گدرا ميڙيون ٿا. سانتيڪي درياهہ ۾ هيڏي هوڏي گهمندي، هو انهن تِکي ڌار وارن پٿرن جي ڳولا ڪندو هو، جيڪي قدرت سندس لاءِ تِکا ڪيا ۽ چمڪايا هئا.

اُهي قدرتي تيز پٿر اهڙين جاين تي اڪثر ليڄن ٿا، جتي ڪنهن زماني ۾ ڪُن درياهي تهہ جي تڪرين کي ڇُلڪائي مٿي ڪٽي ايندو هو ۽ ڪين هيڏي هوڏي اُڇلائيندو هو. وڏيون وڏيون تڪريون ايئن هڪ ٻئي سان زور سان ٽڪرائجنديون هيون. درياهہ جيڪو ڪُن ۾ ڏاڍي زورائتي انداز سان ڇُلندو

لڙهندو هو، سو پنهنجي پورهيي وارن نتيجن جي گهٽي پرواهه نه ڪندو هو ۽ انهيءَ ڪارڻ انهن ٻوين پٿرن مان، جن تي قدرت پنهنجو پورهيو ڪندي هئي، ٿورڙا پٿر انسان جي واپرائجڻ قابل هوندا هئا.

هوريان هوريان ماڻهو پنهنجي گهُرج موجب پٿرن کي روپ ۽ شڪل ڏيڻ لڳا ۽ پٿرن جا پهريان هٿيار ٺاهيا.

جيڪو ڪجهه انهيءَ زماني ۾ ٿيو، تنهن جو ورجاءُ انساني تاريخ ۾ اڪثر ٿيندو رهيو. انسان قدرتي شين جي جاءِ تي پنهنجون ٺاهيل هٿراڌو شيون ڪاپي ۾ آڻڻ لڳو. انسان قدرت جي ڦهليل ڪارخاني جي هڪ ڪُنڊ ۾ پنهنجو ڪارخانو جوڙيو ۽ اُتي اهڙيون نيون شيون- جيڪي ڪيس قدرتي طور نه مليون هيون- ٺاهڻ لڳو.

هي آهي پٿرن جي هٿيارن واري ڪهاڻي ۽ هزارين سالن کان پوءِ ڌاتوءَ جي پڻ ساڳي ڪهاڻي آهي. اُجري ڌاتوءَ ڪِپائڻ جي پيٽ ۾، جنهن جو ملڻ ڏاڍو ڏکيو هو، ماڻهو ڪچا ڌاتو پگهاري ڌاتو ماڻڻ لڳا. ۽ هر پيري جڏهن هُو ڪا اهڙي شيءِ ٺاهڻ ۾ سوپارو پيو ٿئي، جيڪا کيس ڪٿان ملندي هئي، ته هُو آزاديءَ ڏانهن هڪڙو قدم اڳا اڳتي، قدرت جي سخت حڪومت کان پنهنجي آزادي ڏانهن پيو ڪٽي.

پهرين ته ماڻهو اُهي شيون ٺاهي نه پيو سگهي، جيڪي سندس هٿيارن واسطي گهُربل هيون. پر ڪيس جيڪي شيون ملنديون هيون، تن کي هو پنهنجي گهُرج هيٺ سُڌريل روپ ڏيڻ لاءِ جاکوڙيندو هو.

اهڙيءَ ريت، جيڪڏهن هن کي ڪو سُنو پٿر ملي پيو وڃي، ته هو ٻين پٿرن سان ملندڙ پٿر جا پاسا ٽُڪي وڍي، ڇلي، گهڙي هٿيار ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

ائين هڪڙو سُنو هٿيار جڙي ويندو هو، جنهن جو هڪڙو ڇيڙو تکو هوندو هو، تنهن کي ڪهاڙي چئي سگهجي ٿو. انهيءَ پٿر مان ننڍا ٽُڪرا به ڪٽب ايندا هئا. انهن سان ڪَٽڻ، ٽُڪڻ، وڍڻ، ڇلڻ ۽ گهڙڻ جو ڪم وٺبو هو.

تاريخ کان اڳ واري دؤر جا جيڪي انتهائي قديم اوزار لڌا ويا آهن، سي قدرتي پٿرن سان ايڏو ملندڙ جلندڙ آهن، جو هي چوڻ ڏکيو آهي ته انهن تي ڪنهن- ماڻهو يا درياهه- پورهيو ڪيو. يا رڳو گرميءَ جي حرارت- گرمي يا ٿڌ-

جيڪا مينهن ۽ پاڻيءَ سان گڏجي پٿرن کي ٽوڙي ذرڙا ڪري ٿي، تنهن جي تبديليءَ جو اثر آهي.

بهرحال، اهڙا به هٿيار آهن، جن بابت ڪوبه شڪ ۽ شبهو نه آهي. سائنسدانن تاريخ کان اڳ واري دؤر جي ماڻهوءَ جا سچا ڪارخانا- آڳاٽن دريائن جي ڇوليون هٽندڙ اڳوٽن وهڪرن واري سانتيڪي پاڳن ۽ ڪنارن وٽان، جيڪي هينئر مٽيءَ ۽ واريءَ جي ٿلهين تهن ۾ ڍڪيل آهن- کوٽي ڪڍيا آهن. انهن کوٽائين ۾ پوريون ڪهاڙيون ۽ اهڙا ٽڪرا لڌا ويا آهن، جن مان ڪهاڙيون ٺاهيون ويون هونديون. اهڙيون ڪهاڙيون روس جي ڏاکڻي علائقن- سوخومئيءَ جي ويجهو ساموندي ڪنارن ۽ ڪرائيميا ۾ ڪيئڪ ڪوبا غار- مان مليون آهن.

جيڪڏهن اسان پٿر جي ڪنهن جُڙيل ڪهاڙيءَ جو ڌيان سان جائزو وٺنداسين، ته اسان کي چٽي ڄاڻ ملندي، ته ماڻهو ڪهاڙيءَ جي ڌار جي تکائيءَ لاءِ ڪٿي ڪٿي ڌڪ هڻي تکائيءَ واسطي جاکوڙيو آهي. اسان ڪهاڙيءَ کي گهڙي جرڪائڻ ۽ چلڪائڻ جا اهڃاڻ به ڏسي سگهون ٿا.

قدرت اهڙا ڪم نٿي ڪري سگهي. رڳو انسان ئي ڪين ڪري سگهي ٿو. هي ڳالهه سمجهڻ ڏکي نه آهي، ڇوته قدرت ۾ هر شيءِ ڦڏي، ڏنگي، اڏنگي يا اٽگهڙيل هُجي ٿي. منجهس ڪا رٿا يا سنوت نٿي هجي. مثال طور: سمجهڻ پرجهڻ بنا درياهه جو ڪُن پٿرن سان ٽڪرائيندو رهي ٿو. ماڻهو به ايئن ئي ڪري ٿو، پر باشعور طريقي سان. هو جيڪو ڪجهه ڪري ٿو، تنهن جو ڪارڻ هجي ٿو. انهيءَ تڇ ابتدا سان شعوري ڪم ڪرڻ لڳي ٿو، ته جيڪو پٿر ڪيس مليو آهي، تنهن کي هُو پنهنجي گهُرج موجب ٺاهي، منجهانئس ڪم وٺي. ايئن ماڻهو هوريان هوريان قدرت کي به پنهنجي گهُرج موجب بدلائڻ ۽ نئون روپ ڏيڻ لڳو.

انهيءَ ڳالهه ماڻهو کي ٻين جانورن کان هڪ ڏاڪو اڃا به مٿي اوچو ڪيو. انهيءَ ڳالهه هن کي اڃا وڌيڪ آزادي ڏني، ڇوته هاڻي هو ان جي اوسيئڙي ۾ نه رهيو هو، ته قدرت ڪيس تکي ڌار وارو ڪو پٿر عطا ڪري.

هاڻي هُو پاڻ پنهنجا اوزار ٺاهي سگهندو هو.

# انساني حياتيءَ جي احوال جو مُنڍ

ڪنهن ماڻهوءَ جي آتم- ڪهاڻي جي ابتدا عام طور تي تاريخ ۽ جاءِ سان ٿئي ٿي. مثال طور: "ايوان ايوانوف 23 نومبر 1897ع تي تامبوف جي شهر ۾ ڄائو هو."

هي جاڻ ٿورڙو وڌيڪ پنهنجائپ ۾ ائين ڏئي ٿي سگهجي ته: "23 نومبر 1897ع واري ڏينهن مينهن پئي وسيو، جڏهن ايوان ايوانوف، جنهن وڏو ٿي پنهنجي گهراڻي ۽ شهر جو نالو مشهور ڪيو، تامبوف جي ڀَرواڙيءَ ۾ هڪڙي ننڍڙي گهر ۾ ڄائو."

پر هتي ته اسان پنهنجي ڪتاب جي ٽئين باب تائين پهچي چڪا آهيون ۽ اڃا اسان انهيءَ جو ذڪر پڻ نه ڪيو آهي، ته اسان جو سورمو ڪٿي ۽ ڪڏهن ڄميو هو. اسان اصل ۾، توهان کي هن جو ٺيڪ نالو پڻ نه ٻُڌايو آهي. هڪڙي جاءِ تي اسان ڪيس "پولڙو" چئون ٿا، ته ٻي جاءِ تي "آڳاٽو ماڻهو" ۽ ٽئين جاءِ تي "اسان جو جهنگلي وڏڙو" چئون.

هينئر، اسان پنهنجي ڳالهه جي ڇنڊڇاڻ لاءِ ڪجهه وڌيڪ چونداسين.

اسان چاهيندي به توهان کي پنهنجي سورمي جو ٺيڪ نالو نٿا ٻُڌائي سگهون، ڇو ته سندس ڪيترائي نالا آهن.

ڪنهن جي زندگيءَ جو احوال پڙهندي، توهان کي ڏسڻ ۾ ايندو ته ڪتاب ۾ ابتدا کان پڇاڙيءَ تائين، سورمي جو نالو هڪڙو ئي رهي ٿو، ڪڏهن به نٿو بدلجي. ڀلي هو ٻارڙو هجي ٿو، پوءِ ڇوڪرو، پوءِ ڏاڙهي مُڇن وارو ڏٺي. پر هن جو نالو اُهو ئي رهي ٿو، جيڪو ابتدا ۾ هو. جيڪڏهن هُن جو نالو 'ايوان' رکيل آهي ته پڇاڙيءَ تائين سندس نالو ايوان ئي رهندو.

پر اسان واري سورمي بابت ڳالهيون وڌيڪ ڳُتيل آهن.

جيئن ته هو پاڻ هڪڙي باب کان ٻئي باب تائين ڪافي بدلجندو رهي ٿو، تنهنڪري اسان پڻ ان تبديليءَ موجب سندس نالو مٽائڻ تي مجبور آهيون.

جڏهن اسان تاريخ کان اڳ واري دؤر جي آڳاٽي ماڻهوءَ جو ذڪر ڪيون ٿا، جيڪو هينئر به پولڙي سان وڌيڪ مشابهت تو رکي، ته ڪيس سينا اينٿروپس، پٿيڪان ٿروپس ۽ هائيڊل برگ وارو ماڻهو چيو ٿو وڃي.

هائيڊل برگ واري ماڻهوءَ جو رڳو هڪڙو ڀاڳو رهيل آهي، سا هن جي ڄاڙي آهي، جيڪا جرمني ۾ هائيڊل برگ شهر جي ويجهو لڌي وئي آهي.

بهرحال، اها ڄاڙي انهيءَ ڳالهه جو جهجهو ثبوت ڏئي ٿي، ته اها ڄاڙي ماڻهوءَ جي ئي آهي. اُهي ڏند انساني ڏند آهن ۽ پولڙي جيان مٿيان ڊگها ۽ تيز ڏند هيٺين ڏندن کان ٻاهر نڪتل نه آهن.

پر، هائيڊل برگ جو ماڻهو اصلي ماڻهو نه هو. هن جي پولڙي جيان اندر وينل ۽ گسيل ڪاڏي هي ٻڌائي ٿي، ته هو سينا اينتروپس، پٿيڪان تروپس ۽ هائيڊل برگ هو. جيون جي هڪڙي ئي دؤر ۾ ارتقا جي هڪ ئي ڏاڪي ۾ اسان جي سورمي جا اهي ٽي ڊگها ۽ ڏکيا نالا آهن.

پر اسان جي سورمي ۾ تبديليون ٿيون. هو وڌ کان وڌ ايئن جديد انسان بنجندو ويو، جيئن ڪو ٻار، ڇوڪرو بنجي ٿو ۽ وري پوءِ نوجوان. اهڙي ريت تاريخي زماني کان اڳ وارو ماڻهو نيندرٿال بنجي ويو ۽ پوءِ اهو ماڻهو وري ڪروميگنن ماڻهو ٿي ويو.

توهان ٿورڙو اڳتي ڏسندؤ، ته اسان جي سورمي جا اڃا ٻيا به ڪيترائي نالا آهن!

پر اسان کي تڪڙ نه ڪرڻ گهرجي. هن باب ۾ ڪيس سينا اينتروپس، پٿيڪان تروپس ۽ هائيڊل برگ چيو ويو آهي.

هو دريائن جي ڪناري گهُمندو ڦرندو هو ۽ پنهنجي هٿيار ٺاهيندڙ شين جي ڳولا ۾ هوندو هو. هو ڏاڍي اُورچائيءَ ۽ ڌيرج سان پٿر ٽُڪيندو هو ۽ پنهنجي اُڏنگي ۽ ڳري ڪهاڙي ٺاهيندو هو، جيڪا هاڻي به سائنسدانن کي قديم دريائن جي تهن ۾ دفن ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

تنهنڪري انهيءَ جو نالو ٻُڌائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

۽ انهيءَ کان به وڌيڪ هي ٻُڌائڻ ڏکيو آهي، ته هو ڪڏهن پيدا ٿيو هو. اسان اهو نٿا چئي سگهون ته: "اسان جو سورمو فلاڻي ورهيه ڄميو هو." ڇو ته انسان هڪ سال ۾ ته انسان نه ٿيو آهي. هن کي لکين سال هلڻ ۽ پنهنجا اُڏنگا اوزار ٺاهڻ ۽ سِکڻ ۾ لڳي ويا. تنهنڪري جيڪڏهن ڪو اسان کان پُڇي ته انسان جي ڄمار ڪيتري آهي، ته اسان رڳو اهوئي جواب ڏئي ٿا سگهون: اٽڪل ڏهه لک سال.



تاريخي زماني کان اڳ واري پولڙي جي کوپڙيءَ جا ٽُڪرا، جيڪي ماڻهوءَ جي کوپڙيءَ سان گهڻو ٺهڪجندڙ هئا، سي ڏکڻ آفريڪا مان لڌا ويا. هن ڊرائينگ ۾ آسٽريلوپيٿيڪس جو روپ بحال ڪيو ويو آهي.

۽ هي پُڏائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، ته ماڻهو ڪٿي ڄميو هو. اسان هي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته اسان جي سورمي جا وڏڙا- قديم پولڙائي وڏڙا، جن جي نسل ۾ ماڻهو، چمپانزي ۽ گوريلا شامل آهن- ڪٿي رهندا هئا ؟ سائنسدانن ان پولڙي کي ڊرائيوپٿيڪس جو نالو ڏنو آهي ۽ جڏهن اسان هن جو ڏس ڳولڻ لڳاسين، ته اسان کي ڄاڻ پئي ته اُتي ڪيترائي ڊرائيوپٿيڪس هئا. انهن جا ڪجهه اهڃاڻ اسان کي وچ يورپ، ته ڪجهه اوڀر آفريڪا ۽ ڪجهه وري ڏکڻ ايشيا ڏانهن وٺي ويا.

ڄاڻو ماڻهن اسان کي پُڏايو ته ڏکڻ آفريڪا ۾ ڪيترين وٺندڙ ڪوجنائون ٿيون آهن. اهڙن پولڙن جا باقيات لڌا ويا آهن، جيڪي پنهنجن پوين پيرن تي هلڻ ڄاڻندا هئا، جهنگن ۾ نه رهندا هئا، ۽ سندن رهائش ميدانن ۾ کُليل جاين تي هئي.

تڏهن اسان کي ياد آيو ته سينان ٿروپس ۽ پٿيڪان ٿروپس جي باقيات ايشيا ۽ هائيڊل برگ ماڻهوءَ جي ڄاڙي يورپ ۾ لڌي وئي آهي. ته پوءِ ماڻهوءَ جي پيدائشي جاءِ ڪٿي آهي ؟ ۽ اسان کي ان جو احساس ٿيو، ته اهو طئي ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، ته ماڻهو ڪهڙي کنڊ يا ملڪ ۾ پيدا ٿيو.

اسان سوچيو ته اسان کي هر انهيءَ جاءِ جو چڱيءَ ريت جائزو وٺڻ گهرجي، جتي پٿر جا هٿيار لڌا ويا آهن. بهرحال، ماڻهو تڏهن سچي معنيٰ ۾ انسان بڻيو، جڏهن هو پنهنجا هٿيار ٺاهڻ لڳو. شايد انهن هٿيارن ٺاهڻ واري جاءِ ئي اسان کي ان فيصلي ۾ سهائتا ڪري سگهندي ته ماڻهو جو ظهور ڪٿي ٿيو هوندو.

اسان دنيا جو هڪڙو نقشو ڪنيو ۽ هر ان ماڳ تي نشان لڳائي ڇڏيا، جتي پٿر جون ڪهاڙيون مليون هيون. ترت ئي نقشي تي نشان ڦهلجي ويا، جنهن مان اڪثر يورپ ۾ هئا، پر ڪجهه ماڳ آفريقا ۽ ايشيا ۾ پڻ هئا.

هاڻي جواب چٽو هو: ماڻهوءَ جو ظهور- پهرين پراڻي دنيا ۾ ڪنهن اڪيلي جاءِ تي نه- ڪيترين ئي مختلف جاين تي ٿيو هو.

۽ شايد اهو ئي ٿيو، ڇوته اسان هڪڙي گهڙيءَ لاءِ به هي تصور نٿا ڪري سگهون ته: پورو انساني نسل، پوليڙن جي هڪڙي جوڙي- "آدم- پوليڙو" ۽ "حوا- پوليڙي"- مان پيدا ٿيو. پوليڙن مان ماڻهن ۾ هي تبديلي پوليڙن جي ڪنهن هڪڙي ميڙ يا گروهه منجهه يا ڪنهن اڪيلي علائقي تائين محدود نه هئي. اها ڪيترن ئي علائقن ۾ ساڳئي زماني ۾، هر انهيءَ جاءِ تي ٿي، جتي اهڙا پوليڙا هئا، جن پن پيرن تي هلڻ ۽ ڪم لاءِ پنهنجا هٿ واپرائڻ سکي ورتو هو. ۽ جيئن ئي اُهي ڪم ڪرڻ لڳا ته هڪ ٻئين سگهه- جنهن نيٺ انهن پوليڙن کي ماڻهن ۾ ڦيرائي ڇڏيو- وجود ۾ آئي. اها سگهه انساني پورهيي جي سگهه هئي.

## ماڻهو وقت جو ڪاٿو ڪيو

هرڪو ڄاڻي ٿو ته ڪچو لوهه ۽ ڪوئلو کاڻين مان ڪيئن ٿو ڪڍيو وڃي ۽ باهه ڪيئن دُکائي ٿي وڃي. پر وقت ڪيئن جڙيو؟

هي ڇئي سگهجي ٿو، ته ماڻهو مدتن کان وقت جوڙڻ سِکي ورتو هو، پر بلڪل ٿورا ماڻهو انهيءَ سوال جو جواب ڄاڻندا هئا. جڏهن ماڻهو اوائلي هٿيار ٺاهڻ لڳو ته سندس جيون واقعي نون ڪمن سان پرپور ٿي ويو ۽ اهو واقعي انساني ڪم- يعني پورهيو هو. پر پورهيي ۾ وقت لڳي پيو. پٿر مان هٿيار ٺاهڻ لاءِ ماڻهوءَ کي سُنا پٿر ڳولڻا پيا پون، ڇوته هر هڪ پٿر مان ڪهاڙي ٺاهي نه پئي سگهجي.

هٿيارن لاءِ سيني کان سُٺو پٿر اهو سمجهبو هو، جيڪو ٺوس ۽ ڳرو هوندو هو. پر اهڙا پٿر هر جاءِ تي نه لڀجندا هئا. انهن پٿرن کي ڳولڻو پوندو هو. ماڻهو کي انهن پٿرن جي ڳولا ۾ جهجهو وقت لڳائڻو پوندو هو ۽ اڪثر سندن ڳولا اجائي ويندي هئي. تڏهن هُن کي گهٽ سخت پٿر ۽ ڇُن جا نرم پٿر واپرائڻا پوندا هئا.

جڏهن هن کي ننڍڪ پٿر ليجندو هو ته ان کي گهربل روپ ڏيڻ لاءِ ٻئي پٿر- ڏڪيندڙ پٿر- سان ٽڪي ٺاهڻو پوندو هو. انهيءَ ڪم ۾ وقت لڳندو هو. تڏهن ماڻهن جون



پٿر جي ڪرچڻي

آڱريون ايڏيون تکيون ۽ هنرمند نه هيون، جيتريون هينئر آهن. انهن ته ايترو وقت لڳندو هو، جيترو اڄڪلهه لوهي ڪهاڙين ٺاهڻ ۾ به نٿو لڳي. پورهيو ڪرڻ پئي سکيو. تنهنڪري هن کي پنهنجي اڏنگي ڪهاڙين ٺاهڻ ۾

پر انهيءَ ڪم ۾ جيڪو وقت لڳندو هو، سو ڪٿان آيو؟

تاريخي دؤر کان اڳ واري ماڻهوءَ وٽ فالتو وقت- اڄ جي انتهائي رُڏل ماڻهو کان به گهٽ- هوندو هو. هُو صبح کان شام تائين جهنگن ۾ گهمندي ڦرندي، ياڻ ۽ پنهنجن ٻارن لاءِ کاڌو ميڙيندو هو. کاڌو ميڙڻ ۽ کائڻ ۾ لڳي ويندو هو، ڇوته تاريخي دؤر کان اڳ واري ماڻهوءَ کي جيڪو کاڌو ملندو هو، سو ايڏو سگهارو نه هوندو هو ۽ ڪيس اڃا به جهجهي کاڌي جي گهُرج هئي. کاڌو ڪائنجندڙ شيءِ سڌي هن جي وات ۾ هلي ويندي هئي. سڄو وقت سمهڻ سميت کاڌي ميڙڻ ۽ کائڻ ۾

ٿورڙو سوچيو ته هُن کي ڪيڏو نه کاڌو کائڻو پوندو هوندو، ڇوته سندس کاڌي ۾ ٻير، اخروٽ، گهانگهٽ، ڪوئا، گؤنچ، پاڙون، ڪِيڙا، ماڪوڙن جا بيضا ۽ ان قسم جون ٻيون شيون هونديون هيون.

ماڻهن جا ميڙ جهنگ ۾ انهن هرڻن جي ميڙن جيان، جيڪي هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تي گاهه چرندي ۽ چٻاڙيندي هلندا ويندا هئا، پيا چرندا هئا. ته پوءِ هو ڪم ڪڏهن ڪري ها؟

۽ پوءِ هُن هي ڳالهه جاڻي ورتي، ته ڪم جو هڪڙو نرالو گڻ هي به آهي، ته ڪم ڪانئس رڳو وقت ئي نٿو وٺي، پر ڪيس وقت ڏئي به ٿو.

اصل ۾ جيڪڏهن توهان کو ڪم چار ڪلاڪن ۾ ٿا ڪريو، اُهو ساڳيو ڪم ٻيو ڪو ماڻهو اٺن ڪلاڪن ۾ ٿو ڪري، ته اها چِٽائي ٿي ته توهان چار

ڪلاڪ بچائي ورتا. جيڪڏهن توهان اهڙو هٿيار ايجاد ڪري ورتو آهي، جيڪو اڪوٽي ڪم ڪان ٻيٽي ٽڪائيءَ سان ٿو ڪم ڪري، ته توهان پنهنجو اڌ وقت بچائي ورتو.

تاريخي دؤر کان اڳ واري ماڻهوءَ هي ڳالهه ڄاڻي ورتي هئي.

هن کي هڪڙو پٿر ٽڪو ڪرڻ ۾ جهجها ڪلاڪ لڳندا هئا، پر هو ٽڪن هٿيارن کي وڻن جي چوڏن منجهه ڪيڙن جا بيضا ڪوٽڻ لاءِ واپرائي سگهندو هو.

ڪنهن ڪاٺيءَ کي پٿر سان ٽِکو ڪرڻ ۾ جهجهو وقت لڳندو هو، پر ان ٽِکي ڪهاڙيءَ سان، وڻندڙ پاڙن کي کوٽڻ يا ڪنهن ننڍڙي جانور کي مارڻ، گهڻو وڌيڪ سولو هوندو هو.

اهڙي ريت تاريخي دؤر کان اڳ واري ماڻهوءَ لاءِ، پنهنجي ۽ پنهنجن ٻارن لاءِ کاڌو ميڙڻ گهڻو سولو ٿي پيو. هاڻي هو انهيءَ کاڌي کي گهڻي تيزيءَ سان ميڙڻ لڳو ۽ هن کي ڪم لاءِ جهجهو وقت ملڻ لڳو. پنهنجي فالتو وقت ۾ هو هٿيار ٺاهيندو، ڪين وڌيڪ ٽِکو ۽ ٺاهوڪو ڪندو هو. پر جيئن ته هر نئين هٿيار جو مطلب وڌيڪ کاڌو هوندو هو، تنهنڪري نيٺ ان هٿيار سان جهجهو وقت به بچندو هو.

شڪار، انسان کي سيني کان وڌيڪ جهجو وقت مهيا ڪيو. چو ته گوشت گهڻي سگهه ڏيندڙ هو. اڌ ڪلاڪ گوشت کائڻ سان ماڻهوءَ جو پيٽ سڄو ڏينهن پريل رهندو هو. پر ابتدا ۾ هن وٽ گهڻو گهٽ گوشت هو. ڪنهن ڪاٺي يا پٿر سان وڏي جانور کي مارڻ ڏکيو هو ۽ ڪوئي وغيره ۾ گهڻو گوشت نٿو هجي.

ماڻهو اڃا تائين پوريءَ ريت شڪاري نه بڻيو هو.

هو رڳو کاڌو ميڙيندڙ هو.

## ميڙيندڙ ماڻهو

اسان جي زماني ۾ ڪجهه شيون ميڙڻ سولو آهي. توهان جهنگ ۾ ٻير ۽ ڪُنييون ته اوس ميڙيون هونديون. ڊِين، ڪانهن يا گاهه وچان ڪنهن ڪُنييءَ کي

جهاتي پائي ڏسڻ يا گاهه ۾ ٻاڙهي ٽوپي واري ڪُنيءَ جي ڏانديءَ کي جهلي، ڪيس ڏيان سان متي چڪڻ ۾ ڪيڏو نه مزو ٿو اچي!

پر هڪڙي گهڙيءَ لاءِ هي سوچيو ته جيڪڏهن ڪُنيون يا بير ميڙڻ توهان جو ذندو هجي ها، ته پوءِ ڇا توهان هميشه چڱيءَ ريت پيٽ پري ڪاڏو ڪائي سگهو ها؟ جڏهن توهان ڪُنييون ميڙڻ ويو ٿا، ته ورلي توهان جي ڇٻي پرجي ٿي وڃي ۽ پيڙن ڪُنييون ٽوپيءَ ۾ هجن ٿيون. پر ورلي ائين به ٿئي ٿو ته توهان جهنگ ۾ سڄي ڏينهن جي ڊوڙ ڊُڪ کان ٿڪجي، هڪ يا ٻه ڪُنييون مس پنهنجي ٽوڪريءَ ۾ وجهي واپس موٽو ٿا.

جڏهن اسان جي هڪڙي ڏهن ورهين جي ساٿياڻي ڪُنييون ميڙڻ رواني ٿيندي هئي، ته هوءَ وڏي واڪي چوندي هئي: ”مونکي سوين چڱيون ڪُنييون ملنديون!“

پر گهٽو ڪري هوءَ گهر خالي هٿين موٽندي هئي. هوءَ بُک مري وڃي ها، جيڪڏهن گهر ۾ ڪُنيين کان سواءِ ٻيو ڪجهه کائڻ لاءِ نه هجي ها.

تاريخي دؤر کان اڳ واري ميڙيندڙ ماڻهوءَ جي زندگي ان کان به وڌيڪ ڏُکي هئي. هُو بُک رڳو ان لاءِ نه مرندو هو، ته ڪيس جيڪو ڪجهه به لڀجندو هو، تنهن کي ڪائي ڪپائي ڇڏيندو هو ۽ کائڻ جي ڳولا ۾ پنهنجا ڏينهن گهاريندو هو. جيتوڻيڪ هو پنهنجن انهن وڏن کان وڌيڪ سگهارو ۽ آزاد ٿي ويو هو، جيڪي وڻن تي رهندا هئا، پوءِ به هُن جي حالت ايڏي چڱي نه هئي. اصل ۾ هُو نيم بُکايل مخلوق هو.

انهيءَ دوران هڪڙي شاهي آفت دنياوي روپ کي متائڻ واري هئي.

چوٿون باب

# آفت جو ويجهو اچڻ

هي چاڻ ڪونهي ته ڪهڙي ڪارڻ اُترين برفاني ٽڪرين ٿُنڌي ڏکڻ ڏانهن سِرڪڻ لڳيون. برف جا وڏا درياهه، جبلن ۽ ميدانن مٿان وهڻ لڳا. اُهي درياهه لاهين ۽ ٽڪرائتي چوٽين کي ٽُڪي پيا ڇڏين، ٽڪرين کي ٽوڙي ڇيهون ڇيهون ڪري، ٽٽل ٽڪرين جا ٽڪرا پاڻ سان گڏ ڪٽي پيا وڃن. گليشيرن اڳيان پگهرجندڙ برف، طوفاني دريائن کي جنم پئي ڏنو، جن زمين ۾ اونهي ڪاهي ڪوٽيندي يا چارا ٺاهيندي پنهنجي لاءِ وهڪري جي واٽ پئي ٺاهي.

اُتر کان برف، سوپارن جي اٿاهه فوج جيان اڳتي پئي وڌي. گڏوگڏ جبلن جون اوچائيون ۽ ماٿرين جا گليشير به گڏجي پئي ويا.

اڳوٽي سوويت يونين ۽ پاڙيسري ملڪن جي ميدانن ۾ جيڪي وڏيون ٽڪريون موجود آهن، تن ۾ پنج مختلف برفاني دؤرن جا اهڃاڻ ملن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن ڪريليا جي صنوبر جي گهاٽن جهنگن ۾ توهان کي اوچتو ڇپر سان ڍڪيل ڪا ٽڪري نظر ايندي. توهان پُڇندا ته اُها اُتي ڪيئن پهتي ؟ گليشير ڪيس اُتي ڇڏي ويو هو.

اُتر جا گليشير پهرين به ڏکڻ ڏانهن سِرڪيا هئا، پر اُهي ايڏو اڳتي ڏکڻ تائين اڳي ڪڏهن به نه پهتا هئا. روس ۾ گليشير انهيءَ ماڳ تائين پهچي ويا هئا، جتي هاڻي والگاگراد ۽ دنيپرو پيتروفسڪ شهر موجود آهن. اُلهندي يورپ ۾ اُهي جرمنيءَ جي جابلو علائقي تائين سِرڪجي آيا ۽ انهن پوري برطانوي ٻيٽن کي ڍڪي ڇڏيو. اُتر آمريڪا ۾ اُهي گريٽ ليڪس کان اڳتي هليا ويا.

گليشير سست رفتاريءَ سان اڳيان وڌندا هئا ۽ ڪين پنهنجي ٿڌ اُتي پهچائڻ ۾ جهجهو عرصو لڳو، جتي تاريخي دؤر کان اڳ وارو انسان رهندو هو. پر ساموندي مخلوق سندن ٿڌين هوائن کي سيني کان اڳ محسوس ڪيو.

سامونڊي ڪنارن تي اڃا به گرمي هئي. جهنگ ۾ گرم علائقن جا وڻ هئا. ٿلها متارا هاٿي ۽ گينڊا ميدانن جي ڏکڻ ڏگهن گاهن ۾ ڦرندا هئا. پر سمنڊ جو پاڻي اڃا به ٿڌو ٿيندو پئي ويو. ٿڌي پاڻيءَ جون شاهي ڏارائون سمنڊ ۾ ايئن وهنديون هيون، جيئن دريا زمين تي وهي ٿو، ۽ اُهي ڏارائون گليشير جي ٿڌ ۽ ورلي برف جون وڏيون ڇپون به اُتر کان کڻي وينديون هيون.

سامونڊي ڪنارن جا تهه اسان کي هي ڪهاڻي ٻڌائين ٿا، ته ڪيئن انهيءَ زماني ۾ جڏهن خشڪيءَ تي گرمي پسند ڪنڌڙ جانور ۽ ٻوٽا موجود هئا، سمنڊ جي آباديءَ ۾ ڦيرو پئي آيو، ۽ گرم سمنڊ ٿڌا سمنڊ بڻجي ويا. جيڪڏهن اسان انهيءَ زماني جي ارضياتي ذخيرن جو اڀياس ڪنداسين ته اسان کي سپين يا ڪوڏن- جيڪي رڳو ٿڌي پاڻيءَ ۾ ئي رهي سگهن ٿا- تن جا جهجهي انگ ۾ ڪوپا ملندا.

## جهنگن جي ويڙهه

گليشيرن جي سرڪجڻ ڪارڻ ڌرتي پڻ متاثر ٿيڻ لڳي.

۽ انهيءَ ۾ اچرج جي ڪابه ڳالهه نه هئي، ڇوته آرڪٽڪ پنهنجي جاءِ تان هٽي ويو هو ۽ هوريان هوريان ڏکڻ ڏانهن پئي وڌيو. هن ميداني علائقن ۽ اُتر جي جهنگن ۾ اُلٽ پلٽ ڪئي ۽ ڪين ڏکڻ ڏانهن اڳتي ڌِڪي ڇڏيو.

ميداني علائقن، اُترين جهنگن تي اعلانيل چڙهائي ڪئي. جهنگن کي پوئتي هٽڻو پيو ۽ ائين پنن وارا جهنگ به پوئتي هٽيا.

جهنگن جي عظيم ويڙهه شروع ٿي وئي.

هينئر به جهنگن جي پاڻ ۾ ويڙهه ٿيندي رهي ٿي. صنوبر ۽ چنار هڪٻئي جا ويري آهن. چنار کي ڇانوَ کان ڌِڪار آهي ۽ وري صنوبر کي ان جي ڪابه پرواهه نه آهي.

جيڪڏهن توهان ڪنهن صنوبر جي جهنگ ۾ چنار کي ڏسندا، ته اُهي توهان کي سنهين سنهين ٽارين کان وڌيڪ وڏا نه ملندا، ڇوته ڇانورن صنوبرن ڪين وڌڻ ويجهڻ ئي نه ڏنو. پر جڏهن ڪاٺير صنوبر جا وڻ وڍي ٿا ڇڏين، ته انهن چنارن ۾ کُلي اُس ڪارڻ نئون ساهه ڦوڪجي ٿو وڃي ۽ اُهي وڌڻ ويجهڻ لڳن ٿا.

پوءِ سڀ ڪجهه بدلجڻ لڳي ٿو. چانوَ جي پريمڪا چِير، جيڪا صنوبر جي وڻن هيٺان ڦُٽي هئي، سا مُرجهائي مرڻ لڳي ٿي. صنوبر جا جيڪي ننڍا وڻ هئا ۽ وڌجي نه سگهيا، سي صبح جي پارِي ۾ بيمار رهڻ لڳن ٿا. جڏهن وڏا صنوبر جا وڻ، جيڪي انهن ننڍڙن وڻن جي ماءُ جيان هئا، جيئرا هئا ته هي سندن سائي گهاٽي چانوَ ۾ تندرستي پائيندا هئا. پر جڏهن اُهي ڪُليل پَٽ تي اڪيلا رهجي ويا ته اهي بيمار رهڻ لڳا ۽ سندن اوُسر بند ٿي وئي.

هاڻي چنارن جي جيت ٿي وئي. پهرين ته ڪين سج جا اُهي ئي ڪِرڻا ملندا هئا، جيڪي سندن دشمن صنوبر وڻن جي تارين مان ڇڻي هيٺ ايندا هئا. هاڻي صنوبر وڍجي ويا ته پوءِ چنارئي جهنگ جا ڌڻي بڻجي ويا.

ڪجهه سال اڳ جتي هڪڙو گهاٽو صنوبر جو جهنگ هوندو هو، هاڻي اُتي چنار جو روشن جهنگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

پر وقت ته اڳتي وڌندو ئي رهي ٿو ۽ وقت وڏو پورهيت آهي. هوريان هوريان هُو اپئن جهنگلي گهر کي جوڙيندو رهي ٿو، جو پهرين اها ڳالهه نظر ۾ ئي نٿي اچي. چنار اوچا ٿيندا ٿا وڃن، سندن تارين جون چوٽيون هڪبئي ويجهو اچي وڃن ٿيون. هاڻي انهن جي ٽڙن جو پاڇو، جيڪو اڳ ۾ گهٽ ۽ ڪجهه گهڙين لاءِ هوندو هو، سو وڌيڪ گهاٽو ۽ اونداهو ٿي وڃي ٿو. چنارن، صنوبرن کان ويڙهه جيتي ورتي هئي، پر اها جيت ئي سندن موت جو ڪارڻ بڻجي وئي.

ڪنهن ماڻهوءَ جو موت پنهنجي پاڇي کان نٿو ٿئي، پر هي ڳالهه اڪثر وڻن جي زندگيءَ ۾ ٿئي ٿي. گهاٽن چنار وارن وڻن جي ڇانوَ ۾ ننڍڙا ۽ مُرجهايل صنوبر جا وڻ هئا. وقت اچڻ تي انهن ننڍڙن دشمن وڻن ۾ وري ساهه ڦوڪجي ويو. ويهن ورهين ۾ صنوبر جي وڻن جون چوٽيون پڻ چنار جي چوٽين کي وڃي پهتيون. هاڻي جهنگ رنگارنگي ۽ گڏيل نظر اچڻ لڳو. چنار جو هلڪو سائو رنگ، صنوبر جي گهاٽي سائي رنگ جي چوٽين ۾ گڏوچڙ نظر اچڻ لڳو. صنوبر جا وڻ اوچا ٿيندا ويا ۽ وقت اچڻ تي سندن گهاٽيون سائيون تاريون چنار تي ڇانوَ ڪرڻ لڳيون.

چنار جي پڇاڙيءَ جا ڏينهن ويجهو اچي ويا. اُهي صنوبر جي ڇانوَ ۾ مُرجهائڻ ۽ مرڻ لڳا. هاڻي صنوبر جهنگ جا راجا بڻجي ويا. هنن پنهنجي پوئين سگهه واپس ماڻي ورتي هئي.

اهڙيءَ ريت جهنگن وچ ۾ ويڙهه جاري رهي ٿي، جڏهن ته ماڻهو ۽ هُن جي ڪهاڙي سندن زندگيءَ ۾ هٿچراند ڪري ٿي.

پر تڏهن جهنگن جي ويڙهه انهيءَ ڪان به وڌو يُڌ هئي، جڏهن برفاني دؤر جي ٿڌ سندن جيون ۾ لهندي گهڙي آئي هئي.

ٿڌ، گرميءَ سان چاهه رکندڙ وڻن کي ناس ڪري ڇڏيو ۽ اُترين جهنگن لاءِ وات سِڌي ڪري ڇڏي. صنوبرن ۽ برڇن (وڻ)، ٻڙ ۽ نمن جي وڻن خلاف ويڙهه جو اعلان ڪيو. ٻڙن ۽ نمن کي پوئتي هٽڻو پيو ۽ ائين ڪرڻ ۾ هنن آخري سدابهار وڻن- لارل، ميگنوليا ۽ انجير جي وڻن- کي بلڪل ميساري ڇڏيو.

نازڪ ۽ گرمي چاهيندڙ وڻ اهڙين ڪليل جاين تي جيئرا رهي نه سگهيا، جتي هوا ۽ ٿڌ کان ڪا پناهه نه هئي. اُهي مري ويا ۽ هنن سوپارن کي جاءِ ڏئي ڇڏي.

رڳو جبلن ۾ ئي ڪين پناهه ملي. اُتي هر محفوظ ماٿريءَ ۾ گرميءَ کي چاهيندڙ وڻن پاڻ کي لڪائي ڇڏيو. پر وري پيا گليشير، جبلن جي چوٽين هيٺ وهڻ لڳا ۽ اُهي سندن سامهون ايندڙ سمورن جابلو ماٿَن جي وڻن، جابلو صنوبرن ۽ برڇن کي پاڻ سان گڏ ڪٽي ويا.

جهنگن جي اها ويڙهه هزارن سالن تائين هلندي رهي ۽ گرميءَ کي چاهيندڙ وڻن جي آخري مات ڪاڏل فوج، ڏکڻ ڏانهن گهٽو اڳتي هٽندي وئي.

پر جڏهن سوپارن خلاف جاکوڙ ۾ اهي جهنگ تباهه ٿيا، تڏهن انهن جهنگن ۾ رهندڙ جانورن جو ڪهڙو انت ٿيو؟

هاٿوڪي دؤر ۾ جڏهن ڪو جهنگ باهه ۾ سڙي رک ٿي ويجي ٿو يا وڍيو ٿو وڃي، تڏهن اُن جا ڪجهه رهواسي ساٿس گڏ ئي مري ٿا وڃن ۽ پيا منجهائن ڪنهن نه ڪنهن ريت بچي ٿا نڪرن. جڏهن ڪو صنوبر جو جهنگ وڍيو وڃي ٿو، ته سندس پکين جي آبادي الوپ ٿي وڃي ٿي.

چانوَ واري صنوبر جي جهنگ جي جاءِ تي چنار جو هڪڙو نئون جهنگ ڦُٽيو پوي. انهيءَ نئين جهنگ ۾ پيون جهرڪيون ۽ پيا جانور پنهنجا گهرڙا ٺاهين ٿا.

جڏهن ڪيترن سالن کان پوءِ صنوبر جا وڻ وري چنار جي وڻن کي مات ٿا ڏين، ته نئين صنوبرن جو جهنگ خالي نٿو ٿئي، پر منجهس وري پراڻا پکي آڪيرو ڪن ٿا.

هاٿي، چئبو ته جهنگ مري ٿو ۽ وري پوتن ۽ جانورن جي هڪ انوکي ميڙ جي حيثيت سان نه، پر هڪ گڏيل ۽ پاڻ ۾ ڪيترن ئي گهاٽن جُڙيل رشتن سان ڳنڍيل دنيا جي حيثيت سان جنم ٿو وٺي.

اها صورت برفاني دؤر ۾ پيش ٿي. جڏهن گرم ماڳن جا جهنگ الوپ ٿيا، ته سندن رهواسي جانور به ناس ٿي ويا. قداور هاٿي غائب ٿي ويو. گينڊا ۽ دريائي گهوڙا ڏکڻ ڏانهن هليا ويا ۽ تاريخي دؤر کان اڳ واري ماڻهوءَ جو ويري تيز ڏندن وارو چيتو به نيٺ مري ويو.

ننڍڙن جانورن ۽ پکين جو وڏو انگ مري ويو يا ڏکڻ ڏانهن پڇي ويو. انهيءَ کان سواءِ بيو ڪجهه ٿي نه پئي سگهيو. هر جانور پنهنجي ننڍڙي دنيا- پنهنجي جهنگ- سان ڳنڍيل هجي ٿو. جڏهن اها جهنگلي دنيا تباهه ٿيڻ لڳي ته سندس ڪيترائي واسي به ناس ٿي ويا.

جڏهن وڻ، پوٽا ۽ ڍڳها گاهه سُڪي ويا ته اُهي جانور، جيڪي منجهن لڪندا هئا ۽ منجهانئن کاڌو ماڻيندا هئا، سي کاڌي ۽ پناهه کان وانجهجي ويا. پوءِ جڏهن اُهي گاهه کائيندڙ مري ويا ته اُهي گوشت کائيندڙ جانور پڻ، جيڪي کين کائيندا هئا، سي بُکن ۾ پاهه ٿي فنا ٿي ويا.

"غذائي سرشتي" جي ڪڙين ۾ ڳنڍيل جانور ۽ پوٽا پنهنجي جهنگ جي ڦٽجڻ تي پاڻ به ناس ٿي ويا.

اهو ائين هو جيئن قديم زماني ۾ جهازن جا هلائيندڙ ٻانها به پنهنجن جهازن سميت ٻُڏي ويندا هئا، ڇو ته اُهي ڇپوئن سان سنگهرن وسيلي سوگهو ٻڌل هوندا هئا.

ڪنهن نه ڪنهن ريت جيئرو رهڻ لاءِ جانور کي پنهنجون زنجيرون ٽوڙڻيون پونديون هيون. هو پنهنجي عادت کان مختلف کاڌا کائڻ لڳي ها، ته هُن کي پنهنجا نُنهن ۽ ڏند بدلائڻا پون ها ۽ ٿڌ کان بچڻ لاءِ ڪيس ڍڳها وار ڦُٽائڻا پون ها.

اسان ڄاڻون ٿا ته ڪنهن جانور لاءِ بدلجڻ ڪيڏو نه ڏکيو هُجي ٿو. گهوڙي جي تاريخ ساريو. انهيءَ کي ڪيترا لکين سال اهڙي جانور بنجڻ ۾ لڳا، جنهن جو هڪڙو آڱوٺو کُر جي روپ ۾ آهي.

ڪنهن ڏاڪڻي علائقي جي جانور لاءِ اُترين علائقن جي جهنگ ۾ جيئرو رهڻ ڏاڍو ڏکيو هُجي ٿو.



آڳاٽي دؤر جي فنڪار طرفان غار جي ديوار تي
ميموٿ جي ٺاهيل تصوير

ڇا هي، ڏڇو گهڻ هو ۽ انهيءَ ۾ واڌارو هي ٿيو، جو اُترين جهنگن جي گهاٽن وارن وارا واسي پڻ ڏکڻ ڏانهن اچڻ لڳا. اهي هئا: گينڊا، آڳاٽا هاٿي، شينهن ۽ رڇ. اهي سڀيئي اُترين جهنگن جا هيراڪ هئا.

انهن جي ٿُلهي ۽ وارن واري کل سندن سڀ کان وڏو خزانو هئي. وڏا هاٿي ۽ اوني گينڊا تڏ کان نه ڊڄندا هئا. وٽن گرم ۽ وارن وارا ڪوٽ هئا ۽ اُهي اگهاڙي کل واري ڏاکڻي هاٿين، گينڊن ۽ دريائي گهوڙن کان بلڪل نرالا هئا.

ڪجهه اُترين جانورن ٿڌ کان بچڻ جي هڪڙي ٻي وات ورتي. اُهي غارن ۾ رهڻ لڳا. اُترين جاندارن کي نئين جهنگ ۾ ڪاڏي جي ڪوَج ۾ ڏکيائي نه ٿيندي هئي، ڇوته اها سندن جهنگ، ۽ پنهنجي دنيا هئي.

شڪسنت ڪاڏل جهنگلي جانورن کي هاڻي اِترين جهنگ جي نئين راجائن سان مُنهن اتڪائڻو پيو.

هاڻي شايد توهان کي اچرج نه ٿيندو، ته انهن جاندارن مان ايڏا گهڻ جاندار ڇو بچيا.

پر تاريخي دؤر کان اڳ واري ماڻهوءَ جو ڪهڙو انت ٿيو؟

ظاهر آهي ته هو بچي ويو، ڇوته جيڪڏهن هُو به ناس ٿي وڃي ها، ته توهان کي هيءَ ڪتاب پڙهڻ جو موقعو نه ملي ها.

جيڪي ماڻهو گرم ملڪن ۾ رهندا هئا، تن کي ٿڌ خلاف سر جو سانگو لاهي وڙهڻو نه پيو، جيتوڻيڪ اُتي جي آبهوا ٿورڙي ٿڌي به ٿي وئي هئي.

انهن ماڻهن لاءِ حالتون ڏاڍيون بڇڙيون هيون، جن کي وڏندڙ گليشيرن جي پؤ کي منهن ڏيڻو پيو.

هر سال هڪڙو نئون سيارو ايندو هو، جيڪو اڃا به وڌيڪ ٿڌو هوندو هو. اُهي جاندار ڏکندا ۽ جمي پنڊ پهڻ ٿي ويندا هئا. اُهي پاڻ ۾ پنهنجن ٻارن کي گرم رکڻ لاءِ هڪٻئي سان ياڪرجي وڃي رهندا هئا.

بُک، شديد ٿڌ ۽ جهنگلي جانور کين بلڪل ميسارڻ تي سَندرو ٻڌيل هئا. جيڪڏهن ابتدائي ماڻهو اُهو سمجهي سگهن ها، ته سندن چوڌاري ڇا پيو ٿئي، ته شايد اُهي هي طئي ڪن ها، ته هاڻي دنياوي پڇاڙيءَ جو وقت اچي پهتو آهي.

## دنيا جي پڇاڙي

دنيا جي پڇاڙيءَ جون اڳڪٿيون انيڪ ڀيرا ڪيون ويون آهن.

تاريخي وڇئين دؤر ۾ جڏهن ڪو شهاب ثاقب پنهنجي جيڀيءَ وارو ڇيڙو ڦهلائيندو آسمان جي پار ويندي ڏسڻ ۾ ايندو هو، ته ماڻهو پنهنجي ڇاتيءَ تي سڳوريءَ مقدس جو نشان ٺاهي چوندا هئا:

”دنيا جي پڇاڙي ويجهي آهي.“

جڏهن مهامريءَ جي بيماري ڦهلجندي هئي، جنهن کي ماڻهو ”ڪارو موت“ سڏيندا هئا ۽ جيڪا شهرن ۽ ڳوٺن جي ماڻهن کي ناس ڪري قبرستانن کي ڀري ڇڏيندي هئي، تڏهن ماڻهو چوندا هئا:

”دنيا جي پڇاڙي ويجهي آهي.“

جنگ ۽ ڏُڪار جي ڏکين زمانن ۾ پڻ وهمي ماڻهو ڊڄندي چوندا هئا:

”دنيا جي پڇاڙي ويجهي آهي...“

تنهن هوندي به، دنيا جي پڇاڙي نه ٿي.

هاڻي اسان ڄاڻون ٿا ته آسمان تي ڪنهن شهاب ثاقب جو ظهورجڻ ڪا مافوق الفطرت نشاني نه آهي. شهاب ثاقب سج جي چوڌاري پنهنجي واٽ تي هلندو رهي ٿو ۽ هو انهيءَ جي ٿورڙي به پرواهه نٿو ڪري، ته ڌرتيءَ جا رهواسي وهمي ماڻهو سندس بابت ڇا ٿا چون.

اسان هي پڻ ڄاڻون ٿا ته ڏُڪار ۽ بيمارين توڙي ويڙهن جو پڻ هي مطلب نه

لڳايا وڃن ٿا. پر جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن ٻارڻ جا اهي ذخيرا ختم ٿي وڃن، ته ڇا هن دنيا جي واقعي پڄاڻي ٿي ويندي؟ نه، ائين هرگز نه ٿيندو.

ڇو ته دنيا ۾ رڳو ٻارڻ ئي روشنيءَ ۽ حرارت جو وسيلو نه آهي. حرارت جو سڀني کان وڏو خزانو سج آهي. اسان کي انهيءَ ۾ ڪو به شڪ نه هجڻ گهرجي، ته اوستائين جڏهن اسان جي ٻارڻ جا ذخيرا ختم ٿي ويندا، تڏهن سائنسدان رات جو رستن تي ۽ گهرن ۾ روشني لاءِ، ٽرينون ۽ مشينون هلائڻ سميت کاڌو پچائڻ لاءِ سج جي گرميءَ کي واپرائجڻ جو طريقو ڪڍي وٺندا. شمسي توانائيءَ سان هلندڙ ٻهريون تجرباتي بجلي گهر ۽ شمسي توانائي سان ڪم ڪندڙ ٻهريون رڌڻو وغيره ۾ اڳي ئي چڪو آهي.

”ٺيڪ آهي، هڪڙو منت ترسو!“ اُهي ماڻهو چون ٿا جن کي دنيا جي پڄاڻيءَ جي تڪڙ آهي. ”ڇا به هجي، سج به هڪڙي ڏينهن ٿڌو ٿي ويندو. اهو ايڏو گرم ۽ روشن نه آهي، جيترا ڪجهه نوان ستارا آهن. ڪروڙين سال گذرڻ تي سج جي حرارت گهٽجي ويندي ۽ ڌرتيءَ تي وڌيڪ ٿڌ ٿي ويندي.

”وڏا وڏا گليشير انسان جي هيٺين اڏاوتن کي دنيا مان مٽائي ڇڏيندا. برفاني ريڇ ڏاکڻي گرم علائقن ۾ گهمندا. ماڻهو ته بلڪل ئي نه بچندا.“

انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته جيڪڏهن ڪو نئون برفاني دؤر شروع ٿيو، ته زندگي ڏاڍي پيوائتي ٿي ويندي. پر تاريخي زماني کان اڳ وارو ماڻهو پڻ ڪنهن نه ڪنهن ريت انهيءَ برف کان بچي ويو هو. اسان اهڙي ڳالهه ڇو سوچيون ته مستقبل جا ماڻهو، جڏهن سائنس اڄ کان گهڻو وڌيڪ ترقي ڪئي هوندي، برف ۾ ناس ٿي ويندا؟

اسان هي پڻ اڳڪٿي ڪري ٿا سگهون، ته اُهي ٿڌ تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڇا ڪندا. اُهي سج جي توانائي سميت ايٽمي توانائي واپرائيندا.

۽ مادي جي ذرڙن ۾ ايٽمي توانائيءَ جو جيڪو مقدار آهي، سو ڪڏهن به ختم نه ٿيندو. رڳو سوال هي آهي ته انهيءَ کي ڪيئن ٺو ماڻيو وڃي.

بهرحال، هاڻي اسان کي مستقبل جي ڳالهين کي ڇڏيندي، ماضيءَ يعني تاريخي زماني کان اڳ واري ماڻهوءَ ڏانهن موٽڻ گهرجي.

جيئن اسان اڳتي پڙهنداسين. اسان کي ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته نئون سورمو وڏيڪ باهمت پيو ٿئي ۽ پهرين مقام تي ايندو پيو وڃي.

۽ پوءِ اهڙو به وقت اچي ٿو جڏهن ماڻهو رڳو انهيءَ وڏي ڪتاب جو مرڪزي ڪردار ئي نٿو رهي، پر ان جي ليکڪ جي مان تي ٿو وڃي.

دريائي پرتن ۾، برفاني دؤر جي تهن وچ ۾ هڪڙو ڇنو ڪارو پٿو مليو ٿو. اهو پٿو ڪاٺ جي ڪوئلي ڇاهيو آهي. پلا واريءَ ۽ مٽيءَ جي وچ ۾ ڪوئلي جو اهو تهه اوچتو ڪيئن نروار ٿيو؟ شايد انهيءَ جو ڪارڻ جهنگ جي باهه هئي؟

پر جهنگ جي باهه ڦهليل علائقي ۾ سڙيل ڪاٺ ڇڏي وڃي ٿي ۽ ڪوئلي جي اها ليڪ ننڍڙي آهي. رڳو هڪڙي ننڍڙي ڇٽنگ سان ئي ڪوئلي جي اها ٿورڙي ليڪ ٺهي ٿي سگهي. ۽ رڳو انسان ئي مچ مچائي سگهي ٿو.

گڏوگڏ مچ جي ويجهو اسان کي انساني هٿ جي ڪرت جا پيا نشان، يعني پٿر جا هٿيار ۽ ماريل جانورن جون پڳل هڏيون به ملن ٿيون.

باهه ۽ شڪار ئي به اهڙيون ڳالهيون هيون، جن برفاني جُلهه کان تاريخي زماني کان اڳ واري ماڻهوءَ کي بچائي ورتو.

## ماڻهو جهنگ کي ڇڏي ٿو

تاريخي زماني کان اڳ واريَ انسان کي ٿڌن اُترين جهنگن ۾ ڪاڌو ڏاڍو ڏکيائين سان ملندو هو. ٿنهنڪري هو جهنگن ۾ اهڙي شڪار جي ڳولا ڪرڻ لڳو، جيڪو ڪنهن هڪڙي جاءِ تي پيل نه هوندو هو. اهو ڪنهن جو اوسيئڙو نه ڪندو هو ته اچي ڪو ڪيس ڪٽي، پر اِهو شڪار اهڙو هو، جيڪو پڄندو، لڪندو ۽ پنهنجو بچاءُ پڻ ڪندو هو.

گرم ملڪن ۾ پڻ ماڻهو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ گوشت کائڻ لڳو. گوشت سان هڪدم پيٽ پرجي ويندو هو. اهو ماڻهوءَ کي وڌيڪ سگهه ڏيندو هو ۽ هن کي ڪم لاءِ جهجهو وقت مهيا ڪندو هو. ماڻهوءَ جي ارتقائي دماغ لاءِ پڻ وڌيڪ سگهاري کاڌي جي گهُرج هئي.

ماڻهوءَ جا هٿيار جيئن سُڌرندا ويا، تيئن شڪار به اهم ٿيندو ويو. اُتر ۾ ته شڪار بنا جيئرو رهڻ ئي ناممڪن هو.

هاڻي ماڻهو ڪوئن جهڙن ننڍڙن جانورن مان پنهنجي بُک جي باهه اُجهائي نه پيو سگهي، هن ڪي وڏي شڪار جي گهُرج هئي. برفاني طوفان ۽ واچوڙا ۽ شديد پارو اُترين جهنگن ۾ شڪار کي ڏکيو بڻائي ڇڏيندا هئا ۽ انهيءَ جو مطلب هي هو ته ماڻهو گوشت کي گڏ ڪري.

پلا، تاريخي زماني کان اڳ وارو ماڻهو جانور جو ڪيئن شڪار ڪندو هو؟

تنهن زماني ۾ جهنگن ۾ وڏا وڏا جانور هوندا هئا. هرڻ جهنگن جي ميداني ماڳن تي چرندا هئا. جهنگلي سوئر زمين کوٽي کاڌو ڳوليندا هئا. پر ميدانن ۾ وڏن جانورن جو انگ جهنگن کان گهڻو وڌيڪ هو. وڏن وڏن کُليل ميدانن ۾ گهاٽن ۽ وڏن وارن واري وحشي گهوڙن جا ڌڻ چرندا هئا. کُرنهات جانورن، سڱر ڍڳن جا ڌڻ ڦوڪاريندا، رنيندا، ايڏي تکائيءَ سان ڊوڙندا هئا جو زمين ڏُڏي ويندي هئي. ڍگهن وارن وارا قداور شاهي جانور هلندي ڦرندي جبلن ڏانهن نڪري ويندا هئا.

جيستائين ماڻهوءَ جو سوال هو ته اُهي سڀ هُن لاءِ متحرڪ ۽ پيچنڊڙ گوشت جيان هئا، جيڪي ڪيس سندن پيڇي جي لوڀ ڏياريندا هئا.

اهڙيءَ ريت شڪار جي ڳولا ۾ تاريخي زماني کان اڳ واري ماڻهوءَ جهنگ کي ڇڏيو. ماڻهو هوريان هوريان ميدانن مان اڳتي وڌندو ڦهلجندو ويو. اسان کي انهن ماڻهن جي باهه جا مَچ ۽ شڪاري ڏاہن جون جايون جهنگن کان پري اهڙن ماڳن تي ملن ٿيون، جتي اهي ذخيرو ڪندڙ ماڻهو نه اڳ ڪِڏهن رهيا هئا ۽ نه ئي رهي پئي سگهيا.

## لفظن کي نيڪ پڙهڻ گهرجي

ماريل جانورن جون هڏيون، تاريخي زماني کان اڳ واري ماڻهوءَ جي ڏاہن جي ويجهو ليجي سگهن ٿيون، جنهن ۾ گهوڙي جون هيڊيون هڏيون، ڍڳن جون سڱدار کوپڙيون ۽ جهنگلي سوئرن جا ڦڏا هڏا هجن ٿا. ورلي هڏين جا وڏا ڍير به ملن ٿا، جنهن جو مطلب هي هجي ٿو ته ماڻهو انهيءَ جاءِ تي جهجهي مُدت تائين رهيو هوندو.

هي ڳالهه ڏاڍي وڻندڙ آهي ته سڱن وارن ڍڳن، جهنگلي سوئرن ۽ گهوڙن جي

هڏين سميت ورلي وڏن هاٿين جون هڏيون به ملن ٿيون، جن ۾ وڏيون ڪوپڙيون، وڏا ڦڏا هاٿيءَ جهڙا ڏند، تکا ڪَتريندڙ ڏند ۽ ڏڙن ڪان ڪتيل ٽنگن جون هڏيون وغيره شامل آهن.

واقعي اهڙن جانورن کي مارڻ واسطي گهڻي سگهه ۽ همت جي گهُرج هئي! پر انهي ڪان وڌيڪ سگهه، سندن جسمن جا ٽڪرا وڍڻ ۽ کين ڏاڍي تائين گهليندي ڪٽي وجھڻ ۾ لڳندي هئي. هڪڙي ٽنگ جو وزن هڪ ٽن جيترو هوندو هو ۽ ڪوپڙي ايڏي وڏي هوندي هئي، جو سڄو ماڻهو منجهس سولائيءَ سان اُيو بيهي سگهندو هو.

اڄوڪي شڪارين لاءِ، جيڪي هاٿين جي شڪار وارين خاص رائفلن سان هٿياربند ٿين ٿا، تن لاءِ پڻ آڳاٽي هاٿيءَ کي مارڻ سولو نه هجي ها. پر تاريخي زماني کان اڳ واري ماڻهوءَ وٽ رائفل ته نه هئي. هن وٽ رڳو ڪو پٿر جو چاقو يا ڪو پٿريلي چُهنب وارو ڀالو هوندو هو.

هزارن ورهين دوران انهن پٿرن جي هٿيارن ۾ ڦيرو آيو آهي. اُهي وڌيڪ



روبنسن ڪروسو ويران ٻيٽ تي







ميموٿ، ارن ڏڳو ۽ گهوڙو،
جيڪي آڳاٽي زماني جي
ڪنهن فنڪار ٺاهيا آهن

سُئا ۽ انيڪ قسمن جا ٽي ويا آهن. ماڻهو پٿر جو چاقو يا تير ايئن ٺاهيندو هو، جو هُو پهرين پٿر جو مٿيون تهه ٽُڪيندو هو، پوءِ اڏنگا ٻاگا سنوت ۾ آٽيندو هو ۽ ڪيس ٽڪرن ۾ ڪٽي ورچيندو هو. هُو انهن ٽڪرن منجهان گهُرج موجب وڏيندڙ هٿيار ٺاهيندو هو.

چقمق جهڙي نامناسب ۽ ٺوس شيءِ مان چاقو ٺاهڻ وڏي مهارت جي ڳالهه هئي. تنهنڪري تاريخي زماني کان اڳ وارو ماڻهو پنهنجي پٿر جو هٿيار واپرائڻ کان پوءِ ڦٽي نه ڪندو هو، پر سندس قدر ڪندو هو ۽ جڏهن اُهو مُڏو ٿي ويندو هو ته ڪيس ٽڪو ڪري وٺندو هو. ماڻهو پنهنجن هٿيارن سان ڏاڍو چاهه رکندو هو، ڇو ته هو پنهنجي پورهيي ۽ وقت جو پارکو هو.

بهرحال، هو ڪيڏي به جاکوڙ ڪري ها، پر هن جو پٿر ته پٿر ئي هجي ها. هن جي پٿر جو ڇُهنبدار پالو ڪنهن وڏي هاٿيءَ آڏو ٿيڻ تي مُڏو ٿي ويندو هو. جانور جي ٿُلهي کل ڪيس ايئن بچائيندي هئي، جيئن لوهه جي چادر ٽينڪ کي بچائي ٿي.

پوءِ به تاريخي زماني کان اڳ وارو ماڻهو وڏن هاٿين کي ماريندو هو. انهيءَ جو ثبوت اسان کي وڏن هاٿين جي انهن ڪوپڙين ۽ وڏن ڏندن مان ملي ٿو، جيڪي مختلف ڍاڀن تان مليا آهن.

ماڻهو وڏن هاٿين جو شڪار ڪيئن ڪندو هو؟ هيءَ ڳالهه رڳو اهو ماڻهو ئي پرکي سگهي ٿو، جيڪو لفظ "ماڻهو" کي سمجهي ٿو سگهي، جيڪو چوي ٿو "ماڻهو" ۽ سوچي ٿو "ماڻهن" بابت. ڪو ماڻهو اڪيلو نه پر ماڻهو پنهنجي گڏيل جاکوڙ سان هٿيار ٺاهڻ، شڪار ڪرڻ، باهه ٻارڻ، پناهه گاهون ٺاهڻ ۽ ٻني ٻارو ڪرڻ سگهندا هئا. رڳو اڪيلي ماڻهو نه پر پوري انساني سماج، ڪروڙين ماڻهن جي پورهيي وسيلي، ثقافت ۽ سائنس جي تخليق ڪئي آهي.

اڪيلو ماڻهو سدائين جهنگلي جانور ئي رهي ها، پر انساني سماج منجهه پورهيي، جانور کي ماڻهو ٺاهي ڇڏيو.

اهڙا ڪتاب به آهن جن ۾ تاريخي زماني کان اڳ واري شڪاريءَ کي آڳاٽي زماني جي روبنسن ڪروسو جيان ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو اورچائيءَ سان پورهيو ڪندو رهيو، جو نيٺ هو وڏي مقام تي پهچي ويو.

پر جيڪڏهن تاريخي زماني کان اڳ وارو ماڻهو واقعي ائين هيڪلائپ پسند هجي ها ۽ اوائلي ماڻهو وڏن ميڙن جي روپ ۾ نه، پر رڳو ڪٽنب ۾ رهي ها ته هو ڪڏهن به "عوام" نه بڻجي ها ۽ نه ئي ڪا گڏيل تهذيب جوڙي سگهي ها.

۽ روبنسن ڪروسو جو پڻ انجام ائين نه هو، جيئن ڊينيل ڊيفو پيش ڪيو آهي. ڊيفو جي ڪتاب جو بنياد هڪڙي مهاڻي جي سچي ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آهي، جنهن پنهنجي جهاز تي بغاوت ڀڙڪائي هئي. هن کي سمنڊ جي وچ ۾ هڪ ٻيٽ تي لاٿو ويو ته جيئن هو مري کپي وڃي. گهڻن سالن کان پوءِ ڪجهه سامونڊي مسافر انهيءَ ٻيٽ تي آيا ۽ هنن ڏٺو ته اهو ماڻهو بلڪل جهنگلي بڻجي ويو آهي. پوڙهو ملاح ڳالهه ٻولهه ڪرڻ بلڪل وساري ويٺو هو ۽ هو انسان کان وڌيڪ جهنگلي جانور لڳندو هو.

جيڪڏهن هاڻوڪي دؤر جو ماڻهو اڪيلائي ۾ سولائيءَ سان نٿو رهي سگهي، ته پوءِ پلا تاريخي زماني کان اڳ واري ماڻهوءَ بابت ٿورڙو سوچيو!

انهن کي رڳو هي هڪڙي ڳالهه ماڻهو سڏرائيندي هئي ته اُهي سڀيئي گڏ رهندا هئا، گڏجي شڪار ڪندا هئا ۽ گڏجي پنهنجا هٿيار ٺاهيندا هئا.

پنهنجا تکا ڇُهنبدار پٿر، جانور جي ٽُلهي کل، سخت جوڙ ۽ وڏن پنن کي وڍڻ ۽ چيرڻ لاءِ واپرائيندا هئا. جيڪي تجربيڪار شڪاري هوندا هئا، سي سيکڙاتن کي سيکاريندا هئا، ته کوپڙي ۽ پيرن کي جسم کان ڇنڻ واسطي ڪٿان وڍڻ گهرجي. نيٺ جڏهن پوري گوشت جا ٽڪرا ٿي ويندا هئا، ته واپس وڃڻ لاءِ ڏگهو سفر شروع ٿي ويندو هو.

ڪم کي تيزيءَ سان ڪرڻ لاءِ اُهي هوڪرا ۽ رڙيون ڪندا هئا ۽ ڪنهن وڏي پيبر يا مٽي کي، جنهن جي سُونڊ رستي تي ليٽڙيون پائيندي ڇڪبي هئي، تنهن کي گهلڻ لاءِ اُهي پاڻ کي وڏن ميڙن ۾ ورهائيندا هئا.

ٽڪي ٽُٽي نيٺ جڏهن اُهي ڏابي تي پهچندا هئا، ته هوند ڪهڙو نه ميلو مچندو هو! اُهي ڄاڻندا هئا ته وڏي هاٿيءَ جي شڪار جو مطلب آهي زوردار دعوت، اهڙي دعوت جنهن لاءِ ڪين مُدتن جو اوسيئڙو ڪرڻو پوندو هو. اُهي ڄاڻندا هئا ته انهيءَ جو مطلب ڪيترن ڏينهن لاءِ ڪاڌو ميڙڻ آهي.

## چٽاڀيٽي جي پڄاڻي

ٻين جانورن سان ماڻهن جي مقابلي جي پڄاڻي ٿي وئي هئي. هو ڊوڙ ۾ سيني کان اڳيان هو، ڇو ته هن سيني کان وڏن جانور تي سوڀ ماڻي هئي.

دنيا ۾ ماڻهن جو انگ تيزيءَ سان وڌڻ لڳو. هر دؤر ۽ هر صديءَ ۾ ماڻهن ۾ واڌارو ٿيندو پئي ويو، جو نيٺ دنيا جي هر پاڱي ۾ ماڻهو ٿي ويا.

ماڻهوءَ سان جيڪو ڪجهه ٿيو، سو ڪنهن ٻئي جانور سان نه پئي ٿي سگهيو. مثال طور: ڇا سهن جو انگ به ايترو ئي گهٽو ٿي پيو سگهي، جيترو ماڻهن جو؟

نه. ڇو ته جيڪڏهن سهن جو انگ وڌي ها، ته بگهڙن جي انگ ۾ پڻ واڌارو ٿئي ها ۽ اُهي سهن جو انگ گهٽ رکن ها.

انهيءَ جو مطلب هي آهي، ته جهنگلي جانورن جو انگ اجايو (اٽڪُل) ننڍو وڌي سگهي، پر هڪڙي حد آهي، جنهن کان وڌيڪ انهن جو وڌڻ ڏکيو آهي. ماڻهو مُدتن کان انهن سرحدن ۽ پابندين کي ميساري ڇڏيو آهي، جيڪي قدرت سندس اهڙن جانورن تي مڙهيون هيون. جڏهن هو هٿيار ٺاهڻ سکيو ته

پنجون باب

# ماضيءَ ۾ پهريون سفر

سڳن وارن ڏڳن ۽ وڏن هاٿين جو شڪار ڪندڙ ماڻهن جي ڏاڍي واري ماڳ وٽان جيڪي هٿيار لڌا ويا آهن، تن ۾ پٿر جا ٻه هٿيار گهڻو عام آهن. هڪڙو پٿر وڏو ۽ تڪنڊي روپ جو آهي، جنهن کي ٻنهي پاسن کان تکو ڪيل آهي. ٻيو ننڍڙو، هلڪو ۽ ڊگهو آهي، جنهن جي ڌار تکي ڪيل آهي.

هي پڌرو آهي ته منجهانئن هر هٿيار ڪنهن خاص ڪم لاءِ تاهيل آهي، نه ته سندن شڪلون مختلف نه هجن ها. اسان کي ڪيئن ڄاڻ ملي ته انهن منجهان هر پٿر کي واپرايو ويو هو؟

انهن هٿيارن جا روپ انهيءَ جي ڪجهه ڄاڻ ڏين ٿا.

اُهي ٻئي پٿر تکا آهن. انهيءَ جو مطلب هي ٿيو ته ڪانئن چاقو يا ڪهاڙي جيان وڍڻ جو ڪم ورتو ويو هو. منجهانئن هڪڙو وڏيڪ وڏو ۽ ڳرو پٿر هو. تنهنڪري انهيءَ جو استعمال وڌيڪ سخت ڪم ۾ ٿيندو هو. ان پٿر کي ڏسندي لڳي ٿو ته ان جي استعمال لاءِ وڌيڪ سگهه جي گُهرج پوندي هوندي.

پلا اهو ڪهڙو ڪم هو؟

اڄ به پٿر واري زماني ڏانهن واپس موٽون ۽ ڏسون ته تاريخي زماني کان اڳ وارو ماڻهو پنهنجن هٿيارن کي ڪيئن عمل ۾ آڻيندو هو.

اڪثر ڪري اسان کي انهيءَ قسم جو جملو ڪنهن ناول ۾ ملي ٿو: "اڄ، ڏهه سال پوئتي هلون." اهڙي ڪتاب جي ليکڪ لاءِ هي سولي ڳالهه آهي، ڇو ته هو جتي به چاهي ۽ جڏهن به چاهي واپس وڃي سگهي ٿو. ۽ هو پنهنجن ڪردارن بابت انتهائي ناقابل ويساهه ڳالهيون ڪري سگهي ٿو.

پر اسان پنهنجي سچي ڪهاڻيءَ ۾ ڇا ڪريون؟ اسان کي ڪا ڳالهه پاڻ ڏانهن لکڻ جو حق نه آهي. ۽ پوءِ جڏهن اسان کي واپس ورڻو ٿو پوي، ته اسان هزارين ورهيه پوئتي موٽي ٿا وڃون!

توهان جي ٽڪيٽ تي ھي لکيل نہ هوندو تہ، "پٿر جي زماني ڏانھن واپسيءَ جو ٽڪيٽ" ٽڪيٽ بلڪل عام هوندو، ان تي "ميلبورن" لکيل هوندو، جيڪا توهان جي منزل آهي.

جڏهن ٽڪيٽ توهان جي کيسي ۾ پهچي وڃي، تہ توهان آسٽريليا ويندڙ مسافر جهاز ۾ ويهي سگهو ٿا. ڪجهہ هفتن ۾ توهان ميلبورن پهچي ويندا.

هي ُچاڻ وٺندڙ آهي تہ اڃا بہ دنيا ۾ اهڙا ماڳ موجود آهن، جتي ماڻهو پٿر جي هٿيارن سان ڪم ڪن ٿا. آسٽريليا ۾ پڻ اهڙيون جايون آهن. انهيءَ جو مطلب هي ٿيو، تہ پوين ڏوُرن ۾ سفر جي جاءِ تي، فاصلن جو سفر وٺي سگهي ٿو. ۽ جڏهن سائنسدان هي ڄاڻڻ چاهين ٿا، تہ آڳاٽي ماضيءَ ۾ ماڻهو ڪيئن رهندا هئا، تہ هو ائين ڪن ٿا.

سوويت يونين ۾ وڏيڪ سُڌريل قومن، پوئتي پيل قومن سان تعليم ۽ تهذيب جي ترقيءَ ۾ سهڪار ڪيو آهي. انهن قومن جي پنهنجي جديد ثقافت جُڙي وئي آهي.

پر دنيا ۾ اهڙا ملڪ بہ آهن، جتي آسمان کي ڇُهندڙ عمارتن وارن وڏن وڏن شهرن مان سفر جي سمورين سهولتن وسيلي، توهان اهڙي اوائلي زماني جي وسندين تائين پهچي سگهو ٿا، جتي ماڻهن جا گهر تنبوئن ۾ يا پٽن تي جوڙيل هجن.

آسٽريليا ۾ اهڙا ماڻهو ڏٺا وڃن ٿا، جيڪي پٿر جا هٿيار واپرائين ٿا. اسان انهن ماڻهن وٽ اهو ڏسڻ پيا وڃون، تہ اُهي پنهنجا هٿيار ڪيئن عمل ۾ آڻين ٿا.

اسان آسٽريليائي شڪارين جي ڍاپي تائين وڃڻ لاءِ، اهڙن خشڪ ۽ ويران ميدانن مان لنگهنداسين، جتي هر جاءِ تي ڪنڊن وارا ٻوٽا ۽ گاهہ نظرا يندا. اسان انهن تنبوئن تائين پهچي ٿا وڃون، جيڪي وڻن جي چوڏن ۽ ٽارين مان ٺهيل آهن ۽ درياهہ جي ڪناري وڻن جي هڪ جُهنڊ ۾ آهن. ٻار تنبوئن ڀرسان هيڏي هوڏي ڊوڙون پيا پائين. مرد ۽ عورتون ڪم ۾ رُڌل آهن. اُهي ويجهو ئي پَٽ تي ويٺل آهن. هڪڙو پوڙهو ماڻهو، جنهن جي ڊگهي اڇي ڏاڙهي ۽ وار گهاٽا اٿس، سو هڪ ڪينگرو جي کل ڇڪي لاهي پيو. اهو پوڙهو هڪ ٽڪنڊي شڪل واري پٿر جو هٿيار گوشت وڍڻ لاءِ پيو ڪتب آڻي. واهہ، هي تہ پٿر جو اوزار آهي، جنهن بابت اسان ڄاڻ ماڻڻ لاءِ نڪتا هئاسين!

ظاهر آهي ته آسٽريليا جي هاڻوڪي زماني جا ماڻهو، تاريخي زماني کان اڳ وارا ماڻهو ته نه آهن. هزارين نسل کين پنهنجي تاريخي زماني کان اڳ وارن وڏڙن کان ڌار ڪن ٿا. سندن پٿر جا اوزار ماضيءَ جي معمولي باقيات منجهان آهن. پر ماضيءَ جون اهي باقيات اسان جون ڪيترين ئي ڳجهارتون سُلجهائي سگهن ٿيون. آسٽريليائي ماڻهوءَ کي ڪِرت ۾ ڏسي اسان کي ڄاڻ پوي ٿي، ته پٿر جو وڏو ٽڪنڊو اوزار ماڻهوءَ جو ئي اوزار آهي. هڪڙي شڪاريءَ جو اهڙو اوزار، جنهن سان هُو قاتل، گهيريل يا گهائل جانور کي ماري ٿو، کيس وڍي ٿو ۽ سندس کل ڇڪي ٿو لاهي.

ٻين قديم اوزارن يعني نيم ڌاريدار اوزارن کي واپرائيندي ڏسڻ لاءِ اسان کي اجا اڳتي ڏورڻو پوندو. اسان کي تسمانيا ٻيٽ وڃڻو پوندو، جيڪو آسٽريليا جي ڏکڻ ۾ آهي. اجا تازو ئي اُتي عورتون پٿر جو هي اوزار، ڪپڙو ۽ چمڙو وڍڻ توڙي چمڙي کي ڇلڻ لاءِ واپرائينديون هيون.

اوزارن وچ ۾ سندن ڪم جي ورڇ هجڻ مان مطلب هي ٿيو، ته ماڻهن ۾ به ڪم جي ورڇ هئي، جيڪا پٿري زماني جي شڪارين واري وقت کان شروع ٿي هئي.

جيئن وقت گذرندو رهيو، تيئن قسمين قسمين جا ڪم نڪرندا ويا. انهن سيني ڪمن جي پورائيءَ لاءِ ڪجهه ماڻهو هڪڙي قسم جو، ته ٻيا وري ٻئي قسم جو ڪم ڪندا هئا. جڏهن مرد شڪار تي ويندا هئا، ته عورتون چُلهه ويجهو اجايو ماٺ ڪري نه ويهنديون هيون. اُهي نوان تنبو ٺاهينديون هيون: جانورن جي کلن کي وڍي ڇِلي ڪپڙو اُٽينديون هيون، ڪاٺجندڙ پاڙون ميڙينديون هيون ۽ ڪاڏو ميڙي رکنديون هيون.

پر گڏوگڏ پورهيي جي هڪڙي ٻي ورڇ- جوانن ۽ پوڙهن وچ ۾- به هئي.

## هزارن ورهين جو اسڪول

هر ڪِرت جي اُڪلاءَ جو هڪڙو ڍنگ ٿئي ٿو ۽ ان ڪم جي ڄاڻ آسمان مان نٿي لهي. علم ته اهڙي وٿ آهي، جيڪو ٻين کان ماڻيو وڃي ٿو.

جيڪڏهن هر واڍو پنهنجو واهولي، رَنديي ۽ آريءَ جي ايجاد جي ابتدا ڪري



آسٽريليا جو شڪاري

۽ پوءِ اھا ڄاڻ وٺي تہ ڪيس اھي اوزار ڪيئن استعمال ڪرڻا آھن، تہ ھوند زمين تي ھڪڙي بہ واڍي جو وجود نہ رھي.

جيڪڏھن جاگرافي سکڻ لاءِ اسانّ مان ھرھڪ کي سچي دنيا ڏورڻي پوي، آمريڪا يا آفريڪا کي وري پيھر ڳولڻو پوي، ڪوھ ايورسٽ جي چوٽيءَ تي چڙھڻو پوي، سيني نارن ۽ خليجن جو ڪاٿو ڪرڻ پوي، تہ پوءِ اسان پيلي ھڪ ھزار ورھيہ جيئرا رھون، تڏھن بہ اسان وٽ انھيءَ ڪم لاءِ جھجھو وقت نہ ھوندو.

اسان جيتري ترقي ڪيون ٿا، ايتروئي گھڻو اسان کي اڀياس ڪرڻ گھرجي. ھر نئون نسل، پنھنجي پوئين نسل کان وڌيڪ ڄاڻ، علم ۽ ڪؤجنائون ماٺي ٿو.

ہ سؤ سال اڳ سورھن ورھين جو ڇوڪرو پروفيسر بڻجي،سگھندو ھو، پر اڄڪلھ سورھن ورھين جو ڇوڪرو توھان کي ڪٿي بہ پروفيسر نہ ملندو!

اسان پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪول ۾ ڏھہ سال پڙھون ٿا. اڳتي ايندڙ ماڻھو انھيءَ کان بہ وڌيڪ مُدت تائين پڙھندا، ڇوتہ ھر سال سائنس جي ھر شعبي ۾

ڪؤجنائن جو واڌارو ٿيندو رهي ٿو. سائنسن جي انگ ۾ پڻ واڌارو ٿيندو پيو وڃي. ڪنهن زماني ۾ رڳو طبعيات هئي. هاڻي ارضياتي طبعيات ۽ فلڪياتي طبيعيات به آهن. اڳي رڳو ڪيمسٽري هئي. هاڻي جيو ڪيمسٽري، بايو ڪيمسٽري ۽ ايگرو ڪيمسٽري پڻ موجود آهن. نئين علم جي دٻاءَ سان سائنسون وڌن ٿيون، ورهجن ٿيون ۽ سندن انگ ۾ واڌارو ٿئي ٿو، ڇڻ اُهي جيئرا گهرڙا هجن.

ظاهر آهي ته پٿر واري زماني ۾ ڪي سائنسون نه هيون. ماڻهوءَ جي تجربي جو ذخيرو اڃا شروع ٿيو هو. ماڻهوءَ جو پورهيو به ايڏو ڳُتيل يا پيچيده نه هو، جيترو هاڻي آهي. تنهنڪري ماڻهوءَ کي پنهنجي علم جي پورائيءَ ۾ گهڻي مدت نه لڳندي هئي. پوءِ به هن کي ڪيترين ئي ڳالهين سکڻيون پونديون هيون.

هن کي جانورن جي کؤج لڳائڻ، سندن کل لاهڻ، تنبو ٺاهڻ، پٿر جو ڌاريدار اوزار ٺاهڻ وغيره واسطي علم ۽ مهارت ماڻڻ جي گهُرج پوندي هئي.

۽ ڇاڻ ڪٿان ٿي اچي ؟

ماڻهو ڪو ڄمندي ڄام نٿو هجي. هُو ڪو هنر ڪٺي نٿو ڄمي. هُو انهيءَ هنر کي ماڻي ٿو.

جنهن مان هي ڄاڻ ملي ٿي ته ماڻهو، جانورن جي دنيا کي ڪيترو پوئتي ڇڏي آيو آهي.

جانورن کي پنهنجن سمورن ”جيئرن اوزارن“ ۽ سندن استعمال جي ڄاڻ، پنهنجي ماءُ پيءُ کان ورثي ۾ بلڪل ائين ملي ٿي، جيئن ان جي وارن جو رنگ يا جسم جو ڍؤل ملي ٿو. سوئر جي ڦر کي اهو نٿو سِکڻو پوي، ته هو گپ ۽ چڪٽي مٽيءَ کي ڪيئن کوٽي، ڇوته خاص ڪري انهيءَ مقصد واسطي هن کي ڄمڻ جي ڏينهن کان ئي فطرتي طور سگهارو ڏڦو ڏنو ويو آهي. ڪاٺ ڪُٽي کي اهو سيکارڻ جي گهُرج نٿي پوي، ته هُو ڪاٺيءَ کي ڪيئن ڇپاڙي؛ ڇوته هن جا تکا ڏند قدرتي طور ڦٽن ٿا. انهيءَ ڪارڻ جانورن جا نه ورڪشاپ ۽ نه ئي اسڪول ٿين ٿا.

اُهو ننڍڙو بدڪ جو ٻچو، جيڪو اڃا هاڻي ئي آنيءَ مان ڦُٽي نڪتو آهي، سو مکيون ۽ مڇر جهلڻ لڳي ٿو، جڏهن ته ڪوبه هن کي ائين ڪرڻ واسطي نٿو

سيڪاري. ڪوئل جو ٻچو ٻين پکين جي آکيرن ۾ پلجي نپجي ٿو. هن جا اصلي ماءُ پيءُ سندس سار سنڀال نٿا لهن. پر جڏهن سرءُ ٿو اچي ته هو پاڻ روانو ٿي ٿو وڃي ۽ آفريڪا جو رستو وٺي رمندو رهي ٿو، جڏهن ته هن کي اها وات ڪنهن به نه ڏيکاري هئي.

جانور پڪ سان گهڻو ڪجهه پنهنجي والدين کان سکن ٿا، ۽ اُتي اسڪول جيان ڪنهن شيءِ جو ته سوال ئي نٿو اُٿي.

وري ماڻهن بابت ڳالهه بلڪل ئي نرالي آهي.

ماڻهو پنهنجا اوزار پاڻ ناهي ٿو، پوءِ ته هو انهن اوزارن کي پيدائشي ڪٺي پيدا نٿو ٿئي. انهيءَ جو مطلب هي ٿيو ته هو انهن اوزارن جو استعمال يا هنر پنهنجي والدين کان وراثت ۾ نٿو ماڻي. هو انهن اوزارن کي عمل ۾ آڻڻ بابت پنهنجن بزرگن ۽ استادن کان سکي ٿو.

هر سست شاگرد کي ڏاڍي سُرهائي ٿئي ها، جيڪڏهن ماڻهو قاعدن ۽ رياضي جي ڄاڻ ڪٺي ڄمن ها. ۽ پوءِ اسڪولن جي گهُرج نه پوي ها. پر انهيءَ عمل سان شاگرد کي گهڻو لاڀ نه ٿئي ها. جيڪڏهن اسڪول نه هجن ها ته ماڻهو ڪا نئين ڳالهه نه سکن ها. سمورا انساني هنر ۽ ڄاڻ هڪ ئي معيار- نوريٽڙي جي هنر يا ڄاڪوڙ جيان- قائم رهن ها.

هي ماڻهو جو سُڀاڳ آهي، جو هو نهيل تُڪيل هنر سان نٿو ڄمي. هو سکي ۽ سيکاري ٿو ۽ هر انساني نسل تجربن جي ذخيري ۾ پنهنجي پاران ڪجهه نه ڪجهه واڌارو ڪري ٿو. اهي تجربا لڳاتار وڌندا رهن ٿا. انسان اڻ ڄاتل سرحدن کي اڃا پري ڌڪيندو اڳتي وڌندو رهي ٿو.

اسان جي ملڪ ۾ هر ستن ورهين جو ٻار اسڪول وڃي ٿو ۽ اسان جو سڄو ملڪ پڻ مجموعي طور تي هڪ قسم سان اسڪول مان پيو گذري، گهٽي کان گهٽي ڄاڻ پيو ماڻي.

هزارين سالن واري اسڪول- انساني پورهيي جو اسڪول- ماڻهوءَ کي ايترو گهڙي ناهيو آهي، جيڪو اڄ هو آهي. انهيءَ پورهيي واري اسڪول ماڻهوءَ کي تهذيبي ورثو- سائنس، انجنيئرنگ ۽ آرٽ- ڏنو آهي.

ماڻهو سڀ کان پهرين پٿر جي زماني ۾ ان هزار ورهين جي اسڪول ۾

گهڙيو هو. پوڙها، تجربيڪار شڪاري ننڍڙن ڇوڪرن کي شڪار جو ڏکيو فن- جانور کي سنڌس پيرن جي اهڃاڻن مان ڪيئن سڃاڻو وڃي، جانور جي ويجهو ڪيس پڙڪاٽ يا ٺهاٺ بنا ڪيئن پهچجي وغيره- سيکاريندا هئا.

اڄ به شڪار لاءِ وڏي مهارت جي گهُرج پوي ٿي. پوءِ به اڄ اُن زماني جي ڀيٽ ۾ شڪاري ٿيڻ ڪيڏو نه سولو آهي. ڇوته اڄ شڪاريءَ کي پاڻ پنهنجن هٿن سان هٿيار ٺاهڻا نٿا پون. پٿر جي زماني ۾ شڪاري پنهنجا ڏنڊا، وڍيندڙ اوزار ۽ ڀالن واسطي تکيون ڇُهنبون پاڻ ٺاهيندا هئا. پوڙهو شڪاري پنهنجي قبيلي جي نوجوانن کي گهڻو ڪجهه سيکاري سگهندو هو.

عورتن جي ڪم لاءِ به مهارت گهُربل هئي، ڇوته عورتون گهر ڏياٽيون، ڪُڙمت، اڏاوت، ڪاتير، ڏنار ۽ درزڪي ڪِرت جو ميڙ هونديون هيون.

هر قبيلي ۾ اهڙا پوڙها ۽ تجربيڪار مرد ۽ عورتون هوندا هئا، جيڪي پنهنجي سڄي زندگيءَ جي ڄاڻ ۽ تجربا، پنهنجي قبيلي جي وڏن ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين کي ڏئي ڇڏيندا هئا.

پر انهن تجربن جي متاستا ڪيئن ٿي ٿئي؟

پنهنجن تجربن جو نماءُ سنڌن ڄڻائي ڪندي اُهي تجربا منتقل ٿيندا هئا.

پر ماڻهوءَ کي انهيءَ عمل لاءِ ٻوليءَ جي گهُرج هئي.

جانورن کي پنهنجن ٻارن کي هي نٿو سيکارڻو پوي، ته ڪين پنهنجا "جيئرا اوزار"- هٿ ۽ ڏند- ڪيئن واپرائڻ گهُرجن. جانورن واسطي ڳالهه ٻولهه جي ڄاڻ ماڻڻ گهُربل نٿي هُجي.

پر تاريخي زماني کان اڳ واري ماڻهوءَ کي ائين ڪرڻو پوندو هو. هُن کي انهن ڪمن لاءِ گڏيل ٻوليءَ جي گهُرج هئي، جيڪو هو ٻين سان گڏجي ڳالهائيندو هو. وڏڙن جي تجربن ۽ هنرن کي نوجوانن تائين پهچائڻ واسطي پڻ لفظن جي گهُرج هئي.

ته پوءِ پٿر واري زماني جا ماڻهو هڪٻئي سان ڪيئن ڳالهه ٻولهه ڪندا هئا؟

## ماضيءَ ۾ ٻيو سفر

اچو، ماضيءَ جو وري ٻيهر سفر ڪريون. پر هنَ ڀيري اسان ڪوشش

ڪنداسين ته اهو سفر اڳوڻي سفر جي ڀيٽ ۾ سولو هجي. ڪنهن ڏورانهين ملڪ ڏورڻ واسطي رڳو جهاز تي وڃڻ ئي گهُربل نه آهي. توهان اهو سفر پنهنجي گهر ۾ ويهندي به ڪري سگهو ٿا.

توهان ريڊيو کي کولي، پنهنجي ڪمري کي نه ڇڏيندي به، ملڪ جي ڪنهن به ڀاڱي ۾ پهچي سگهو ٿا. جيڪڏهن توهان وٽ ٽيليويزن (دُور- درشن) آهي، ته توهان نه رڳو ماڻهن کي ٻُڌي سگهو ٿا، ويتر ڪين سوين ميل ڏور هوندي به ڏسي سگهو ٿا. ريڊئي ۽ ٽيليويزن وڏا وڏا فاصلا طئي ڪرڻ ۾ اسان سان سهڪار ڪيو آهي.

پر اسان انهن ماڻهن کي ڪيئن ڏسي ۽ ٻُڌي ٿا سگهون، جيڪي سوين سال اڳ گذري چڪا آهن؟ ڇا ڪا اهڙي مشين يا آلو آهي، جيڪو اسان کي انهيءَ وقت جو، ريڊئي ۽ ٽيليويزن جيان، ويچو هوندي به سفر ڪرائي سگهي؟

ها، اهڙي شيءِ آهي. اُها سينيما آهي.

اسان سينما جي پردي تي سڄي دنيا، رڳو اڄوڪي دنيا نه، پر ماضيءَ جي سوين ورهين جي دنيا پڻ ڏسي ٿا سگهون.

هتي اسان ماسڪو جي ڳاڙهي چوڪ تي انهيءَ جلوس جو نظارو پيا ڏسون، جيڪو پهرين آرڪٽڪ مهم جي سورمن جي آڌرڀاءُ لاءِ ڪڍيو ويو هو. پوءِ اسان ڏسون ٿا ته هوا ۾ هڪڙو وڏو ڦوڪڻو پيو اُڏامي، جيڪو هڪ نئين سياري (اسپيوتنڪ) جيان پيو لڳي. اهو اسٽريٽو اسفيرڪ ڦوڪڻو آهي.

بهرحال، فلم ڪيمرا پڻ اهڙو جهاز آهي، جيڪو اسان کي ماضيءَ جي رڳو انهن سالن تائين وٺي وڃي ٿو سگهي جن ۾ پاڻ ايجاد ٿيو هو. ۽ فلم ڪيمرا ته بلڪل هاڻي جي ايجاد آهي. پهرين ڳالهائيندڙ فلم 1927ع ۾ ڏيکاري وئي هئي.

ماضيءَ ڏانهن آڳاٽي زماني کان پوئتي ڏوريندي، اسان کي هڪبئي پويان جهاز بدلائڻا پوندا ۽ اُهي لڳاتار خراب کان خراب- اسٽيمر کان هوائي جهاز ۽ هوائي جهاز کان ڪا معمولي ٻيڙي- ٿيندا ويندا.

هاڻي اسان هڪ سانت فلم جي پردي تائين پهچي ٿا وڃون. اسان ماضيءَ کي ڏسي ته سگهون ٿا، پر ٻُڌي نٿا سگهون.

فونوگراف ايجاد ٿيو. اسان آواز ٻُڌي پيا سگهون، پر اهو نٿا ڏسي سگهون

تہ ڪير پيو ڳالهائي، جڏهن تہ آواز بہ چٽو هجي ٿو. ۽ پوءِ اسان جا جهاز اسان کي اُتان اڳتي ڪٿي نہ ويندا، جتان انهن هاڪاريو هو.

ڪابہ فلم اهو نتي ڏيکاري سگهي تہ 1895ع کان اڳ ڇا ٿيو هو ۽ ڪوبہ فونوگراف انهن لفظن کي نٿو ٻُڌائي سگهي، جيڪي 1877ع کان پهرين ٻوليا ويا هئا، ڇوتہ 1877ع ۾ اهو ايجاد ٿيو هو.

آواز مري ٿا وڃن ۽ رڳو لهرن- ڪتابن جي سڏين ۽ هموار لِيڪن جي روپ ۾- باقي رهن ٿا.

پراڻي زماني جي فوٽوئن ۾ دهيل تهڪ ۽ نگاهون ملن ٿيون.

ڪنهن پراڻي ڪٽنبي البم کي ڏسو. منجهس ساون مخملي پردن، چادرن ۽ ٽامي جي آنڪيڙن (ڳهيرن) وچ ۾ توهان کي ڪيترن ئي نسلن جو جيون نظر ايندو.

هڪڙي پني تي اسان کي هڪ ننڍي ڇوڪريءَ جو ڌُنڌلو فوٽو نظر اچي. هُن کي 1870ع جي ڇوڪرين جهڙو لباس پاتل آهي. هوءَ هڪڙي باغ جي اهڙي ڦاٽڪ جو سهارو ڏئي بيٺل آهي، جيڪو رڳو ڪنهن فوٽوگرافر جي اسٽوڊيو ۾ ئي ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

انهيءَ ساڳئي پني تي سندس ويجهو هڪڙي ڪنوار اڇو چولو پائي ٿلهي ۽ ڳنڍي گهوٽ لڳ بيٺل آهي. گهوٽ جي هٿن وارين آڱرين ۾ مُنڊيون پاتل آهن ۽ هو هڪڙي سنگ مرمر جي ٽِپائي تي هٿ رکي بيٺل آهي، جيڪو مٿان کان ٽُڪيل آهي. گهوٽ، ڪنوار کان اٽڪل ٽيهہ ورهيہ ڄمار ۾ وڏو ٿو لڳي. ڪنوار جي اکين ۾ اهڙي ئي وائڙائپ ۽ پيڙ آهي، جهڙو اڳئين فوٽوءَ واري ڇوڪريءَ جي اکين ۾ هو.

۽ هاڻي هِتي اُها ساڳي ڪنوار چاليهہ يا پنجاهہ سال کان پوءِ موجود آهي. هُن کي ڏکيائي سان ئي سُڃاڻي پيو سگهجي. ڪاري ڀرت ڀريل رومال ۾ ويڙهيل هُن جي پيشاني گهُنجيل آهي. هُن جي اکين ۾ ٿڪاوٽ آهي ۽ سندس ڳل اندر پيهيل آهن. فوٽوءَ پويان اسٽوڊيوءَ جو مارڪو آهي. هڪڙي ننڍڙي ڇوڪريءَ جي هٿ ۾ ڪيمرا آهي ۽ جنهن تي ڏڪندڙ پوڙهن هٿ سان لکيل هي لفظ آهن: ”منهنجي پياري پوٽيءَ لاءِ، ڪيس گهڻو پيار ڪندڙ ڏاڏيءَ طرفان.“

هتي البم جي هڪڙي پني تي ماڻهوءَ جي پوري زندگي سمايل آهي.







ماضيءَ جا گواهه- چمڙي جي ڪاغذ تي
رومن لکيت، مٽيءَ جي تختيءَ تي آشوري
پيڪاني لکيت ۽ پٿر تي آڳاٽي
زماني جي ڊرائينگ

اُهي فوٽو جيترو آڳاٽا آهن، ايترو ئي گهٽ منجهن تصويري ماڻهوءَ جي تاثرن ۽ حرڪتن جي عڪاسي ٿئي ٿي. اڄ اسان ڏاڍي سولائيءَ سان ڪنهن ڊوڙندڙ گهوڙي يا ٽُپي هڻندڙ تارُو جو سٺو فوٽو ڪڍي ٿا سگهون. پر اوائلي زماني جي فوٽوگرافر وٽ هڪ خاص آرام ڪرسي هوندي هئي، جنهن ۾ پيچ لڳل هوندا هئا. انهيءَ وسيلي هُو فوٽو ڇڪائيندڙ جو مٿو ۽ ٻانهن هڪ جاءِ تي ڇڪي ٻَڌي ڇڏيندو هو، ته جيئن هو ٿورڙو به چُري پُري نه سگهي. تنهنڪري ڪا عجب جي ڳالهه نه آهي، ته انهن فوٽن جا ماڻهو اصلي نه، پر ڏِٺيل ۽ عجيب لڳن ٿا.

پر 1838ع کان پهرين فوٽو گرافي نه هئي. پنهنجي سفر دوران اسان کي ماضيءَ جي ٻين مشاهدن تي پورو ڀاڙڻو پوندو، جڏهن ته اُهي ڪيمرا جيان نه پڪا ثبوت آهن ۽ نه ئي بلڪل ٺيڪ آهن.

جيڪڏهن اسان ماضيءَ کي موٽائڻ ٿا چاهيون، تہ اسان کي انهن مشاهدن جو جائزو وٺڻو پوندو، جيڪي آرٽ گيلرين، ميوزمن ۽ لائبررين ۾ سانڍيل آهن.

هزارين سال ايئن تيزيءَ سان لنگهي ويندا، جيئن رستن تي لڳل اُهڃاڻ وارن پٿرن جا انگ گذري وڃن ٿا. هاڻي اسان 1440ع تائين پهچي ٿا وڃون. انهيءَ کان اڳ ڇپيل ڪتاب نہ هوندا هئا. ڇاپي جي ڇٽن ڪارن اکرن جي جاءِ ڪاتبن جا لکيل ڪتاب وٺي ٿا ڇڏين. هنن جو قلم هوريان هوريان چمڙي جي ڪاغذ يا جهليءَ تي پيو هلي ۽ اسان سندس پويان هوريانُ هوريان، پير پير ۾ ڏئي، هڪڙو اکر اکر ماضيءَ ڏانهن هلندا ٿا وڃون.

اسان ماضيءَ ڏانهن اچا وڏيڪ سفر ڪندا ٿا وڃون ۽ چمڙي مان جوڙيل ڪاغذ جي ڪتابن، پنن تي لکيل تحريرن، مندرن جي ديوارن جي پٿرن تي اُڪريل عبارتن تائين پهچي ٿا وڃون.

۽ جيڪي لکيتون ماضيءَ جي ماڻهن وٽان اسان کي مليون آهن، سي اچا بہ عجيب ۽ پراسرار ٿينديون پيون وڃن. نيٺ، لکيتون بہ الوپ ٿيو وڃن. ماضيءَ جا آواز سانت ٿي ٿا وڃن.

۽ ان کان اڳ ڇا ٿيو هوندو؟

هاڻي اسان زمين منجهہ ماڻهوءَ جي نشانن جي ڳولا ڪنداسين. اسان وساريل قبرستاني دڙا ٿا کوٽيون. قديم اوزارن، پراڻين پناهہ گاهن جي پٿرن، مُدتن کان وساميل چُلهن جي ڪوئلن جو جائزو ٿا وٺون.

ماضيءَ جون اُهي سموريون باقيات اسان کي ٻڌائين ٿيون، تہ ماڻهوءَ جو رهڻ سهڻ ڪيئن هو ۽ هو ڪيئن ڪم ڪندو هو.

پر ڇا اُهي اسان کي ٻڌائي سگهن ٿيون تہ ماڻهو ڪيئن ڳالهائيندو ۽ سوچيندو هو؟

## اشارن جي زبان

تاريخي زماني کان اڳ وارن ماڻهن جي غارن جي اونهائين ۾ يا ڍاپن جي جاين تي، سائنسدانن کي تڏهوڪا ماڻهو مليا آهن. مطلب تہ انهن جون باقيات- هڏاوان پڃرا ۽ پيون سندن روزاني جيوت ۾ ڪم ايندڙ شيون- مليون آهن.

1924ع ۾ قديم آثارن جي سوويت ماهرن، سيمفيروپول ويجهو ڪيئڪ

ڪويا جي غار ۾ هڪ پٿرايل ماڻهوءَ جا باقيات لڌا. غار جي وچ ۾ هڪڙي چورس کڏ هئي، جنهن ۾ ماڻهوءَ جو اهو ڍانچو ڏٺو ويو. ويجهو ئي هڪڙي قاڙهي جو هڏائون پيجرو ۽ ڪجهه پٿر جا اوزار پيل هئا.

پٿر جي ابتدائي زماني جا هڪ ٻيو ڍانچو ازبڪستان ۾ تيشڪ تاش جي غار ۾ مليو آهي. تاريخي زماني کان اڳ وارا شڪاري، جابلو ماتريءَ جي لاهيءَ وارن ماڳن تي رهندا هئا ۽ شايد سندن پير گهٽو سڏريل هئا، ڇوته هنن جو خاص شڪار جابلو ٻڪري هئي، جنهن کي ڦاسائڻ ۽ مارڻ ڪو سولو ڪم نه هو.

انهيءَ غار مان پٿر جي اوزارن ۽ جانورن جي هڏين سميت هڪ ٻار- جيڪو اٽڪل اٺ ورهين جو ٿيندو- جي کوپڙي ۽ هڏيون لڌيون ويون.

پٿر جي ابتدائي زماني جي ماڻهوءَ جا پٿرايل باقيات رڳو روس ۾ ئي نه لڌا ويا آهن، پر ڪيترن ئي ٻين ملڪن ۾ پڻ مليا آهن. اصل ۾ اُهي آمريڪا کان سواءِ سمورن کنڊن ۾ لڌا ويا آهن.

جيئن ته انهيءَ قسم جي پهرين کوجنا جرمنيءَ جي صوبي رائن ماتريءَ جي نيندرٿال نالي ماڳ تي ٿي هئي، تنهنڪري قديم آثارن جي ماهرن انهن باقيات کي ”نيندرٿال ماڻهوءَ“ جي باقيات سڏيو.

هاڻي اسان پنهنجي سورمي کي نيندرٿال ماڻهو چونداسين. اسان هن کي نئون نالو ڏنو آهي، ڇوته لکين سال جي عرصي کيس پنهنجي پٽيڪان ٽروپس وڏڙن کان بلڪل الڳ ڪري ڇڏيو آهي.

هاڻي هن جي چيلهه گهٽي سِڌي آهي، هُن جا هٿ وڌيڪ ڦڙت آهن ۽ سندس ڇهري تي وڌيڪ ماڻهپو آهي.

عام طور ليکڪ پنهنجي سورمي جي ڇهري کي، تصورن جي انتهائي اُڏام ۽ گهٽي ڇِتائيءَ سان پيش ڪري ٿو. مثال طور: هو اهڙيون تشبيهون ڪتب آڻي ٿو، جيئن: ”هُن جون آکيون تانداڻي جيان روشن، نڪ هوڏي رومن جهڙو ۽ وار ڪانوَ جي کنڀن جيان ڪارا هئا.“ پر ليکڪ ڪڏهن به سورمي جي دماغي قد- بُت بابت ڪجهه به نٿو چوي.

اسان جو مامرو بلڪل ٻيو آهي. اسان واسطي پنهنجي سورمي جو دماغي قد- بُت وڏي اهميت رکي ٿو، جيڪو سندس اکين جي چمڪ يا وارن جي رنگ جي ڀيٽ ۾ اسان لاءِ وڌيڪ دلچسپيءَ جو وسيلو آهي.

ڪيس اسانِ کان ڌار ڪري ٿي. هن جي پيشاني پوئتي دٻيل آهي ۽ اصل ۾ ڪاڏي ته بلڪل غائب آهي.

دٻيل پيشانيءَ واري کوپڙيءَ منجهه دماغ، هاڻوڪي انساني دماغ جي ڪجهه ڀاڱن کان وانجهيل هو. هيٺين چاڙي، جنهن ۾ ڪاڏي غائب هئي، سا اجا انساني ڳالهه ٻولهه لاءِ موزون نه ٿي هئي.

اهڙو ماڻهو، جنهن جي اهڙي پيشاني ۽ ڪاڏي هئي، سو اسان جيان نه سوچي سگهندو هو ۽ نه ئي ڳالهيون ڪري سگهندو هو.

پوءِ به، تاريخي زماني کان اڳ واري ماڻهو کي ڳالهائڻو هو. گڏيل ڪم، ڳالهه ٻولهه جي گهُر ڪندو هو، ڇو ته جڏهن گهڻا ماڻهو ڪو هڪڙو ڪم گڏجي ڪن ٿا، ته منجهن ڪم بابت سرچاءُ گهُربل هُجي ٿو. ماڻهو انهيءَ وقت تائين اوسيئڙو نه پيو ڪري سگهي، جيستائين هُن جي پيشانيءَ ۾ ارتقا ٿئي ۽ سندس چاڙي وڌيڪ ظاهر ٿئي، ڇو ته ان لاءِ کيس هزارين سال اوسيئڙو ڪرڻو پوي ها.

پر هو ٻين کي پنهنجا ويچار ڪيئن ٻُڌائيندو هو؟

جيڪو ڪجهه هو چوڻ چاهيندو هو، تنهن جي اظهار لاءِ هو پنهنجو پورو جسم استعمال ڪندو هو. هن وٽ اجا ڳالهائڻ جو ڪو خاص عضوو نه هو، تنهنڪري هُو پنهنجا هٿ، چهري جون رڳون، پنهنجون ٻانهون ۽ پير واپرائيندو هو. پر سڀ کان وڌيڪ هُن جا هٿ اظهار ڪندا هئا.

توهان ڪڏهن ڪنهن ڪتيءَ کي ٻچڪارون ڏنيون يا ساڻس ڳالهيون ڪيون آهن؟ جڏهن ڪو ڪُتو پنهنجي مالڪ کي ڪجهه چوڻ چاهي ٿو، ته هن جي اکين ۾ اکيون وجهي ڏسي ٿو، پنهنجي ڇپ سان کيس چَٽي ٿو، سندس ڪوڙي ۾ پنهنجو پير رکي ڇڏي ٿو، پُڇ لوڏي ٿو، جوش وچان جسم کي جهنجهوڙي ٿو ۽ اوٻاسيون ڏئي ٿو. هو لفظ ته نٿو واپرائي سگهي، تنهنڪري پنهنجو سڄو جسم- وات، ڇپ کان وٺي پُڇ جي ڇيڙي تائين- استعمال ڪري ٿو، ته جيئن سندس نياپو مالڪ تائين پهچي وڃي.

تاريخي زماني کان اڳ واري ماڻهوءَ وٽ پڻ ڳالهائڻ لاءِ لفظ نه پر هٿ هئا، جيڪي کيس پنهنجي ڳالهه سمجهائڻ ۾ سهائتا ڪندا هئا. هو پنهنجا هٿ ڪم لاءِ واپرائيندو هو ۽ ڪم لاءِ زبان جي پڻ گهُرج پوندي هئي.

هي چوڻ جي پيٽ ۾ ته، ”هن کي وڏي چڏيو،“ تاريخي زماني کان اڳ وارو ماڻهو هٿ سان هوا کي چيريندي اها ڳالهه ٻڌائيندو هو. ”مونکي ڏي،“ چوڻ جي پيٽ ۾ هو پنهنجو هٿ ڦهلائي چڏيندو هو. ”هتي اچ،“ چوڻ جي پيٽ ۾ هو پنهنجا هٿ پاڻ ڏانهن چوريندو هو. هٿن جي واهر لاءِ هو آواز پڻ ڪڍندو هو. هو ٻين ماڻهن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائڻ ۽ پنهنجي هٿ جي اشارن کي ڏسڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ ڪُوڪ، گهُرڪ، هُڏڪار يا گوڙ ڪندو هو.

پر اسان کي اها ايڏي ڄاڻ ڪيئن پئي؟

جيڪو به ٽٽل پٿر جو اوزار اسان کي مليو ته، سو ماضيءَ جو هڪڙو ياڳو هُجي ٿو. پر اسان کي اشارن جا ٽٽل ڦٽل ٽڪرا ڪٿي ملي سگهن ٿا؟ اسان انهن هٿن جي اشارن کي ڪيئن ٿا موٽائي سگهون، جيڪي مُدتن کان مٽيءَ ۾ دٻجي چڪا آهن.

هي ڳالهه ناممڪن هجي ها، جيڪڏهن تاريخي زماني کان اڳ جا اُهي ماڻهو اسان جا وڏڙا نه هجن ها ۽ اسان لاءِ وراثت ڇڏي نه وڃن ها.

## ڳالهائيندڙ هٿ

ڪجهه ڏهاڙا اڳ هڪڙو آمريڪي قبائلي همراهه لينن گراد آيو هو. هُو ”نيز پيرس“ قبيلي جو ماڻهو هو، جنهن جي معنيٰ آهي ”ڇِليل نڪ“. هو توماهاڪون ويڙهاڪ انڊين سان ٺهڪجندڙ بلڪل نه هو، جن جي ڳالهه فيني مور ڪوپر نالي ليکڪ گهڙي ڪئي آهي.

هن آمريڪي قبائلي جي پيرن ۾ نه هرڻ جي کل جا جُوتا هئا ۽ نه ئي ٽوپيءَ ۾ جهرڪين جا کنڀ. هُن کي عام يورپي لباس پاتل هو ۽ هُن انگريزي توڙي پنهنجي قبائلي زبان ٻنهي ۾ رواني‌ءَ سان پئي ڳالهايو.

بهرحال، انهن ٻنهي زبانن سميت هو ٽين زبان پڻ ڄاڻندو هو، جيڪا آمريڪي قبائلي ماڻهن ۾ هزارين ورهين کان سانديل آهي.

اُها دنيا جي سڀ کان سادي ٻولي آهي. جيڪڏهن توهان ان کي سکڻ چاهيو ته توهان کي فعلن جي گردانن ۽ اسم توڙي صفت وغيره جي جهيڙن ۾ پوڻ جي گهُرج نه آهي، جيڪي اسان لاءِ اڪثر مٿي جو سُور هُجن ٿا. صحيح هِجي ۾

مهارت ماڻڻ ڏاڍي سولي ڳالهه ٿيندي، ڇو ته توهان کي ڪنهن لفظ جو لهجو ڇوڙو ئي نه پوندو!

تي ٻوليءَ جيڪا اسان جو ملاقاتي ڳالهائيندو هو، اُها آوازن جي نه پر اشارن جي ٻولي هئي. شايد ان ٻوليءَ جي لغت ئي اهڙي قسم جي هئي.

## اشاراتي ٻوليءَ جي لغت جو پنو

**ڪمان:** هڪڙي هٿ ۾ خيالي ڪمان جهليل ۽ ٻيو هٿ ان جي تند کي ڇڪيندڙ.

**ويگوام (آمريڪي قبائلين جو تنبو):** هڪٻئي ۾ جُڙيل آڱريون تنبو ڏيکاريندڙ.

**اڇو ماڻهو:** پيشانيءَ مٿان هٿ رکيل: ٽوپلي جي ڇڄي ڏانهن اشارو.

**ٻگهڙ:** هٿ جون ٻه اُڀيون آڱريون: ٻن ڪنن جو روپ ڌاريندڙ.

**سهو:** مٿين جيان هٿ جون ٻه اُڀريل آڱريون ۽ هڪڙو چوُرس گهيرو ٺاهيندڙ اشارو. هي سهي جي ٻن اُڀريل ڪنن ۽ سندس گول پُٺ لاءِ اشارو آهي.

**مڇي:** وڇڙيل آڱرين سميت هٿ جو ٽيڏو مُڙي هلڻ جو اشارو: جيئن مڇي تري ٿي ۽ سندس پُڇ ڪابي ساڄي پاسي هلندو رهي ٿو.

**ڏيڏر:** هٿ جي پنجن آڱرين جا ڇيڙا هڪٻئي سان ڳنڍيل، پوءِ الڳ ٽپا ڏيڻ جي حرڪت سان.

**ڪڪر:** ٻئي مُنون مٿي مٿان ڪڪر ڏيکاريندڙ.

**برف:** مٿين جيان ٻه مُنون مٿي مٿان، پر آڱريون هوريان هوريان کُلندڙ ۽ برف جي ڳوڙهن جيان نچندي هيٺ ايندڙ.

**برسات:** مٿي ڇاڻايل جيان مُنون ڦهلجندڙ ۽ تيزيءَ سان هيٺ ايندڙ.

**تارو:** ٻه آڱريون مليلَ ۽ پوءِ ڌار مٿي مٿان ڪافي اوچيون: ڄڻ تارو جَرڪندڙ هجي.

انهيءَ ٻوليءَ جو هر لفظ هوا ۾ چٽجندڙ تصوير آهي.

جيئن ته گهٽيون آڳاٽيون لکتون لفظن ۾ لکيل نه، پر تصويري روپ ۾ آهن. اهڙيءَ ريت شايد گهٽا آڳاٽا اشارا به تصويري اشارا هوندا هئا.

ظاهر آهي ته هاڻوڪي اوائلي آمريڪي قبيلن جي اشارن واري ٻولي، تاريخ کان اڳ واري زماني جي انسان جي ٻولي نه هئي. هاڻوڪن آمريڪي

قبيلن جي اشارن جي ٻوليءَ ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ موجود آهن، جيڪي ڪنهن تاريخ کان اڳ واري زماني جي ٻوليءَ ۾ نٿا ملن. بلڪل هاڻوڪا تصويري اشارا هيٺ ڏجن ٿا. مثال طور:

**گاڏي (موٽر):** ٻه ڦيٿا ڏيکارڻ لاءِ هٿن جا ٻه گهيرا ناهڻ ۽ خيالي اسٽيرنگ سان ڦيٿو گهمائڻ.

**ٽرين:** ڦيٿن کي ڏيکارڻ لاءِ هٿن جا ٻه گهيرا ناهڻ ۽ پوءِ هٿ جي لوڏ وارو اشارو: انجڻ جي ٻاڦ کي مٿي ويندي ڏيکارڻ لاءِ.

اهي بلڪل هاڻوڪا نوان اشارا آهن. پر اشارن جي ٻوليءَ ۾ اهڙي لغت وارا اشارا به آهن، جيڪي تاريخي زماني کان اڳ وارا آهن، مثال طور:

**باهه:** هٿ جو مٿي ڏانهن لُڏندڙ اشارو: ڪنهن ڏاڍي جي مَچ مان اُٿندڙ دونهن کي ڏيکارڻ لاءِ.

**ڪم:** هٿ سان وڍڻ جو اشارو.

ڪير ٿو چاڻي ته شايد تاريخي زماني کان اڳ وارو ماڻهو، جڏهن ”ڪم“ چوڻ چاهيندو هو، ته هٿ سان هوا کي چيريندو هجي. بهرحال، پٿر جو پهريون اوزار ته چيرڻي هو.

## اسان جي پنهنجي اشارن واري ٻولي

اسان پڻ پنهنجي اشارن جي زبان کي سانڍي رکيو آهي.

جڏهن اسان ”ها“ چوڻ چاهيون ٿا ته سڌائين ڳالهايون نٿا، پر ڪنڌ لوڏيون ٿا.

جڏهن اسان ”هُتي“ چوڻ چاهيون ٿا، ته رڳو اوڏانهن اشارو ڪري ڇڏيون ٿا.

اسان جي هڪڙي خاص ”ڳالهائيندڙ“ آڱري آهي، جنهن کي اسان اشاري جي آڱري چئون ٿا.

جڏهن اسان ڪنهن کي سلام ڪيون ٿا، ته جهُڪون ٿا. اسان پنهنجو ڪنڌ ۽ ڪُلها لوڏيون ٿا، پنهنجون ٻانهون کڻون ٿا، ڪنهن تي آڱريون چٽيون ٿا، ميز تي هٿ يا مُڪ هڻون ٿا، پير ڇَنڊيون ٿا، هٿ هلايون ٿا، پنهنجي دل تي هٿ رکون ٿا، پنهنجي ٻانهن وڌايون ٿا، پنهنجو هٿ ڏيون ٿا ۽ پري کان چُمي ڏيون ٿا.

هتي اهڙي پوري ڳالهه ٻولهه هُجي ٿي، جنهن ۾ هڪڙو لفظ به نٿو ڳالهايو وڃي.

۽ اها "نه ڳالهائجندڙ ٻولي" اشارن جي ٻولي، مرڻ نٿي چاهي. هي پڻ سچ آهي ته ان ۾ ڪجهه چڱايون پڻ آهن. ورلي هڪڙو اشارو پڻ ڪنهن ڊگهي ڳالهه ٻولهه کان وڌيڪ مطلب جو نماءُ ڪري ٿو. ڪو سُٺو اداڪار ماٺ رهندي به پنهنجين اکين، ڀروئن ۽ چپن وسيلي اڌ ڪلاڪ ۾ سوين لفظ ٻولي ڇڏي ٿو. بهرحال، اشارن جي ٻولي گهُرج کان وڌيڪ ڪتب آڻڻ ڪا سُٺي ڳالهه نه آهي.

توهان ڪا ڳالهه پنهنجن هٿن يا پيرن سان ڇو ٿا ڪريو، جڏهن ته توهان ان کي سولائيءَ سان لفظن ۾ چئي سگهو ٿا! اسان کي تاريخي زماني کان اڳ وارا ماڻهو ته نه آهيون. پيرن کي ڇنڊڻ، شين کي اشارن سان ٻڌائڻ ۽ هٿن کي هلائڻ اهڙيون عادتون آهن، جن کي وسارڻ ئي سُٺو آهي.

پوءِ به ڪڏهن ڪڏهن رڳو اشارن جي ٻولي ئي اسان جي ترجماني ڪري سگهي ٿي. ڪڏهن توهان ٻن جهازن کي جهنڊن جي اشارن وسيلي ڳالهائيندي ڏٺو آهي. هوا، لهرن ۽ توبن جي گُجندڙ گوڙ ۾ ماڻهوءَ لاءِ آواز سُڃاڻڻ ناممڪن هُجي ٿو. اهڙن موقعن تي اسان جا ڪَن ڪم نٿا ڏين ۽ اسان کي پنهنجين اکين تي ڀروسو ڪرڻو پوي ٿو.

توهان شايد اشارن جي ٻولي اڪثر واپرايو ٿا. مثال طور: جڏهن ڪلاس ۾ استاد جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائڻ چاهيون ٿا، ته هٿ کڻون ٿا ۽ اهو ٺيڪ به آهي. ڇو ته توهان سوچي سگهو ٿا ته جيڪڏهن هڪڙي ئي وقت ٽيهه چاليهه ٻار ڳالهائڻ لڳندا، ته ڪهڙي حالت ٿيندي؟

تنهنڪري اسان ڏسون ٿا ته اشارن جي ٻوليءَ جون پنهنجون چڱايون آهن ۽ انهيءَ ڪارڻ اُها هزارين سالن تائين جيئرو رهي آهي ۽ هينئر پڻ ان جي گهُرج آهي.

ٻولي، اشارن جي ٻوليءَ تي چڙهت ته ڪري وئي آهي، پر پوريءَ ريت نه. هاڻي هارايل، سوڀارن جي ٻانهي بڻجي وئي آهي. تنهنڪري ڪجهه قومن ۾ اشارن جي ٻوليءَ جو وجود- ٻانهن، نوڪرن ۽ سندن ٻوليءَ جي حيثيت سان- رهجي ويو آهي، جيڪي نيچ ۽ تڇ سمجهيا وڃن ٿا.

آڪٽوبر جي عظيم سوشلسٽ انقلاب کان پهرين قفقاز جي آرمينيائي ڳوٺن ۾، عورت کي پنهنجي مڙس کان سواءِ ڪنهن ٻئي مرد سان ڳالهائڻ جي

اجازت نہ هئي. جڏهن ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي ڪجهہ چوڻو هوندو هو، تہ ان کي اشارن جي ٻولي ڪتب آڻڻي پوندي هئي.

شام، ايران ۽ دنيا جي ڪيترن ئي ٻين ڀاڱن ۾ اشارن جي ٻولي هئي. مثال طور: ايراني شاهہ جي نوڪرن کي رڳو اشارن جي زبان واپرائڻ جي اجازت هئي. اُهي رڳو پنهنجي حيثيت وارن سان لفظن ۾ ڳالهائي سگهندا هئا. اهي ايا ڳا ماڻهو واقعي 'ڳالهائڻ جي آزاديءَ' کان وانجهيل هئا.

اهڙيءَ ريت اسان کي ماضيءَ جون باقيات ملن ٿيون، جيڪي مُدتن کان اڻ لڀ ٿي چڪيون آهن.

## ماڻهو پنهنجو دماغ ٿو ماڻي

جهنگ ۾ هر جانور انهن هزارين اشارن کي ٻُڌي ٿو، جيڪي کيس چٽني ڏسائڻ کان پهچن ٿا ۽ هو ڪائنڻ هوشيار رهي ٿو.

هڪڙي ٽاريءَ ۾ ڪڙڪڙ ٿيو- جنهن مان ممڪن آهي تہ دشمن هجي ۽ ايئن جانور پڇڻ يا پنهنجي بچاءَ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. زور سان گجگوڙ ٿئي ٿي، هوا جهنگ جي وڻن کي چيريندي، ٽارين جي پنن کي وکيري ڇڏي ٿي. جانور طوفانِ کان بچڻ لاءِ پنهنجن آکيرن يا ٻرن ۾ لڪي وڃن ٿا.

جڏهن سڙندڙ پنن ۽ ڪُنيين جي مهڪ سان گڏجي شڪار جي بوءِ، پُسيل زمين تي ڦهلجي ٿي، تہ جانور ان بوءِ وسيلي شڪار جو پيڇو ڪري ٿو.

هر ڪڙڪڙ، هر بوءِ، گاهہ ۾ هر نشان، هر ڪيڪ يا سِيٽي ڪجهہ نہ ڪجهہ معنيٰ رکي ٿي ۽ ان ڏانهن هڪدم ڌيان ڏيڻ گهُرجي.

تاريخ کان اڳ واري زماني جو ماڻهو پڻ ٻاهرين دنيا جا اشارا ٻُڌندو هو. بهرحال، هن ٻئي قسم جي اشارن کي سمجهڻ بہ هڪدم ئي سِکي ورتو. اهي اهڙا اشارا هئا، جيڪي سندس قبيلي جا ماڻهو کيس ڏيندا هئا.

مثال طور تاريخ کان اڳ واري زماني جو ڪو شڪاري، جهنگ ۾ ڪنهن ڦاڙهي جا نشان ڏسندو هو، تہ هو هٿن کي لوڏيندي ٻين شڪارين کي ان بابت اشارا ڏيندو هو. ٻيا شڪاري جانور کي نہ ڏسندا هئا، پر اشارو ملندي ئي ڦُڙت ٿي ويندا هئا. اُهي پنهنجن هٿيارن کي وڏيڪ سگهہ سان جهلي وٺندا هئا، ڇڻ تہ هنن پاڻ ڦاڙهي جا وڏا وڏا سڱ ۽ کن ڏسي ورتا هجن.

جڏهن هو ڪو اشارو ڏسندو هو، ته هاڻي ڪيس وچي پنهنجو شڪاري ڀالو اٿڻ گهرجي، ته جيتوڻيڪ ڀالو ان وقت وٽس نه هوندو هو، پر پوءِ به ڀالي جي شڪل سندس سامهون چِٽجي ايندي هئي.

گڏيل ڪم ماڻهوءَ کي ڳالهائڻ سيکاريو ۽ جڏهن هن ڳالهائڻ سِکي ورتو ته سوچڻ پڻ سکيو. ماڻهوءَ کي سندس دماغ، قدرت کان سوکڙي طور نه مليو آهي. هن انهيءَ کي پنهنجن هٿن جي پورهيي سان ماڻيو آهي.

## ڪيئن هٿن جي جاءِ ٻولي ورتي

جڏهن ٽوڙا هٿيار هئا ۽ تاريخ کان اڳ واري زماني جي ماڻهوءَ جو تجربو پڻ گهٽو گهٽ هو، تڏهن انتهائي سادا اشارا پڻ هڪٻئي کي هنر سيکارڻ لاءِ ٺيڪ هئا.

پر ماڻهوءَ جو ڪم جيترو پيچيده ٿيندو ويو، اُن جا اشارا پڻ اوترا ئي گهُنجرندا ويا. هر شيءِ لاءِ هڪ خاص اشارو ضروري ٿي پيو. انهيءَ اشاري کي ڳالهه جي چِٽائي بلڪل ٺيڪ ڪرڻي پوندي هئي. ائين تصويري اشارا وجود ۾ آيا. ماڻهو جانورن، اوزارن ۽ ٻين شين جون تصويرون هوا ۾ ٺاهڻ لڳو.

مثال طور: هو ڪنهن سيهڙ بابت ٻُڌائڻ چاهيندو هو، ته هو رڳو ان جي تصوير نه جوڙيندو هو، پر هڪڙي گهڙيءَ لاءِ هُو پاڻ سيهڙ جو روپ ڌاري ويندو هو. هو ٻين کي ڏيکاريندو هو ته سيهڙ ڪيئن ٿي زمين کوٽي ۽ ان کي پنهنجي پيرن سان ڪيئن ٿي هٽائي. ۽ هُن جا ڪنڊا ڪيئن ڇُهنبدار آهن.

انهيءَ ڪهاڻيءَ جو اظهار سانتيڪي حرڪت ۽ چرپر وسيلي ڪرڻ لاءِ، تاريخ کان اڳ واري زماني جي ماڻهوءَ کي گهڻوئي قُرّت رهڻو پوندو هو. بلڪل هاڻوڪي زماني جي سچي فنڪار جيان.

جڏهن توهان اهو چئو ٿا ته ”مون پاڻي پيتو“ ته توهان جنهن شخص کي اهو ٻُڌايو پيا، تنهن کي توهان جي ڳالهه مان هي پتو نٿو پوي، ته توهان پاڻي کهڙي گلاس، بوتل يا ٻُڪ سان پيتو.

اُهو ماڻهو جيڪو اشارن جي زبان ڄاڻندو هوندو، تنهن ڳالهه کي ڏار طريقي سان چوندو. هو پنهنجو ٻُڪ وات تائين آڻيندو ۽ خيالي پاڻيءَ کي پيئندو.

جيڪي ماڻهو ڪيس ڏسندا اُهي سمجهي سگهندا ته پاڻي ڪيترو مزيدار، ٿڌو ۽ تازگي بخشيندڙ آهي.

اسان رڳو ”شڪار“ جو لفظ واپرايون ٿا، پر تاريخي زماني کان اڳ وارو ماڻهو شڪار جي پوري منظر جو نماءُ ڪندو هو.

اشارن جي ٻولي هڪ ٻئي وقت گهڻ معنائتي ۽ محدود پڻ هوندي هئي. اها معنائتي هوندي هئي، ڇوته اها ڪنهن منظر يا ڳالهه جي گهڻي چٽي تصوير ڏيکاري ڏيندي هئي. پر اها محدود پڻ هئي. اشارن جي زبان ۾ توهان پنهنجي ڪاهي يا ساڄي اک بابت ٻڌائي سگهندا هئا، پر رڳو ”اک“ ٻڌائڻ ڏاڍو ڏکيو هو. توهان ڪنهن شيءِ جي ٻڌائڻ لاءِ اشارو ڪري سگهندا هئا، پر ڪو اشارو ڪنهن مجرد ويچار جو اظهار نه ڪري سگهندو هو.

اشارن جي ٻوليءَ ۾ ٻيون ڪوتاهيون پڻ هيون. اشارن جي ٻوليءَ ۾ توهان رات جو ڪجهه نه چئي سگهندا هئا، ڇوته رات جي اونداهيءَ ۾ ڀلي ڪيترائي زورائتا اشارا ڪيا وڃن، اُهي ڏسي نٿا سگهجن. گڏوگڏ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ پڻ ماڻهو هڪٻئي جا اشارا ورلي سمجهي نه سگهندا هئا.

ميدانن ۾ ماڻهو سولائيءَ سان هڪٻئي سان اشارن جي ٻوليءَ ۾ ڳالهائي سگهندا هئا، پر جهنگ ۾ جڏهن شڪاري هڪٻئي کان گهاٽن وڻن ڪارڻ وڇڙي ويندا هئا، ته ايئن ناممڪن هوندو هو.

هاڻي ماڻهن کي هي گهُرج محسوس ٿي ته اُهي هڪٻئي کي سمجهڻ لاءِ آواز ڪتب آڻين. اوائل ۾ تاريخي زماني کان اڳ واري ماڻهوءَ جي چپ ۽ نڙي ڏاڍي نافرمان هئي. هڪڙي آواز ۽ ٻئي آواز ۾ گهٽو ويڇو هوندو هو. الڳ آواز گڏجي ڪا رڙ يا گوڙ بنجي ويندا هئا. چپ سان چِٽا لفظ چوڻ ۾ ماڻهوءَ کي گهڻو زمانو لڳي ويو.

زبان جون حرڪتون اهڙا اشارا هيون، جيڪي سپ کان گهٽ نظر اينديون هيون، پر انهيءَ جو وڏو فائدو هي هو جو اُهي ٻڌي پييون سگهجن.

اوائل ۾ آواز واري ڳالهه ٻولهه اشارن جي زبان سان گهڻي ٺهڪجندڙ هئي. اها پڻ ائين تصويري ٻولي هئي ۽ ايئن ڏاڍي صفائي ۽ سچائيءَ سان هر ڳالهه ۽ هر چرپر جي تصوير ناهيندي هئي.

ايوڀي قبيلي جا ماڻهو رڳو "هلڻ" نه چوندا هئا. اُهي چوندا هئا: زو دزي دزي- سنيالي هلجو: زو ٻوهو ٻوهو- پير ڪوڙي ٿلهي ماڻهن جيان هلجو: زو ٻلا ٻلا- تيزيءَ سان ڊوڙجانءِ: زو پيا پيا- ٽڙڪندي هلجانءِ: زو گوو گوو- ٿورڙو منڊڪائيندي ۽ مٿو اڳيان جهُڪائي هلجانءِ."

منجهانئن هر جملو صوتي تصوير آهي، جيڪا آوازن ۾ هڪڙي شخص جي چال- سنيالي پير ڪوڙي رکڻ، ڍگهي ماڻهوءَ جيان وڏيون ٻرانگهون پرڻ، منڊڪائڻ، ڊوڙڻ ۽ ٿورا ٻه گُوڏا نه جهُڪائيندي پير اڳيان رکڻ- جو هر تفصيل ٻُڌائي ٿي.

جيتريون چالون آهن، ايترا ئي هر قسم جا جملا سندن اظهار لاءِ آهن. مقصد ته اهڙيءَ ريت تصويري نشان جي جاءِ صوتي نشانن والاري ورتي آهي ۽ ايئن تاريخي زماني کان اڳ واري انسان اشارن ۽ لفظن ۾ ڳالهيون ڪرڻ سکيون آهن.

## درياهه ۽ سندس وسيلا

اسان ماضيءَ جو سفر ڪندي ڇا لڌو آهي ؟

ان ڪؤجي سياح جيان، جيڪو درياهه جي وهڪري کان مٿي وڃي سندس مُنڍ ڳاڻڻ چاهي ٿو، اسان ان ننڍڙي چشمي تائين پهتا آهيون، جنهن مان انساني تجربن جو اٿاهه درياهه نڪتو آهي.

هتي درياهه جي مُنڍ وٽ اسان کي انساني سماج، ٻولي ۽ عقل جي ابتدا ٻه ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

جيئن ڪو درياهه هر پيري ڪنهن سهڪاري نديءَ جي مِلڻ تي اونهو ٿيندو وڃي ٿو، ايئن انساني تجربي جو درياهه پڻ هر نسل جي تجربي سان اونهو ۽ ويڪرو ٿيندو ٿو وڃي.

ماضيءَ ۾ نسل هڪٻئي پويان الوپ ٿيندا ويا. ماڻهو ۽ قبيلا ڪنهن نشان کان سواءِ الوپ ٿي ويا. شهر ۽ ڳوٺ تباهه ٿيندي مٽيءَ ۾ دٻجي ويا ۽ سدائين لاءِ وڃائجي ويا. لڳي ٿو ته دنيا ۾ ڪابه اهڙي شيءِ نه آهي، جيڪا وقت جي ميساريندڙ طاقت کي روڪي سگهي. پر انسان جو ميڙيل تجربو محفوظ رهيو.



اوائلي آمريڪي اشارن جي ٻولي واپرائيندي

هُن وقت تي سوپ ماڻي ورتي ۽ اسان جي ٻولي، هنر ۽ سائنس ۾ رچي وسي وئي. ٻوليءَ جو هر لفظ، ڪم جي هر چُرپر، سائنس ۾ هر نظريو، ماضيءَ جي سمورن نسلن جو ميڙيل تجربو آهي.

انهن نسلن جو پورهيو به ايئن اجايو ۽ بيڪار نه ويو، جيئن درياهه جي ڪاٻه سهڪاري ندي ضايع نٿي ٿئي. انهن سمورن ماڻهن جو پورهيو، جيڪي اسان کان پهرين گذري چڪا آهن ۽ هينئر موجود آهن، انساني تجربن جي درياهه ۾ سهيڙجي آيو آهي.

ٺيڪ، هاڻي اسان درياهه جي منهن تي پهچي وياسين، جتان اسان جي سمورين سرگرمين جي ابتدا ٿئي ٿي. اهڙيءَ ريت ان ماڻهوءَ جو ظهور ٿيو، جيڪو ڪم ڪري ٿو، ڳالهائي ٿو ۽ سوچي ٿو.

جڏهن اسان انهن لکين سالن ڏانهن پوئتي مُڙي ڏسون ٿا، جيڪي اسان کي پولڙن کان ڌار ڪن ٿا، ته اسان فريڊرڪ اينگلس جا هي ڏاهپ ڀريا لفظ ساريون ٿا:

’پورهيي انسان کي تخليق ڪيو آهي.‘

ڇهون باب

# ڇڏيل گهر ۾

جڏهن ماڻهو ڪنهن گهر کي هميشه لاءِ ڇڏين ٿا، ته سندن ڇڏيل شيون اوُس پوئتي رهجي وڃن ٿيون. ڪاغذ، ٽانوَن جا ٽٽل ٽڪرا ۽ خالي ڏٻا وغيره خاليٰ ڪمرن ۾ ڦهلجي وڃن ٿا. ٽريل چُلهن وٽ ٽٽل ٽانوَ ٺپا پيل هُجن ٿا ۽ دريءَ تي جهُريل ڏيئو ان بدنظميءَ کي ڏاڍي نماڻائيءَ سان ڏسيٰ ٿو.

ڪنهن ڪُنڊ ۾ ڀڳل آرام- ڪرسي اونگهندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اها گهرواسين سان گڏ نه وئي، ڇوته ان جي هڪڙي ٽنگ ٽُٽي وڃايل هئي.

انهن ٽٽل ڦُٽل باقيات مان انهيءَ جو اندازو لڳائڻ ٿورڙو ڏکيو آهي، ته اُهو ڪٽنب هتي ڪيئن رهندو هو. پر قديم آثارن واري ماهر جي سامهون اهو ٽي انومان اچي ٿو. هُو سدائين سيني کان پڇاڙيءَ ۾ انهيءَ گهر ۾ گهڙي ٿو. اصل ۾ جڏهن هُن کي ڪو گهر ملي وڃي، ته ڪيس سياڳو سمجهڻ گهرجي. ڇوته عام طرح هو ان زماني ۾ اُتي پهچي ٿو، جڏهنِ آخري گهرواسيِ هزارين ورهيه پهرين اهو گهر ڇڏي چڪو هجي ٿو. ورلي هنَ کي رڳو ديوارن جا کنڊر ۽ پيڙهه جا ڪجهه ڀاڱا ٽي مس ملن ٿا. هتي هر ٺڪري ۽ هر ٽُڪر سياڳائي جو اهڃاڻ آهي.

هڪڙو پراڻو گهر ان ماڻهوءَ کي گهڻو ڪجهه ٻُڌائي سگهي ٿو، جيڪو سندس ٻولي سمجهندو هجي! پراڻن پٿرن وارن قلعن ۽ سينواريل ديوارن جا الائجي ڪيترا ماڻهو ۽ واقعا ڏٺل هُجن ٿا، پر انهن گهرن، جيڪي دنيا ۾ سڀ کان آڳاٽا آهن، يعني تاريخي زماني کان اڳ واري زماني جي ماڻهن جا غار، تن ڪائنن گهڻو وڌيڪ ڏٺو آهي.

اهڙا غار پڻ آهن، جن ۾ ماڻهو پنجاهه هزار سال اڳ رهندا هئا! خوش قسمتيءَ سان جبل ڏاڍا سگهارا ٿين ٿا ۽ غار جون ديوارون ايئن نٽيون ڪِري جهُرن، ڄڻن ماڻهن جي گهرن جون پٽيون.

اجهو هي آهي غار: جنهن جا رهواسي بدلجندا رهيا هئا. هن گهر جو پهريون رهواسي زمين هيٺان وهندڙ هڪڙو چشمو هو، جيڪو پاڻ سان هتي مٽي، واريءَ ۽ ننڍڙا ننڍڙا پٿر ڪٽي آيو هو.

پوءِ پاڻي ختم ٿي ويو. ماڻهو اچي غار ۾ رهڻ لڳا. پٿر وڍيندڙ جيڪي اوڏنگا اوزار هتي مٽيءَ مان مليا آهن، سي اسان کي انهن ماڻهن بابت گهڻو ڪجهه ٻڌائين ٿا. قديم ماڻهو انهن اوزارن کان جانورن جا جسم وڍڻ، هڏيءَ تان گوشت لاهڻ ۽ گوڄ ڪڍڻ لاءِ هڏين کي ٽوڙڻ جا ڪم وٺندو هو. انهيءَ جو مطلب هي ٿيو ته اهي ماڻهو شڪاري هئا.

گهڻا سال گذري ويا. شڪارين غار ڇڏي ڏني. پوءِ نوان رهواسي اچي ويا. غار جون ديوارون چِڪٽيون ۽ چمڪدار ٿي ويون، ڇوته غار ۾ رهندڙ رڇ پنهنجن گهاٽن وارن وارو بدن ديوارن سان رهڙي رگڙي کيس اهڙو ٺاهيو هو. ۽ اجهو هي آهي رڇ، بلڪ اهو چوڻ صحيح ٿيندو ته هُن جي کوپڙي، جنهن ۾ ويڪري پيشاني ۽ سوڙهي سُونڊ آهي.

زمين جي مٿئين ته ۾ انساني آباديءَ جا وڏيڪ اُهڃاڻ- باھ جا ڪوئلا ۽ رک، ٽتل هڏيون، پٿرن ۽ هڏين جا اوزار- ملن ٿا. هڪڙو پيرو وري ماڻهو غارن ۾ رهڻ لڳا. اسان کين ڏسي ته نٿا سگهون، پر انهن بابت گهڻيون ڳالهيون ڄاڻي سگهون ٿا. اسان کي رڳو اُهي شيون ڏسڻيون آهن، جيڪي هنن ڇڏيون آهن.

ناتجربيڪار ماڻهو ته اهو ئي چوندو، ته اهي پٿر جا ٽڪرا آهن. پر جيڪڏهن توهان انهن کي ڌيان سان ڏسندؤ، ته اهي اوڏنگي قسم جا اهڙا نمونا آهن، جيڪي اڳتي هلي ڪاتي ۽ چيڙٽي بڻيا. منجهانئن هڪڙي اوزار ۾ چاقوءَ جي اهڙي وڍيندڙ ڌار ۽ ٻئي ۾ تکي چُهنب آهي، جهڙي سُوئي جي ٿئي ٿي.

اهي اسان جي اوزارن جا وڏڙا آهن. سڀني کان آڳاٽو اسان جي هٿوڙي جو ڏاڏو آهي، جيڪو گول پٿر آهي.

جيڪڏن اسان غار جي ته ۾ کِنِ ڪچري کي کوٽيندا سين، ته هٿوڙي جي ويجهو ئي ڪاتِي ملي ويندي.

هٿوڙو پٿر جو آهي ۽ ڪاتي هڏيءَ جي.

۽ اها انهن چيڙٽين جيان هرگز نه آهي، جيڪي اسان ڏٺيون آهن. جڏهن ته



هاٿي پٿر جي اوزارن سميت هڏن ۽ سڱن مان به اوزار ٺهڻ لڳا هئا. هتي هڪڙو خنجر ۽ مڇيون جهليندڙ ڪُنڍيءَ جا نوڪدار ڇيڙا آهن، جيڪي ڦاڙهن جي سڱن مان ٺهيل آهن

تنهنڪري اسان کي پنهجن وڏڙن جي گهرن منجهان اوزارن جا وڏڙا ملن ٿا.

بهرحال، اسان کي اُهي ئي شيون ليجن ٿيون، جن کي وقت سانڍي رکيو آهي ۽ وقت سُنو رکوالو به نه آهي. اُهو رڳو انهن شين کي سانڍي رکي ٿو، جيڪي انيڪ پائيدار شين جون ٺهيل هُجن ٿيون. هن رڳو اهڙيون شيون محفوظ رکيون، جيڪي پٿر يا هڏين جون ٺهيل هيون. وقت ڪاٺ يا جانورن جي کلن مان ٺهيل شين کي جلد ئي ناس ڪري ڇڏيو. تنهنڪري اسان کي سُوئو ته مَلي ٿو، پر اُهي ڪپڙا نٿا ملن، جن کي جوڙڻ ۾ سُوئو واپرائبو هو. تنهنڪري اسان کي پالي جو ڇُهنبائتو پٿريلو پاڱو ته ملي ٿو، پر ڪاٺ جو هَٿيو نٿو ملي.

جيڪي شيون الوپ ٿي ويون آهن، تن بابت انومان لڳائڻ رڳو انهن ئي شين مان ممڪن آهي، جيڪي باقي رهجي ويون آهن. انهن ڏُنڌلن نشانن ۽ ٽُڪرن مان، جيڪي اسان کي ملن ٿا، هزارين سال اڳ جي شين جا خاڪا جوڙڻا آهن.

پوءِ به اسان پنهنجي کوجنا جاري رکنداسون.

جڏهن ڪو قديم آثارن جو ماهر ڪنهن کنڊر جي کوٽائيءَ ڪري ٿو، ته کيس عام طور تي پنهنجو ڪم مٿاهين کان شروع ڪندي، هيٺان ڏانهن وڃڻو پوي ٿو. پهرين سڀ کان مٿين تهن جو جائزو وٺبو آهي. پوءِ هو اڃا اونهي کوٽائي- زمين جي اونهائين ۾، تاريخ جي گهرائين ۾- ڪري ٿو. قديم آثارن جو ماهر ڪتاب کي اُبتو پڙهي ٿو. هو بلڪل پُڇڙ کان شروع ڪندي، پهرئين باب

تي ختم ڪري ٿو. اسان پنهنجي ڪهاڻي ڪجهه ٻئي قسم سان شروع ڪئي آهي. اسان پنهنجو ڪم گهٽو هيٺين تهه- غار جي تاريخ واري پهرين باب- کان شروع ڪيو آهي. ۽ هاڻي اسان هوريان هوريان مٿئين طرف ڏانهن وينديون، جديد زماني ڪي وڏيڪ ويجهو ٿيندا ويندا سين.

ٺيڪ آهي، پلا انهيءَ کان پوءِ غار ۾ ڇا ٿيو؟

غار جي زميني تهن جو جائزو وٺندي اسان ڏسون ٿا، ته ماڻهن ڪيترائي ڀيرا غار ڪي ڇڏيو ۽ وري واپس آيا. جڏهن غار ۾ ماڻهو نه رهندا هئا، ته اُتي بگهڙ ۽ رڇ واسو ڪندا هئا ۽ انهيءَ غار منجهه مٽي ۽ ڪِن ڪِچري جي تهن جا تهه ڄمندا رهندا هئا. ڇت جي چوٽيءَ جا ٽڪرا غار منجهه فرش تي ڪِري پوندا هئا ۽ گهڻ سالن پوءِ جڏهن انهيءَ غار ڪي ڪو نئون انساني قبيلو ڳولي لهندو هو، ته اُتي ڪا اهڙي شيءِ نه هوندي هئي، جيڪا ڪين اڳوڻن واسين بابت ٻُڌائي.

سال، صديون ۽ هزار ورهين جا عهد گذرندا ويا. ماڻهو ڪليل جاين تي گهر ٺاهڻ لڳا ۽ غارن جي پراڻي پناهه گاهن ڪي ڇڏي ڏنو ۽ نيٺ ڪين بلڪل وساري ڇڏيو. ڪڏهن ڪڏهن سرسبز جابلو گوچرن ۾ ڌڻ چاريندي، ڌنار هڪ- ٻن ڏينهن لاءِ اُتي ترسي پوندا هئا، يا ڪو مسافر برسات کان بچڻ لاءِ غار ۾ هليو ايندو هو.

۽ پوءِ غار جي تاريخ جو آخري باب شروع ٿيو. ماڻهو هڪڙو ڀيرو وري غار ۾ آيا. پر هن ڀيري اُهي پناهه وٺڻ نه آيا هئا. اُهي انهن ماڻهن بابت، جيڪي هتي رهي چڪا هئا، سموريون امڪاني ڳالهيون پُڇڻ آيا هئا.

اُهي تازا آيل ماڻهو پٿر جي قديم اوزارن ڪي کوٽي ڪڍڻ لاءِ لوهه جا جديد اوزار کڻي آيا هئا.

۽ اهي ماضيءَ جي کوجنا ڪندڙ ماڻهو هڪٻئي پويان غار جا تهه کوٽيندا ويا ۽ سندس تاريخ مُنڍ کان پُڇڙ تائين پڙهندا ويا.

انهن ڪي جيڪي اوزار مليا، تن ڪي پاڻ ۾ ڀيٽائيندي اُهي هي ڳالهه سمجهي سگهيا، ته ڪيئن مختلف هنر ۽ انساني تجربو، هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين وڌندو رهيو. هنن ڏٺو ته اڏنگن اوزارن جي جاءِ، هوريان هوريان وقت گذرندي، وڌيڪ سُٺا اوزار والارِيندا ويا. اهڙيءَ ريت پڌي ڪهاڙيءَ جي جاءِ

گھڻو پري تائين ويندو ھو. ھاڻي ماڻھن جو ھٿ اجا بہ ڊگھو ٿي ويو. ھاڻي ھُو ھڪڙي اُڏامندڙ ھٿيار: يعني ڀالي وسيلي تيز ڊوڙندڙ گھوڙي کي الوپ ٿيڻ کان پھرين ئي ماري سگھندو ھو.

ھي سچ آھي تہ ڪنھن ڊوڙندڙ شڪار تي ڀالو ھڻڻ سولو ڪم نہ ھو. انھيءَ لاءِ ضروري ھو تہ ماڻھوءَ جون ٻانھون سگھاريون ۽ اکيون گھڻيون سڌيون ھجن.

شڪاري ننڍپڻ کان ڀالو اُڇلائڻ سِکندو ھو. پوءِ اھا ڪا غيرمعمولي ڳالھہ نہ ھوندي ھئي، جيڪڏھن ھڪ سؤ اُڇلايل ڀالن مان رڳو ڪجھہ ڀالا ٺيڪ نشاني تي لڳندا ھئا.

صديون لکين سالن ۾ بدلجنديون ويون. جھنگلي گھوڙن ۽ ڏِگَن جا ڌڻ گھٽجڻ لڳا. قديم ماڻھو انھن جي پڇاڙيءَ جو وڏي حد تائين ذميوار ھو. ھاڻي اڪثر شڪاري خالي ھٿين گھر موٽندا ھئا. انھن کي ھڪ نئين ھٿيار جي گھُرج ھئي. ھڪڙي اھڙي ھٿيار جي، جيڪو اجا بہ پري نشان تي وڃي سگھي. ماڻھوءَ کي ڪو ٻيو ھٿيار ايجاد ڪرڻو ھو، اھڙو ھٿيار جيڪو سندس ھٿ کي اجا بہ گھڻو ڊگھو ڪري سگھي.

۽ ھن ھڪڙو نئون ھٿيار ٺاھي ورتو.

ھن ھڪڙو نئون پر سگھارو ٻوٽو وڍيو، جنھن کي موڙي ڪمان ٺاھيائين، ۽ پوءِ اُن جي ٻنھي ڇيڙن کي ڇڪي ٻَڌي ڇڏيائين.

ھاڻي شڪاريءَ وٽ ڪمان ھئي. جڏھن ھُو ڏنڊ کي ڏيرج سان ڇڪيندو ھو، تہ سندس رڳن جي سموري سگھہ مِڙي اچي ڳَڏ ٿيندي ھئي. ۽ پوءِ جڏھن ھُو انھيءَ تند کي ڇڏيندو ھو، تہ اھا سگھہ ھڪدم منتقل ٿي تير ۾ پھچي ويندي ھئي. ۽ تِير ان تيزيءَ سان ڇُٽندو ھو جيئن ڪو باز پنھنجي شڪار تي جھٽ ھڻي ٿو.

تير ۽ ڀالو ٻن ڀائرن جيان نھڪجندڙ آھي، پر تير پنھنجي ڀاءُ کان ھزارين ورھيہ ننڍو آھي.

ماڻھوءَ کي تير جي ايجاد ۾ ھزارين ورھيہ لڳي ويا. پھرين ھُو ڪمان وسيلي تير نہ، پر تکي ڇھنبائتي ھڏي اُڇلائيندو ھو. تنھنڪري ماڻھو پنھنجي ڪمان ايڏي وڏي ٺاھيندو ھو، جو اُھا سندس قِد جيڏي وڏي ھوندي ھئي.

اھڙيءَ ريت ماڻھو پنھجين ھيٺين ۽ ننڍڙين ٻانھن کي ڊگھو ۽ سگھارو

ٺاهي ڇڏيو. جڏهن هُن ڪنهن هرڻ جي سڱن جي ڇُهنب يا ڪنهن ديوقامت جانور جي وڏن ڏندن کان تکا ڇُهنبدار هٿيار ٺاهڻ سکي ورتا، تڏهن جانورن جي پنهنجن هٿيارن: يعني سڱن ۽ ڏندن کي پاڻ انهن خلاف واپرائڻ لڳو. ۽ انهيءَ ڳالهه ماڻهوءَ کي سموري جاندار مخلوق ۾ سڀ کان وڌيڪ سگهارو بنائي ڇڏيو.

اُهو هٿ جيڪو ڀالو اُڇلائيندو هو ۽ ڪمان جي تند ڇڪيندو هو، سو هاڻي ڪو معمولي هٿ نه هو. اهو هڪڙي ديوَ جو هٿ هو.

۽ جڏهن اُهو نوجوان ديوَ شڪار لاءِ ويندو هو، ته هو ڪنهن جانور کي گهات لڳائي نه ماريندو هو، پر سچي ڏڻ جو شڪار ڪندو هو.

## جيئرو جاڳندو جهرڻو

فرانس جي شهر سوليوتري ۾ هڪڙي لهواري ٽڪري آهي. انهيءَ ٽڪريءَ جي وچ ۾ قديم آثارن جي ماهرن هڏين جو هڪ وڏو ڍير لڌو، جنهن ۾ وڏن هاٿين (ميموٿ) جي کُلهن جون هڏيون، قديم زماني جي ڍڳن جا سڱ ۽ غار ۾ رهندڙ رڇن جون کوپڙيون شامل هيون. جڏهن سائنسدانَ سمورين هڏين کي ڇانٽي چُڪا، ته هنن منجهن گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک گهوڙن جون هڏيون ڏٺيون.

ايڏو وڏو گهوڙن جو قبرستان ڪٿان آيو؟

۽ وڌيڪ ڌيان سان ويچارڻ تي هنن ڏٺو، ته گهڻيون هڏيون ٽُٽل ڀڳل، ٽٽل ۽ سڙيل هيون. هي ڳالهه پڌري ٿي ته آڳاٽي دؤر جي بورچين جي هٿن ۾ پهچڻ کان پوءِ اهي هڏيون هتي آيون هيون. گهوڙن جو اهو غير معمولي قبرستان، ڪنهن وڏي رڌڻي جي ڪچري- گهر کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو.



گهوڙا ۽ ڦاڙها (هڏيءَ تي اُڪر)

زورائتو هٽڪاريندا هئا. پر گهڻي دير تي چڪي هوندي هئي. اُهي اُتي بيهي نه سگهندا هئا، ڇوته پويان ايندڙ گهوڙا کين اڳتي ڌڪيندا هئا. ۽ پوءِ اها ٻوڏ هڪڙي جهرڻي جيان اچي هيٺ ڪِرندي هئي ۽ تهه ۾ پهچندي لاشن ۽ ٽٽل ڦٽل جسمن جو هڪڙو ڍير بڻجي ويندو هو.

شڪار پُڄاڻيءَ تي پهچي ويندو هو.

ٽڪريءَ جي هيٺ باهه زورن تي پئي ٻرندي هئي. جهونا ۽ پوڙها ماڻهو شڪار- جيڪو پوري ڪٽنب جي گڏيل ملڪيت هوندو هو- کي ورڇيندا هئا. پر سڀ ڪان سُنا ٽڪرا انهن شڪارين کي ڏبا هئا، جيڪي سڀ کان وڌيڪ بهادر ۽ ڦُڙت هوندا هئا.

## نوان ماڻهو

جڏهن اسان ڪنهن گهڙيءَ جي گهنٽيءَ واريءَ سُوئي ڏسُون ٿا، ته اُها اسان کي هلندي ڏسڻ ۾ نٿي اچي. پر ھَڪ- ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ اسان ڏسون ٿا، ته اها سوئي پنهنجي جاءِ تان اڳيان کِسڪيل هجي ٿي.

زندگيءَ بابت هي ڳالهه پڻ ٺيڪ آهي. اسان انهن سمورين تبديلين کي هڪدم نٿا ڏسون، جيڪي اسان جي ماحول ۾ يا پاڻ اسان منجهه ٿين ٿيون. اسان سمجهون ٿا ته تاريخ جي ڪلاڪ واري سوئي بيٺل آهي ۽ رڳو ڪجهه سيڪنڊن کان پوءِ اسان اوچتو اهو ڏسون ٿا ته سوئي اوچتو ڇڙي آهي، ته اسان پاڻ به بدلجي ويا آهيون ۽ چوڌس هر شيءِ نرالي ٿي وئي آهي.

اسان پنهنجن روزنامچن، فوٽوئن، اخبارن ۽ ڪتابن وسيلي آڳاٽين ۽ نئين ڳالهين جي ڀيٽ ڪري سگهون ٿا. اسان وٽ ڀيٽڻ لاءِ ڪجهه شيون آهن. پر اسان جي قديم وڏڙن وٽ پراڻي ۽ نئين شين جي ڀيٽ لاءِ ڪجهه به نه هو. اُهي سمجهندا هئا ته زندگي بيوس آهي، ان ۾ ڪوبه ڦيرو نٿو اچي. پراڻين ۽ نين جي ڀيٽ بنا تبديلين کي ڏسڻ ايئن ناممڪن آهي، جيئن گهڙيءَ جي سُوئي جي چرپر اهڙي ماڳ تي ڏسڻ، جنهن تي انگ لکيل نه هجن.

پٿر جا اوزار ٺاهيندڙ هر ڪاريگر انهن سمورين حرڪتن ۽ طريقن جي نقل ڪندو هو، جيڪو ڪيس اهو هنر سيکاريندڙ ماڻهو ٻُڌائيندو هو.

نئون گهر وسائڻ وقت عورتون چُلهه ٺيڪ ايئن ٺاهيندیون هيون، جيئن هوند سندن ڏاڏيءَ اڳ ۾ ڪيو هو.

## "گهريلو تاريخ" جو پهريون باب

ماڻهوءَ جي زندگيءَ واري ڍنگ ۾ ڦيري سان سندس گهرن ۾ پڻ تبديليون ٿيون. جيڪڏهن اسان هن جي گهر جي تاريخ لکنداسين، ته اسان کي غار کان- جيڪا قدرت جي تخليق هئي، سا ماڻهن نه ٺاهي هئي پر لڌي وئي هئي- شروع ڪرڻو پوندو.

پر قدرت سُٺي اڏيندڙ نه آهي. جڏهن هُن جبلن ۽ ٽڪرين ۾ غار ٺاهيا هئا، ته ٿورڙو به ان ڳالهه جي پرواهه نه ڪئي هئي، ته انهن غارن ۾ ڪير رهندو به يا نه. تنهنڪري جڏهن اوائلي ماڻهو رهڻ لاءِ غارن جي ڳولا پئي ڪئي، ته هن کي ڏاڍي ڏکيائيءَ سان مناسب غار ملندا هئا. غارن جي ڇت گهڻو جهُڪيل هوندي هئي يا ديوارون ڪرندڙ ڀُرجندڙ هونديون هيون يا غار جو مُنهن اَيڏو ته ننڍڙو هوندو هو، جو منجهس ريڙهيون پائيندي به وڃڻ ڏکيو ٿيندو هو.

ماڻهن جو سڄو ميڙ گهر کي سنوارڻ ۾ لڳي ويندو هو. اُهي غار جي فرش ۽ ديوارن کي پٿر جي ڇِليندڙ اوزارن ۽ ڪاٺ جي ڏنڊن سان کُرڙيندا ۽ سِڌو ڪندا هئا.

غار جي مُنهن ويجهو اُهي چُلهه لاءِ هڪ کڏ کوٽيندا هئا ۽ چوڌاري پٿر رکي ڇڏيندا هئا. مائرون زمين ۾ ننڍڙيون کڏون کٽي ٻارن لاءِ "پينگهون" ٺاهينديون هيون ۽ ويهاڻن جي جاءِ تي چُلهه جي گرم رک انهن کڏن ۾ وڇائبي هئي.



آڳاٽي زماني جي فنڪارن پنهنجي گهرن جون تصويرون ايئن ٺاهيون آهن

غار جي پُڇڙ ۾ رڇ جو گوشت ۽ ڪاٺ جي ٻين شين جو ذخيرو ٿيندو هو.

اهڙيءَ ريت قديم زماني جي ماڻهن قدرت جي ٺاهيل غار کي پنهنجي پورهيي سان انساني گهر ۾ تبديل ڪيو.

وقت سان گڏوگڏ هنن پنهنجن گهَرن کي وڌيڪ سَهنجو ٺاهڻ جي جاکوڙ ڪئي.

جيڪڏهن هنن کي ڪنهن ٻاهر نڪتل ٽڪريءَ جي لٽڪيل ڇت لڀجندي هئي، ته اُهي ان جي چؤڌس ديوار اُڀي ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪا اهڙي جاءِ لڀجندي هئي، جيڪا گهر جو ڪم ڏئي سگهي، ته اُهي انهن ديوارن تي ڇت ٺاهي ڇڏيندا هئا.

ڏاکڻي فرانس جي جبلن ۾ هينئر به آڳاٽي زماني جي هڪڙي گهر جا ڪنڊر لڀجندا رهن ٿا. مقامي ماڻهن کين "شيطاني چُلهه" جو نالو ڏنو آهي. هنن جي سوچ هئي ته انهن زبردست ٽڪرين جي ٺهيل پناهه گاهن ۾ شايد ڪو شيطان ئي چُلهه مان گرميءَ ماڻيندڙ هوندو. جيڪڏهن هنن کي پنهنجن قديم وڏڙن بابت ڄاڻ هجي ها، ته کين پتو پئجي وڃي ها ته "شيطاني چُلهه" انساني هٿن ئي ٺاهي هئي.

هتي آڳاٽي زماني جي شڪارين به ديوارون ڏنيون، جن مٿان هڪڙي ٽڪري ڇانوَ ڪيو بيٺي هئي. ديوارون انهن پٿرن سان ٺهيل هيون، جيڪي ٽڪريءَ تان گسڪندي آيا هئا. شڪارين باقي به ديوارون ٺاهي، کين انهن ديوارن سان ڳنڍي ڇڏيو هو، جيڪي کين مليون هيون. هڪڙي ديوار پٿر جي وڏين سلن مان ٺهيل هئي ۽ ٻي انهن ٽنين سان، جن وچ ۾ وٺن جون ٽاريون هيون ۽ اُهي جانورن جي کلن سان ڍڪيل هئا. اسان رڳو انومان لڳائي ٿا سگهون ته چوٿين ديوار ڪهڙي هئي، ڇو ته وقت ان کي مٽيءَ ۾ دفنائي ڇڏيو آهي.

اُنهن ديوارن جو هڪڙي ڪڏ کي، جيڪا زمين ۾ کوٽيل هُئي، گهيرو ڪيل هو. ڪڏ جي تهه مان قديم آثارن جي ماهرن کي پٿر جا ٽڪرا ٽوڙي هڏين ۽ سڱن جا اوزار مليا.

"شيطاني چُلهه" اڌ گهر ۽ اڌ غار آهي. هتان کان اصلي گهر جو فاصلو پري نه هو، ڇو ته جڏهن هڪ ٻيري ماڻهوءَ به ديوارون ٺاهي ورتيون، ته انهيءَ هڪدم چار ديوارون ٺاهڻ پڻ سکي ورتو هوندو.

اهڙيءَ ريت اوائلي گهر نروار ٿيا، جيڪي نه غارن ۾ هئا ۽ نه ئي ٻاهر نڪتل ٽڪرين جي ڇانوَ ۾، پر کليل ميدان ۾ هئا.

## آڳاٽن شڪارين جا گهر

1925ع جي سرءُ رُت جي ڳالهه آهي. دون درياهه ويجهو ڳوٺ گاگارينو جي هڪڙي ڪڙمي، جنهن جو نالو آنتونوف هو، پنهنجي اڱڻ ۾ متي پٽي ڪوٺي. هن کي نئين واڙهه ڏيڻ لاءِ ان متيءَ جي گهُرج هئي.

پر هن جو پاوڙو لڳاتار انهن هڏين تي پئي لڳو، جيڪي اُتي دفن هيون. اتفاق سان تڏهن اُتان ڳوٺ جي ماستر ولاديمروف جو لنگهڻ ٿيو. آنتونوف ڪيس سڏيو ۽ شڪايتي لهجي ۾ چيائين:

”سمجهه ۾ نٿو اچي ته هي ايترييون هڏيون آيون ڪٿان، جو ڪوٺائي ۾ ڏکيائي پئي ٿئي. منهنجو پاوڙو ته ذري گهٽ ڀڄي پيو آهي.“

شايد جيڪڏهن آنتونوف ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان هيءَ ڳالهه ڪري ها ته اهو هڪڙي اڌ منٽ تائين ٻيهي هليو وڃي ها. پر ڳوٺ جو اهو استاد سائنس سان گهڻو چاهه رکندو هو.

هُو اڱڻ ۾ آيو ۽ هُن هڪڙي ٿلهي پيلي ڏند جي ٽڪر جو جائزو ورتو، جيڪو اهڙو چِڪڻو هو جڻ گسِي ٿاهيل هجي.

اها ڳالهه بلڪل پڌري هئي، ته اهڙو وڏو ڏند ڪنهن آڳاٽي ديوقامت جانور ميموٿ جو ئي ٿي پيو سگهي.

دون درياهه تي ميموٿ! اها واقعي عجيب ڳالهه هئي.

استاد ميڙي چونڊي هڏيون هڪڙي گاڏيءَ ۾ رکيون ۽ ويجهڙائي واري شهر ۾ ڪٽي ويو، جتي ننڍڙو مقامي ميوزم هو.

جيڪڏهن توهان ڪڏهن اهڙن ننڍڙن ميوزمن ۾ ويو هوندؤ، ته توهان ڏٺو هوندو ته اتي انتهائي عجيب شيون ساڳئي ڪمري ۾ رکيل هُجن ٿيون. هڪڙي ئي ڪمري ۾ توهان کي ڪيوپڊ (پيار جو ديوتا) جي سنگ مرمر جو مجسمو ۽ ارڙهين صديءَ جي ڪنهن امير جي رنگين تصوير ملندي. هڪڙي ٻئي ڪمري ۾





ٿامپسن درياءَ تي رهندڙ اوائلي آمريڪين جا گهر.
انهن جي جوڙجڪ آڳاٽي زماني جي گهرن جهڙي آهي

مقامي معدنيات ۾ پوٽن جي ذخيري ويجهو ڪنهن چترڪار جو ٺهيل پٽيڪان تروپس مجسمو نظر ايندو، جنهن جي ٻُش هٿن ۾ ڏنڊو هوندو.

اُهو انهيءَ قسم جو ميوزم هو، جنهن ۾ ولاديمروف اُهي هڏيون ڪٽي آيو.

هي پڻ ممڪن هو ته ميوزم جو نگران قديم ديوقامت جانورن جا ڏند ۽ ٻيون هڏيون، ميوزم جي ڪتابچي ۾ لکي ٻين شين سان گڏ نمائش لاءِ رکي ڇڏي ها.

پر هن انهيءَ ڪان به وڌو ڪم ڪيو. هن لينن گراد جي علم الانسان ۽ قومن جي علم واري ميوزم کي خط لکيو، جتي نيوا درياهه جي ڪناري هڪڙي قديم عمارت ۾، دنيا جي سمورن پاڳن ڪان آيل شاندار ذخيرو رکيل آهي ۽ جنهن لاءِ روسي سائنسدانن ۾ ڪوجين وڌو سهڪار ڪيو آهي.

هڪدم لينن گراد ڪان قديم آثارن جو هڪڙو ماهر زامياتين، گاگارينو پهچي ويو، ته جيئن ڳوٺ جي استاد سان گڏجي کوٽائيءَ جو ڪم جاري رکي سگهي.

هي صورت اڪثر روس ۾ سامهون اچي ٿي. ڪو استاد يا ڳوٺ جي لائبرريءَ جو نگران قديم تهذيب جو ڪو نمونو ڏسي ٿو ۽ ويجهي ميوزم کي انهيءَ بابت لکي ٿو ۽ شهر جا سائنسدان کوٽائي واري ڪم جي نگرانيءَ لاءِ اچي وڃن ٿا.

گاگارينو ۾ ڇا مليو؟

پهرين ڏينهن کوٽائيءَ ۾ ڪين پٿر جي ڇيڙٽي ۽ وڍيندڙ اوزار، هڏين جو

هڪڙو سُوئو، برفاني لومڙيءَ جو ڏند، جنهن ۾ هڪڙو تنگ ناهيل هو، هڪڙي چُلهه جا ڪوئلا ۽ رک ۾ مليل ميموٿ ۽ ٻين جانورن جون هڏيون مليون.


هَڏين جي ٽُڪرن مان ٺهيل هارَ

اهڙيءَ ريت پٿر جا اوزار ۽ ڏند جا ٽڪرا انهيءَ متيءَ مان پڻ مليا هئا، جيڪا آنتونوف جي واڙهه تي لڳائڻ لاءِ استعمال ٿي هئي. اهي هڏيون متيءَ ۾ ايڏيون ته گهٽيون هيون، جو ڪڙميءَ جي ڪُٽنب اهو پهه ڪيو ته ڪين پلستر چونبڊڻ تي وقت وڃائڻ نه گهرجي.

اُتي ڪيترن ئي مهينن تائين کوٽائي جاري رهي ۽ لڳاتار نيون شيون ملنديون رهيون. اوزار، زيور، ننڍڙيون مورتيون ۽ جانورن جون هڏيون مليون. هر شيءِ کي ڌيان سان لينن گراد روانو ڪيو ويو، جتي مختلف شعبن جي سائنسدانن انهن جي ڇنڊڇاڻ شروع ڪئي.

معدنيات جي ماهرن هي پتو لڳايو ته اوزارن لاءِ پٿر ڪيئن واپرائبو هو. آڳاٽي جانورن جي ماهرن هڏين جو اڀياس ڪندي ڄاڻ ورتي ته آڳاٽو ماڻهو ڪهڙي قسم جي جانورن جو شڪار ڪندو هو. شين کي سُڌاريندڙ ماهرن هڏين کي جوڙي وري اصلي چتر ۽ مورت واري روپ ۾ آڻي ڇڏيو.

انهيءَ دوران قديم آثارن جي ماهرن جو هڪڙو جٿو، سمورن قاعدن جي پوري پابنديءَ سان، کوٽائي ۾ رُڌل رهيو. ۽ ترت ئي سندن سامهون قديم زماني جي شڪارين جي گهرن جي تصوير اڀڻ لڳي.

شڪل ڪان اهو هڪڙو گول پانڊو هو. ٻاهريون ديوارون پٿر جي سلن، ميموٿ جي ڏندن ۽ ڄاڙين سان ڍڪيل هيون. اُهي شايد ڪاٺ جي ٿنين سان ٺاهيون ويون هيون، جن تي جانورن جون کلون چڙهيل هيون ۽ انهن ٿنين تي ڇت

ڻاهيل هئي. ديوارن کي پاهران سگهارو ناهڻ لاءِ وزني پٿر ۽ ميموٿ جون هڏيون لتڪائي ديوارن ٽائين آنديون ويون هيون.

پاهران اهو پاندو هڪ وڏي تنبوءَ جيان لڳندڙ هو. ديوارن ويجهو ماهرن کي چتريل هڏن مان ٺهيل عورتن جون ٻه مورتيون مليون، جنهن مان هڪڙي گهٽي ٿلهي ۽ ٻي سنهي هئي. شايد هڏيءَ تي چِٽ چٽيندڙ هنرمند عورتن کي سامهون ويهاريندي ٺاهيو هو. عورتن جو پيچيده جوڙو ڏاڍي نفاست سان ٺاهيل هو.

فرش جي وچ ۾ هڪڙي کڏ هئي، جيڪا صندوق جو ڪم ڏيندڙ هئي. انهيءَ کڏ مان جيڪي شيون- هڏيءَ جي سوئي، برفاني لومڙيءَ جي ڏندن مان ٺهيل ڏندا ۽ هڪ ميموٿ جو پُڇ- مليون آهن، سي شايد گهڻو قيمتي سمجهيون هيون.

قديم ماڻهو سِبڻ لاءِ سُوئي واپرائيندا هئا. ڪي داڻا ڪنهن زيور جا هئا. پر هنن ميموٿ جو پڇ سانڍڻ جي تڪليف ڇو ڪئي هئي ؟

ٻين جاين تان اهڙيون چتريل مورتيون لڌيون ويون آهن، جن ۾ قديم شڪارين کي ڏيکاريو ويو آهي. انهن مورتين مان پتو پوي ٿو، ته شڪاري جانورن جون کلون پنهنجن ڪُلهن تي رکندا هئا ۽ پُڇ پويان لٽڪائي ڇڏيندا هئا، ته جيئن اُهي انهن جانورن جيان لڳن، جن جون کلون اُهي پائيندا هئا. اُهي ائين ڇو ڪندا هئا ؟ انهيءَ بابت پوءِ ڏٺو ويندو. هينئر ته اسان قديم ماڻهوءَ جي گهر بابت هر امڪاني کوجنا پيا ڪيون.

گاگارينو ڳوٺ جهڙا ڪيترائي قديم ڍاپا سوويت يونين جي ٻين ڀاڱن ۾ پڻ مليا آهن. وورنش شهر جي ويجهو هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ ايڏيون هڏيون مليون، جو ان ڳوٺ جو نالو ئي ڪوستينڪي يعني هڏين وارو ڳوٺ پئجي ويو.

اهي هڏيون ميموٿ، غار وارن شينهن، رڇن ۽ انهن گهوڙن جون هيون، جنهن جو آڳاٽا ماڻهو شڪار ڪندا هئا.

ٻن سوويت يونين جي قديم آثارن جي ماهرن يفي مينڪو ۽ زمياتين، ڪوستينڪي جي ڍاپي جو پوريءَ ريت اڀياس ڪيو.

هنن ڏٺو ته شڪاري گاگارينو جيان هڪڙي پاندي ۾ نه، پر ڪيترن ئي پاندن ۾ رهندا هئا ۽ سيپئي گڏجي شڪار ڪندا هئا. هتي پٿر ۽ هڏن جا ٺهيل سُٺا اوزار ۽ عاج سان عورتن جون گهڙيل مورتيون لڌيون ويون. منجهائئن هڪ

عورت کي چمڙو جو اڳٽ پاتل هو. انهيءَ جو هي مطلب ٿيو ته اهي ماڻهو چمڙي کي پچائڻ ڄاڻندا هئا.

ابتدائي دؤر جي انهن شڪارين جا گهر اسان جي گهرن کان مختلف هرگز نه هئا. ٻاهران رڳو انهن جون ڇتون هڪ گول ٽڪريءَ جيان ڏسڻ ۾ اينديون هيون. اُهي گهر ۾ رڳو چمنيءَ وسيلي گهڙندا هئا، ڇو ته رڳو ڇت ۾ هڪڙو ٿُنگ هوندو هو، جنهن مان دونهن نڪرندو رهندو هو.

متيءَ جي ديوارن لڳ ٿهيل ٿَلهن جي جاءِ تي ميموٿن جي چاڙيءَ جون هڏيون لٽڪيل هونديون هيون ۽ ڏرتي ماتا ئي سندن بسترو هوندو هو. اُهي هڪ سِڌي چوڪور هنڌ تي سمهندا هئا ۽ ويهاڻن جي جاءِ تي متيءَ جا ويهاڻا واپرائيندا هئا.

هڏن جي بينچن ۽ متيءَ جي بسترن واري ان گهر ۾ ميزون پٿر جون هونديون هيون.

ڪمر واري ميز سيني کان روشن جاءِ يعني چُلهه جي ويجهو هوندي هئي. اها سِڌي پٿريلي سلن جي ٺهيل هوندي هئي. انهيءَ جي مٿان قديم آثار جي ماهرن انيڪ اوزار، پٿر ۽ هڏين جا ٽڪرا ۽ نامڪمل شيون لڌيون. ميز تي هڏين جا داڻا ڦهليل هئا، جن مان ڪجهه داڻن تي پالش ڪيل هو ۽ منجهن ٽُنگ هئا، جڏهن ته ٻيا اڃا نامڪمل هئا. ڪاريگر هڪڙي سنهي هڏي ۾ انيڪ جاين تي ٽُنگ ته ناهي ورتا هئا، پر ڪيس داڻا هڏيءَ ۾ پوئڻ جو وجهه نه مليو هو. ڪا اهڙي ڳالهه ٿي هوندي، جنهن ڪارڻ ماڻهوءَ کي پنهنجو ڪمر روڪيندي پاندو ڇڏڻو پيو هوندو. واقعي ڪو وڏو جوکو ٿيو هوندو، نه ته اُهي اهڙيون قيمتي شيون-ڇُهنبائتا هٿيار، هڏيءَ جون سوئيون، جن ۾ ٽُنگ هئا ۽ مختلف قسمن جا پٿر ڇليندڙ اوزار- ڇڏي نه وڃن ها.

انهن سمورن اوزارن کي ڳاهڻ سولو ڪم نه هو. پاڻڊي منجهان جيڪي شيون مليون، تن مان هرهڪ کي ڳاهڻ ۾ ڪيترائي ڪلاڪ لڳا هوندا. مثال طور هڏي جي سُوئيءَ کي ئي ڪٽي وٺو. اها انساني تاريخ ۾ سُوئي جو پهريون قسم هو. اها واقعي ننڍڙي شيءِ هئي، پر ان کي ڳاهڻ ۾ ڪافي هنر گهُربل هو.

هڪڙي ٻئي ڊاٻي ۾ هڏيءَ مان سوئيون ڳاهڻ جو پورو ورڪشاپ مليو. انهيءَ ۾ سمورا اهم اوزار، هڏين جا ٽڪرا ۽ اڌ گهڙيل سُوئيون شامل هيون. هر شيءِ ايئن هئي، جيئن ڪين ڇڏيو ويو هو، جو جيڪڏهن اسان جي جديد دنيا کي

عورتون زمين تي هڪڙي گهيري ۾ ويهنديون، پنهنجن هڏن جي سُوئين سان جانورن جي کلن مان وڳا پيون سبين. ٻارن وٽ ڪيڏوڻا نه آهن. اُهي هڪڙي گهوڙي جي تنگ ۽ ڦاڙهي جي سڱن سان پيا ڪيڏن. چُلهه ڀرسان هڪڙو ڪاريگر پنهنجا پير هڪٻئي تي رکندي ڪم ڪندڙ پٿريلي بينچ تي ويٺل آهي. هُو هڪڙي ڪانيءَ جي هٿئي ۾ هڏيءَ جي تکي ڇُهنب لڳائي ڀالو پيو ٺاهي. هن جي ويجهو هڪڙو ٻيو ڪاريگر پنهنجي پٿر جي چاقوءَ سان ڪا چتر پيو ٺاهي.

اچو، ٿورڙو ويجهو هلي ڏسون ته اهو چتر ڪيئن آهي؟

هُن ڏاڍيءَ مهارت سان هڪ چرندڙ گهوڙي جو روپ هڏيءَ تي اُڪريو آهي. هُن گهوڙي جي سهڻين تنگن، محرابي ڳچيءَ، پُڇ ۽ ڪنڌ جي چِٽسالي ڏاڍي صبر ۽ مهارت سان ڪئي آهي. هاڻي ايئن ٿو لڳي ڄڻ گهوڙو جيئرو هجي ۽ اجهو هاڻي اُٿي هلندو. ڇو ته ماهر نقاش پنهنجي تصور ۾ هر روپ کي سامهون رکيو آهي.

هاڻي اهو چتر ختم ٿي ويو. پر نقاش پوءِ به ماٺ نه ڪئي. هن پنهنجو ڪم جاري رکيو. هو زورائتي ڏک سان گهوڙي جو هڪڙو نشان ٿو ٺاهي، پوءِ ٻئي ۽ ٽئين ڏک سان چِٽ ٿو ڪڍي. هاڻي جانور جي بدن تي هڪڙي انوکي شڪل نروار ٿئي ٿي. اهو ابتدائي دؤر جو نقاش ڇا پيو ڪري؟ هو اهڙي چتر کي ڇو پيو بگاڙي، جنهن کي اجوکو هر فنڪار ساراهي سگهي ٿو؟

اها شڪل وڌ کان وڌيڪ پيچيده ٿيندي پئي وڃي. ۽ پوءِ اسان کي اهو



هڪڙو ميموٿ، جنهن تي به تنبو نهيل آهن



فنڪار گهوڙي جي شڪل ٺاهڻ کانپوءِ مٿس ڪيئي تنبو به ٺاهيندو هو

# زميني آرٽ گيلري



اچو پنهنجيون بتيون ڪٽي غار جي ڪؤجنا ڪيون. اسان کي هر موڙ ۽ چؤنڪ ياد رکڻو پوندو، نہ تہ اسان هتي وڃائجي وينداسين.

پٿريلو لنگهہ وڏيڪ سوڙهو ٿيندو پيو وڃي. ڇت مان پاڻي پيو ٽمي. اسان پنهنجيون بتيون ڪٽي غار جي ديوارن جو جائزو وٺون ٿا.

زمين هيٺان وهندڙ چشمن غار کي جرڪندڙ موتين سان سينگاري ڇڏيو آهي. پر انساني هٿ هتي چُست نہ رهيو آهي.

اسان غار ۾ اڳيان وڌون ٿا. اوچتو ڪو زور سان چوي ٿو:

”ڏسو!“



هيءَ عجيب مخلوق ڪير آهي جنهن جي هٿ ۾ ڪمان آهي- ماڻهو يا جانور؟

ديوار تي هڪڙو وڏو جهنگلي ڍڳو اُڪريل آهي، جيڪو ڳاڙهي ۽ ڪاري رنگ جو آهي. جانور پنهنجن اڳين پيرن تي جُهڪيل آهي ۽ سندس ڪُونهاٽي پُٺيءَ تي ڪيترائي ڀالا کُپل آهن.

اسان انهيءَ چِٽَر سامهون ماٺ ۾ بيهي ٿا رهون، جنهن کيّ اهڙي فنڪار ٺاهيو هو، جيڪو هزارين ورهيه اڳ مري چڪو هو.

ٿورو اڳتي هلندي اسان کي هڪڙو ٻيو چِٽر مليو ٿو. هڪڙو راڪاس پيو نچي. شايد هي ڪو ماڻهو آهي، جيڪو جانور جهڙو ڏسڻ ۾ پيو اچي، يا وري ڪو جانور آهي، جيڪو ماڻهوءَ جهڙو پيو نظر اچي. راڪاس جي مٿي تي مُڙيل سڱ ۽ ڏاڙهي اٿس، سندس ڪُپ ۾ پُٺ ۾ اٿس وارن وارو پُڇ. هُن جا هٿ پير ماڻهوءَ جهڙا آهن، ۽ سندس هٿ ۾ اٿس ڪمان.

ويجهو وڃي ڏيان ڏيڻ سان پتو ٿو پوي، ته اهو راڪاس، ماڻهو آهي، جنهن کي جهنگلي ڍڳي جي کل پاتل اٿس.

اڳيان هلندي ٽئين ۽ چوٿين ڊرانگ ملي ٿي.

هي ڪيڏي نه انوکي آرٽ گيلري آهي ؟

اڄڪلهه چترڪار روشن نگارخانن ۾ ڪم ڪن ٿا. گيلرين ۾ تصويرون ايئن لٽڪائيون آهن، جو مٿن سدائين روشني پوندي رهي. پوءِ انهن ابتدائي دؤر جي ماڻهن، غار جي اونداهين ۾ انساني نگاهه کان پري چو گيلري ٺاهي هئي ؟

هي ڳالهه بلڪل پڌري آهي ته فنڪار، اُهي چتر ٻين لاءِ نه ٺاهيا هئا.

پر جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ نيٺ هُن انهن کي ڇو ٺاهيو ؟ جانورن جي ويس ۾ انهن عجيب نچندڙ شڪلين جو ڇا مطلب آهي ؟

## ڳُجهه ۽ سُلجهاءُ

"انيڪ شڪاري ناچ ۾ ڀاڱو وٺن ٿا. هرڪنهن جي مٿي تي ڍڳي جي کل هُجي ٿي يا سڱر ڍڳي جو مٿو. هر شڪاري وٽ ڪمان يا ڀالو هُجي ٿو. اهو ناچ، ڍڳي جي شڪار جو ناچ آهي. جڏهن ڪو ناچو ٿڪجي پوي ٿو، ته هو ائين ڏيکاءُ ڏئي ٿو، ڄڻ ته هو ڪِري پيو. تڏهن ٻيو نچندڙ هُن تي نقلي تير وسائي ٿو. "ڍڳو گهائجي پوي ٿو. شڪاري هُن جي ٽنگن مان جهلي ڪيس گهيري مان ٻاهر ڇڪي

ونن ٿا ۽ وري پيا نچندڙ مٿس پنهنجا چاقو تاڻي ونن ٿا. پوءِ هن کي ڇڏي ڏين ٿا ۽ گهيري ۾ هُن جي جاءِ تي ڪو ٻيو ناچو اچي وڃي ٿو. اُن کي پڻ ڏکي جو ويس پاتل هُجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ته اهو ناچ، هڪڙي گهڙيءَ به نه بيهندي، لڳاتار ٻن ٽن هفتن تائين جاري رهي ٿو.“

ائين هڪ ماڻهوءَ، آڳاٽي دؤر جي شڪاري ناچ بابت لکيو آهي. پر هن اهو ناچ ڪٿي ڏٺو هوندو؟

هن اهو ناچ اُترين آمريڪا جي ميدانن ۾ ڏٺو هوندو، جتي ڪجهه مقامي آمريڪي قبيلن ۾ رهينئر به آڳاٽن شڪارين واريون رسمون ۽ رواج موجود آهن.

اهڙيءَ ريت اسان هڪڙي سياح جي ڊائري ۾ انهيءَ شڪار جي ناچ جو بيان ڏسون ٿا، جنهن کي قديم دؤر جي فنڪار غار جي ديوار تي اُڪريو هو. هاڻي اسان پُراسرار ڊرائنگ جي راز کي سمجهي ٿا ونون. پر انهيءَ راز کي سُلجهائيندي اسان هڪ ٻئي راز کي مُنهن ڏيون ٿا. ڪهڙي قسم جو ناچ هفتن تائين جاري رهي ٿو؟

اسان ناچ کي اهڙي ڳالهه سمجهون ٿا، جنهن جو مقصد وندر هُجي ٿو يا وري اهو فن جو ڪو ڍنگ هُجي ٿو. ڇا اهي آمريڪي واقعي رڳو وندر واسطي ٽن هفتن تائين نچندا رهندا هئا ته جيئن اُهي ٿڪجي ٿڪجي ساڻا ٿي ڪري پون! اُهي آرٽ جا ڏاڍا شوقين ها؟ ۽ پوءِ انهن جو ناچ ته هڪڙي رسم جيان آهي.

هنن جو پوپو يا پروهت پنهنجي پائيپ منجهان هڪڙي خاص رُخ ڏانهن دونهون ڇڏيندو هو ۽ نچندڙ اوڏانهن ويندا هئا، ڄڻ ته اُهي ڪنهن خيالي جانور جو پيڇو ڪندا هجن. اهو پروهت ناچ ۾ دونهن وسيلي هدايت ڏيندو هو ۽ نچندڙن کي اُتر يا ڏکڻ، اوڀر يا اولهه ڏانهن موڪليندو هو.

پر جيڪڏهن پروهت ڪنهن ناچ جو هدايتڪار هو، ته انهيءَ جو رڳو هي مطلب ٿي پئي سگهيو، ته اهو ڪو جادوئي ناچ هوندو.

آمريڪين کي هي ويساهه هوندو هو، ته اُهي پنهنجن نرالين حرڪتن وسيلي ڍڳن تي جادو ڪن ٿا، ۽ پنهنجي عجيب جادوءَ جي زور سان ڪين ميدانن جي ويجهو آڻين ٿا.

ديوار تي نچندڙ شڪل ته اهڙي ئي آهي! هتي رڳو ناچو نه آهي، پر هُو

هڪڙو سوانگ به پيو ڪري. ۽ جيڪو فنڪار زميني تهن جي گهرائين ۾ ويندو هو، ته جيئن هُو باهه جي سوجهري ۾ چتر ٺاهي، سو رڳو چترڪاري نه پر پروهت پڻ هوندو هو.

هُو جانورن جون کلون پائي، شڪارين ۽ گهائل ڍڳن جون شڪليون ٺاهي سوانگ ڪندو هو، ته جيئن شڪار ۾ سوڀ ٿئي. هن جو اهو پڪو ويساهه هوندو هو، ته اهو ناچ يا سوانگ شڪار ۾ سندس واهر ڪندو.

اها ڳالهه اسان کي ڏاڍي عجيب ۽ کِل جوڳي پئي لڳي.

جڏهن اسان کو گهر ٺاهيون ٿا، ته اسان رازن ۽ واڍن جي حرڪتن جو اُتارو ڪندي، گهر جي اوساري چوڌاري نچندا نه آهيون. شڪار تي وڃڻ کان اڳ اسان بندوق کڻي به نٽا نچون. پر اڄ اسان جن ڳالهين کي ڇتاٽيون سمجهون ٿا، تن کي



گيليا جا ماڻهو ”رڇ جي دعوت“ ملهائين پيا. رڇ جي ڏڙ ويجهو ڪيٺي وڏيون مڇيون پيتا طور رکيل آهن



ناچُو، جانورن جي ڪلن ۾
چمڙن ۾ (غار جي ڊرائينگ)

تاريخي زماني کان آڳاٽا اسان جا وڏڙا گهڻو اهم ۽ ڳنڀيرتا پريون ڳالهيون سمجهندا هئا.

هاڻي اسان هڪڙي پُراسرار چِتر جو راز ماڻي ورتو آهي ۽ اهو سمجهڻ لڳا آهيون، ته نچندڙ ماڻهوءَ جي شڪل ديوار تي ڇو ناهي وئي هئي.

پر اُتي ٻيا به عجيب چتر آهن.

توهان کي ياد هوندو، ته اسان غار ۾ هڪڙي هڏيءَ تي پوري ڪهاڻي اُڪريل ڏٺي هئي. اها هڪڙي ڍڳي جي ڊانچي جي تصوير هئي، جنهن پرسان ٻن قطارن ۾ شڪاري بيٺل هئا. رڳو ڍڳي جي ڪنڌ ۽ اڳين پيرن کي ڪنهن هٿ نه لڳايو هو.

اهو چترچا پيو تي سگهي ؟

جيڪڏهن اسان انهيءَ جو جواب چاهيون ٿا، ته پوءِ اسان کي هاڻي اُتر آمريڪا جي پيٽ ۾ روس جو ڏور- اُتر ڏورڻ گهُرجي.

سائيبيريا ۾ اهڙا به ماڳ آهن، جتي اڄ کان ٽيهه چاليهه ورهيه اڳ شڪاري ڪنهن رڇ مارڻ تي ”رڇ جي دعوت“ ڪندا هئا. رڇ جي ڊانچي کي گهر ۾ آڻي ڪنهن پلاري جاءِ تي رکبو هو. اُهي رڇ جي ڪنڌ کي سندس اڳين پيرن جي وچ ۾ رکندا هئا. ماني يا ٻڙ جي ڇوڏن مان ٺهيل ڦاڙهن جون ڪيئي مورتيون رڇ جي ڪنڌ ويجهو رکبيون هيون، چڻ اهو رڇ جو نذرانو هجي. رڇ جي مٿي کي ٻڙ جي ڇوڏي ۽ تاندورن سان سينگاربو هو ۽ چانديءَ جا سڪا سندس اکين ۾ رکبا هئا.

پوءِ هر شڪاري پنهنجي واري سان وچي هُن جي مُنهن کي چُمندو هو.

اها دعوت جي ابتدا هوندي هئي، جيڪا ڪيترن ئي ڏينهن يا ائين چوڻ گهُرجي، ته ڪيترن ئي راتين تائين جاري رهندي هئي. هر رات شڪاري انهيءَ ڊانچي جي چوڌاري گڏجي نچندا ڳائيندا هئا. اُهي ٻڙ جي ڇوڏن يا پاٻوڙن جي

پوشاڪ پائيندا هئا ۽ رڇ ويجهو وڃي سندس سامهون جُهڪندا هئا ۽ پوءِ رڇ جي پُڏي چال جو نقل ڪندي نچندا هئا.

ڳائڻ وڄائڻ پڄاڻيءَ تي پهچڻ کان پوءِ، اُهي ويهي رڇ جو گوشت کائيندا هئا، پر ڪنڌ ۽ اڳين پيرن کي هٿ نه لائيندا هئا.

هاڻي انهن هڏين جي ٽُڪرن تي اُڪريل چترڪاريءَ جو مطلب سمجهه ۾ اچي ويو. جنهن ۾ "ڏڳي جي دعوت" ڏيکاريل آهي. تصوير ۾ ڏڳي جي چوڏاري ماڻهو مِڙندي سندس تورو پيا ميڄين، جو هن کين گوشت ڏنو. اُهي ڏڳي کي وينتي پيا ڪن، ته اڳتي به ساڻن سندس مهرباني ساڳئي ريت جاري رهي.

جيڪڏهن اسان اوائلي آمريڪين وٽ وري واپس ويندا سين، ته اسان کي ڄاڻ پوندي، ته وٽن به اهڙيون دعوتون ٿينديون رهنديون هيون.

ڪويچوان قبيلي جا شڪاري، ماريل هرڻ جا پويان پير اوپر ڏانهن ڪري - کين پَٽ تي ليٽائين ٿا ۽ هڪڙي پيالي ۾ هرڻ جي ڪنڌ ويجهو قسمين قسمين جا ڪاڌا رکي ڇڏين ٿا. هر شڪاري پنهنجي واري سان هرڻ ويجهو وڃي ٿو ۽ اُن کي مٿي کان پُڇ تائين پنهنجي ساڄي هٿ سان ٿپڪائي ٿو ۽ سندس تورو ميڄي ٿو، جو کين هرڻ پنهنجي شڪار جو وجهه ڏنو. هو مٿل جانور سان ڳالهائيندي چوي ٿو:

"وڏا ڀاءُ، آرام ڪر!"

پوءِ جادوگر هرڻ سان ڳالهائي ٿو ۽ چوي ٿو:

"تون پنهنجا سڱ اسان واسطي آندا، تنهن لاءِ تنهنجو اسان تي تورو رهندو."

ستون باب

# کھڙا کھڙا عجبَ آهن جھان ۾....

سمورا روسي ٻار، ايراني شهزادِي ۽ سهڻي واسي ليسا، ٻاهه واري جهرڪي ۽ ڪُبڙي گهوڙي ۽ انهن جانورن، جيڪي ماڻهن ۾ بدلجي ويندا هئا ۽ جيڪي ماڻهو جانورن جو روپ ڌاريندا هئا، تن بابت قصا ڪهاڻيون ڄاڻن ٿا.

جيڪڏهن اسان پرين جي قصن ڪهاڻين ۾ ويساهه ڪريون، ته سچي دنيا ۾ مهربان ۽ ظالم، ڏسجندڙ ۽ اوجهل پراسرار هستين جي آبادي هئڻ گهُرجي ها. انهيءَ خيالي دنيا ۾ هرهڪ کي ظالم جادوگرن ۽ ُپوائتي جادوگرياڻين جي ٽوڻن ڦيڻن ڪان بچڻو پوي ها.

جيڪڏهن ڪو انتهائي پوائتو روپ، ڏيڏر کي ڏسندي ڏسندي سهڻي ڇوڪريءَ ۾ مَٽجي وڃي ۽ ڪا سهڻي ڇوڪري جوڪائتي بلا بڻجي وڃي، ته توهان کي پنهنجين اکين تي ڪڏهن به ويساهه نه ايندو. هن دنيا جا پنهنجا نرالا قاعدا آهن. مثل جيئرا تي پون ٿا، وڏيل ڪنڌ ڳالهائين ٿا ۽ جل پريون مهاڻن کي پنيلائي کين پاڻيءَ جي تهه ۾ ڪٺي وڃن ٿيون.

مشهور روسي شاعر پشڪن پنهنجي هڪڙي نظم ۾ لکيو آهي:

کهڙا کهڙا عجائبات آهن هن جهان ۾،

ڏائڻ هڪڙي ڦيرا ڏئي ٿي جتي،

۽ جل پري تارين ۾ وِندرڪري ٿي اُتي.

۽ اسان اهو قصو پڙهڻ وقت انهن ڳالهين تي ويساهه لاءِ تيار ٿي وڃون ٿا. پر ڪتاب بند ڪندي ئي اسان پنهنجي اصلي دنيا ۾، جتي جادوگر يا جادوگرياڻيون نٿيون هُجن، جتي هر ڳالهه جي ڇنڊڇاڻ ٿي سگهي ٿي، واپس موٽي اچون ٿا. پرين جو ڪو قصو پلي ڪيڏوئي وڻندڙ ڇو نه هجي، پوءِ به اسان سچ پچ اهڙي خيالي دنيا ۾- جتي دماغ لاچار هجي ۽ جتي ماڻهوءَ کي پيدائشي سياڳو

هجڻ گهرجي، جو ڪنهن بگهڙ يا ڏائڻ ڪان اڳواٽ ئي تڪر ۾ختم نه ٿئي- رهڻ پسند نہ ڪنداسين.

پر اسان جي آڳاٽن وڏڙن جو بلڪل اهو ئي خيال هو، ته دنيا ائين ئي هيل آهي. اُهي خيالي دنيا ۽ ان حقيقي دنيا ۾ ڪو فرق نه پائيندا هئا، جنهن ۾ اُهي رهندا هئا. هنن جو خيال هو، ته دنيا جون سموريون سُٺايون ۽ بڇڙايون، دنيا تي حڪومت ڪندڙ سُٺن ۽ بڇڙن روحن جي حرڪتن جو نتيجو آهن.

جڏهن اسان ڪنهن پٿر تان ٿڙندي ڪِري پئون ٿا، ته اسان پاڻ تي يا پنهنجي لاپرواهيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن تي الزام نٿا مڙهيون.

پر آڳاٽو ماڻهو پاڻ کي ڏوهاري نہ ڪوٺيندو هو. هُو ڪنهن اهڙي عمل جو، اهڙي بڇڙي روح تي الزام مڙهيندو هو، جنهن سندس واٽ تي اهو پٿر رکيو هو.

جڏهن ڪو ماڻهو چاقوءَ سان ماريو ويجي ٿو، ته اسان چئون ٿا، ته چاقوءَ وسيلي هن جو قتل ٿيو.

پر قديم زماني جو ماڻهو چوندو هو، ته ماڻهوءَ جي مرڻ جو ڪارڻ هي هو، جو چاقوءَ تي جادو ڪيل هو.

بهرحال، اڄ به اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي "نظر لڳڻ" ڪارڻ بيماريءَ تي ويساهه رکن ٿا. اربع ڏينهن ڪو ڪم ڪرڻ کي بدسوڻ سمجهن ٿا ۽ چون ٿا ته جيڪڏهن ڪاري ٻلي واٽ اڳيان اچي وڃي ته سَوڻ خراب آهي.

اسان جي ويچار ۾ اهڙا ماڻهو چٽ آهن. هاڻوڪي زماني ۾ اهڙن وهمن جو ڪو سبب نہ آهي، ڇو ته نيڪ ۽ بڇڙن روحن ۾ ويساهه جهالت جو نتيجو آهي ۽ جهالت اهڙو چار آهي، جيڪو اونداهي ڪُنڊن ۾ ئي نظر اچي ٿو.

ڇا به هجي اسان پنهنجن قديم وڏڙن تي، جيڪي جادوگرن، ڏائڻن، ۽ بڇڙن روحن ۾ ويساهه رکندا هئا، ٺٺولي نه ڪنداسين. اُهي انهن قدرتي قانونن جي ڇنڊڇاڻ ۽ پڙدائي ايئن ان لاءِ ڪندا هئا، جو وٽن صحيح جواب لاءِ ڇاڻ ڏاڍي گهٽ هئي.

انيڪ اوائلي آسٽريليائي قبيلا اڃا به انهيءَ ڏاڪي تي آهن. انهيءَ ۾ ڪا عجب جي ڳالهه نہ آهي، ڇو ته منجهن پٿر واري زماني جا وهم ۽ اجايا خيال اڃا موجود آهن.



نيو پوميرانيا ۾ جادو منتر جو ناچ

ويهين صديءَ جي ابتدا ۾ هڪڙي سياح لکيو آهي: ”مقامي ساموندي رهواسي ڪنهن سڙهه واري ٻيڙيءَ کي، جنهن ۾ نئين قسم جا اوزار ۽ کوهو لڳل هُجي ٿو يا ڪنهن دخاني جهاز کي، جنهن ۾ ٻين جهازن کان وڌيڪ چمنيون هُجن ٿيون، ڏسندي جوش ۾ اچي وڃن ٿا. ڪا چٽي، انوکي قسم جي ٽوپي، جهُولو، ڪرسي يا ڪو اهڙو اوزار، جيڪو سندن اڳ ڏٺل نٿو هُجي، تنهن کي شڪي نظرن سان ڏسن ٿا.“ چوڻ آهي پانئين ٿا ته جيڪا شيءِ هنن اڳ نه ڏٺي آهي، تنهن جو جادو ۽ ٽوڻن ٽيڻن سان واسطو آهي.

تجربي کين ٻُڌايو آهي ته هر ڳالهه ڪنهن نه ڪنهن ريت ٻين ڳالهين سان جُڙيل آهي. پر جيئن ته اُهي انهن جو ڪارڻ نٿا ڄاڻن، تنهنڪري سندن هي ويساهه اڃا به آهي، ته ڪجهه شيون ٻين شين تي جادوءَ جو اثر رکن ٿيون.

هنن جو ويساهه آهي ته ”ٻڇڙاڻ“ کان ٻچڻ جو رڳو اهو ئي طريقو آهي، ته ڪو ڦيٽو ڪرائجي يا تعويذ پاتو وڃي، جيڪو گهڙيال جي ڏندن جو هار يا هاٿيءَ جي پڇ جي وارن جو ڪو ڪنگڻ ٿي سگهي ٿو. ۽ تعويذ پائيندڙ هر آفت کان محفوظ رهي ٿو.

هاڻوڪن ابتدائي قبيلن جا ماڻهو به تاريخي زماني کان آڳاٽن ماڻهن کان وڏيڪ چاڻ نتا رکن. ۽ اُهي ماڻهو پڻ شايد ڏاڍگن ڦيٽن توڙي جادو تي ويساهه رکندا هئا. اسان کي انهيءَ جو ثبوت انهن تعويذن مان ملي ٿو، جيڪي قديم آثارن جي کوٽائي ۽ غارن جي چترن منجهان مليا آهن.

## دنيا بابت اسان جي وڏڙن جا ويچار

اهڙي ماڻهوءَ لاءِ دنيا ۾ رهڻ ڏکيو هو، جيڪو سندس قانونن کان اڻڄاڻ



لاپ لينڊ جا ماڻهو پنهنجي وڏڙن کان دُعا پيا گهُرن، ته اُهي
کين شڪار ۾ سوڀارو ڪن (سترهين صديءَ جو نقش)

هو. هُو هيڻو ۽ لاچار هو ۽ پاڻ کي بلڪل اڻڄاڻ طاقتن جي هٿن ۾ پائيندو هو. هن کي هر شيءِ تي تعويذ ٽيڻ ۽ هر ماڻهوءَ تي ڄادوگر هجڻ جو شڪ ٿيندو هو. هُن جو ويساهه هوندو هو، تہ هر جاءِ تي پلاند وٺڻ واسطي لُڇندڙ مُردن جا روح جيئرن جي تاڙ ۾ ويٺل هُجن ٿا. شڪار ۾ ماريل هر جانور واپس اچي شڪاريءَ کان پلاند وٺي سگهي ٿو. ڪنهن ڏچي کان بچڻ لاءِ ماڻهوءَ کي لڳاتار روحن سامهون ٻاڏائيندي، ڪين سُرهو ڪرڻ گهُرجي. ۽ انهن کي سانت رکڻ لاءِ پيٽا ڏيڻ گهُرجي.

جهالت ڪري ڊپ جنم وٺي ٿو.

۽ جيئن تہ ماڻهوءَ وٽ علم جي کوٽ هئي، تنهنڪري هُو دنيا جي مالڪيءَ جو رويو ڌاري نہ سگهندو هو. هو ڊنل ۽ لاچار فقير جيان هو.

بهرحال، هينئر هُن لاءِ اها ڳالهہ وقت کان اڳ جي هئي، تہ پاڻ کي قدرت جو مالڪ سمجهي. هاڻي هو دنيا جي سمورن جانورن ۾ سڀني کان وڌيڪ سگهارو هو. هن ميموٿ تي سوڀ پاتي هئي. پوءِ بہ هو قدرت جي عظيم طاقتن جي پيٽ ۾ هيٺي مخلوق هو، جنهن کي اها ڄاڻ نہ هئي، تہ انهن طاقتن تي ڪيئن ضابطو آندو وڃي.

هڪ ناڪام شڪار جو مطلب هو هفتن تائين بُکيو رهڻ. هڪڙو برفاني طوفان سڄي ڍاپي کي برف سان ڍڪي ڇڏيندو هو.

پوءِ ماڻهوءَ کي ڪهڙي ڳالهہ اها سگهہ ڏني تہ هُو وڙهندو رهي ۽ هوريان هوريان قدرت جي طاقتن تي ضابطي لاءِ اڳيان وڌندو رهي؟

هن جي طاقت اِها هئي، تہ هو اڪيلو نہ هو. سڄي برادري، سڄو قبيلو





جادوءَ جون ڇڙيون- اسڪيمو شڪاريءَ جا تعويذ

گڏجي قدرت جي مخالف طاقتن سان وڙهندو هو. اهي گڏجي ڪم ڪندا هئا ۽ پنهنجي گڏيل پورهيي وسيلي علم ۽ تجربو ماڻيندا رهيا. اهو سچ آهي ته اُهي انهيءَ حقيقت کي نه سمجهندا هئا يا پنهنجي طريقي سان سمجهندا هئا.

اُهي انساني سماج جو مطلب ئي نه سمجهندا هئا، پر اُهي اها ڳالهه اوُس سمجهندا هئا، ته اُهي هڪبئي سان جڙيل ۽ ڳنڍيل آهن. جو هڪڙي ڪٽنب ۽ قبيلي جا ماڻهو اصُل ۾ اجتماعيت- گهڻن هٿن يا ٻانهن وارن ماڻهن- جي حيثيت رکن ٿا.

۽ هنن کي ڪهڙيٰ شيءِ پاڻ ۾ ڳنڍي رکيو هو؟ اُهي رت جي رشتن ۾ ٻڌل هئا. ماڻهو وڏن ڪٽنبن هيٺ رهندا هئا. ٻار پنهنجين مائرن سان گڏ رهندا هئا. ۽ جڏهن اُهي وڏا ٿي ويندا هئا، ته هنن جا پنهنجا ٻار پيدا ٿيندا هئا. پوءِ به اُهي پنهنجي پيأرن، پيڻن، چاچن، چاچين، مائرن ۽ ڏاڏين سان گڏ رهندا هئا.

اهڙيءَ ريت ڪٽنب وڏندو رهندو هو.

تاريخي زماني کان اڳ وارو سماج، جنهن ۾ شڪاري رهندو هو، تنهن جو پنهنجو ڪٽنب- ساڳئي ڏاڏي جي اولاد جو قبيلو- هوندو هو. ماڻهن جو ويساهه هوندو هو، ته جيڪو ڪجهه به وٽن آهي، تنهن لاءِ اُهي پنهنجن وڏڙن جا ٿورائتا آهن. هنن جي وڏڙن کين شڪار ۽ اوزار ٺاهڻ سيکاريو آهي. هنن کين گهر ڏنا آهن ۽ ٻاهه جو ڪارج ٻُڌايو آهي.

ڪم يا شڪار، وڏڙن جي مرضيءَ جو پورائو هوندو هو. اُهو ماڻهو جيڪو پنهنجن وڏڙن جي مرضيءَ جو فرمانبردار هو، سو هر ڏچي ۽ جوکي کان بچيل رهندو هو. ماڻهن جا وڏڙا سندن روزاني زندگيءَ جو نظر نه ايندڙ ڀاڱو هئا. هنن جا روح هر شڪار ۾ کين هدايتون ڏيندا هئا ۽ هميشه گهر ۾ موجود رهندا هئا..اُهي روح سڀ ڪجهه ڏسندا هئا ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻندا هئا. اُهي ماڻهوءَ کي بڇڙائين جي سزا ۽ نيڪين جو انعام ڏئي سگهندا هئا.

تنهنڪري قديم ماڻهوءَ لاءِ گڏيل پلائيءَ واسطي گڏيل ڪم، وڏڙن جي گڏيل فرمانبرداري ۽ سندن مرضيءَ جي پورائيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو.

پوءِ به، قديم ماڻهو پاڻ پنهنجي پورهيي کي ايئن نه سمجهندو هو، جيئن اڄ اسان سمجهون ٿا.

اسان سمجهون ٿا ته آڳاٽو شڪاري، جهنگلي ڍڳي کي ماري پاڻ کائيندو هو ۽ پنهنجي ڪٽنب کي به کارائيندو هو. پر شڪاريءَ جو اهو ويساهه هوندو هو، ته ڍڳو پاڻ هُنِ کي کارائي ٿو. هاڻي به قديم دؤر جي باقيات ڪارڻ اسان ڍڳيءَ کي ڳئُو- ماتا توڙي پيتاري ۽ زمين کي ڌرتي ماتا چئون ٿا. اسان ڍڳيءَ کان موڪل وٺي ڪيس نٿا ڏوهيون. پوءِ به اسان چئون ٿا ته ڍڳي اسان کي کير "ڏئي" ٿي.

تاريخي زماني کان اڳ واري شڪاريءَ جو "رازق" جانور هوندو هو. پوءِ پيل اهو جهنگلي ڍڳو، ميموٿ يا ڦاڙهو هجي. شڪاري اهو نه سمجهندو هو، ته هن جانور کي ماريو آهي، پر هُن جو ويساهه هوندو هو، ته جانور پنهنجي مرضيءَ سان ڪيس پنهنجو گوشت ۽ چمڙو ڏنو آهي. مقامي آمريڪين جو ويساهه آهي، ته جانور کي سندس مرضيءَ کان سواءِ نٿو ماري سگهجي. جيڪڏهن ڪو جهنگلي ڍڳو ماريو هو، ته رڳو انهيءَ ڪارڻ نه، ته هو ماڻهن واسطي پاڻ کي پيتا ڏيڻ چاهي پيو، پر هو چاهيندو هو ته ڪيس ماريو وڃي.

جهنگلي ڍڳو قبيلي جو پالڻهار ۽ دياوان هوندو هو. گڏوگڏ هنن جو گڏيل ڏاڏو پڻ قبيلي جو 'وڏيرو' هوندو هو.

اهڙيءَ ريت، قديم زماني واري ماڻهوءَ جي دماغ ۾ (جنهن کي ان دنيا بابت گهٽ ڄاڻ هئي، جنهن ۾ پاڻ رهندو هو.) "پاليندڙ ڏاڏو" ۽ "پالڻهار- ڍڳو" جيڪو قبيلي جو رازق هو، هڪٻئي ۾ملي هڪ ٿي ويا.

"اسان جهنگلي ڍڳي جا ٻالڪا آهيون،" شڪاري چوندا هئا ۽ اُهي سچ پچ



انهن اوائلي آمريڪين جي مٿن تي سندن جادوئي نشان آهن

ويساهه پڻ ڪندا هئا، ته جهنگلي ڍڳو سندن وڏڙو آهي. جڏهن قديم زماني جو فنڪار ڪنهن جهنگلي ڍڳي جو چٽر ٺاهيندو هو ۽ ان جي جسم تي تي تنبو چڪي ٺاهيندو هو، ته انهيءَ جو مطلب هي هوندو هو: "جهنگلي ڍڳن جي ٻارڙن جو ڏاڀو."

پنهنجي روزاني پورهيي ۾ ماڻهو جانورن سان ناتو رکندو هو. پر هو اهڙي ناتي کي نه سمجهندو هو، جيڪو رت يا مائٽيءَ سان ڳنڍيل نه هوندو هو. هر ناتي جو مطلب هي هوندو هو، ته ٿورڙي ساڳيائپ ضرور آهي. هو جڏهن ڪو جانور ماريندو هو، ته ڪانئس معافي گهُرندو هو ۽ کيس وڏو ڀاءُ چئي ڳالهائيندو هو. هُو پنهنجي ناچ ۽ جادوئي ڏاڳن ڦيڻن ۽ ٽوٽڻ وارين رسمن ۾ جانور ڀاءُ جو نقل ڪندو هو. هُو اُن جي کل پائيندو هو ۽ سندس حرڪتن جو نقل ڪندو هو.

ماڻهو اڃا پاڻ کي "آءٌ" چوڻ نه سکيو هو. هو اڃا به پاڻ کي قبيلي جو هڪڙو ڀاڱو ۽ اوزار سمجهندو هو. هر قبيلي جو پنهنجو نالو ۽ پنهنجو نشان (جهنڊو) هوندو هو، جيڪو سندن گڏيل ڏاڏي ۽ ڪنهن پاليندڙ جانور جي نالي پويان رکيل هوندو هو. ڪو قبيلو "جهنگلي ڍڳو" سڏرائيندو هو، ته ڪو "رڇ" ۽ ڪو "هرڻ". قبيلي جا ماڻهو هڪٻئي لاءِ جان ڏيڻ تي تيار رهندا هئا. اُهي قبيلي جي رسمن کي پنهنجي 'نشان' جي مرضي سمجهندا هئا ۽ 'نشان' جي مرضي ئي قانون هوندي هئي.

## پنهنجن وڏڙن سان ڳالهيون

اڃو وري تاريخي زماني کان اڳ واري ماڻهوءَ جي غار ۾ هلون ۽ ٻاهه جي مَچ لڳو ساڻس گڏ ويهون. اسان هُن جي عقيدن ۽ رسمن تورڙي رواجن بابت ساڻس ڳالهه ٻولهه ڪنداسين.

هو اسان کي ٻُڌائيندو، ته ڇا اسان جا ڏُڪا صحيح آهن، يا اسان غار جي اُڪر ۽ هڏين جي چٽرن تورڙي تعويذن کي صحيح سمجهيو به آهي يا نه، جن مان اٿين ٿو لڳي ته هُن اُهي اسان لاءِ خاص ڪري ڇڏيا آهن.

پر غار جو مالڪ اسان سان ڪيئن ڳالهيون ڪندو؟

هزارين ورهيه اڳ هوا ڇُلهه مان رک به اُڏائي ڪٽي وئي آهي. انهن ماڻهن جون هڏيون، جيڪي ڪنهن زماني ۾ ٻاهه ويجهو ويهي پٿر ۽ هڏين جا اوزار

ٺاهيندا هئا ۽ جانورن جي کلن جا ڪپڙا اوڍيندا هئا. مدتن کان مٽيءَ ۾ دٻجي پيپر آهن. هاڻي ته ورلي قديم آثارن جي ماهرن کي پيليون ۽ پٿرايل انساني کوپڙيون زمين مان ملن ٿيون.

ڇا کوپڙيون ڳالهائي سگهن ٿيون؟

اسان غار جي کوٽائي ڪئي ته جيئن اسان اوزارن جا ٽڪرا ڳولي سگهون ۽ اهو ڄاڻي سگهون ته انهن اوزارن کان قديم ماڻهو ڪيئن ڪم وٺندو هو.

پر اسان قديم ماڻهوءَ جي ڳالهين جا پاڳا ڪٿان آڻيون؟

اسان کي انهيءَ جي ڳولا پنهنجي جديد ٻوليءَ ۾ ڪرڻ گهُرجي.

انهيءَ قسم جي کوٽائيءَ لاءِ ڪنهن پاوڙي يا ڪوڏر جي گهُرج نه آهي، ڇوته اسان انهيءَ قسم جي کوٽائي زمين ۾ نه، پر ڊڪشنري (لُغت) ۾ ڪنداسين. هر ٻوليءَ ۾ ماضيءَ جا قيمتي جواهر ليجن ٿا، ۽ ايئن هئڻ به گهرجي. بهرحال، اسان جي ٻوليءَ ۾ هزارين ورهين جو تجربو شامل آهي.

توهان چئي سگهو ٿا ته ٻوليءَ جي اڀياس ۽ اُن جي کوجنا مان ڀي کهڙي ڳالهه سولي ٿي سگهي ٿي! رڳو هي ته ڪرڻو آهي جو ڊڪشنري کڻي ويهي رهجي ۽ ان جا پنا اُٿلائي پڙهڻ گهُرجي!

پر اها ايڏي رواجي ڳالهه به نه آهي.

کوجنا ڪندڙ قديم لفظن جي ڳولا ۾ سڄي دنيا کي ڏورين ٿا. لهوارن جبلن تي چڙهندا ۽ سمنڊ پار ڪن ٿا. ورلي اهڙا ماڻهو به ڪين ملي وڃن ٿا، جن جي ڪنهن اوچي جبل جي پويان پنهنجي ننڍڙي برادري وسيل هجي ٿي ۽ وٽن اُهي قديم لفظ سانڍيل هُجن ٿا، جيڪي مُدتن کان ٻين ٻولين منجهان الوپ ٿي چڪا هُجن ٿا.

هر ٻولي، انسان جي ڏکهي وات تي، هڪڙي ڏاڀي جي حيثيت رکي ٿي. آسٽريليا، آفريڪا ۽ آمريڪا جي شڪاري قبيلن جا ڏاڀا مدتن کان پوئتي ڇڏي آيا آهيون. پوءِ تحقيق ڪندڙ سمنڊن کي ڏوري پولينيشيا پهچن ٿا، ته جيئن هُو اهڙن پراڻن اصطلاحن ۽ جملن جي ڳولا ڪن، جيڪي اسان وساري چڪا آهيون.

لفظن جي ڳولا ۾ کوجي ڦُرت رهن ٿا. اُهي ڏکڻ جي ريگستانن ۽ اُترين برفاني علائقن ۽ جهنگن توڙي ميداني پَٽن جي مٽي ڇاڻين ٿا.

سوويت يونين ۾ ڏور- اُتر جا ماڻهو اهڙا لفظ واپرائين ٿا، جيڪي انهيءَ زماني جا آهن، جڏهن ذاتي ملڪيت نه هوندي هئي، ۽ ماڻهو لفظ ”منهنجو“ جي معنيٰ نه ڄاڻندا هئا؛ مثلا ”منهنجو گهر“، ”منهنجو هٿيار“ وغيره.

جيڪڏهن اسان کي قديم ڳالهين ٻولهين جي باقيات ڳولڻي آهي، ته اسان کي ايئن ٻوليءَ کي ”کوٽڻ“ گهرجي، جيئن قديم آثارن جا ماهر قديم زماني جي ڏاٻن ۽ کنڊرن ۾ اوزارن وسيلي کوٽائي ڪن ٿا.

هر ماڻهو لُغت جي پروڙ ۽ پرکَ جو ماهر نٿو ٿي سگهي. انهيءَ لاءِ خاص تربيت ۽ علم جي گهُرج پوي ٿي، ڇوته ٻوليءَ ۾ پراڻا لفظ ميوزم جيان محفوظ نٿا رهن. صدين دوران لفظ گهٽائي پيرا پنهنجو روپ بدلائين ٿا. اُهي سفر ڪري هڪڙي ٻوليءَ کان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ پهچن ٿا، انهن جي مُنڍ ۽ پُڇڙ جا حصا بدلجندا رهن ٿا. ورلي رڳو پراڻن لفظن جو ٻڻ، ڪنهن پراڻي سڙيل وڻ جي پاڙن جيان باقي رهجي ويجي ٿو. ۽ رڳو پاڙ وسيلي ان ڳالهه جو پتو پوي ٿو، ته لفظ اصل ۾ ڪٿان آيو آهي.

هزارين لکين ورهين دؤران نه رڳو لفظن جو روپ بدلجي ٿو، پر انهن جون معنائون به مَتجي وڃن ٿيون. ورلي لفظن کي اهڙيون معنائون ملن ٿيون، جيڪي اڳوڻين کان بلڪل ڌار هُجن ٿيون.

اهو هينئر پڻ ٿئي ٿو. جڏهن ڪا نئين شيءِ ليجي ٿي يا ناهي وڃي ٿي، ته اسان اڪثر انهيءَ لاءِ نوان لفظ ايجاد نٿا ڪريون. اسان اڪثر لفظ ڳولي، ڪو پراڻو لفظ ان نئين شيءِ تي ايئن چنبڙائي ڇڏيون ٿا، ڄڻ ته اهو ڪو اصلي لفظ هجي.

مثال طور: گهڙيءَ جي لفظ کي ئي کڻي وٺجي. اڄوڪيون گهڙيون ڪلاڪن، منٽن ۽ سيڪنڊن ۾ وقت ٻُڌائين ٿيون ۽ شايد هاڻي ٿورڙا ماڻهو وقت کي ورڇيندڙ گهڙين بابت ڄاڻن ٿا. اهڙيءَ ريت ”ڦَر“ جو لفظ ڇاقوءَ جي تکي پاڳي ۽ ٻين شين جي ڌاريدار پاڳي لاءِ پڻ ڪتب اچي ٿو. جڏهن ته اَصل ”ميوي“ سان ان جو پري جو به ناتو نٿو هُجي. مڃر- دانيءَ کي ئي وٺو. انهيءَ ۾ اصل ۾ مڃر نٿا رهن ۽ نه ئي جهليا وڃن ٿا، جيئن ڪوئا ڪوڙڪيءَ ۾ جهليا آهن. پر مڃر- ڄار وسيلي ان منجهه ليٽيل ماڻهوءَ کان مڃر پري رکيا آهن. اهڙي ريت ڪنهن نئين رشتي يا رابطي ڪارڻ گهڙي، ميوي ۽ ڪوڙڪيءَ کي نيون معنائون ڏنل آهن.

اهي سڀ بلڪل تازيون تبديليون آهن، جيڪي اسان جي ٻوليءَ جي مٿئين نهن ۾ ٿيون آهن. تنهنڪري انهن لفظن جون پهريون معنائون ڄاڻڻ ٿورڙو سولو آهي.

پر اسان جيترو به گهرائين ۾ لهندا ويندا سين، ڪم ايڏو ئي ڏکيو ٿيندو ويندو. لفظن جون قديم ۽ اهڙيون معنائون، جيڪي الوپ ٿي چڪيون آهن، ڳولڻ لاءِ ماڻهوءَ کي وڏو عالم هئڻ گهرجي.

## قديم ٻوليءَ جون باقيات

ٻولين جي تحقيق ڪندي محققن آواز وارين قديم ٻولين جون باقيات لڌيون آهن. انهن باقيات بابت اڪادميشن ميشچاني نوف پنهنجي هڪڙي ڪتاب ۾ ٻڌايو آهي.

هن لکيو آهي ته: يوڪاگيرن جي ٻوليءَ ۾ هڪڙو لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي "ماڻهو هرڻ مار" اهو ڏاڍو وڏو ۽ ڀڏو لفظ آهي ۽ ان جي معنيٰ سمجهڻ ايا به وڌيڪ ڏکيو آهي.

ڪير ڪنهن کي ماريندو هو؟ ماڻهو، هرڻ کي ماريندو هو، يا هرڻ، ماڻهوءَ کي، يا ٻئي گڏجي ڪنهن ٽئي کي يا ٻئي هڪٻئي کي ماريندا هئا يا ڪو ٻيو ٻنهي ڄڻن کي ماريندو هو؟

پر يوڪاگير اهو لفظ سمجهن ٿا. هي لفظ اُهي تڏهن واپرائين ٿا، جڏهن اُهي چوڻ چاهين ٿا ته: "ماڻهو هرڻ ماري ڇڏيو."

اهڙو عجيب لفظ ڪيئن ٺهيو؟

هي انهيءَ زماني جي ڳالهه آهي، جڏهن ماڻهو پاڻ بابت "مون" جو لفظ نه واپرائيندو هو، جڏهن هُو اهو نه سمجهندو هو، ته هُو پاڻ ڪم ڪري ٿو، شڪار ڪري ٿو، گهات لڳائيندي هرڻ کي ماري ٿو. هُن جو ويساهه هوندو هو ته هُن نه، پر سڄي قبيلي گڏجي، ۽ قبيلي پڻ نه، بلڪ پراسرار، اڻڄاڻ طاقتن، جيڪي هر ڳالهه تي حڪمران آهن، تن هرڻ کي ماريو آهي. انهيءَ آڳاٽي دؤر جي دنيا ۾ انسان گهڻو هيٺو ۽ لاچار هو، ڇو ته قدرت هُن جو حڪم نه مڃيندي هئي.

هڪڙي ڏينهن "ماڻهو هرڻ مار" ڪنهن اڻڄاڻ طاقت جي مرضيءَ ڪارڻ

تہ ماڻهو وسيلي گوشت ڪير ڏئي ٿو؟

اُها پراسرار طاقت، جيڪا ماڻهوءَ کي ”ڪيڏوٽي“ جيان عمل ۾ آڻي ٿي.

ڊڪوتا آمريڪين ”آءُ تاهيان ٿو،“ چوڻ جي بيٺ ۾ چون ٿا، ”تاهيل منهنجي،“ چڻ هو پاڻ عامل نہ آهي.

پراڻي ڳالهہ ٻولهہ جي باقيات جا نمونا اڄ بہ يورپي ٻولين ۾ موجود آهن.

جيئن فرانسيسي ۾ چيو ويجي ٿو، ”سيءُ آهي،“ پر جيڪڏهن انهيءَ جو لفظي ترجمو ڪيو وڃي، تہ اهو ٿيندو، ”هو سيءُ ڪري ٿو.“

پوءِ اسان کي انهيءَ پراسرار دنيا تي حڪومت ڪندڙ ”هُو“ ملي ٿو.

پر اسان کي پرڏيهي ٻولين مان مثال ڳولڻ جي ڪهُرج نہ آهي. قديم ڳالهہ ٻولهہ جا جهجها مثال يعني قديم خيالن جا نمونا روسي ٻوليءَ ۾ پڻ ملن ٿا.

مثال طور: اسان چئون ٿا، ”هن کي ٻيٽو ڪيو ويو،“ يا ”هن کي ڏڪايو ويو“، نيڪ، تہ ڪهڙي طاقت آهي جيڪا ماڻهوءَ کي ٻيٽو ڪري ٿي يا ڏڪائي ٿي.

اهڙيءَ ريت ٻيا بہ انيڪ جملا آهن، جن ۾ ”هُو“ جي اڻڄاڻ، پراسرار طاقت موجود نظر اچي ٿي.

اسان يا توهان ڪنهن پراسرار طاقت ۾ ويساهہ نٿا رکون، پر اسان جي ڳالهہ ٻولهہ ۾ هاڻي بہ اسان جي وڏڙن جي ٻوليءَ جا باقيات موجود آهن، جيڪي انهن سمورين طاقتن ۾ ويساهہ رکندا هئا.

اهڙيءَ ريت ٻولين جا تهہ کوٽيندي، اسان کي رڳو لفظ ئي نہ بلڪہ قديم زماني جي ماڻهن جي سوچ پڻ ملي ٿي. قديم زماني جو ماڻهو هڪ عجيب ۽ پراسرار دنيا ۾ رهندو هو، جتي هو ڪم ۽ شڪار نہ ڪندو هو، بلڪ ڪو ٻيو ڪيس ڪم لاءِ آياريندو هو. هُن کي هرڻ مارڻ لاءِ اُتساهيندو هو، جتي ٿيندڙ هر ڳالهہ ڪنهن اڻڄاڻ هستيءَ جي مرضيءَ پٽاندڙ ٿيندي هئي.

پر وقت گذرندو ويو. ماڻهو جيترو وڌيڪ سگهارو ٿيندو ويو، اوترو پنهنجي چوڌاري دنيا کي سمجهندو ويو ۽ دنيا ۾ پنهنجي اهميت کي سڃاڻندو ويو. هُن جي ٻوليءَ ۾ ”آءُ“ جو لفظ ايترو ئي وڌيڪ ايندو ويو ۽ انهيءَ سان گڏ اُهو شخص پڻ نروار ٿيو، جيڪو ڪم ڪندو هو، جاکوڙيندو هو ۽ مامرن توڙي قدرت کي پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائيندو هو.

هاڻي اسان "ماڻهو هرڻ مار" نٿا چئون. هاڻي اسان چئون ٿا، "ماڻهو، هرڻ کي ماريو" پوءِ به هر ٻوليءَ ۾ ورلي پوئين زماني جو پاڇو ڏسڻ ۾ اچي ٿو: ڇا اسان اهو نٿا چئون: "قسمت جو لکيل"، "اهو بدسوڻ آهي" وغيره.

ڪير لکي ٿو؟ ڪير انهيءَ کي بدسوڻ ٺاهي ٿو؟

ڀاڳ!

پر ڀاڳ پڻ ساڳي اُجاڻ ڳالهه آهي، جنهن کان آڳاٽي زماني جو ماڻهو ڏڄندو هو.

"ڀاڳ" جو لفظ هينئر اسان جي ٻولين ۾ موجود آهي. پر ويساهه سان ڇئي ٿو سگهجي، ته اهو مستقبل ۾ الوپ ٿي ويندو.

هاڻي ڪڙمي ويساهه سان هر جوٽي ٿو ۽ ڄاڻي ٿو ته ٻجڙي يا سُني فصل جو آڌار مٽس آهي. ٻنيءَ جي واهر ڪندڙ ڀاڻ ۽ مشينون آهن، جيڪي ويران زمين کي زرخيز ٺاهين ٿيون ۽ سائنس، جيڪا پوٽن جي اوُسر ۾ سندس واهر ڪري ٿي.

ٻيڙيائتا هاڻي ويساهه سان پنهنجي ساموندي سفر تي روانا ٿين ٿا. خاص اوزارَ کين ٻڌائين ٿا ته ڪٿي پاڻي ٿانگهو آهي ۽ کين سمنڊ ۾ ايندڙ طوفان جي ڄاڻ اڳواٽ ئي پئجي وڃي ٿي.

انهيءَ قسم جا جملا هاڻي گهٽ ٻُڌڻ ۾ اچن ٿا، "اُهو سندس ڀاڳ آهي،" يا "هيءَ ڳالهه ته اڳ ۾ئي سندس ڀاڳ ۾ لکيل هئي."

جهالت سان ڏيپ ۽ علم مان ويساهه جنم وٺي ٿو. علم، ماڻهوءَ کي هاڻي قدرت جو ٻانهو نٿو رکي، پر کيس قدرت جو مالڪ ٺاهي ٿو.



"سرآتما" جي شانَ ۾ گيت جي تصويرڪشي جادوءَ جي نشانن ذريعي

پر جهنگ جي ڳالهه ئي ٻي هئي. جيتوڻيڪ جهنگ وارو گهر سندس رهواسين سان ڀريل هوندو هو، پوءِ به اُهي ڏسڻ ۾ نه ايندا هئا. سمورن تهن ۾ سندن آواز، سُرباٽ ۽ رڙين جي گونج هوندي هئي، پر انهن جو پتو لڳائڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو هو.

جڏهن ڪا شيءِ سندس پيرن هيٺان سرسراهٽ ڪندي هئي يا مٿي مٿان اُڏامندي هئي، يا ڪنهن شيءِ سان پن ڇُرندا هئا، ته قديم زماني جو ماڻهو ان سرسراهٽ ۽ مهڪار وچ ۾ ويچي ڪي ڪيئن پيو پرکي سگهي؟ هو سمورن چمڪندڙ وڻن جي ٽڙن وچ ۾ جانورن جي چمڪندڙ ڏڻن جو ڪيئن پتو لڳائي سگهندو هو؟

جهنگ جي هر جهرڪي ۽ جانور کي سندن بچاءَ واسطي رنگ هوندو هو. جهرڪين جا کنڀ وڻن جي رنگارنگي ٽڙن جيان هوندا هئا. جهنگ جي نيم اونداهيءَ ۾ جانورن جي وارن جو سيندور مائل بادامي رنگ پڻ سڪل پنن جيان هوندو هو. ڪنهن جانور جو پتو لڳائڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو هو. پر جڏهن جانور ويجهو هوندو هو، ته اوڏيءَ مهل شڪاري جو نشانو گهٽو سچو هئڻ گهربل هو، نه ته جانور جهنڊ ۾ الوپ ٿي ويندو هو.

تڏهن قديم زماني جيّ شڪاريءَ کي اُڇلائيندڙ ڀالي جي ڀيٽ ۾ تکي اُڏامندڙ تير کي اهميت ڏيڻي پئي. هو پنهنجي ڪمان هٿ ۾ کڻندو، ترڪش ڪُلهي تي لٽڪائيندو هو ۽ پوءِ گهاٽي جهنگ ۾ گهڙي جهنگلي جانورن جو شڪار ڪندو هو يا ڏٻڻ ۾ بدڪن ۽ هنجن کي ماريندو هو.

## ماڻهوءَ جو چوپايو ساٿي

هر شڪاري جو هڪڙو وفادار ساٿي هوندو هو، جنهن جا چار پير، وڏا نرم ڪن ۽ ڪوڄي ناسون هونديون هيون.

اهو چوپايو دوست شڪاري کي شڪار ڳولڻ ۾ واهر ڪندو هو. ڪڏهن وقت هو مالڪ وٽ ويهندو ۽ هن جي اکين ۾ اکيون وجهي اهو چوڻ لڳندو هو: ”۽ منهنجي ڀتي ڪٿي آهي؟“

اهو چوپايو دوست هزارن ورهين کان ماڻهوءَ جي چاڪري ڏاڍي نهٺائي ۽

سائبيريا ۾ هڪڙي قديم شڪاري ڊاپي وٽان ڪتي جي هڏين پرسان رسو پڻ لڌو ويو آهي. انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو، تہ ڪتو نہ رڳو ماڻهوءَ جي شڪار ۾ واهر ڪندو هو، پر انهيءَ کي ڇڪي ڪٽي بہ ايندو هو.

اهڙيءَ ريت پهريون پيرو اسان جي ملاقات ماڻهوءَ جي ٿاهوڪي دوست: ڪتي سان ٿي.

هن سمجهو جانور بابت الائي ڪيترين سچين ڪهاڻين لکيون ويون آهن، جيڪو جبلن ۾ ماڻهن کي بچائي ٿو، جنگي ميدان مان گهايلن کي اسپتال ڪڍي وڃي ٿو. گهرن ۽ ملڪ جي سرحدن جو بچاءُ ڪري ٿو. گهر، شڪار، جنگ ۽ تحقيقي تجربي گاهن ۾ ڪتا اسان جا ڏاڍا وفادار ٻانها ٿين ٿا.

جڏهن سائنس جي لاڀ ۽ انسانيت جي ڀلائي واسطي، سائنسدان ڪنهن ڪتي کي آپريشن جي ميز تي ليٽائي ٿو، تہ هو سائنسدان کي ويساهہ ڀرين اهڙين نگاهن سان ڏسي ٿو، ڄڻ هو پنهنجي مالڪ لاءِ جان ڏيڻ لاءِ تيار هجي.

لينن گراڊ ويجهو پاولووا جي ڳوٺڙي ۾ انهيءَ ليبارٽري جي جاءِ سامهون، جتي سائنسدان دماغ جي فعل جو اڀياس ڪن ٿا، هڪڙي وڏي يادگار جوڙيل آهي.

اها يادگار اسان جي انهيءَ وفادار چار پيرن واري ساٿيءَ جي ميجتا ۾ ٺاهي وئي آهي.



برف- گاڏي، جنهن کي ڪُتا ڇڪين ٿا (ڪوريا جي ڊرائينگ)

# درياهه سان ماڻهوءَ جي ويڙهه

قديم زماني جا سڀ ماڻهو پنهنجا گهر وٽن جي جهُنڊن وچ ۾ نه ٺاهيندا هئا. اهڙا ماڻهو پڻ هئا، جيڪي گهاٽن جهنگن ڪي ڇڏي دريائن ۽ ڍنڍن جي ڪناري آباد ٿي ويا هئا. جتي پاڻي ۽ جهنگ جي وچ ۾ سوڙهي لنگهه تي اُهي ڪاٺيءَ جا پنهنجا جهُوپڙا ٺاهيندا هئا.

جهنگ جي ڀيٽ ۾ درياهه جي ڪنارن تي گهٽي جاءِ هئي، پر هتي پڻ رهڻ سهڻ جهنگ جيان ڏکيو ئي هو.

درياهه وائڙو پاڙيسري هو. جڏهن بهار ۾ منجهس ٻوڏ ايندي هئي، ته هو پنهنجن ڪنارن مٿان اُٿلي پوندو هو، ۽ پاڻ سان اڪثر برف جي ٽڪرين ۽ ڪِريل وٽن سميت ماڻهن جا گهر پڻ لوڙهي ڪٽي ويندو هو. ٻوڏ کان ڀڄندي ماڻهو ويجهو ئي وٽن تي چڙهي ويندا هئا ۽ مچريل درياهه جي لهڻ تائين اُتي اوسيئڙو ڪندا هئا. جڏهن درياهه وري ماٺو ٿي ويندو هو، ته اُهي ڪناري تي وري ٻيهر پنهنجو گهر ٺاهيندا هئا.

اوائل ۾ هر ٻوڏ ماڻهن لاءِ اوچتو ايندي هئي. پر جڏهن هنن درياهه جي وهڪري جو ڏيان سان اڀياس ڪيو، ته ٻوڏ کان بچڻ لڳا.

اُهي ڪيترائي وڻ وڍي، سندن ٿڙ پاڻ ۾ ٻڌي ٻيڙو ٺاهيندا هئا ۽ انهيءَ کي درياهه جي ڪناري تي بيهاري ڇڏيندا هئا. پوءِ اُهي ڪاٺين جي پهرين ته مٿان ڪاٺين جو ٻيو ته رکندا هئا. اهڙيءَ ريت ته مٿان ته سٽڻ سان هڪڙو اوچو پَهو ٺهي ويندو هو ۽ پوءِ اُهي مٿس پنهنجي جهوپڙي ٺاهيندا هئا. هاڻي اُهي ٻوڏ کان ڊڄندا نه هئا، ڇوته جڏهن طوفاني درياهه اُپامندو هو، ته اُهو سندن اڱڻ تائين به نه پهچندو هو.

هيءَ ماڻهوءَ جي وڏي سوڀ هئي، ڇوته هن هيٺاهين ڪناري کي اوچو ڪري ڇڏيو هو. جڻ اهو پَهو انهن سمورن بندن ۽ اَڙن جي ابتدا هئي، جيڪي هاڻي دريائن جي وهڪري کي روڪي، اقتصادي مفاد ماڻڻ لاءِ ٺاهيا وڃن ٿا.

آڳاٽي ماڻهو دريائن سان وڙهڻ ۾ گهڻو وقت ورتو.

پر هو درياهه جي ڪناري ڀرسان ڇو رهيو ۽ هن پاڻيءَ جي ويجهو ڇو ٿي رهڻ چاهيو؟



آڳاٽي زماني جي اندران پَوري ٻيڙي، جيڪا سمورين ٻيڙين جي ڏاڏي آهي

ڪم ڏاڍو ڏکيو ۽ لوڙهائو هو. هتي ڪاٺيءَ کي هر پاسي کان وڍيو ويو هو، اها هر پاسي کان ناهموار هئي ۽ ان ۾ کڏون ۽ ڪانچا ڏسڻ ۾ آيا پئي، جڻ پٿريلي ڏندن ٻڙ کي وڍيو هجي. ڪجهه جاين تي، جتي ڪاٺي ۾ ڳنڍون هيون يا آڏي اُڀتي هئي، اُتي ڪهاڙي ڪارائتي نه ٿي هئي. اهڙيءَ حالت ۾ ڪاٺيءَ خلاف ڪهاڙيءَ جي ويڙهه ۾ باهه ساٿس واهر ڪئي هئي.

ڏونگي جو سچو ترُ سڙيل ۽ ڪوئلي جي سڙيل تهه سان ڍڪيل اٿس.

ويجهو ئي سائنسدانن کي اها پٿر جي ڪهاڙي پڻ ملي وئي، جنهن ڏونگي کي وڍي ڪوکلو ڪيو هو. هن جي ڌار کي چمڪايو ۽ تکو ڪيو ويو هو ۽ ويجهو ئي ڏيٺن واري ڪوئلي ۾ پٿر کي تکو ڪندڙ اوزار پڻ ملي ويو. انهيءَ جو اهو مطلب ٿيو، ته اوائل ۾ پٿر جا اوزار رڳو وڍي ناهيا نه ويندا هئا، پر مٿن پالش پڻ ٿيڻ لڳي هئي ۽ کين تکو پڻ ڪيو ويندو هو.

ڇا ڪا مُڏي ڪهاڙي سگهاري ٻڙ کي وڍي پئي سگهي؟

ٻڙ کي پورو ڪري ڏونگي ناهڻ ۾ ماڻهوءَ کي گهڻو وقت لڳندو هو.

نيٺ جڏهن اهو ڪم پورو ٿيندو هو، ته ٻيڙي پاڻي ۾ لاهبي هئي. مهاڻا ڍنڍ تي روانا ٿي ويندا هئا. وٽن مڇيءَ جي شڪار لاءِ قسمين قسمين ڀالا، سُئا، ڪُنڍيون ۽ ڄار هوندا هئا.

لادوِگا ڍنڍ گهڻي وشال هئي ۽ منجهس مڇيون پڻ انيڪ هيون، پر ڪناري کان پري وڃڻ جي ماڻهو همت نه ڪندا هئا، ڇو ته پاڻي هنن لاءِ نئين ڳالهه ۽ اَڄاڻ دنيا هئي. هنن کي اها ڪهڙي ڄاڻ ته اهو ڪيئن آهي ۽ اڳتي ڇا هوندو؟ هڪڙي ڏينهن اهو پاڻي سانت ۾ رهندو هو ۽ سندس تهه هموار رهندي هئي. پر ٻئي ڏينهن ان ۾ وڏيون وڏيون جوڪائتيون لهرون اُٿڻ لڳنديون هيون.

سگهارو ٻڙ، جنهن کي ڪو طوفان ۽ آنڌي نه ڪيرائي سگهندي هئي، سو

# اوائلي ڪاريگر

اي نوجوان ڪاريگرؤ، آءٌ توهان سان پيو ڳالهايان، جن اجهو هاڻي ئي کهاڙي، رَندي، مترڪي، انبوري ۽ آر جو عمل سکيو آهي.

آءٌ توهان سان پيو ڳالهايان، جيڪي مستقبل ۾ فولاد ٺاهيندڙ، ڪيميائي ماهر، مشينن ۽ هوائي جهازن جا نمونا ٺاهيندڙ، گهر ۽ جهاز جوڙيندڙ ٿيندا!

هي ڪتاب توهان جهڙن ماڻهن لاءِ لکيو ويو آهي، جن کي پنهنجن اوزارن ۽ ڪِرت سان چاهه آهي. توهان ڄاڻو ٿا ته اوزارن ۾ هن ڪاٺي يا ڏاتوءَ وچ ۾، جنهن تي توهان ڪم پيا ڪريو، ويڙهه ڪيڏي نه سخت ٿئي ٿي ۽ توهان کي تنهن مهل ڪيڏي نه سُرهائي ٿئي ٿي، جنهن گهڙي توهان ڪو ڪم پورو ٿا ڪريو.

جڏهن توهان ڪنهن ڪاٺيءَ جو ڪو ٽڪرو ڪٽو ٿا، ته توهان جي ذهن ۾ انهيءَ شيءِ جو روپ هُجي ٿو، جيڪا توهان کي ان ٽڪري مان ٺاهڻي آهي. هي ڳالهه بلڪل سولي لڳي ٿي. توهان کي هتي هڪڙو ٽڪرو آريءَ سان وڍڻو پوندو، برمي سان هڪڙو ٽُنگ اُتي ڪڍڻو پوندو ۽ پيو ٽڪرو هِتان وڍڻو پوندو. پر ڪاٺي انهيءَ عمل ڪاڻ تيار نٿي ٿئي. اُها پنهنجي سموري سگهه سان ان تِکي ڏار سان مُهاڏو اٽڪائي ٿي، جيڪا کيس وڍڻ چاهي ٿي.

اوزار هڪبئي پويان انهيءَ ويڙهه ۾ گڏجي وڃن ٿا. جيڪڏهن چاقوءَ سان ڪم نٿو هلي، ته کهاڙي ميدان ۾ لهي ٿي. جيڪڏهن کهاڙي پڻ ناڪام رهي ٿي، ته انيڪ ڏندن وارو آرو ويڙهه واري پِڙ ۾ لهي ٿو.

۽ پوءِ اهو وقت به اچي ٿو جڏهن اها سموري ڪاٺي، جيڪا توهان جي رٿيل شيءِ جو روپ ڌاري وڃي هئي، سان وڍجي ڦَرن، لٽين، ڳُنڍن، ڇَپرن ۽ بُور جي روپ ۾ ڌسجڻ ۾ اچي ٿي.

توهان جي سوچ ٿي، پر اها رڳو توهان جي جِيت ئي نه آهي. توهان جي سوچ ان لاءِ ممڪن ٿي جو سمورن ڪاريگرن- جن گهڻين صدين دوران انهن اوزارن کي ايجاد ڪيو ۽ سُڌاريو، جيڪي توهان استعمال ٿا ڪريو- انهن اوزار کي ٺاهڻ لاءِ نين شين جي ڳولا ڪئي ۽ ڪين واپرائجڻ جا ڍنگ ڪڍيا.

هتي هن ڪتاب جي صفحن مان، توهان انهن اوائلي ڪاريگرن بابت ڄاڻ وٺي چڪا آهيو، جن پٿرين چاقو، ڪهاڙيون ۽ هٿوڙا ٺاهيا هئا.

توهان انهن کي ڪم ڪندي پڻ ڏٺو هوندو. توهان جي ڪم جيان انهن جو ڪم پڻ ڏکيو هوندو هو. پر نيٺ پڄاڻيءَ ۾ انهيءَ عمل سان ڪين سُرهائيءَ پڻ ٿيندي هئي.

اهي اوائلي واڍا، زمين کوٽيندڙ ۽ رازا، جانورن جي کلن جا ڪپڙا پائيندا هئا. هنن جا اوزار ڏنگا ڦڏا، ڀُڏا مُڏا ۽ ڳرا هوندا هئا. انهن کي هڪڙي ڀيڙي ٺاهڻ ۾ ڪيئي مهينا لڳي ويندا هئا. هنن کي ڪاڏو رڌڻ واري هڪڙي ٺِڪر جي هنڌيءَ ٺاهڻ ۾ ان ڪان ٻه گهٽي ڏکيائي ٿيندي هئي، جيتري اسان کي هڪڙو مجسمو ٺاهڻ ۾ ٿئي ٿي.

پر اهي واڍا، زمين کوٽيندڙ ۽ ڪنيار انهن رازن، ڪيميائي ماهرن ۽ فولاد ٺاهيندڙن جي وڏيءَ فوج جا پهريان سپاهي هئا، جيڪي پنهنجي روزاني پورهيي سان هينئر دنيا جو روپ ۽ جوڙجڪ ڦيرائين پيا.

مثال واسطي آڳاٽن ڪنيارن کي ئي ڪٽي وٺو. هنن پهريون ڀيرو هڪڙو اهڙو نئون ٺانوَ جوڙيو، جيڪو قدرت ڪان ڪين نه مليو هو. انهيءَ ڪان اڳ، جڏهن قديم زماني جو ڪاريگر پٿر جي ڪا ڪهاڙي يا هڏيءَ جو ڀالو ٺاهيندو هو، ته هو انهيءَ جي مادي تخليق پاڻ نه ڪندو هو، پر سندس روپ ڦيرائي ڇڏيندو هو. پر ڪنيار جي ڳالهه ٻي هئي جيڪا اڳ ۾ ڪڏهن به نه ٿي هئي. ماٺهو ٺِڪر جو ٺانوَ ٺاهيو ۽ ڪيس مَچ ۾ پچايائين. باهه مٽيءَ جا سمورا گڻ ڦيرائي ڇڏيا. هاڻي اُها سچاڻپ کان ٻاهر هئي.



پٿرن ۾ ٽُنگ ڪڍڻ لاءِ آڳاٽي زماني جي مشين

انهيءَ ڪان اڳ متي پُسائڻ مهل پُري ويندي هئي، پر باهه ۾ پچڻ ڪان پوءِ ڪيس پاڻيءَ ڪان ڊپ نه رهيو. پاڻي وجهڻ سان ان جو نه روپ مَتجندو هو ۽ نه ئي اها نرم ٿيندي هئي.

قديم زماني جي ماڻهو، متيءَ کي هڪ نئين شيءِ ۾ ڦيرائڻ لاءِ باهه ڪتب آندي. اُها پِٽي انداز ۾- باهه ۽ متيءَ تي سوپ هئي. اهو سچ آهي ته باهه ماڻهوءَ سان اڳ ۾ به سهڪار پئي ڪيو. اُها ماڻهوءَ کي سيءَ ڪان بچائيندي هئي، جهنگلي جانورن کي تارو ڪرائيندي هئي، جهنگن جي واڍيءَ ۾ ماڻهوءَ جي واهر ڪندي هئي ۽ ڏونگي ڻاهڻ ۾ کهاڙيءَ جي مدد ڪندي هئي. هاڻي ماڻهو باهه پارڻ جو ڳُجهه ڄاڻي ورتو هو. جڏهن به اُهي ٻن ڪاٺين جي ٽُڪرن کي زور سان پاڻ ۾ رڳڙيندا هئا ته باهه ٻَرڪو ڪائي نروار ٿيندي هئي.

هاڻي ماڻهو باهه کي هڪڙو نئون ۽ وڏيڪ ڏکيو فرض- هڪڙي مادي کي ٻئي ۾ ڦيرائڻ جو فرض- سونپيو هو.

جڏهن ماڻهوءَ کي باهه جي حيرت انگيز گڻن جو پتو پيو، ته هو باهه کي ٿانوَ پچائڻ، پنهنجو کاڌو رڌڻ، ماني پچائڻ ۽ ٽامي کي پگهارڻ لاءِ واپرائڻ لڳو.

اڄ توهان کي دنيا ۾ ڪوبه اهڙو ڪارخانو نه ملندو، جتي هڪڙي مادي کي ٻئي ۾ ڦيرائڻ لاءِ باهه نه واپرائي ويندي هجي.

باهه اسان کي ڪچي ڌاتوءَ مان لوهه ڪڍڻ، واريءَ مان شيشو ٺاهڻ ۽ ڪاٺيءَ مان ڪاغذ ٺاهڻ ۾ واهر ڪري ٿي. فولادي ڪارخانن ۾ جيڪا باهه ٻرندي رهي ٿي، تنهن تي فولاد ٺاهيندڙن ۽ ڪيميائي ماهرن جي پوري فوج ضابطو رکي ٿي. ۽ انهن سيني ٻَنن جي ابتدا ان چُلهه کان ٿي آهي، جنهن ۾ قديم زماني جي ڪنيار پنهنجو پهريون ڏنگو ڦِڏو، ٻُڏو ۽ سوڙهي مُنهن وارو ٿانوَ پچايو هو.

## ٻج جي گواهي

آڳاٽي دؤي جي هڪڙي ڊاٻي وٽان قديم آثارن جي ماهرن کي انيڪ شين سميت ڪجهه ٺڪر جي ٿانوَن جا ٽڪرا پڻ مليا آهن.

اُهي ٽڪرا ٻاهران پاڻ ۾ ڳتيل ڪُنڊن جي سادي نموني سان ٺهڪيل هئا.



پيالن ۽ ٿانون تي ڊيزائن ڏسجڻ ۾ آيا

ڪجھ سائنسدانن جو خيال آهي، ته اهو نمونو انهيءَ ڳالھ جو راز ٻڌائي ٿو، ته قديم زماني جو ڪنڀار ڪيئن پنهنجن ٿانون کي جوڙيندو هو ۽ ڪين پچائيندو هو. نرم ٻوٽن جي ٽڙن مان ٺهيل ڇٻيءَ تي اندران مٽيءَ جي تھ جو ليپو ڏنو ويندو هو ۽ پوءِ ڇٻيءَ کي باھ ۾ رکيو ويندو هو. ڇٻي سڙي ويندي هئي ۽ اندريون ٿانوَ پچي راس ٿي پوندو هو. ۽ ڇٻيءَ جي بناوت هيٺ جيڪي نشان ٿانوَ جي ٻاهرين تھ تي رهندا هئا، سي ئي سندس نمونو هوندا هئا.

پوءِ جڏهن ڪنڀارن ٺهيل ڇٻين جي مدد کان سواءِ ٿانوَ ٺاهڻ سکي ورتا، ته اهي ٿانون کي چترڪاريءَ سان سينگارڻ لڳا. ڪنڀارن جي سوچ هئي، ته جيڪڏهن هنن جا ٿانوَ اهڙا نه نهيا، جهڙا سندن ڏاڏيون ۽ پڙڏاڏيون ڪتب آڻينديون هيون، ته پوءِ منجهن ڪاڏو پچي نه سگهندو.

قديم زماني ۾ ڪاريگرن جو ويساھ هوندو هو، ته هر شيءِ ۾ اوُس ڪا پراسرار سگھ ۽ گڻ لڪل آهي. ڪير ٿو چاڻي، شايد ٿانوَ جي اصل طاقت سندس نموني ۾ هجي! جيڪڏهن هنن نمونو ڦيرايو، ته متان ڪين هميشه لاءِ پڇتائڻو پوي، ڇوته ٿانوَ سندن نياڳ، خراب ڏينهن ۽ بک جو سبب بڻجي سگهي ٿي. ورلي ٿانوَ کي بچڙي نهار کان بچائڻ لاءِ ڪنڀار مٿس ڪتي جو روپ ٺاهي ڇڏيندو هو.

ڪتو ته ماڻهوءَ جو سهڪاري هو. هو ماڻهوءَ سان گڏ شڪار تي ويندو هو ۽ سندس گهر جي نگهباني ڪندو هو.

ٿانوَ تي ڪتي جو چتر چٽيندي ڪنڀار پاڻ کي چوندو هو، "ڪتو ته نگهبان آهي، هو ٿانوَ ۾ منجهس جيڪو ڪجھ رکيل آهي، تنهن جي سنڀال ڪندو."

چٽسالي ۽ وارا ۽ چتر اُڪريل ٿانوَن جا ٽڪرا انيڪ جاين تان لڌا ويا آھن. منجھانئن ھڪڙو فرانس ۾ ڪامپيني شھر جي ويجھو لڌو ويو آھي، سو ڏاڍو مشھور آھي. قديم آثارن جي ماھرن انھيءَ جو جائزو ونندي، جوَجي ھڪڙي داڻي جو نشان لڌو.

انھيءَ ڪوُجنا سان منجھن گھڻو چاھ پيدا ٿيو، ڇوته اھا رِڳو ھڪڙي داڻي جي ڳالھ نه ھئي، پر اھو داڻو انھن وڏين ڦيرين گھيرين جو ننڍڙو گواھ ھو، جيڪي قديم زماني جي ماڻھوءَ جي جيون ۾ ٿيون ھيون.

جتي ٻج ھو، اُتي زراعت پڻ رھي ھوندي. انھيءَ ڪارڻ سائنسدانن کي انھيءَ جاءِ تي اناج پيھجندڙ جنڊ، اُڪريون، موريلا ۽ پٿر جا ڪوڏر پڻ مليا.

ھي ڳالھ پڌري آھي ته شڪاري ۽ مھاڻا ماڻھو، ھاڻي ڪڙمي پڻ بڻجي ويا ھئا. پر اھو ٿيو ڪيئن؟

پھرين ڳالھ اھا آھي ته قبيلي جا سمورا ماڻھو شڪاري يا مھاڻا نه ھوندا ھئا. جڏھن مرد شڪار لاءِ ھليا ويندا ھئا، ته عورتون ٻارن سان گڏ ڇپيون ۽ ٺڪر جا ٿانوَ ڪٺي، ڪاڏي جون شيون ميڙڻ لاءِ ھيڏي ھوڏي ھليون ونديون ھيون. سمنڊ ڪناري اُھي سپيون ميڙينديون ھيون. جھنگ ۾ اُھي ڪُنيون، ٻير ۽ صوف ڳولينديون ھيون. ھنن کي مڪئي جي ڏوڏي ڪائڻ جي روڪ نه ھوندي ھئي. اُھي انھن کي پيھي منجھانئن مانيون پچائينديون ھيون. تنھنڪري گھڻين ٻولين ۾ مڪئي جي ڏوڏي (Acorn) جو لفظ مدتن تائين مانيءَ جي لفظ جي جاءِ تي واپرائجندو رھيو.



ڪنيار سدائين ساڳئيءَ قسم جا چِٽ پنھنجي ٿانون تي چِٽيندو ھو

جڏھن ڪو قبيلو ڪنھن ماڪيءَ جي ماناري کي ڏسندو ھو، ته ڏاڍيون خوشيون ڪندو ھو. ھڪڙي ٽڪريءَ تي چتر ڏنو ويو آھي، جنھن ۾ ڪا عورت ماکي ڪڍندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ھوءَ وڻ تي چڙھيل آھي. ھن جو ھڪڙو ھٿ آھي وڻ جي

تاريءَ ۾ ٻه ٻئي هٿ ۾ هڪڙو ٽانوَ جهليل آهي. مچريل ماڪيءَ جون مکيون سندس چوڌاري ڀُٽڪن پيون، پر هو ڪائنن لاپرواهه ماناري مان ماکي پئي نپوڙي ڪڍي.

عام طور تي، عورتون ٻه ٻار جڏهن پنهنجي ڪم ڪان موٽندا هئا ته اُهي ٻير، ماکي، ڏوڏن، جهنگلي صوفن ۽ ناسپاتين سان جهنجهريل هوندا هئا.

هاڻي ڪاڏي ڪاٺ جي مهل هوندي هئي، پر عورتون پنهنجي ڪاڏي جي ذخيري کي هڪدم ختم ڪري نه ڇڏينديون هيون. اُهي ٻارن کي ٻچائي ڇڏينديون هيون ۽ جيڪو ڪجهه ڪائنن ممڪن ٿيندو هو، سو سڀ ٽانوَن، پيالن ۽ ڪاٺيءَ جي ڪوکن ۾ گڏ ڪنديون هيون. ڪاڏي جا اهي ذخيرا هميشه ڪارائتا ثابت ٿيندا هئا، ڇوته شڪار ڪا يقيني ڳالهه نه هوندي هئي.

اهڙيءَ ريت، گهٽي گرم آبهوا ۾ ماڻهو وري ڪاڏو گڏ ڪرڻ لڳو. ائين پيو لڳي ڇڻ ته اُهي پوئتي پيا وڃن. پر اصل ۾ اهو اڳتي ڇال هو، ڇوته اُهي ٻني پوکڻ لڳا هئا. اُهي ان سَنڌي ڪان اُڪري ويا هئا، جيڪو ميڙيندڙ کي ڪُڙمت ڪان ڌار ڪندو هو.

عورتون هاڻي ميوا، ٻير ۽ اهڙن جهنگلي داڻيدار گاهن- جَوَ، مڪئي ۽ ڪڪڪ- جا ٻج آڻڻ لڳيون. اُهي اناج ٽانوَن ۽ ڪوکن ۾ گڏ ڪرڻ لڳيون، پر اناج ته سولائيءَ سان وِکري ويندو هو، تنهنڪري ڪِريل داڻا ڦُٽڻ لڳا.

اوائل ۾ ماڻهو اناج اتفاق سان پوکيو هو: يعني سندس ذخيري مان ڪجهه داڻا پَٽ تي ڪِري پيا هئا. پوءِ اُهي ڄاڻي واڻي اناج کي وکيرڻ يا واهڻ لڳا.

هينئر به ڪيترن ئي قبيلن ۾ ڏکڻ ۽ وري آواگان يا ٻيهر ڦُٽجندڙ اناج بابت داستان هلندا پيا اچن.

جڏهن قديم زماني ۾ عورتون پنهنجين ڪوڏرن سان زمين کي کوٽي منجهس اناج دفن ڪنديون هيون، ته ڪين اهو ويساهه هوندو هو، ته اُهي ڪنهن پراسرار ديوتا کي پيون ڏڪين، جيڪو اناج جي سونهري سگن جي روپ ۾ وٽن وري واپس ايندو. سرءُ ۾ جڏهن عورتون فصل لُٽينديون هيون، ته اُهي پاتال- ڌرتيءَ هيٺ دنيا- مان ديوتا جي واپسيءَ تي سوانگ ڪنديون هيون.



پٿر جي ڪُونڊيءَ ۾ ايئن اناج پيهيو ويندو هو



آڳاٽي زماني جون عورتون ايئن پٿر جي ڪُونڊي ۾ اناج پيهنديون هيون

جڏهن اُهي پڪل فصل جو لُٽيل آخري گڏو ويڙهي زمين تي رکنديون هيون، ته سندن چوڌاري ڦيرا ڏئي نچنديون هيون. اهو رڳو ناچ نه هوندو هو. اهو جادوءَ جو ساٿ سنؤڻ به هو. عورتون اناج جي واڪاڻ ۾ گيت ڳائينديون هيون، ته هو مُئلن جي دنيا مان موٽيو آهي ۽ اُهي ڌرتيءَ کي ٻاڏائينديون هيون، ته اُهاَ ايئن سدائين ساڻن ٻاجهه جو ورتاءُ ڪندي رهي.

## نئين ۾ پراڻو

اوڻيهين صديءَ جي موڙ تي، آڪٽوبر جي عظيم سوشلسٽ انقلاب کان اڳ، روس ۾ اهڙيون پڻ جايون هيون، جتي عورتون هر سرءَ جي مُند ۾ فصل لُٽڻ مهل 'لاباري' جو تهوار پڻ ملهائينديون هيون.

اُهي لُٽيل فصل جي آخري گڏي کي ڪٽي، ڪيس رومال ۽ چادر پارائينديون هيون. پوءِ هڪٻئي جا هٿ جهلي سندس چوڌاري گهمندي ڦيرا پائيندي گيت ڳائينديون هيون:

اڄ آهي لاباري،
اسان جي ٻنين ۾،
تورائتا آهيون رَبَّ جا.
هڪڙي ٻني لُٽجي وئي،
هاڻي، ٻي جي تي واهر،
تورو آهي رَبَّ جو.

انهيءَ عبادتي گيت جي پراسرار ۽ پندپهڻ ڪندڙ ڏُن، انهن وڏندڙ گيتن سان ورلي ٺهڪجندڙ هوندي هئي، جيڪي ڳوٺن جون نؤجوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا شام جو وِندر مهل ڳائيندا هئا.

'لاباري' جو ڏڻ آڳاٽو مذهبي تهوار هوندو هو، جيڪو اوائلي ڪُڙمين کان اڄوڪي ڪُڙمين تائين هلندو پيو اچي. اهڙا ڪيترائي مذهبي تهوار اسان کي راندين ۽ گيتن جي روپ ۾ ملن ٿا.

ٻار هڪٻئي جا هٿ جهلي ڳائين ٿا:

ها، اسان پوکي ٻاجهري، ڙي ٻاجهري
ها، اسان پوکي ٻاجهري، ڙي ٻاجهري.

راند جو اهو گيت پڻ آڳاٽي زماني ۾ مذهبي رسمن موجب هوندو هو. رڳو هزارين ورهين دوران انهيءَ جو مَنڊيندڙ اثر بلڪل ختم ٿي ويو، پر وِندر ۽ پوڳ باقي رهجي ويو.

۽ صنوبر جي وڻ کي ئي ڪٽي وٺو. ڪنهن زماني ۾ ان کي مقدس سمجهبو هو. ماڻهو اُن جي ڇوڏاري اهو سوچي نچندا هئا، تہ سندن جادوءَ ڀريل حرڪتون سُتل جهنگن ۽ ميدانن کي وري نئون جيون ڏينديون ۽ سرءُ کان پوءِ بهار ايندي.

انهن ٻارن کي، جيڪي نئين مُندائتي ڏڻ تي صنوبر جي وڻ کي سينگارين ٿا، جيڪڏهن اهو ڇيو وڃي تہ صنوبر جو وڻ مقدس آهي، تہ اُهي ان کي پوڳ سمجهندا. هنن لاءِ تہ اهو نشان آهي سرءُ دوران خوشگوار موڪلن جو، جيڪي مهينن جي پڙهائيءَ کان پوءِ اچن ٿيون.

انيڪ قديم مذهبي رسمون، سوڻ ساٽ ۽ ٽوٽا ڦيٽا هاڻي رڳو ٻارن جون راندين ۽ گيت بنجي رهجي ويا آهن.

مِينهن، مِينهن، وڃ، هليو وڃ!
وري ٻئي ڪنهن ڏينهن اچجانءِ!

جڏهن ٻار اُهو گيت ڳائين ٿا، تہ سندن مقصد مِينهن کي روڪڻ يا ڪڪرن کي جُهڪائڻ نٿو هُجي. اُهي چڱي ريت سمجهن ٿا تہ هنن جو اهو گيت مِينهن تي ڪو اثر نہ وجهندو. اُهي رڳو وندر ڪاڻ اهو گيت ڳائين ٿا.

۽ وڏا ماڻهو پڻ اهڙا گيت ڳائڻ ۽ رانديون ڪرڻ بُرو نٿا سمجهن، جن جو ڪنهن زماني ۾ ڪو ٻيو مطلب هوندو هو.

_ اهڙيءَ ريت، وندرائيندڙ رانديون وسيلي قديم عقيدن، سائڻ سوڻن ۽ ٽوڻن ڦيٽڻ وارا مذهبي تهوار اسان تائين پهتا.

بهرحال، انهن کي رانديون سان گڏ ڪنهن ٻي جاءِ تي پڻ سانڍيو ويو آهي.

جڏهن ديولن ۾ 'ايسٽر' جي عبادت ٿئي ٿي، تہ دعائن ۾ قديم مَنڊيندڙ گيتن جو رنگ پَسجڻ ۾ اچي ٿو.

آڳاٽي زماني جيَ ڪُڙمين جي گيت جيان انهن دعائن ۾ پڻ موت ۽ قيامت جو ذڪر هجي ٿو.

اهڙيون ڳالهيون، جن عام طور تي دنيا ۾ رانديون ۽ ناچن جو روپ ڌاري ورتو آهي، سي ديولن ۾ مقدس مذهبي رسمن جي حيثيت سان باقي رهيل آهن.

ڪيترائي وهم وسوسا ۽ ساڳ اسان وٽ گهٽي آڳاٽي زماني کان آيل آهن.

هينئر پڻ اهڙا جهجها ماڻهو آهن، جن کي اهو ويساهہ آهي تہ گهوڙي جو نعل ملڻ نيڪ سنوڻ آهي ۽ جيڪڏهن نئون چنڊ کين کاٻي پاسي ڏسڻ ۾ اچي تہ اُهو بدسنوڻ آهي.

اوگلچ ضلع جي هڪڙي پنچائتي ڪُڙمي عورت اسان کي ٻُڌايو، تہ انقلاب کان اڳ سندس ڳوٺ جون عورتون پنهنجين ڪُڪڙين جي کارن تي هڪڙو "ڪُڪڙين جو ديوتا" لٽڪائي ڇڏينديون هيون. اهو "ديوتا" پٿر جو هوندو هو، جنهن جي وچ ۾ ٽُنگ هوندو هو. ان کي کاري تي لٽڪائڻ جو مقصد هي هوندو هو، تہ جيئن ڪُڪڙيون وڏيڪ آنا ڏين.

اهڙيءَ ريت وهم صدين تائين جيئرا رهن ٿا. اهو پٿر وارو "ڪُڪڙين جو ديوتا" پٿر واري زماني جو اُهڃاڻ آهي. پوءِ بہ اهو ويهين صديءَ جي ابتدا تائين جيئرو هو.

# انوکو ذخيرو

جڏهن عورتون پنهنجين ڪوڏرن سان زمين ولهينديون ۽ گڏ ڪنديون هيون، ته مرد پڻ واندا نه ويهندا هئا. اُهي شڪار ۾ وقت گهاريندا هئا ۽ شام جو پوياڙيءَ ۾ پنهنجي ماڻُ يا وٿاڻن تي هَرُن توڙي وَڙن سان موٽندا هئا.

جڏهن پار پنهنجي وڏن پائرن ۽ پيئرن کي موٽندي ڏسندا هئا، ته اُهي ساڻن ملڻ واسطي ۽ اهو جاڻڻ ڪاڻ ڊوڙون پائيندا هئا، ته شڪار سوپارو رهيو يا نه. اُهي خوني جهنگلي سوئر جي ڪنڌ کي، جنهن جي ڏوناڙ پيشانيءَ کان وڏيل هوندي هئي يا ڦاڙهي جي تيزن تکن سڱن کي ڏاڍي چاهه سان ڏسندا هئا. پر اُهي سڀ کان وڏيڪ تڏهن سُرها ٿيندا هئا، جڏهن شڪاري جيئرو جانور آڻيندا هئا. خاص ڪري ننڍڙي ٿُلهي ٻڪري، هرڻ يا ڪو سُڌريل سادو سڱن بنا وهڙو.

شڪاري پنهنجي شڪار کي هڪدم نه ماريندا هئا. انهن کي واڙه منجهه واڙي ڪين ڪارائي پياري تاتيو ويندو هو، ته جيئن اُهي ٿُلها ٿنيرا ٿين. جڏهن گهر ويجهو ٻڪرين، رڍن ۽ وهڙن جي رنڀڻ توڙي ٻاڪارڻ جا ٻول ٻُرندا هئا، ته ماريءَ کي ڏاڍي آٿت ملندي هئي. هنن کي ويساهه هوندو هو ته اُهي ٻُکيا نه رهندا، ڀلي اُهي شڪار تان هٿين خالي ئي ڇو نه موٽن. اهڙيءَ ريت اُهي جانورن کي واڙيءَ ۾ واڙيندا هئا ۽ انهيءَ ذخيري ۾ هوريان هوريان واڌارو ٿيندو ويندو هو.

پهرين ته ماڻهو چوپاين کي گوشت ۽ کل لاءِ پاليندا هئا. اُهي انهن انيڪ فائدن کان واقف نه هئا، جيڪي ڍور پالڻ سان ٿي پيا سگهن. اُهي انهن ڪُردار جانورن کي رڳو پنهنجو شڪار سمجهندا هئا ۽ اُهي پنهنجي شڪار کي مارڻ جا هيراڪ نه هئا. هنن لاءِ اهو سمجهڻ سولو نه هو، ته ڪنهن ڍڳيءَ يا وهڙي کي مارڻ کان وڏيڪ ان جو پالڻ سندن ڪاڻ لاڀائتو آهي.

ڍڳيءَ کي ته هڪڙو پيروئي ماري سگهجي پيو، پر سندس کير ورهين تائين پي پيو سگهجي. جيڪڏهن اُهي ڍڳيءَ کي نه ماريندا، ته نيٺ کين وڏيڪ گوشت پڻ ملندو، ڇوته ڍڳي هر سال وهڙو پڻ ڄڻيندي هئي.

اهو روپ رڍ جو پڻ هو. مئل رڍ جو چَمَر لاهڻ کو ايڏو ڏکيو مامرو نه هو. پر رڍ جي کل ايتري لاڀائتي نه هئي. رڍ جي کل ڇڏڻ ۽ سندس اُن ڪترڻ وڏيڪ

لاپائتو هو، ڇوته هر پيري اُن ڪترڻ کان پوءِ ڇَمر تي نئين اُن ڦُٽي ايندي هئي. اهڙيءَ ريت، ماڻهو هڪڙي رڍ مان ڏهه ڪوٽ ماٽي سگهندا هئا. اهو سُٺو هو ته اُهي پنهنجي چوپائي قيدين کي جيئرو رهڻ ڏين ۽ ڪانئن سُنگ وٺندا رهن.

جڏهن ماڻهو ڍڳي، رڍ ۽ گهوڙن کي پالڻ لڳو، ته هو سندن پنهنجي مرضيءَ موجب پرورش ڪرڻ لڳو. هُو انهيءَ ڳالهه جي سارسنڀال لهندو هو، ته ڪين چڱو چارو ۽ پاڻي ملي ۽ اُهي سيءَ کان بچيل رهن. پر ڍڳيءَ کي وڌيڪ کير ڏيڻو پيو، ڇوته ان کي هاڻي رڳو پنهنجي وهڙي ڪاڻ نه، پر مالڪن لاءِ پڻ کير ڏيڻو هو. هوريان هوريان گهوڙي پڻ ڳرو وزن کڻڻ سِگهي ورتو. هاڻي رڍ مان پڻ ايتري جهجهي اُنّ ملڻ لڳي، جو اُها پاڻ لاءِ ۽ سندس مالڪن ڪاڻ گهٽي هئي.

هاڻي رڳو سيني ڪان وڌيڪ کير ڏيندڙ ڍڳيون، سيني ڪان وڌيڪ سگهارو گهوڙو ۽ سيني ڪان ڍگهي اُن ڏيندڙ رڍون واڙي ۾ رکيون ويندِيون هيون. اهڙيءَ ريت پالتو جانورن جا نوان نسل وجود ۾ آيا.

ماڻهو اوستائين هڪدم نه پهتا هئا. شڪاريءَ کي مويشي پاليندڙ بنجڻ ۾ صديون لنگهي ويون.

۽ پوءِ نيٺ ڇا ٿيو؟

ماڻهو هڪڙو انوکو ذخيرو ڳولي ورتو. هُو ميڙيل اناج زمين ۾ پوري ڇڏيندو هو ۽ زمين ڪيس هر ٻج لاءِ انيڪ داڻا موٽائي ڏيندي هئي.



چٽن پيرن وارا قيدي (غار جي ديوار تي اُڪر)

هاڻي ماڻهو انهن جانورن کي نہ ماريندو هو، جيڪي هو جهليندو هو. جيڪي جانور باقي رهندا هئا، سي وڏندا ويجهندا هئا ۽ سندن انگ ۾ واڌارو ٿيندو رهندو هو.

هاڻي ماڻهو وڌيڪ آجو ٿي ويو. هُو قدرت جو ايڏو مُحتاج نہ رهيو. پهرين هن کي اها ڄاڻ نہ هوندي هئي، تہ هُو ڪنهن جانور جي کوڄ ڪري کيس ماري بہ سگهندو يا نہ. هُن کي پنهنجي ڍَڪَ ڀرڻ لاءِ جهجهو اناج ملي سگهندو يا نہ. قدرت جون پراسرار طاقتون هن کي کاڌو ڏينديون بہ يا نہ. هاڻي ماڻهو قدرت سان سهڪارڻ سِکي ورتو، يعني هن پاڻ اناج پوکڻ، پنهنجي ڏڳين ۽ رڍن کي پالڻ سِکي ورتو. هاڻي عورتن کي داڻيدار گاهن جي ڳولا ۾ وڃڻو نہ پوندو هو. شڪارين کي جهنگن جي انيڪ ڏينهن تائين ڏوڙ ڇاڻيندي، جهنگلي جانورن جي ڳولا ڪرڻي نہ پوندي هئي.

هاڻي اناج جا سگ گهر ويجهو جهُومندا هئا، ۽ ڏڳيون توڙي رڍون پڻ ڀاڙي ۾ چَرنديون رهنديون هيون.

ماڻهو هڪڙو انوکو ذخيرو هٿ ڪري ورتو هو. پر اهو پڻ ٺيڪ آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ هڪدم نہ ٿيو هو. انهيءَ لاءِ هن کي جاکوڙ ۽ ڪَشالا ڪڍڻا پيا هئاَ.

هن کي پنهنجين ٻنين ۽ ڳوچر لاءِ زمين جي گهُرج هئي. اُها زمين کيس جهنگ مان وڍڻي هئي ۽ اناج پوکڻ سان پهرين ان کي کيڙڻو کُڏڻو هو. کيڏو نہ سخت پورهيو هو اُهو!

ماڻهوءَ کي قدرت کان ايئن آجپو ۽ ڇوٽڪارو نہ مليو هو، تہ هو رڳو پَسار ڪندي ٻاهر نڪري آيو هو. پر هن سگهہ ۽ ڏيان سان پنهنجي واٽ ٺاهي هئي. هزارين رنڊڪن اڙِن کي ڏُور ڪرڻو پيو هو. هن جو نئون پورهيو، پنهنجين خوشين توڙي اُلڪن سان ڀرپور هو. سچ، فصُل کي ساڙي ڇڏيندو هو، اهو ڳوڇرن ۾ گاهہ کي سُڪائي سگهندو هو. ۽ وڌيڪ مِينهن اناج کي ساڙي ڇڏيندو هو.

آڳاٽو شڪاري ڦاڙي يا رڇ کي پنهنجو گوشت ڏيڻ ڪاڻ کيس لِلائيندو هو ۽ قديمہ زماني جو هاري زمين، آسمان، سج ۽ مِينهن کي سُنو فصلَ ڏيڻ لاءِ ٻاڏائيندو هو.

ماڻهن نوان نوان ديوتا ٺاهيا هئا. اهي ديوتا گهٽو ڪري پراڻن ديوتائن



آڳاٽي رسم موجب مصري ماڻهو پنهنجي ديوتائن جون تصويرون اهڙن ماڻهن جهڙيون ڏاهيندا هئا، جن جا مٿا، جانورن ۽ جهرڪين جهڙا هوندا هئا

جهڙا هوندا هئا. اُهي پراڻين روايتن موجب جانورن جي روپ ۾ يا جانورن جهڙا مٿا رکندڙ ماڻهن جي شڪل ۾ ڏاهيا ويندا هئا. پر انهن ديوتائن جا نوان نالا ۽ نوان مقصد هوندا هئا.

هڪڙي جو نالو آسمان هوندو هو، ته ٻئي جو نالو سج، ۽ وري ٽئين کي زمين چوندا هئا. اُهي ديوتا روشني، اوندهه، مينهن ۽ ڏُڪار جا ذميوار هوندا هئا.

ديوزاد ماڻهو گهڻو وڏو ٿي ويو هو، پر هن کي اڃا پنهنجي سگهه جو شعور نه هو. هُن کي اڃا به اهو ويساهه هو، ته کيس مِلندڙ رزق، سندس پنهنجي پورهيي جو نتيجو نه، پر آسماني سوکڙي آهي.

نائون باب

# وقت جي پيرڙن جو اڳتي وڌڻ

اڇو! هاڻي اسان وقت سان گڏ ڪيئي هزار ورهيه اڳيان وڌي هلون. هيئنر هاڻوڪي دؤر ۾ ۽ انهيءَ زماني ۾ رڳو پنجاهه صدين جو فرق رهجي ويندو.

پنجاهه صديون! اهو ته ڏاڍو ڊگهو عرصو آهي، جڏهن اسان ڪنهن ماڻهوءَ يا ڪنهن قوم جي زندگيءَ جو ذڪر ڪيون ٿا. پر هتي اسان ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ جو ذڪر نه پيا ڪريون، اسان ته پوري انساني نسل جي ڳالهه پيا ڪريون.

انسان جي ڄمار اٽڪل ڏهه لک ورهيه آهي. تنهنڪري پنجاهه صديون ڪا وڏي مُدت نه ٿيندي.

اهڙيءَ ريت وقت جا قدم اڳيان وڌندا رهيا. ڌرتي، سج جي چوڌاري ڪيئي هزار ڦيرا پورا ڪري ورتا. انهيءَ دؤر ۾ ڌرتيءَ تي ڇا وهيو واپريو؟ ڌرتيءَ تي اُتاچري نهار سان ئي اهو چئي سگهجي ٿو، ته هوءَ چوٽيءَ تي ٿورڙو روڊِي ٿي پئي آهي.

هڪڙو زمانو اهڙو به هو جڏهن ان جي برفاني اچي ٽوپيءَ جي چوڌاري گهاٽا ساوا جهنگ هوندا هئا. هاڻي جهنگ ڇڊا ٿي ويا هئا ۽ وڏن وڏن ڦهليل ميدانن جا علائقا منجهس گهڙي آيا هئا. دريائن ۽ ڍنڍن ڪان جهنگ پوئتي هٽي ويا هئا ۽ ان جي جاءِ ڪنڊن ۽ گَندگاهه والاري ورتي هئي.

پر درياهي ڇيڙي ويجهو ٽڪريءَ تي ڪهڙي شيءِ آهي؟ ائين ٿو لڳي ڄڻ لاهيءَ تي ڪو سونهري رومال پکڙيل هجيس.

هي زمين جو اهو ٽُڪرو آهي، جنهن کي ماڻهوءَ جي هٿن ڦيرائي ڇڏيو آهي. سونهري سڱن جي وچ ۾ عورتن جا جهُڪيل ڪنڌ ڏسڻ ۾ پيا اچن. هنن جا ڏاتا تيزيءَ سان چُرپر پيا ڪن. اڙي! اُهي ته فصل پيون لُڻين.

هزارين ورهيه اڳ اسان هٿوڙيءَ کي پٿريون پيرو ڪِرت ۾ ڏٺو هو. پر

هاڻي پهريون ڀيرو اسان ڏاتو پيا ڏسون. هي انهن ڏاتن جيان بلڪل نه آهي، جيڪو اسان اڄ ڏسون ٿا، چوته اهو پٽر ۽ ڪاٺيءَ مان ٺاهيو ويو آهي. پٽر جو ڏاتو ۽ ڪاٺيءَ جو هٿيو!

۽ هينئر جيڪا ٻني اسان ڏسون پيا، سا دنيا جي اوائلي ٻني آهي. دنيا جي هيٺاهين ۽ ڦهليل پٽن ۾ اهڙا سونهري رومال شايد ٿورڙا هوندا.

گاهه، اناج کي هر پاسي کان گهيري ٿو، چوته ماڻهوءَ اڃا انهن خلاف وڙهڻ نه سکيو آهي. پوءِ به اناج جي سڱن جي نيٽ سوپ ٿئي ٿي. اهو وقت پڻ ايندو، جڏهن سونهري ٻنيون، سڄي ڌرتيءَ کي سونهري سمنڊ جيان ڍڪي ڇڏينديون.

ٿورڙو فاصلي تي درياهه ويجهو سائي سڦري گوٺڙ ۾ اسان ننڍڙن اڇن ۽ چٽڪمرن رنگن جا ميڙاڪا ٿا ڏسون. اهو هيڏي هوڏي ڇُرپر پيو ڪري، ڪڏهن ڦاندجي ٿو وڃي، ته ڪڏهن مِڙجي ٿو وڃي.

ڪجهه شڪليون ٻين ڪان وڌيون آهن. ها اهي ڍڳين، ٻڪرين ۽ رڍن جا ڌڻ آهن. هينئر جن جانورن جي ماڻهن پالنا ڪئي آهي ۽ پنهنجي جاکوڙ سان منجهن ڦيرو آندو آهي، سي بلڪل گهٽ انگ ۾ آهن. پر اهي پنهنجين انهن جهنگلي مٽن مائٽن جي ڀيٽ ۾ تيزيءَ سان وڌن ويجهن پيا، جن کي پنهنجي سار سنڀال پاڻ ڪرڻي پوي ٿي.

ٻن ٽن هزار ورهين ۾ دنيا ۾ پالتو ڍڳين ۽ ڍڳن جي ڀيٽ ۾، جهنگلي ڍڳن جو انگ گهٽو گهٽجي ويندو.

جڏهن هتي ٻنيون ۽ ڌڻ آهن، ته ويجهو ڪا وسندي پڻ اوس هوندي. ۽ ها، درياهه جي مٿاهين ڪناري سان ڳوٺڙو پڻ موجود آهي. اهو اوائلي شڪاري ڏاٻن جيان نه آهي. هتي ٽنين ۽ ٽارين مان ٺهيل جهوپڙيون نه آهن. انهيءَ جي ڀيٽ ۾ هتي ڪاٺيءَ جا گهر ۽ لهواريون تڪنڊيون ڇتون آهن. ديوارون مٽيءَ سان لنبيل آهن. دروازن مٿي هڪڙو ڇڄو نڪتل آهي، جنهن جي ڇيڙي تي ڍڳي جو مٿو ٺهيل آهي، سو انهيءَ گهر جي رکشا ڪندڙ ديوتا آهي. وسنديءَ جي چوڌاري اوچي واڙهه ۽ مٽيءَ جي پٽ ڏنل آهي.

هوا ۾ دونهه، پاڻ ۽ تازي کير جي مَهڪ آهي.

گهرن ويجهو ٻار پيا کيڏن. مور ۽ سندن ٻچا ويجهو گپ ۾ پيا ڪُڏن. ڪليل

دروازي مان چُلهہ پئي نظر اچي. هڪڙي پوڙهي عورت مانيون پئي ڪوسيون ڪري. هوءَ ڳوهيل اٽو گرم رک تي رکي، ڪيس مٽيءَ جي ٿانوَ سان ڍڪي ڇڏي ٿي. اهو هُن جو تنور آهي. انهيءَ جي ويجهو ميز تي ڪاٺيءَ جو پيالو ۽ ٿِيا رکيل آهن، جيڪي ڪاٺيءَ کي پَڙرو ڪري ٺاهيا ويا آهن.

اچو! هاڻي، ڳوٺڙي کان درياهہ ڏانهن هلون. درياهي پاڻيءَ ۾ ڪاٺيءَ کي پَڙرو ڪري ٺاهيل ڏونگي لوڏا پئي کائي. منجهس پاڻي پريل آهي. جيڪڏهن اسان درياهہ ۾ مٿاهين تي انهيءَ ڍنڍ ڏانهن وڃون، جنهن مان اهو درياهہ نڪتو آهي، تہ اُتي هڪڙو ٻيو ڳوٺڙو ملندو. پر اهو ان ڳوٺڙي کان نرالو هوندو، جنهن مان اسان ٿي آيا آهيون. ٻيو ڳوٺڙو هڪڙي ٻيٽ جيان آهي.

اوائل ۾ ڍنڍ جي تهہ ۾ ٿنيا کوڙيا ويا هئا. پوءِ انهن ٿنين ۾ لڙهيون لڳايون ويون ۽ پوءِ مٿن تاڪ وڇايا ويا. ڊگها جهُولندڙ پل ان ٻيٽ کي ڪناري سان ملائين ٿا. چوڙن جي ديوارن تي مهاڻن جا جار ۽ ٻيو سامان وغيره پيو اُسَّ ۾ سُڪي. شايد ڍنڍ ۾ مڇيون گهٽيون آهن. پر هن ڳوٺ جا ماڻهو رڳو مهاڻا نہ آهن. گهرن جي وچ ۾ هتي هُتي اسان کي اناج جو چوُرس گُنديون ڏسڻ ۾ پيون اچن، جن جون ڇتون ڇِنبائتيون آهن. اهي گُنديون لڙهين ۽ تارين کي پاڻ ۾ ويڙهي ٺاهيل آهن، سندن ويجهو ڍڳين جا واڙا آهن.

جيئن تہ اها قديم وسندي اسان جي تصور ۾ بلڪل حقيقي لڳي ٿي، پر اهو زمانو لنگهي چڪو آهي. پاڻي گهرن کي ٻوڙي چڪو آهي. انهن گهرن جا کنڊر اسان کي ڍنڍ جي تهہ ۾ ڪيئن ٿا ڏسڻ ۾ اچن؟ اهو تہ بلڪل ناممڪن لڳي ٿو. پر ورلي ايئن پڻ ٿئي ٿو، جو ڍنڍ سُڪي تہ وڃي ٿي، پر سندس صدين جا راز اسان جي سامهون اچي وڃن ٿا.

## ڍنڍ جي ڪهاڻي

1852ع ۾ سوئٽزرلينڊ ۾ زبردست سوڪهڙو آيو. ماترين ۾ درياهہ سُڪي ويا. ڍنڍن جو پاڻي سُڪي ڪنارن کان پوئتي هٽي ويو ۽ ان جي واريءَ ۾ گپ سان ڀريل تهہ ٻاهر نڪري آئي. اوبرميئلين شهر ۾، جيڪو زورخ ڍنڍ ويجهو آهي، ماڻهن سوڪهڙي مان لاڀ وٺندي ڍنڍ مان هڪڙو زمين جو ٽُڪرو ڪٽڻ چاهيو.

انهيءَ جو اهوُ مطلب هو، ته ڪين ان سُڪل پوٺي جي آرپار هڪڙو بند ٻَڌڻو هو، جيڪو پاڻي هٽجڻ سان مليو هو ۽ باقي ڍنڍ کي ان پٽيءَ ڪان ڌار ڪرڻو هو.

ڪم تيڻ لڳو. جتي پهرين ماڻهو آچر ڏهاڙي نيرين ۽ سائين پيڙين ۾ پيڙيون هلائڻ ايندا هئا، اُتي بند ٺاهڻ لاءِ ڊگهين قطارن ۾ متيءَ جا ڏَڙا پئي ڏسڻ ۾ آيا ۽ گاڏيرن جو گوڙ پئي ٻُڌڻ ۾ آيو. هنن بند لاءِ متي پڻ ڍنڍ جي تهه مان ئي کڻي هئي، جيڪا غير متوقع سُڪي وئي هئي. اوچتو هڪڙي ڪوڏر جو لَپو سڙيل ٿنيي تي وڃي لڳو. هنن کي انهيءَ جي ويجهو بيو ۽ ٽيون ٿنيو پڻ مليو. ظاهر هو ته ماڻهن هتي اوائل ۾ پڻ ڪم ڪيو هو. ڪوٽائيءَ ۾ هر ڪوڏر جي لَپي سان متيءَ سميت پٽريليون ڪهاڙيون، مڇيون ڦاسائڻ جون ڪُنڍيون ۽ ٺڪر جا ٿانوَ نڪرڻ لڳا. قديم آثارن جا ماهر هڪدم اُتي پهچي ويا. هنن ڍنڍ جي تهه مان نڪتل هر ٿنيي ۽ هر شيءَ جو اڀياس ڪري، ڪاغذ تي ان ڳوٺ جو نقشو جوڙي ورتو، جيڪو ڪنهن زماني ۾ زورخ ڍنڍ جي ڪناري تي موجود هو.

اهڙي قسم جي ڳوٺ جا ڪندر، جيڪي تختن تي ٺهيل هئا ۽ ٿنين تي تڪيل هئا، ماسڪو ويجهو ڪليازما درياهه ۽ موروم ويجهو ويليتما درياهه وَٽان پڻ لڌا ويا آهن. اُتان جيڪي شيون لڌيون ويون، تن ۾ مڇين جون هڏيون، مڇين جي شڪار لاءِ ڀالا ۽ ڪُنڍيون شامل هيون.



نيوگيني ۾ اجا تائين ٿوڻين تي ٺهيل گهر موجود آهن

قديم آثارن جي ماهرن ويجهڙ ۾ سوئٽزرليند جي نيوشاٽيل ڍنڍ جو پڻ اڀياس ڪيو. هنن ڍنڍ جي تهه جا نمونا وزتا ۽ ڇاڻ پڻي ته اها تهه ڪيترن ئي پرتن تي آڌاريل آهي.

جيئن ڪنهن سموسي جي مٿين ڪل ڪي ان شيءِ ڪان ڏار ڪرڻ سولو آهي، جيڪا منجهس پريل هُجي ٿي، اهڙي ريت هتي پڻ ڍنڍ جي تهن مان پڌرو هو، ته اُها ڪٿان شروع ٿي، ڪٿي پڇاڻي ڪري ٿي. هيٺيون تهه واريءَ جو هو، ان جي مٿان ريتيءَ ۽ مٽيءَ گاڏڙ گاد جو تهه هو، جنهن ۾ انساني گهرن، فرنيچرن ۽ اوزارن جا باقيات لڌا ويا. پوءِ انهيءَ جي مٿان واريءَ جو هڪڙو ٻيو تهه موجود هو. اهڙيءَ ريت انهن تهن جي جوڙجڪ ڪيترا ٻيرا ورجايل هئي. هڪڙي جاءِ تي واريءَ جي ٻن تهن وچ ۾ ڪوئلي جو هڪڙو تهه هو.



هن ڊرائينگ ۾ قديم آثارن جي ماهرن اهو ڳوٺ ٻيهر جوڙي ڏيکاريو آهي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ زورخ ڍنڍ تي ٺهيل هو

اهي سپيئي ته ڪيئن ٺهيا؟

پاڻي ته رڳو واريءَ ئي ميڙي سگهندو هو. اهو ڪوئلو ڪٿان آيو؟

اهو ته رڳو باهه سان ئي ٺهي پيو سگهي.

انهن ٿهن جي گهڻي ڏيان سان اڀياس ڪان پوءِ، قديم آثارن جي ماهرن ڍنڍ جي تاريخ بابت ڄاڻ ورتي. گهڻي اڳاڻي زماني ۾ ماڻهو ڍنڍ تي آيا ۽ هنن ان جي ڪناري تي هڪڙي وسندي وسائي. پوءِ گهڻن ورهين پڇاڻان ڍنڍ ۾ ٻوڏ آئي ۽ اُن ڪنارن تائين به مارو ڪيو.

ماڻهن ٻوڏ ۾ ٻُڏيل ڳوٺ کي ڇڏي ڏنو. گهر پاڻيءَ ۾ سڙي ڪِري پيا. جتي ڪنهن وقت گهرن جي مَنگهن هيٺان جهرڪيون پنهنجا آکيرا ٺاهينديون هيون، اُتي ننڍڙيون ننڍڙيون مڇيون هيڏي هوڏي ترڻ لڳيون. تکن ڏندن واري پائڪ مڇي اُتي ترڻ لڳي، جتي ڪنهن زماني ۾ ڪنهن گهر جو دروازو هوندو هو. ڪيڪڙو پنهنجا پيرڙا ان ميز هيٺان گهمائڻ لڳو، جيڪا ڪنهن زماني ۾ چُلهه پرسان پيل هئي. ترت ئي اهي کنڊر گاد جي هڪڙي ٿهه سان ڍڪجي ويا ۽ پوءِ مٿن واريءَ وري وئي.

هوريان هوريان ڍنڍ پڻ بدلجي وئي. پاڻي ڪنارن کان هٽي ويو ۽ ٿهه مٿي چڙهي آئي. واريءَ جو دَڙو، جنهن تي ڳوٺڙو آباد هو، پاڻيءَ مان نڪري آيو. پر ڳوٺ ڪٿي به نه هو، ڇوته ان جا کنڊر واريءَ جي اونهائين ۾ ڍڪجي چڪا هئا.

هاڻي ماڻهو وري ڍنڍ جي ڪناري تي آيا. ڪهاڙين جا آواز هوا ۾ گُونجڻ لڳا. ڪاٺين جون ڇپتون سونهري واريءَ تي وِکرجي ويون. پاڻيءَ ويجهو هڪبئي پويان سگهارا نوان گهر اوچا ٿيڻ لڳا.

ماڻهن ۽ ڍنڍ وچ ۾ ويڙهه جاري رهي. ڪڏهن هڪڙي ڌُر جي سوڀ پئي ٿي، ته وري ڪڏهن ٻي ڌُر جي جِيت. ماڻهو گهر ٺاهيندا هئا ۽ ڍنڍ کين ناس ڪري ڇڏيندي هئي.

نيٺ ماڻهو ويڙهه کان تنگجي پيا. هنن اهو پهه ڪيو، ته اُهي هاڻي پاڻيءَ جي ڪناري گهر ٺاهڻ جي پيٽ ۾، پاڻيءَ مٿان گهر ٺاهيندا. هنن وڏا وڏا ٿنيا ڍنڍ جي ٿهه ۾ لاهي ڇڏيا. تختن جي وچوٽين وچ ۾ هنن کي پاڻي پري هيٺ چوليون هٽندي ڏسجڻ ۾ هو. پر اهو هاڻي هنن کي تنگ نه ڪندو هو. اُهو پلي ڪيترو به مٿي اُڀرندو هو، پر تختن تائين پهچي نه سگهندو هو.

بهرحال، ڍنڍ جي ماڻهن جو هڪڙو پيو به دشمن هو، اها هئي باهه.

آڳاٽو غار جو واسي ماڻهو، باهه کان نه ڊڄندو هو، ڇوته سندس غار جي پٿريلي ديوارن کي باهه ساڙي نه سگهندي هئي.

پر اوائلي ڇوٽرن جي اڏاوت ڪان پوءِ گهرن کي باهيون لڳڻ لڳيون. اهو ڇپين وارو ساڙيندڙ جانور، جنهن هزارن ورهين تائين انسان جي فرمانبرداريءَ سان چاڪري ڪئي هئي، سو هاڻي ڪين ڏند ڏيکارڻ لڳو هو.

نيوشاٽيل ڍنڍ جي تهه ۾ ڪوئلي جي جيڪا ٿُلهي تهه ملي هئي، سا اصل ۾ ڪنهن آڳاٽي باهه لڳڻ جو نتيجو هئي.

هاڻي، وري هي ڪهڙو ڏچو هو؟ ماڻهو پنهنجن ٻارن کي ڇاتين سان لائيندي پاڻيءَ ۾ لهي پيا. چوپائين واڙن ۾ ڪيڪون ۽ رڙيون پئي ڪيون، پر ڪين ڇوڙي آجو ڪرڻ جو وقت ئي نه هو. ڪاٺ جو سڄو ڳوٺ هڪڙي زبردست مَچ جيان پئي سڙيو ۽ هرطرف ڇپيون پئي اُڏاميون.



اسڪاٽ لينڊ ۾، جتي آڳاٽي زماني ۾ ٽوڙين تي ٺهيل ڳوٺ هو، هن قسم جون شيون لين ٽيون

اها باهه واقعي ڏاڍي تباهي آڻيندڙ هئي.

پر جنهن باهه ڳوٺن جا ڳوٺ ناس ڪيا، تنهن اسان جي عجائب- گهرن لاءِ قيمتي شيون سانڍي ورتيون. اهي هئا ٽانوَ، مڇيون جهلڻ لاءِ ڄار، ايستائين جو اناج جا داڻا ۽ ٻوٽن جا ٽڙ پڻ.

هي ڪهڙو معجزو هو، جو اهڙيون شيون بچي ويون جيڪي سيني ڪان وڌيڪ تيزيءَ سان سڙن ٿيون؟

ٿيو ائين جو جڏهن گهڻين شين ۾ باهه لڳي، ته اُهي پاڻيءَ ۾ ڪِري پيون، ۽ پاڻي ڪين بچائي ورتو، ڇوته باهه وسامي وَئي هئي ۽ اهي شيون ڪنهن نقصان بنا تهه ۾ ويهجي ويون. هتي انهن کي هڪڙي نئين جوکي- پاڻيءَ ۾ سڙي وڃڻ- کي مُنهن ڏيڻو هو. پر اُهي ان ڪان پڻ بچيل رهيون، ڇوته اُهي سڙي ڇڪيون هيون ۽ مٿئين سنهي سڙيل، ڪوئلي جي تهه کين سڙڻ ڪان بچائي ورتو.

جيڪڏهن پاڻي ۽ باهه پنهنجو ڪم ڌار ڌار ڪن ها، ته اهي شيون قطعي ناس ٿي وڃن ها. پر گڏجي ڪم ڪندي هنن اهڙين نازڪ شين کي، جيئن سڻيءَ مان اُٺيل ڪپڙي جي ڪجهه ٽِڪڙين کي بچائي ورتو، جيڪي هزارين ورهيه پهرين اُٺيون ويون هيون.

## اوائلي ڪپڙو

پهريون پيرو ڪپڙو هٿ سان اُٺيو ويو هو.

اڄ به اسڪيمو ماڻهو اُنت لاءِ آڏاڻا ڪَتب نٿا آڻين. اُهي پنهنجو ڪپڙو هٿ سان اُٺين ٿا. اُهي تاڻيءَ جا ڌڳها ڌاڳا هڪڙي جوڙ ۾ لڳائي ٿا ڇڏين، پوءِ تاڻيءَ جا ڌاڳا ان وچان هٿ سان ڪڍندي اُٺين ٿا. اُهي ڪابه سوئي نٿا واپرائين.

ڌاڳن جي ان ننڍڙي چورس جوڙ جي ڀيٽ ڪرڻ، جديد آڏاڻن سان انياءُ آهي، پر جديد آڏاڻي جي ابتدا ان سادي چورس جوڙ سان ئي ٿي هئي.

سڙيل ۽ ڪاري ٽِڪڙي، جيڪا ڍنڍ جي تهه مان لڌي وئي هئي، اسان کي ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو هڪڙو اهم واقعو ٻڌائي ٿي. جنهن ماڻهو هيستائين جانورن جي کلن جو ويس پاتو هو، تنهن هاڻي پنهنجي ٻنيءَ مان ماٺيل سِڻيءَ مان پوشاڪ جوڙي ورتي هئي.

انهيءَ سُوئيءَ کي، جيڪا ڪپڙي جي ايجاد کان هزارين ورهيه پهرين جُڙي هئي، تنهن کي هاڻي زندگيءَ ۾ صحيح رُتبو مليو هو. هاڻي ان جانورن جي کلن کي نه، پر ڪپڙي جي ٽُڪرن کي سِبڻ شروع ڪيو.

ٽاهوڪي نيري گُلن واري سِٽيءَ جو کيت هاڻي عورتن لاءِ وڏيڪ سنڀال ۽ ڳڻتيءَ جو ڪارڻ بڻجي ويو.

هنن جا هٿ وَڏُ کان ٽڪل هوندا هئا، پر سِٽي اُکيڙجڻ جو وقت اچي پهچندو هو. پهرين هنن کي هر ٻوٽي کي پاڙ کان اُکيڙڻو پوندو هو. پوءِ انهن کي سُڪايو ۽ ڌوئبو هو ۽ وري پيهر سُڪائبو هو. پر انهيءَ ڳالهه جي اُتي پڄاڻي نه ٿيندي هئي. سُڪل سِٽيءَ کي ڪُٽڻ، سندس تندون ڪڍڻ ۽ کين سُلجهائڻو پوندو هو. هاڻي اِهي ڌوتل ۽ سُلجهيل تندون، ڳوٺاڻي ٻارن جي وارن جيان چڏيون ۽ تيار هونديون هيون. هاڻي زالون ڪَتائي ڪنديون هيون ۽ ڌاڳو جوڙينديون هيون. جڏهن ڌاڳو جُڙي ويندو هو، ته پوءِ ڪپڙو اُڻبو هو.

ڪپڙي جوڙڻ لاءِ گهڻو ڪم ڪرڻو پوندو هو، پر هاڻي عورتن کي سهڻا رومال، اڳٺ، جهُولڻا، اجرڪون، چُنيون، چوليون ۽ گهاگهرا ملڻ لڳا، جن جون ڪناريون چِٽڪمريون هونديون هيون ۽ اُهي سڀ سندن ڏکن ڏچن جو اُجورو بڻجي ويندا هئا.

## اوائلي ڪاٺيون ڪونٽينرز ۽ ڌاتو ٺاهيندڙ

اڄڪلهه هر گهر ۾ اهڙيون شيون ملن ٿيون، جيڪي اهڙن هٿراڌو مادن مان ٺهيل آهن، جيڪي قدرتي طور نٿا لڀجن.

قدرت وٽ نه اٽُ هئي ۽ نه شيشو؛ نه پگهاريل لوهه هو ۽ نه ئي پيپر. (اصل ۾ سنڌي لفظ؛ پاپڙ آهي، جيڪو پوءِ ڦري 'پيپر' بڻجي ويو: سنڌيڪار) شيشي جي ٿانون ۽ پگهاريل لوهه جي شين لاءِ ماڻهوءَ کي اهڙيون شيون واپرائجڻيون پونديون هيون، جيڪي قدرتي طور لڀجنديون هيون ۽ کين ائين مَٽائڻو پوندو هو، جو اُهي سُڃاڻپجي به نه سگهن. ڇا پگهاريل لوهه ان ڪچي لوهه جيان هوندو هو، جنهن مان اهو ڇاڻي اُجاري ٺاهبو آهي؟ ڇا اسان ڪنهن نفيس، اڇي

شيشي جي پيالي کي ڏسي، ان پڏي واريءَ کي ڏيان ۾ آڻي سگهون ٿا، جنهن مان اهو ٺاهيل آهي ؟

ته پوءِ ڪنڪريٽ، سيلوفين، پلاسٽڪ، هترادو ٺاندورا ۽ هترادو ربڙ بابت توهان جو ڇا خيال آهي ؟ ڇا جبلن ۾ توهان ڪي ڪڏهن ڪو ڪنڪريٽ جو جبل ملي سگهي ٿو؟ ۽ اهو ڪهڙو ريشم جو ڪينئون آهي، جيڪو ڪاٺيءَ مان ريشم ٺاهي سگهندو هجي ؟

انسان، مادي تي ضابطو آڻيندي قدرت جي گهٽي ڪان گهٽڻ ڳجهن کي پڌرو ڪيو. هن هڪڙي پٿر کي ٻئي سان مهٽيندي تکو ڪرڻ جي ابتدا ڪئي ۽ هو هاڻي سالمون ماليڪيولز تي حڪم پيو هلائي، جيڪي اهڙن ننڍڙن ذرڙن تي ٻڌل آهن، جن کي هو پاڻ به نٿو ڏسي سگهي.

اهو عمل گهٽو آڳاٽو شروع ٿيو هو. انهيءَ زماني کان به گهٽو اڳ، جڏهن ڪيميا يعني مادي جي سائنس بابت ڄاڻ پئي هئي. ماڻهو شين کي ڦولينديءَ، چاڻيندي، اهو نه سمجهندي ته هو ڇا پيو ڪري، مادي کي متاثر ڪيو.

جڏهن اوائلي ڪنيارن پنهنجا ٺڪر جا ٿانوَ پچايا هئا، ته هنن غير شعوري

ٽوڻين تي ٺهيل گهرن مان اهڙن
ڪپڙن جا ٽڪرا مليا آهن





اوائلي آڏاڻا شايد برازيل جي مقامي ماڻهن جي هن آڏاڻي جهڙا هئا

طور مادي تي ضابطو پئي آندو. اُهو ايڏو سولو ڪم نه هو. توهان مادي جي انتهائي ننڍڙي ذرڙي کي پنهنجن هٿن سان ڦيرائي نٿا سگهو يا ڪيس ڪو پيو روپ ڏيئي نٿا سگهو، جيئن پٿر سان ڪيو ٿا. هتي ماڻهوءَ کي پنهنجن هٿن جي سگهه سميت ڪنهن ٻي سگهه جي گهُرج هئي، اهڙي سگهه جيڪا مادي کي ڦيرائي سگهي.

۽ جڏهن ماڻهوءَ باهه کي پنهنجو ساٿي ٺاهيو، ته هن کي اها سگهه ملي وئي. باهه مٽيءَ کي پچائيندي هئي، اٽي کي مانيءَ ۾ ڦيرائيندي هئي. باهه وري ٽامي کي به پگهاريندي هئي.

اسان ڏندن جي تهن مان پٿر جي اوزارن سميت ٽامي جا اوزار پڻ لڌا آهن.

انهيءَ ماڻهو، جيڪو هزارن ورهين تائين پٿر جا اوزار ٺاهيندو رهيو، هڪدم ڌاتوءَ جا اوزار ٺاهڻ ڪيئن سِکي ورتا؟ ۽ هن کي ڌاتو ڪٿان مليو؟

ميدانن ۽ جهنگن ۾ هلندي هلندي اسان کي خالص ٽامي جو ڪو ٽڪرو ڪڏهن به نٿو ملي. خالص ٽامو ته اڄڪلهه گهڻو ناياب آهي. پر سدائين ائين نه هو. هزارين ورهيه پهرين هاڻوڪي وقت کان اڳ گهڻو ٽامو هوندو هو. اهو ته اصل ۾ پيرن هيٺان پيل هوندو هو، پر ماڻهو ان جي پرواهه نه ڪندا هئا، ڇوته اُهي چقمقي پٿر سان پنهنجا اوزار ٺاهيندا هئا.

هنن ان ٽامي ڏانهن اوستائين ڌيان نه ڏنو، جيستائين کين چقمقي پٿر جي کوٽ محسوس نه ٿي. ان کوٽ جي ذميواري پاڻ ماڻهن تي هئي، ڇوته هنن چقمقي پٿر کي ڪڏهن ڪفايت سان نه واپرايو هو. جڏهن هنن کي ڪو نئون اوزار ٺاهڻو هوندو هو، ته اُهي چقمقي پٿر جو هڪڙو وڏو ٽڪرو ڪٽي ان کي اوستائين ڇِليندا رهندا هئا، جيستائين منجهانئس ڪو ننڍڙو اوزار ٺهي نه پوي. گهرن جي چوڌاري پٿرن جي ٽڪرن جا وڏا وڏا ڍير پيل هوندا هئا، جيڪي اوزار ٺاهڻ لاءِ بيڪار هئا. اڄ پڻ توهان هر هنڌ تي ڪانيءَ جي چوڏن جا ڍير ڏسي ٻُڌائي ٿا سگهو، ته هتي ڏکڻ جو دڪان آهي.

هزارن ورهين دوران چقمقي پٿر جا وڏا ذخيرا گهٽجي ويا. ڪيترن ملڪن ۾ ته انهن جو ڏڪار پئجي ويو. اهو وڏو ڏچو هو. ٿورڙو سوچيو ته جيڪڏهن جهجهو لوهه نه هجي، ته اسان جي فيڪٽرين ۽ ڪارخانن جو هوند ڇا حشر ٿئي.



سوويت يونين جي ڏکڻ ۾ ڪوتائيءَ مهل آڳاٽي زماني جي هيءَ چُلهه لڌي وئي

جڏهن ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ذخيرا خرچجي وڃن ٿا، ته ڪچي ڌاتوءَ جي ڳولا ۾ ڪاٽيون کوٽيندڙن کي گهڻي گهرائين ۾ وڃڻو پوي ٿو.

بلڪل ائين قديم زماني جي ماڻهن کي پڻ ڪرڻو پيو. اُهي ڪاٽيون کوٽڻ لڳا، جيڪي دنيا جون پهريون ڪاٽيون هيون.

اسان کي ورلي ريتيءَ جي ذخيرن مان اهڙيون قديم ڪاٽيون ملن ٿيون، ڇو ته چقمقي ريتي ۾ پٿر اڪثر ساڻ ليجن ٿا.

تنهن زماني ۾ زميني مٿاڇري کان ڏهه يا ٻارهن ميٽر هيٺ ڪم ڪرڻ ڏاڍو جوکائتو هوندو هو. ماڻهو ڪاٽين ۾ ڏوريءَ يا ڪنهن ڏندائتن ٿنڀن وسيلي هيٺ لهندا هئا. هيٺ اونده ۾ دونهن هوندو هو. ماڻهو ڪاٺيءَ جي اُماڙيءَ يا ڪنهن ننڍڙي تيلي ڏيئي جي روشنيءَ ۾ ڪم ڪندا هئا. هاڻي ڪاٽين ۾ سرنگن کي لوهي سِيخون لڳائي محفوظ ڪبو آهي. پر تنهن زماني ۾ زميني ته هيٺان سرنگن جي ڏيوارن ۾ ڇتن کي سگهارو ۽ محفوظ ناهڻ بابت ڪا ڄاڻ نه هئي. اڪثر جبل جي ڪنهن ٽڪريءَ جو ڪو ٽڪرو ڍِلو ٿي ڪِري پوندو هو ۽ پورهيت منجهس ڍڪجي ويندا هئا. چقمقي پٿر جي آڳاٽي ڪاٽين ۾ ڪاٽيون کوٽيندڙن جا

ڊبيل ڍانچا ريتيءَ جي وڏن وڏن ڍِڳن هيٺان لڌا ويا آهن. ڍانچن ويجهو سندن اوزار- ڦاڙن جي سڱن جا سُوئا ۽ پاراٿيون- پڻ موجود هئا.

اهڙا ٻه ڍانچا هڪڙي سرنگ مان لڌا ويا آهن، منجهانئس هڪڙو وڏي ماڻهوءَ جو ۽ ٻيو ٻار جو هو. شايد ڪو پيءُ پنهنجي پُٽ کي پاڻ سان گڏ وٺي آيو هو ۽ پوءِ اُهي ٻئي ڪڏهن به گهر ڏانهن نه موٽيا.

جيئن جيئن صديون گذرنديون ويون، چقمقي پٿر جي ڪوٽ ۽ ڪاٽين جي کوٽائي سخت ٿيندي وئي. بهرحال، آڳاٽي ماڻهوءَ کي چقمقي پٿر جي گهُرج هئي، جنهن مان هن جي ڪهاڙي، چاقو ۽ ڪوڏرون ٺهنديون هيون.

ماڻهوءَ کي چقمقي پٿر جي جاءِ تي ڪنهن ٻي شيءِ جي ڪوجنا جي شديد گهُرج هئي.

۽ پوءِ خالص ٽامي ماڻهن سان سهڪار ڪيو. هنن اوڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏنو، ته اهو سائو پٿر ڇا آهي ۽ ڇا انهيءَ کي ڪنهن شيءِ لاءِ واپرائي سگهجي ٿو؟

جڏهن ماڻهن کي خالص ٽامي جو ڪو ٽڪرو لڀجندو هو، ته اُهي ان کي هٿوڙي سان ڪُٽيندا ڇِليندا هئا، ڇو ته هنن جو خيال هو ته ٽامو پڻ پٿر آهي ۽ اُهي ان کي چقمقي پٿر جيان واپرائڻ چاهيندا هئا. پٿريلي هٿوڙي جا ڌڪ ٽامي کي اڃا وڌيڪ ٺوس ڪري ڇڏيندا هئا ۽ ان جو روپ بدلجي ويندو هو. پر ان تي ڌڪ هڻڻ جو پڻ خاص ڍنگ هوندو هو. جيڪڏهن ڌڪ وڌيڪ سخت هوندا هئا، ته ٽامو ڀُورو ٿي ٽڪرن ۾ ورڇجي ويندو هو.

اهڙيءَ ريت ماڻهو پهريون ڀيرو ڌاتو کي ڪُٽڻ ۽ گهڙڻ لڳو. اهو سچ آهي ته اها ٿڌي گهڙائي هئي. پر ٿڌي گهڙائي کان گرم گهڙائي تائين وڌيڪ فاصلو نه هو.

ورلي ائين ٿيندو هو، ته خالص ٽامي يا ڪچي ٽامي جو ڪو ٽڪرو باهه ۾ وڃي ڪِرندو هو، يا شايد ماڻهو ان کي ايئن پچائڻ جي ڪوشش ڪندو هو، جيئن هو پنهنجا مٽيءَ جا ٿانوَ پچائيندو هو. جڏهن باهه وسامجندي هئي، ته رک ۽ چُلهه جي ڪنارن سان، پٿرن جي وچ ۾، ٽامي جي پگهريل ڳنڍ ڏسڻ ۾ ايندي هئي.

ماڻهو اچرج مان ان معجزي کي ڏسندا هئا، جيڪو هنن پاڻ ڪري ڏيکاريو هو. پر هنن جو عقيدو هو، ته "باهه جي ديوي" ان سائي- ڪاري پٿر کي چمڪجندڙ ڳاڙهي ٽامي ۾ ڦيرائي ڇڏيو آهي ۽ ان ۾ سندن ڪو به هٿ نه آهي.

انهيءَ ٽامي جي ڳنڍن کي ٽڪرن ۾ ٽوڙيو ويندو هو ۽ پوءِ کين پٿر جي هتوڙي سان ڌَڪي ڪهاڙين، ڪوڏرن ۽ خنجرن جو روپ ڏنو ويندو هو.

اهڙيءَ ريت ماڻهو حيرت انگيز گودام مان هڪ سخت چمڪجندڙ ڌاتو ماڻيو. هُن ڪچي ڌاتوءَ جو هڪڙو ٽڪرو باهه ۾ اُڇليو ۽ کيس ٽامو ملي ويو.

اهو معجزو ماڻهوءَ جي پورهيي سان ٿيو.

## اوائلي روسي ڪُرمي

اوڻيويهين صدي جي پڇاڙيءَ ۾، روسي قديم آثارن جي ماهر خوائيڪوني، ڪيئف جي علائقي ۾ ترپيپولئي ڳوٺ ويجهو قديم زماني جي زرعي وسندي ڳولي لڌي.

تنهن کان پوءِ ڏکڻ روس ۾ انهيءَ قسم جا ڪيترائي ڳوٺ لڌا ويا.

سوويت دؤر ۾ قديم آثارن جي ماهرن پاسيڪ ۽ بوگايفسڪي اها تحقيق جاري رکي. هنن جي ڪم اسان لاءِ هي تصور ممڪن ڪيو، ته پنج هزار ورهيه اڳ ڪُرمي ڪيئن رهندا هئا.

آڳاٽي زماني جو ڳوٺ اوچي واڙهه سان گهيريل ۽ وچ ۾ هڪڙو چؤڪ هوندو هو. چوڪ جي چئني پاسي مٽيءَ جا لنبيل چؤنرا ۽ سندن ڇتن ۾ شيشم جو ڪاٺ لڳل هوندو هئن.

اهڙي گهر جو ننڍڙو مٽيءَ جو نمونو لڌو ويو آهي، جيڪو هزارين ورهيه اڳ ٺاهيو ويو هو. اهو رانديڪو نٿو لڳي. شايد هي ڪا اهڙي شيءِ آهي، جيڪا ڪنهن مذهبي رسم ۾ واپرائي ويندي هئي.

شايد ماڻهوءَ جو اهو خيال هوندو، ته اهو ننڍڙو گهر، جنهن ۾ عورتن جون ننڍڙيون مورتيون هيون، هوند اصلي وڏي گهر کي راڪاسن، جنن ڀُوتن ۽ آفتن کان بچائيندو.

انهيءَ ننڍڙي گهر جي آڳنڌ ۾ ساڄي پاسي هڪڙو تندور هو ۽ کابي پاسي هڪڙو ٿورڙو اوچو ڇَڄو هو، جنهن تي مختلف شيون رکڻ لاءِ وڏا وڏا ٿانوَ رکيل هئا. ڇَڄي ويجهو ئي هڪڙي عورت جي مورتي پيل هئي، جيڪا هڪڙي اناج جي جنڊ تي جهُڪيل هئي. آڳنڌ سامهون هڪ دريءَ تي قربانيءَ جو هنڌ هو.

هڪڙي ٻي عورت جي مورتي، جيڪا چُلهه جي نگهبان هئي، تندور جي ويجهو ڌسڻ ۾ پئي آئي.

انهي قسم جي گهر کي گهر چوڻ بلڪل صحيح آهي. ان جي ڇت ۾ ڪامُون پيل آهن. چُلهه اسان جي ڳوٺاڻي چُلهن جيان آهي. فرش کي، جيڪو مٽيءَ سان لنبيل آهي، گهر ناهڻ وقت باهه ڀاري پڇايو ويو هو. گاري سان لنبيل ديوارن تي انيڪ قسمن جي چترڪاريءَ ٿيل هئي.

هر گهر ۾ انيڪ ڪمرا هوندا هئا، جيڪي هڪٻئي کان نرالا هوندا هئن.

پر ڳوٺ ۾ اهڙا وڏين غارن جهڙا گهر پڻ هوندا هئا، جيڪي زمين کي کوٽي ٺاهيا هئا.

هاڻي ڪاريگر، ڪنڀار، لوهار ۽ واڍا پڻ هئا.

ڪنڀارن ٺن ٺن فٺن ٺائين اوچا ٺانوَ ناهڻ ۽ کين رنگارنگي چترن سان سينگارڻ سکي ورتو هو. قديم آثارن جي ماهرن اهڙا ٺانوَ پڻ لڌا آهن، جيڪي ڳُلابي مٽيءَ جا ٺهيل آهن ۽ مٽن ڦيٽن، گهيرن ۽ چِلن جا نمونا آهن، جيڪي ڪجهه هنڌن تي وڏين اکين وارن ماڻهن جي چهرن، جانورن ۽ سج سان ٺهڪجندڙ آهن.

زمين جيڪي اوزار سانڍي رکيا آهن، تن جو جائزو وٺي اسان انهيءَ تبديليءَ کي سمجهي سگهون ٿا، جيڪا چقمقي پٿر جي اوزارن کان وٺي ٽامي جي اوزارن تائين ٿي.

انتهائي آڳاٽا اوزار- ڪات، رَندو ۽ تِير- سمورا چقمقي پٿر يا هڏيءَ جا ٺهيل هوندا هئا.

رَنبو پٿر يا ڦاڙن جي سڱن مان ٺهيل هوندو هو. رَنبي ۾ هڪڙو ٽُنگ ڪڍيو هو، ته جيئن منجهس ڪاٺيءَ جو هٿيو لڳائي سگهجي.

اناج اهڙن ڏاٽن سان لُٽيو ويندو هو، جيڪي ڍڳيءَ جي هڏن يا ڪاٺيءَ منجهان ناهيا هئا. جيئن ته ڪاٺيءَ جو ڏاٽو لُٽي نه سگهندو هو، تنهنڪري ان ۾ چقمقي پٿر جا ٽڪا ڏند لڳائبا هئا.

انهن ڳوٺن مان اسان کي اهڙا سانچا پڻ مليا آهن، جيڪي ٽامي جا اوائلي اوزار- ويڪري ڦر واريون ڪهاڙيون- ناهڻ ۾ واپرائبا هئا.

ماڻهو دريائن تي پنهنجين ڏونگين وسيلي واهڻ وستين ۾ گهُمڻ ۾ ويندا هئا. اناج جو چمڙي سان يا ڪپڙي جي ٽڪريلي ٿانوَن سان مٽاسٽا ڪندا هئا. ڪنهن قبيلي وٽ گهڻو ٽامو هوندو هو، ته ٻئي قبيلي وٽ وري ڪاريگر ڪنڀار وڏيڪ هوندا هئا. ڪٿي ڏنڊ ۾ ٽنين تي وسيل ڳوٺ جا رهندڙ پنهنجي پاڙيسرين سان ملندا هئا، جيڪي سامان جي مٽاسٽا لاءِ ڪٺا ايندا هئا. سامان جي مٽاسٽا سان، تجربي ۽ ڪم جي نون طريقن جي مٽاسٽا پڻ ٿيندي هئي.

هتي ماڻهن ڪي اشارن جي ٻولي واپرائڻي پوندي هئي، ڇوته هر قبيلي جي الڳ الڳ ٻولي هوندي هئي. بهرحال جڏهن ملاقاتي موٽندا هئا، ته اُهي رڳو ٻين ماڻهن جو ٺهيل سامان پاڻ سان گڏ سودي نه ويندا هئا، پر سندن ڪجهه لفظ پڻ ڪٺي ويندا هئا، جيڪي اُهي سکندا هئا. اهڙيءَ ريت قبيلائي ٻولين جي مٽاسٽا ۽ ميلاپ ٿيو. اهڙيءَ ريت هر نئين لفظ سان سندس مطلب ڪي پڻ ان سان ڳنڍيو ويو. قبيلي جي پنهنجي ديوتا سان گڏ پاڙيسري قبيلي جي ديوتائن کي پڻ جاءِ ڏني وئي. ڪيترن عقيدن مان اهڙا عقيدا پڻ پيدا ٿيا، جيڪي اڳتي هلي سموري قومن لاءِ گڏيل عقيدا بڻجي ويا.

ديوتا تيزيءَ سان سفر ڪندا هئا. نين جاين تي مٽن نوان نالا رکيا ويندا هئا، پر ڪين سولائيءَ سان سُڃاڻي سگهبو هو.

آڳاٽين قومن جي مذهبن جو اڀياس ڪندي اسان کي ڄاڻ پوي ٿي، ته بابل جو ٽاموز، مصر جو اوسيرس ۽ يونان جو ايڊونيس اصل ۾ ساڳيا ديوتا آهن. هيءُ اهو ئي زراعت جو ديوتا آهي، جيڪو سرءُ ۾ مريو وڃي ۽ وري بهار ۾ هيٺاهين دنيا- پاتال مان واپس موٽايو ٿو وڃي.

ڪنهن وقت اسان ڪنهن ديوتا جي سفر جو نقشو پڻ جوڙي سگهون ٿا. مثال طور: ايڊونيس يونان ۾ شام ڏيهه کان پهتو، جتي سامي رهندا هئا. انهيءَ جو نالو ئي ان جو ثبوت آهي، ڇوته سامي ٻوليءَ ۾ ايڊونيس جو مطلب آهي: "مالڪ." يونانين کي ٻيت ئي نه هئي اهو ساڳيو لفظ آهي. هنن ان کي ذاتي نالي جي حيثيت سان پنهنجو ڪيو.

اهڙيءَ ريت سامان، لفظن ۽ مذهبن جي مٽاسٽا ٿيندي رهي.

اهو چوڻ غلط ٿيندو، ته اهڙي مٽاسٽا پرامن طريقي سان ٿيندي هئي.



ماڻهو ٻيڙين ۾ گهمي ڦري پنهنجي ٺاهيل شين جي ٻين طرفان ٺاهيل شين سان مٽاسٽا ڪن ٿا. هيءَ اسڪينڊي نيويا جي آڳاٽي ٻيڙيءَ جي ڊرائينگ آهي

جيڪڏهن "ملاقاتين" ڪي اهو ٽامو، اناج يا ڪپڙو طاقت سان ملي سگهندو هو، جيڪو ٻين جو پيدا ڪيل هوندو هو، ته ان ۾ ڍرڄ هٻڪ نه ڪندا هئا. اهڙيءَ ريت اها مٽاسٽا، جيڪا اڪثر ايمانداراڻي نه ٿيندي هئي، ٿا لُٽ ڦُر جو روپ ڌاري وٺندي هئي. مهمان ۽ ميزبان هڪٻئي تي جُلهه ڪندا هئا ۽ منجهائن جيڪو وڏيڪ سگهارو هوندو هو، ميدان تنهن جي هٿ ۾ ايندو هو. ڪنهن ڌاريي کي ڦُرڻ يا ماري وجهڻ ٿورڙو به بُرو نه سمجهبو هو.

پوءِ انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو عجب ڪونهي، ته هر ڳوٺ ترت ئي هڪڙي ڳڙهه جو روپ ٻنجي ويو. ڌارين مهمانن جي اوچتي جُلهه کي روڪڻ لاءِ ڳوٺ جي چؤڌاري مٽي جي ڀت ۽ واڙهه ٺاهڻ پئجي وئي.

ماڻهن ۾ ٻين قبيلي وارن تي ويساهه نه هوندو هو. هر قبيلو پاڻ کي "ماڻهو" چوندو هو، پر ٻئي قبيلي جي ماڻهن کي ائين نه سمجهندو هو. اُهي پنهنجي پاڻ کي ته "سچ جو پُٽ" يا "آسمان جا ماڻهو" چوندا هئا، پر ٻين قبيلن کي ٻُچڙن نالن سان سڏيندا هئا، جيڪي نالا ورلي انهن قبيلن سان ائين ڇُهنجي ويندا هئا، جو پوءِ اُهي انهيءَ نالي سان سڏيا ويندا هئا. (آرين به سنڌو ماٿريءَ جي رهواسين سان ائين ڪيو هو، جو هنن پاڻ کي ته سُڌريل سڏيو، پر مقامي ماڻهن کي "اڻ سُڌريل" ڪوٺيو هو. وري سنڌو ماٿريءَ جي مذهبي پروهتن يا مهندارن- برهمڻن- به طبقاتي طور پورهيت ماڻهن کي نيچ ۽ ٽِچ سمجهندي، مٿن وئش، شودر جهڙا نالا رکيا. جڏهن ته پاڻ کي دنيا جي تخليق ڪندڙ برهم ديوتا جو اولاد سڏرايو: سنڌيڪار)

جڏهن مؤرخن ۽ کوجيندڙن جي ڪتابن ۾ ٻين قبيلن سان ان قديم ڌِڪار بابت اسان پڙهون ٿا، ته اسان جي سامهون اها نفرت اچي وڃي ٿي، جيڪا هاڻوڪي زماني ۾ نسل پرست، ٻين قومن لاءِ ڦهلائين ٿا. اُهي رڳو پاڻ کي

”ماڻهو“ سمجهن ٿا ۽ سندن راءِ ۾ پيا ماڻهو ”ماڻهو“ نه پر ڪانئن تڇ، ڪميڻا ۽ اڇوت آهن. رڳو اهي ماڻهو ڏارين قومن خلاف دشمنيءَ جو اهڙو پرچار ڪن ٿا، جيڪي پنهنجي تاريخي تباهي سمجهنديءَ، دنيا ڪي وري وحشياڻي ماضيءَ ڏانهن موٽائڻ چاهين ٿا.

تاريخ اسان کي سيکاريو آهي، ته اوچي نسل جهڙي ڳالهه دنيا ۾ ڪا به ڪونهي. ڪي اهڙيون قومون آهن جيڪي ثقافتي طور وڌيڪ سڌريل آهن، وري ٻيون قومون پوئتي پيل آهن. انساني پورهيي جي ڪيلينڊر موجب، سموريون سهيوڳي قومون ساڳئي تاريخي دؤر ۾ نه اُسرنديون ۽ سڌنديون نه رهيون آهن.

آڪٽوبر جي عظيم سوشلسٽ انقلاب کان اڳ. روس جون سموريون قومون ارتقا جي ساڳئي ڏاڪي تي نه هيون. ڪجهه مشيني دؤر تائين پهتل هيون، ته ڪي وري اڃا به قديم ڪاٺ جي هَرَسان ڪُرمت جي ڪم ۾ رُڌل هيون ۽ قديم آڏاڻن سان ڪپڙو اُڻينديون هيون. گڏوگڏ ڪي اهڙيون به قومون هيون، جيڪي هڏن منجهان اوزار ٺاهينديون هيون ۽ اُهي لوهه جي وجود کان به اڻڄاڻ هيون.

هاڻي سوويت يونين جون سُڌريل قومون، انهن ماڻهن جي واهر ڪن پيون، جيڪي ماضيءَ ۾ پوئتي رهجي ويا. ٽن ڏهاڪن وارن ورهين ۾ وچ ايشيا، سائبيريا ۽ اُتر ڏور جي قومن انيڪ صدين جيتري ترقي ڪئي آهي.

انساني پورهيي جي ڪيلينڊر موجب سوويت يونين (اڳوڻو) ملڪ جون سموريون قومون سوشلسٽ دؤر ۾ رهن ٿيون ۽ ملڪ جون سڀ قومون برابر آهن.



آڳاٽي مصر ۾ شين جي مٽاسٽا

ڏھون باب

# ٻہ قانون

اڪثر ايئن ٿيو آھي تہ سمنڊ ڪوڄيندڙن، نہ رڳو نوان ملڪ پر اھڙن تاريخي زمانن کي پڻ دريافت ڪيو آھي، جيڪي مُدتن کان وسارجي چڪا ھئا.

جڏھن يورپ جا ماڻھو آسٽريليا پھتا تہ اھا وڏي سوڀ سمجھي وئي ھئي، ڇو تہ ھنن ھڪڙو سڄو نئون کنڊ ڳولي ورتو ھو ۽ متس قبضو ڄمايو ھو.

پر ھنن جي اھا سوڀ اوائلي آسٽريليائي ماڻھن لاءِ وڏو ڏچو ھئي. انساني پورھيي جي ڪئلينڊر موجب اُھي اڃا تائين ٻئي زماني ۾ رھندا ھئا. اُھي يورپي رسم ۽ رواجن کي نہ سمجھندا ھئا ۽ سندن ڍنگ ورتائڻ نہ چاھيندا ھئا. ھنن جو اھو ”ڏوھہ“ معاف نہ ڪيو ويو ۽ ڪين جھنگلي جانورن جيان ماري ڪُٺو ويو ۽ متن ظلم ڪيا ويا. جڏھن يورپ جي شھرن ۾ عظيم الشان جايون جُڙيون پئي، تڏھن آسٽريليا جا اوائلي ماڻھو تنبن ۾ رھندا ھئا. آسٽريليا جا ماڻھو ذاتي ملڪيت جي مطلب کان پڻ اڻڄاڻ ھئا. جڏھن تہ يورپ ۾ جيڪڏھن ڪو شخص، ڪنھن امير جاگيردار جو جھنگ ۾ ڪو ھرڻ ماريندو ھو، تہ ان کي جيل ۾ واڙيو ويندو ھو.

جيڪا شيءِ آسٽريليا جي رھواسيءَ لاءِ رسم ھئي، سا يورپ واسي لاءِ ڏوھہ ھئي.

جڏھن آسٽريليا جا شڪاري رڍن جو ڪو ڌڻ ڏسندا ھئا، تہ اُھي ڪيس گھيري وٺندا ھئا ۽ خوشيءَ جا نعرا ھڻندا ھئا. اُھي رڍن تي ڀالا اُڇلائيندا ۽ ڏڪا ھڻندا ھئا. پر يورپي ڪُڙمين جون رائفلون اھڙي وقت ۾ وچ ۾ پونديون ھيون.

يورپي ھاري رڍن کي پنھنجي ذاتي ملڪيت سمجھندو ھو، پر آسٽريليا جي ابتدائي زماني جي شڪاريءَ لاءِ اھا ڳالھہ ھڪڙي قدرتي نعمت ھئي. يورپي ماڻھن جو قانون ھو: ”رڍ انھيءَ ڪُڙمي جي آھي، جنھن ڪيس ڌوڪڙن ۾ ورتو

پٽاٽا ۽ ٽماٽ پوکيندا هئا. پر هنن جو خاص ڌنڌو شڪار هوندو هو. اُهي چوئرن ۾ رهندا هئا ۽ پنهنجن ڳوٺن کي اوچي واڙهن سان گهيريندا هئا.

ڏکڻ آمريڪا جي ڏيهه ميڪسيڪو ۾، آمريڪي ماڻهن وٽ ٽامي جا اوزار ۽ سون جا زيور هوندا هئا. هنن جا وڏا گهر ڪچين اِٽن سان ٺهيل هوندا هئا ۽ مٿن جپسم جو ليپو ٿيل هوندو هو.

آمريڪا جي اوائلي نوآبادڪارن ۽ فاتحن انهن سمورين ڳالهين کي پيرائتي ڍنگ سان پنهنجين لکڻين ۾ لکيو آهي.

پر شين بابت ٻُڌائڻ کان زندگي جي ڍنگ بابت ٻُڌائڻ ڏکي ڳالهه هُجي ٿي. يورپي ماڻهن لاءِ آمريڪي زندگيءَ جو ڍنگ انوکو هو. اُهي هنن کي سمجهي نه پيا سگهن ۽ سندن بابت اُهي گهڻو مُنجهيل ۽ مبهم ڍنگ سان لکندا هئا.



اوائلي آمريڪي ڪاٺ مان ٺهيل گهرن ۾ رهندا هئا، ۽ پنهنجي گهرن جي چوڌاري وڏي واڙهه ڏيندا هئا. (سورهين صديءَ جو نقش)

"نئين دنيا" ۾ نه ته پئسو هو ۽ نه واپاري. نه غريب هو ۽ نه امير. ڪجهه آمريڪي قبيلا اهڙا به هئا، جيڪي سون منجهان شيون ٺاهيندا هئا، پر اُهي سون جي قيمتي هجڻ کان اڻڄاڻ هئا.

پهريان آمريڪي، جيڪي ڪولمبس جي ناڪوئن ڏٺا، تن جي نڪن ۾ سون جون واليون ۽ ڳچين ۾ سون جا هار پاتل هئا. پر هنن اوائلي آمريڪين، شيشن جي داڻن ۽ معمولي زيورن جي موٽ ۾، اهي سونا زيور هڪدم ڪين ڏئي ڇڏيا.

سمنڊ پار کان اينڊڙ ڌاريا چڱيءَ ريت ڄاڻندا هئا، ته دنيا جا سمورا ماڻهو- مالڪن ۽ نوڪرن، جاگيردارن ۽ هارين ۾ ورهايل آهن. پر هتي جا سڀ ماڻهو برابر هئا. جڏهن ڪو قبيلو ڪنهن دشمن کي جهليندو هو، ته ڪيس ٻانهو يا نوڪر نه ٺاهبو هو، پر هُن کي هڪدم قتل ڪبو هو يا ڪيسَ قبيلي ۾ شامل ڪبو هو.

هتي ڪوبه ماڻهو ڪنهن ماڙيءَ، گهر يا جاگير جو مالڪ نه هو. ماڻهو برادريءَ جي گهرن ۾ رهندا هئا، جيڪي "ڊگها گهر" سڏرائيندا هئا. سڄو قبيلو پاڻ سان گڏ رهندو هو ۽ سڄي وڏي ڪٽنب کي ڪارائڻ ۽ پارائڻ جي برابريءَ تي ذميواري هوندي هئي. زمين ڪنهن هڪڙي شخص جي ملڪيت نه هئي، پر سڄو قبيلو ان جو مالڪ هوندو هو. مالڪ ڪاڻ ٻنين ۾ پورهيو ڪندڙ ٻانهو هاري نه هوندو هو. هتي سڀ ماڻهو آزاد هئا.

رڳو اها ڳالهه يورپي ماڻهن جي پريشانيءَ لاءِ ڪافي هئي، جيڪي جاگيرداراڻي دؤر ۾ رهندا هئا. تنهن زماني ۾ ٻانهن هارين جو عام رواج هو. پر ڳالهه اِتي کُٽي نه هئي.

يورپ ۾ هرڪو ڄاڻندو هو، ته جيڪڏهن هن ڪا اهڙي شيءِ چورائي، جيڪا ڪنهن ٻئي جي ملڪيت آهي، ته شهر جو ڪوتوال سندس ڳچيءَ مان جهلي ڪيس جيل ۾ واڙي ڇڏيندو. پر آمريڪا ۾ تڏهن اهڙو عملو نه هوندو هو، وري نه ذاتي جائداد ۽ نه ئي جيل. پوءِ به سمورين ڳالهين منجهه هڪڙو سرشتو هو. ماڻهو پاڻ ان سرشتي جي پوئواري پاڻمرادو ڪندا هئا، تنهن هوندي به يورپ جي ڀيٽ ۾ انهن جو طريقو نرالو هوندو هو.

يورپ ۾ قانون اهڙيءَ ريت ٺاهيل هئا، جو غريب انهيءَ شيءِ کي قطعي نه

پيو وٺي سگهي، جيڪا امير جي ملڪيت هوندي هئي، تہ جيئن ملازم سدائين آقا جا فرمانبردار رهن ۽ پانهو هاري سڄي ڄمار پنهنجن جاگيردارن لاءِ پورهيو ڪندو رهي.

پر هتي آمريڪا ۾ هر شخص جو بچاءُ سندس ڪٽنب ۽ قبيلو ڪندو هو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ماريو ويندو هو تہ مقتول جو سڄو قبيلو سندس پلاند وٺندو هو. پر ايئن پڻ ٿيندو هو، تہ قتل جو مامرو پُرامن طريقي سان طئي ٿي ويندو هو. قاتل جا مِٽ مائٽ، ماريل جي رشتيدارن کان معافي گهُرندا هئا ۽ کين انهيءَ ناهہ جي موٽ ۾ خون بها پڻ ڏيندا هئا.

يورپ ۾ شهنشاهہ، بادشاهہ ۽ شهزادا هئا. پر هتي آمريڪا ۾ نہ بادشاهہ هئا، ۽ نہ ئي تخت. سڄي قبيلي جي موجودگيءَ ۾ سردارن جي پنچائت قبيلي جا سمورا مامرا طئي ڪندي هئي. سردار پنهنجن ليڇڻ ۽ گڻن جي آڌار چونڊيا ويندا هئا ۽ جيڪڏهن پنهنجي عهدي جي لائق ثابت نہ ٿيندا هئا، تہ کين هٽايو ويندو هو. سردار قبيلي جو مالڪ نہ هوندو هو. ڪجهہ آمريڪي رهواسي ٻولين ۾ ”سردار“ جو لفظ رڳو ”مقرر“ جي معنيٰ ۾ واپرائيندا هئا.

پراڻي دنيا ۾ بادشاهہ قوم جو ۽ پيءُ ڪٽنب جو سردار هو. رياست ماڻهن جو سيني کان وڏو جٿو ۽ ڪٽنب سڀ کان ننڍڙو ميڙ هو. بادشاهہ پنهنجي رعيت سان نياءُ ڪندو هو ۽ کين سزا ڏيندو هو. پيءُ پنهنجي ٻارن سان نياءُ ڪندو هو ۽ کين سزا ڏيندو هو. بادشاهہ ملڪ جو وارث پنهنجي پُٽ کي بڻائيندو هو ۽ پيءُ پنهنجي جائداد پُٽ لاءِ ڇڏيندو هو.

پر هتي نئين دنيا ۾، پيءُ کي پنهنجي ٻارن تي ڪو اختيار نہ هوندو هو. ٻار ماءُ جا هوندا هئا ۽ وٽس رهندا هئا. عورتون ”ڏِکڻ گهرن“ جو انتظام ڪنديون هيون. يورپي ڪٽنبن ۾ ٻار گهرن ۾ رهندا هئا ۽ ڏيئرون پنهنجن مڙسن جي ڪٽنبن سان گڏجي رهنديون رهيون. پر هتي انهيءَ جي ابتڙ هو. زال، مڙس کي پنهنجي ماءُ جي گهر آڻيندي هئي ۽ عورت ئي ڪٽنب جي سردار هوندي هئي.

ابتدائي دؤر جي هڪڙي سياح لکيو آهي: ”عام طور تي عورتون گهر جو نظام هلائينديون هيون ۽ اُهي هڪٻئي جي واهر ڪنديون هيون. هنن جا ذخيرا گڏيل هوندا هئا. پر اُهو مڙس نيا ڳو سمجهبو هو، جيڪو ٺيڪ ڍنگ سان ڪارائي

پياري نہ سگھندو هو. گھر ۾ پلي هن جا ڪيترائي ٻار يا ملڪيت هجن، پر ڪيس هڪدم حڪمَ ڏئي سگھبو هو، تہ هُو پنهنجا ٽپڙ ويڙهي ۽ ڪنهن ٻي جوءِ ڏانهن روانو ٿي وڃي. جيڪڏهن هُو ان جي پيچڪڙي ڪندو هو، تہ ڪيس ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پوندا هئا. هن جي زندگي ڏچو بڻجي ويندي هئي. جيڪڏهن ڪا چاچي يا ڏاڏي هن جي سفارش نہ ڪندي هئي، تہ ڪيس پنهنجي جرگي يا قبيلي ۾ واپس وڃڻو پوندو هو، يا ڪنهن ٻئي قبيلي جي عورت سان شادي ڪرڻي پوندي هئي. تڏهن عورتون ڏاڍو بااختيار هونديون هيون. جيڪڏهن اُهي ڪنهن سردار جو "سڱ اُکيڙڻ" (جيئن سندن محاورو هو) چاهينديون هيون، تہ اُن ۾ هڪڙي گھڙي بہ دير نہ ڪنديون هيون. ۽ انهيءَ جو مطلب هي هوندو هو، تہ اُهو سردار نہ رهندو هو، ۽ هُن جي حيثيت قبيلي جي عام فرد جهڙي سمجهي ويندي هئي. اهڙيءَ ريت سردار جي چونڊ پڻ عورتن جي هٿ وس هئي."

پراڻي دنيا ۾ عورت پنهنجي مڙس جي نوڪر هوندي هئي. پر آمريڪي قبيلن ۾ عورت گھر جي سردار هوندي هئي. ورلي هوءَ قبيلي جي سردار بہ بڻجي ويندي هئي. مشهور روسي شاعر پُشڪن هڪڙي ڪهاڻي، يورپي- آمريڪي جان ٽينر بابت لکي آهي، جنهن کي آمريڪي رهواسي جهلي ٽا وٺن ۽ ڪيس نيت نو ڪوا نالي هڪڙي آمريڪي عورت پٽيلو ٿي بنائي. هي هڪڙو سچو قصو آهي. نيت نو ڪوا اوتاوا قبيلي جي سردار هئي ۽ هن جي ڏونگي تي سدائين جهنڊو جهولندو رهندو هو. جڏهن هوءَ برطانوي قلعي ۾ ويندي هئي، تہ ڪيس توپن جي سلامي ڏني ويندي هئي. اهڙيءَ ريت رڳو آمريڪي ئي نہ، پر گورا ماڻهو پڻ هن عورت جي عزت ڪندا هئا.

انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪو بہ عجب نہ آهي، تہ انهن ڪٽنبن ۾ شجرو ماءُ طرفان هلندو هو، نہ کي پيءُ طرفان. يورپ ۾ ٻاراڻن نالن جي آخري پاڇيءَ ۾ پيءُ جو نالو هوندو هو، پر هتي اُهي ماءُ جو نالو وٺندا هئا. جيڪڏهن پيءُ "هرڻ" قبيلي جو هوندو هو ۽ ماءُ "رِڇ" قبيلي جي، تہ ٻار "رِڇ" قبيلي جا هوندا هئا. هر قبيلو عورتن، سندن ٻارن، سندن ڏيئرن جي ٻارن ۽ سندن ڏوهٽين جي ڏوهٽن ڏوهٽين تي ٻَڌل هوندو هو.

اهي سڀ ڳالهيون يورپي ماڻهن لاءِ ڏاڍو عجيب هيون. اُهي چوندا هئا تہ آمريڪي ماڻهن جا طريقا وحشياڻا آهن ۽ اهي جهنگلي پڻ آهن،



”ڏکي گهر“ ۾- جنهن ماڻهوءَ جي هٿ ۾ پائيپ آهي، سو سندن سردار آهي

اُهي هيستائين اها ڳالهہ وساري چڪا هئا، تہ سندن وڏڙا پڻ تير ڪمان جي زماني ۾ اوائلي ڏونگين ۽ ڪوڏرن جي زماني ۾ اهڙين ساڳين رسمن ۽ رواجن جي پوئواري ڪندا هئا.

اوائلي نوآبادڪارن ۽ فاتحن پنهنجين لکڻين ۾ آمريڪي قبيلن جي سردارن کي نواب يا جاگيردار ڪوٺيو آهي. سندن خيال هو تہ سردار جو لقب ڪنهن شاهي خطاب جيان هو ۽ سندن نشان ڪو سرڪاري اعزازي نشان هوندو هو. اُهي چوندا هئا تہ سرداري پنچائت جي، سينيٽ واري حيثيت هئي ۽ جنگي سردار بادشاهہ جهڙو هوندو هو. پر اها عجيب ڳالهہ ٿيندي جيڪڏهن اسان اڄڪلهہ ڪنهن فوج جي ڪمانڊر کي بادشاهہ چئون.

صديون گذري ويون، پر آمريڪا ۾ رهندڙ گورا اُتي جي ڏيهي رهواسين جي رسمن ۽ رواجن کي نہ سمجهي سگهيا. اها ڀُل انهيءَ وقت تائين رهي، جڏهن هڪڙي آمريڪي ليوئس ايچ. مورگن پنهنجي ڪتاب "قديم سماج" وسيلي آمريڪا کي ٻيهر ڳولي لڌو. هن ڪتاب ۾ ليکڪ ثابت ڪيو آهي تہ: آزٽيڪ



ميڪسيڪو جا اوائلي رهواسي مٿاهين جاين تي ٺهيل گهرن ۾ رهندا هئا

۽ ايروڪوئيس آمريڪين جي زندگيءَ جو ڍنگ، ارتقا جي اهڙي ڏاڪي تي هو، جنهن کي يورپيءَ ماڻهو مُدتن کان وساري چڪا هئا.

پر مورگن جو ڪتاب 1877ع ۾ڇپيو ۽ اسان آمريڪا جي اوائلي فاتحن جو ذڪر پيا ڪريون.

گورن، آمريڪي ماڻهن کي نه سمجهيو ۽ آمريڪي ماڻهن پڻ موت ۾ گورن کي نه سمجهيو. آمريڪي ماڻهن جي سمجهه ۾ اهو نه ايندو هو، ته گورا مُٺ جيتري سون لاءِ هڪٻئي جو ڪنڌ لُٽڻ ۽ ساهه ڪُهڻ لاءِ ڇو تا تيار رهن. اُهي اهو پڻ سمجهڻ کان لاچار هئا، ته گورا هتي آمريڪا ۾ڇو آيا آهن ۽ ”ڪنهن ٻئي علائقي تي سوڀ ماڻڻ“ جي ڪهڙي معنيٰ آهي.

قديم زماني جي ماڻهن جو عقيدو هو، ته زمين سموري قبيلي جي ملڪيت آهي ۽ انهيءَ جو بچاءُ سرپرست آتمائون ڪن ٿيون. ڪنهن ٻئي جي زمين قبائڻ جو مطلب اهو هو، ته ٻئي قبيلي جي ديوتائن جو ڏچو متي تي ڪنيو وڃي.

آمريڪي قبيلا پڻ هڪٻئي سان وڙهندا هئا. پر جڏهن هڪڙي قبيلي کي مات ٿيندي هئي، ته سوڀارو قبيلو ماڻهن کي ٻانهو نه بڻائيندو هو، ڪين پنهنجي رسم ۽ رواج ورتائڻ تي مجبور نه ڪندو هو، يا سندن سردارن کي عهدي تان هٽائيندو نه هو. اُهي مفتوح قبيلي کان رڳو ڏنُ وٺندا هئا. ڪنهن سردار کي رڳو ان جو قبيلو يا جرگو ئي هَٽائي سگهندو هو.

ٻن دنيائن- ٻن سماجي نظامن- ۾ ٽڪراءُ ٿيو. آمريڪا تي سوڀ ماڻڻ جي تاريخ ٻن دنيائن جي جدوجهد واري تاريخ آهي.

ميڪسيڪو تي اسپيني ماڻهن جي سوڀ انهيءَ جي هڪڙو سُٺو مثال آهي.

## غلطين جو سلسلو

1519ع ۾ ٽن سِڙهن وارن يارهن ٻيڙن جو قافلو ميڪسيڪو جي ڪناري تي نروار ٿيو. جهازن جون مُهاڙيون گول کوکن جيان هيون. انهن جا اڳيان ۽ پُٺيان ياڱا پاڻيءَ کان گهڻو متي اُتيل هئا ۽ چورس ٽُنگن مان توپن جا مُنهن ٻاهر نڪتل هئا. پاسي ۾ سپاهين جا ڀالا ۽ بندوقون پئي چمڪيون. مُهاڙي واري جهاز جي اڳين ياڱي تي هڪڙو ويڪرن ڪُلهن ۽ ڏاڙهيءَ وارو شخص بيٺل هو، جنهن

جي مٽي تي لوهي ٽوپلو پاتل هو. هن جي تڪين اکين هموار ساموندي ڪناري ۽ انهن نيم اُگهاڙن آمريڪي قبيلائي ماڻهن کي پئي گهُوريو، جيڪي ڪناري تي اچي مڙيا هئا.

انهيءَ ماڻهوءَ جو نالو ڪورٽيز هو. هو انهيءَ فوجي مُهم جو سرواڻ هو، جيڪا اسپين کان ميڪسيڪو کي فتح ڪرڻ لاءِ موڪلي وئي هئي. اهو سچ آهي ته هڪڙو خط هن کي مليل چڪو هو، جنهن ۾ اسپين جي گورنر کيس سندس عهدي تان هٽائي ڇڏيو هو، پر ڪورٽيز جهڙي مهمجوءَ لاءِ کيس عهدي تان هٽائڻ واري ڳالهه ڪا اهميت نه رکندي هئي. هاڻي اسپين ۽ سندس وچ ۾ هڪڙو زبردست سمنڊ جو ويڇو هو. هتي هُو پنهنجي جهازن جو بادشاهه هو.

جهازن لنگر هنيو. ڪورٽيز وات ۾ جن آمريڪي پاڻهن کي پيٽن مان جهليو هو، سي توپون، توپن جون گاڏيون، کاڄ پيئڻ جي سامان جا کوکا ۽ بندوقون بيڙين ۾ لاهڻ لڳا. هيٺ ته خاني مان گهوڙا آندا ويا، جن ڇرڪندي تاهه پئي کاڌو. گهوڙن کي بيڙين تي آڻڻ ۽ وري ڪناري تائين پهچڻ ڏاڍو ڪَنن ڏاڪو هو.

آمريڪين انهن ترندڙ گهرن ۽ اچي چمڙيءَ وارن ماڻهن ۽ سندن هٿيارن کي اچرج مان تَڪيندي پئي نهاريو، جن جا پنهنجا جسم ڪپڙن سان ڍڪيل هئا. پر هنن کي سڀ کان وڌيڪ عجب انهن ڦوڪاريندڙ جانورن تي ٿيو، جنهن جون ٽنگون ۽ پُڇ مٽي ڪچي پئي اُڏاميا. هنن اهڙا وحشي ۽ وڏا جانور اڳ ڪڏهن به نه ڏٺا هئا.

گورن جي اچڻ جي چاڻ هڪدم سڄي ساموندي ڪناري ۽ ملڪ ۾ ٽڪرين تائين ڦهلجي وئي. اوچن ٽڪرين جي ديوار پويان اُتي آزيٽڪ ماڻهن جا ڳوٺ هئا. ٽينوخ ٽيٽلان منجهانئن سڀني کان وڏو ڳوٺ هو. اهو هڪڙي ڍنڍ جي وچ ۾ اَڏيل هو ۽ اُن کي پُلن وسيلي خشڪيءَ سان ملايو ويو هو. ڳوٺ جا چمڪندڙ، اڇي پوڇي ڪيل گهر ۽ عبادت- گاهه جون سونهريون ڇتون پري کان نظر پئي آيون. آزيٽڪ ماڻهن جو جنگي سرواڻ مونٽي زوما، پنهنجن سپاهين سان گڏ سڀني کان وڏي گهر ۾ رهندو هو.

جڏهن گورن جي اچڻ جي چاڻ مونٽي زوما کي پئي، ته هن جنگي قبيلي جو



تينوخ تيتلان جو نقشو

ميڙاڪو ڪوٺايو. سردار ڪافي وقت تائين انهيءَ ڳالهه تي ويچار ڪندا رهيا، ته مٿئين ڏس ۾ ڇا ڪيو وڃي. اُهي اهو سمجهڻ پيا چاهين، ته نيٺ اهي گورا سندن ملڪ ۾ ڇو آيا آهن ۽ ڇا ٿا چاهين.

سردارن اهي افواهه ٻُڌا هئا، ته گورن کي سون سان گهڻو چاهه آهي. تنهنڪري قبيلي اهو پهه ڪيو، ته گورن کي سون سوکڙي طور موڪليو وڃي ۽ کين چيو وڃي، ته اُهي پنهنجي ملڪ ڏانهن واپس هليا وڃن.

اها هُنن جي وڏي چُڪ هئي. سون ته گورن کي لوڀ وچان چريو ڪري پيو

سگھي. پر آزيٽڪ ماڻهن کي نه ان جي ڄاڻ هئي ۽ نه ئي ڪين اهڙي ڄاڻ پئجي سگھي ها، ڇوته آمريڪي ۽ گورا ماڻهو مختلف دؤرن جا ماڻهو هئا.

مونٽي زوما پنهنجن سفيرن کي گاڏين جي قيٽن جيڏين سونين تختين سان سوني زيورن ۽ مورتين جون سوکڙيون ڏيندي گورن ڏانهن موڪليو. پر، انهيءَ ڪان وڏيڪ ڏاهپ جي ڳالهہ اها ٿئي ها، جو اُهي ان خزاني کي ڊڪي ڇڏين ها.

جڏهن ڪورٽيز ۽ سندس سپاهين اهو سون ڏٺو، تڏهن ڇڻ آزيٽڪ ماڻهن جي ڀاڳ تي مهر لڳي وئي.

موڪليل سفيرن جون اهي سموريون منٿون اجايون ثابت ٿيون، ته هسپانوي سمنڊ پار موٽي وڃن. هنن انهن ڏارين مهمانن کي انهن ڏکيائين ۽ جوکن کان اجايو ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪي ملڪ منجهہ سفر ۾ کين پيش اچڻيون هيون.



ڪورٽيز آڏو سفيرن جي سوکڙين سميت حاضري (ميڪسيڪو جي ڊرائينگ)




مونٽي زوما گهر جي ڇت تي چڙهي آزٽيڪ ماڻهن کي خطاب ڪيو (اُن دؤر جي ڊرائينگ)

پهرين ته هسپانوي ماڻهن، ميڪسيڪوءَ جي سون بابت ڪهاڻيون ٻُڌيون هيون، پر هاڻي ته انهن پنهنجي اکين سان سون پئي ڏٺو ۽ سندن اکيون لوڀ وچان چمڪڻ لڳيون، ڇوته اهي ڪهاڻيون سچيون هيون.

سفيرن جون ڳالهيون هنن کي چتائيون لڳيون. جڏهن هنن جي منزل ايڏو ويجهو هئي، ته ڪين سمنڊ پارڇو واپس وڃڻ گهُرجي! اها ته بلڪل چتائي ڳالهه ٿئي ها، ڇوته هنن ڏکهي ساموندي سفر دوران وڏا ڏک ڏاڪڙا ۽ ڏچا سَنا هئا! هنن پٽر جهڙا سخت روٽ کاڌا هئا. ڏک ڏِکان وارن ڪئبنن ۾ تختن تي سُتا هئا ۽ طوفانن ۾ سمنڊ منجهه جابلو تڪَرين کان بچاءَ لاءِ تارڪول سان مَڪيل ڏورن تي ڇيلهه پيچيندڙ ڪم ڪيو هو. اهو سڀ پورهيو انهيءَ لاءِ ڪيو ويو هو، ته اڳتي هلي ڪين سونو خزانو ملندو.

ڪورٽيز سپاهين کي ڊاڍي ڪٽڻ ۽ اڳتي هلڻ جو حُڪم ڏنو. هنن پنهنجن پُٺن تي پنهنجا هٿيار ۽ کائڻ پيئڻ جو سامان لَڏيو ۽ اهي ماڻهو، جن کي سامان

شاهه اسپين کي ڏني چڏي آهي، تنهنڪري سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي. اها هئي ڪورٽيز جي سوچ. پر هن جي اها وڏي ڀُل هئي. هو ميڪسيڪو جي ريتن رسمن ۽ ڍنگن کان ايئن ئي اڻڄاڻ هو، جيئن مونٽي زوما، هسپانوي طريقن کان. ڪورٽيز سوچيو ته مونٽي زوما بادشاهه هوندي به رڳو جنگي سردار هو، جنهن کي پنهنجي ملڪ تي حڪومت جو ڪو اختيار نه هو.

ڪورٽيز پنهنجي سوڀ جو جشن ملهائڻ ۾ ڪجهه تڪڙ کان ڪم ورتو.

هاڻي آزيٽڪ ماڻهن اهو قدم کنيو، جنهن جي ڪورٽيز کي تورڙي به آس نه هئي. هنن مونٽي زوما جي بدران ٻئي سردار کي چونڊي ورتو. نئين سردار پنهنجن سپاهين ساڻ ان وڏي گهر تي چڙهائيءَ جي سرواڻي ڪئي، جنهن ۾ هسپانوي ترسيل هئا.



هسپانوي، اوائلي آمريڪي ماڻهن کي قيدي بڻائي وٺي پيا وڃن

هسپانوي توپن ۽ بندوقن سان وڙهيا. آزيٽڪ ماڻهن جا هٿيار وري پٿر، تير ۽ ڪمان هئا.

توپ جو گولو ۽ بندوق جي گولي، تير ۽ پٿر کان گهڻو جو ڪاٿتا هُجن ٿا. پر آزيٽڪ ماڻهو ته پنهنجي آزاديءَ لاءِ پئي وڙهيا ۽ اُهي رُڪجندڙ نه هئا. جيڪڏهن ڏهه مري پيا ڪرن، ته سؤ سندن جاءِ پيا والارين. پاءُ پاءُ جو، ته چاچو پاڻتيي جو پلاند پيو وٺي. ڪوبه موت کان نه پيو ڊڄي. ڪنهن به آزيٽڪ لاءِ، جڏهن سندن ڪٽنب ۽ قبيلو جو ڪي ۾ هجي، تڏهن جيون ڪا نياري وٿ نه هئي.

جڏهن ڪورٽيز ڏڦيڙ ۽ ڏچي وارو منڊل ڏٺو، ته هن آزيٽڪ ماڻهن سان ڳالهائڻ جو پهه ڪيو. هن سوچيو ته مونٽي زوما سندس لاءِ سيني ڪان سُنو تياڪڙ ٿيندو، ڇوته هُو ميڪسيڪو جو بادشاهه آهي. هن مونٽي زوما کي چيو، ته هو پنهنجن ماڻهن کي هٿيار ڦِٽا ڪرڻ جو حڪم ڏئي.

هسپانوي ماڻهن هن جون زنجيرون کولي ڇڏيون ۽ کيس هڪڙي گهر جي ڇت تي ڪٺي ويا. پر ماڻهن هن جو سواڳت پاڙئي ۽ غدار جيان ڪيو. هُن تي پٿرن ۽ تيرن جو مينهن وساياڻون. هر پاسي کان گوڙ اُٿيو:

”مات ڪر، پاڙيا! تون جوڌو نه آهين! تون عورت آهين. تنهنجو ڪم ته رڳو اُٽڻ ۽ لُٽڻ آهي! تون هنن ڪُتن جو باندي آهين! تون لُوسي آهين!“

مونٽي زوما سخت گهائجي پَٽ تي ڪري پيو.

ڪورٽيز ڏاڍي ڏکيائيءَ سان حملي آورن جي صفن کي ٽوڙي سگهيو. هن جا اڌ ماڻهو مارجي چُڪا هئا. سُپاڳ سان آزيٽڪن هن جو پيڇو نه ڪيو، نه ته هو تينوخ تيتلان وارن کان جيئرو بچي نه وڃي ها. پر آزيٽڪن اها وڏي غلطي ڪئي، جو هنن کيس نڪري وڃڻ ڏنو، ڇوته ڪجهه ڏهاڙن کان پوءِ ڪورٽيز هڪڙي ٻي فوج گڏ ڪري وري تينوخ تيتلان جو گهيرو ڪيو.

آزيٽڪ ماڻهو بهادريءَ سان وڙهيا ۽ هنن هسپانوي ماڻهن خلاف ڪيترن مهينن تائين پنهنجي شهر جو بچاءُ ڪيو. پر هنن جا تير ۽ ڪمان توپن خلاف ڀلا ڇا ڪري سگهن ها؟ تينوخ تيتلان نيٺ فتح ڪري ڦُريو لُٽيو ويو.

لوهه واري زماني جي ماڻهن، ٽامي جي زماني وارن ماڻهن تي سوڀ ماڻي. سُڌريل نئين نظام جي پيٽ ۾ پراڻي برادريءَ واري نظام کي پوئتي هٽڻو پيو.

يارهون باب

# جادوئي جُوتا

اوڻيويهين صديءَ جي هڪڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ڪنهن نؤجوان جي هٿ، عام جُتي جي پيٽ ۾، جادوئي جُتين جو جوڙو چڙهي ويو. اهو نوجوان تورڙو ويساهه وسوڙيل هو، تنهنڪري هن ڪي جُتيءَ جي سُنائيءَ جي هڪدم ڄاڻ نه پئي. هو ميلي مان ٽي گهر ڏانهن پئي موٽيو ۽ سوچ ۾ گهيريل هو. اوچتو هن کي سخت سيءُ لڳو. هن چئني پاسي ڏٺو ته هو برف ۾ گهيريل هو ۽ ڏُنڊلو ڳاڙهو سج اوپر پويان پئي اُلهيو. ٿيو ايئن جو هُو ڄاڻڻ بنا هڪڙي قدم ۾ ست ميل اورانگهيندڙ انهن جادوئي جُتين وسيلي، اُتر قطب جي گهيري ۾ پهچي ويو هو.

ڪِو پيو هجي ها ته اُهو انهيءَ جادوئي وٿ کان وڏا ڪم وٺي ها. پر هن ڪهاڻيءَ جي نوجوان کي دولت سان ڪا اُڪير نه هئي. هن کي سائنس سان چاهه هو. تنهنڪري هن پنهنجي سُڀاڳ مان فائدو وٺڻ لاءِ سڄي دنيا ڏسڻ ۽ سڀ ڪجهه سِکڻ جو پهه ڪيو. هو پنهنجي جادوئي جُتين وسيلي سڄي دنيا ۾ اُتر کان ڏکڻ تائين ۽ ڏکڻ کان اُتر تائين، پچندو ڊوڙندو رهندو هو. سياري ۾ هو سائبيريائي تائيگا جي پاريءَ کان پچندي، آفريقي ريگستان جي گرميءَ ۾ هليو ويندو هو ۽ رات ۾ هو اُپرندي اڌ گول کان اولهه ۾ اچي ويندو هو.

هو پنهنجو قاتل پراڻو ڪارو ڪَٽو پائي، پيون شيون ميڙڻ لاءِ هڪڙو ٿيلهو ڪُلهي تي لڙڪائي، هڪڙي بيٽ کان ٻئي بيٽ تي ايئن پيو ٽپو ڏيندو هو، ڄڻ اُهي پاڻيءَ منجهان اُپريل قدم رکڻ جا پٿر هجن ۽ اهڙيءَ ريت هو آسٽريليا کان ايشيا ۽ ايشيا کان آمريڪا پهچي ويندو هو.

هو سولائيءَ سان هڪڙي جبل کان ٻئي جبل تي، اُبڙڪجندڙ قاتندڙ جبلن کان برف سان ڍڪيل چوٽين تي، پيو رکندي معدنيات ۽ جڙي ٻوٽيون ميڙيندو، قديم



مِٽيءَ جون مورتيون، جنهن مان ڇُلهہ جي نگران ديويءَ ڏانهن اشارو ڪن ٿيون (پٿر جو دؤر)

مندرن ۽ غارن جي ڇڪاس ڪندو، زمين ۽ سندس هر جاندار شيءِ جو اڀياس ڪندو هو.

اهڙي مؤرخ کي پڻ، جيڪو ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو اڀياس ڪري ٿو، اهڙي جادوئي جُتيءَ جي گهُرج آهي. هن ڪتاب جي پنن وسيلي اسان هڪڙي ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ تائين، هڪڙي دؤر کان ٻئي دؤر تائين ڏوريو آهي.

ورلي اسان ايڏا وڏ فاصلا تيزيءَ سان طئي ڪيا آهن ۽ وقت ايڏي تيزيءَ سان اُڏاميو آهي، جو اسان جو مٿو ڦِري ويو آهي. پر اسان هلندا رهياسين، بيٺاسين نہ. اسان واٽ ۾ بيهي سمورن مامرن جو جائزو وٺي نہ پيا سگهون، جيئن عام جُتيون پائيندڙ ماڻهو ڪن ٿا.

صدين جا ڇال لڳائڻ ۾ شايد اسان کان ڪجهہ ڳالهيون گُسي ويون هجن. پر جيڪڏهن اسان پنهنجا جادوئي جُوتا ٿورڙي دير لاءِ بہ لاهي، عام رفتار سان هلون ها، تہ اسان سمورن مامرن ۾ اُلجهندي پنهنجي واٽ ڇِني طرح نہ ڏسي سگهون ها. جيڪڏهن جهنگ جي هر وڻ جو پيرائتو اڀياس ڪبو، تہ ڇاڻ پوندي تہ توهان وڻن جي ڪري جهنگ نٿا ڏسي سگهو.

اسان رڳو هڪڙي دؤر کان ٻئي دؤر تائين ئي نہ وياسين، پر پنهنجي جادوئي جُتي ڪارڻ مختلف سائنسن تائين پڻ اسان جي پُهچ ٿي.

اسان پوتن ۽ جاندارن جي سائنس کان ٻوليءَ جي سائنس تائين، ٻوليءَ جي سائنس کان اوزارن جي تاريخ تائين، وري اوزارن جي تاريخ کان عقيدن جي تاريخ تائين ۽ مذهبن جي تاريخ کان زميني تاريخ تائين پهتاسين.

اهو ڪو رواجي ڪم نہ هو. انسان، سائنس کي پنهنجي خدمت لاءِ جوڙيندي، سهيڙي سگهارو ڪيو آهي ۽ جڏهن اسان زمين تي ماڻهوءَ جي جيون، ۽ دنيا ۾ ان جي مقام بابت ڳالهايون ٿا تہ سموريون سائنسون اهميت جوڳيون ٿين ٿيون.

اسان اڄا هينئر هسپانوي سوين واري زماني جي آمريڪا ۾ هئاسين.

اڇو، هاڻي اسان چار هزار ورهيه ڪان تي هزار ورهيه قبل مسيح واري يورپ ڏانهن واپس هلون. اسان هتي پڻ ايروڪوئيس ۽ آزيٽڪ قسم جا قبيلا ڏسنداسين. اسان کي هتي پڻ برادريءَ جو "ڊگهو گهر" ملندو جتي عورتون ئي سمورو نظام هلائين ٿيون.

هتي عورتن جي عزت ۽ ساک هُجي ٿي، ڇوته اُهي گهر جوڙيندڙ ۽ قبيلي جون ماتائون آهن. عورتون سياري لاءِ ڪاٺو گڏ ڪن ٿيون. اُهي ٻنيءَ ۾ گڏ ڪن ٿيون، فصل پوکين ۽ لُٽن ٿيون.

عورتون مردن ڪان وڌيڪ ڪم ڪن ٿيون، تنهنڪري عورتن جي عزت پڻ وڌيڪ هجي ٿي. انهيءَ ڪارڻ هر ڳوٺ، هر گهر ۾ عورت جي پٿر يا هڏن مان ٺهيل مورتي هُجي ٿي، جيڪا قبيلائي ماءُ جو اُهڃاڻ آهي. ماڻهو هن جي سامهون هٿ ادب جا ٻڌي، گوڏا کوڙي دعا گهُرن ٿا، کيس ڀلي فصل لاءِ ٻاڏائين ٿا ۽ ڪانئن پنهنجن دشمنن ڪان پناهه گهُرن ٿا.

صديون گذرڻ ڪان پوءِ اها گهر جي مُحافظ ماءُ يونان جي شهر ايٿنز ۾ آئي ۽ يوناني ديوي ايٿينا ٻڻجي وئي. هوءَ شهر جي محافظ هئي ۽ هن جي هٿ ۾ هڪڙو ڀالو هو. هاڻي ايٿينز ۾ عورت جي ننڍڙي مورتي نه، پر انهيءَ ديويءَ جو وڏو مجسمو کُتل هو، جيڪا پنهنجي نالي واري شهر جي مُحافظ هئي.

## آڳاٽي جاءِ ۾ ڏار

اسان جي ٻولين ۾ هينئر به آڳاٽي دؤر جي برادريءَ واري زندگيءَ جي ڍنگ جون باقيات موجود آهن، جيتوڻيڪ هاڻي اسان جي ذهن ۾ ان جو ڪجهه به باقي نه بچيو آهي.

جڏهن روس ۾ ٻار ڏارين کي "چاچي"، يا "چاچا" يا وڏن ڏارين کي "ڏاڏا" يا "ڏاڏي" چون ٿا، ته اها ڳالهه انهيءَ سماج جي باقيات مان آهي، جنهن ۾ قبيلي جا سمورا فرد هڪٻئي جا رشتيدار هوندا هئا.

اڪثر اسان ماڻهن جي ڪنهن جتي کي خطاب ڪندي "ٻاءُ" چئون ٿا يا ڪنهن ننڍڙي ڇوڪري کي، جيڪو اسان جو پُٽ نٿو هُجي، "پُٽ" چئي سڏيون ٿا.



شهر جي مُحافظ ديوي ايٿينا

ٻين ٻولين ۾ پڻ ماضيءَ جون اهڙيون باقيات موجود آهن. جرمن ٻوليءَ ۾ ”منهنجون ڀاٽيجيون ۽ ڀاٽيجا“ سڏڻ جي ڀيٽ ۾ ”منهنجي ڀيڻ جا ٻار“ چئون ٿا، ڇوته انهيءَ زماني ۾، جيڪو گهڻا ڏينهن ٿيا وسارجي چڪو آهي، ڀيڻ جا ٻار قبيلي جا ڀاتي هوندا هئا ۽ ڀاءُ جا ٻار سندس زال جي قبيلي ۾ رهندا هئا. ڀيڻ جا ٻار رشتيدار هوندا هئا ۽ ڀاءُ جا ٻار ايئن نه هوندا هئا، ڇوته اُهي ٻئي قبيلي جا هوندا هئا.

سيڪسي جي قديم رياست ۾ بادشاهه جو وارث هن جو پُٽ نه، پر سندس ڀيڻ جو پُٽ هوندو هو.

ايجا پوئين صديءَ تائين آفريڪا ۾ آشانتي رياست هوندي هئي، جنهن جي بادشاهه کي ”نانو“ سڏبو هو. انهيءَ لفظ جي معنيٰ آهي ”مائرن جي ماءُ.“

وچ ايشيا ۾ سمرقند ۾ بادشاهه کي ”افشين“ چئبو هو. قديم زماني ۾ ان جي معنيٰ هوندي هئي: ”گهر ڌياڻي يا راڻي.“

اسان کي ڪيترائي اهڙا مثال ملي سگهن ٿا، جو ماڻهن جي ذهن ۾ هينئر به ماترائيٰ سماج- جتي ماءُ گهر جي مالڪڻ ۽ گهر جي راڻي هوندي هئي- جي ياد باقي رهجي وئي آهي.

جيڪڏهن ماڻهن جي ذهن ۾ اها ياد ايترن ڏينهن تائين باقي رهي آهي، ته ان جو مطلب اِهو ٿيو، ته قبيلو گهڻو سگهارو هوندو هو. پر ان کي ڪنهن تباهه ڪيو؟

آمريڪا ۾ ته اهو يورپي فاتحن جي اچڻ سان تباهه ٿيو ۽ يورپ ۾، آمريڪا

جي دريافت ڪان هزارين ورهيه پهرين، اهو پاڻ ان گهر جيان ڌهي ڍير ٿي ويو، جيڪو اُڏوهيءَ جو ڪاڏل هجي.

انهيءَ جي ابتدا ائين ٿي، جو مرد قبيلي جا ڪم گهٽي ڪان گهٽا پنهنجي هٿ وس ڪرڻ لڳا.

ابتدا ۾ عورتون زمين پوکينديون هيون ۽ مرد مال چاريندا هئا. جيستائين ڍڳ ننڍڙا هوندا هئا، اوستائين عورتن جو- زمين پوکيندڙن جو- ڪم سيني ڪان اهم هوندو هو. گوشت ۽ کير سيني لاءِ جهجهو نه هوندو هو. جيڪڏهن عورتون اناج نه ميڙين ۽ فصل نه پوکين ها، ته ڪائڻ لاءِ ڪجهه نه رهي ها. ڪڏهن ڪڏهن ته مُٺ جيترو خشڪ اناج يا جَوَجي هڪڙي ماني ئي سچي گهر جو کاڌو هوندي هئي. انهيءَ ۾ جهنگلي ماکي يا ٻيرن جو واڌارو ٿيو. اهو پڻ اناج جيان عورتون ئي گڏ ڪنديون هيون. عورتون گهر جو نظام هلائينديون هيون، تنهنڪري اُهي حاڪم پڻ هيون.

پر اهو روپ سدائين نه رهيو. کُليل ڦهليل ميدانن ۾ اناج پوکڻ سولو ڪم نه هو. ميداني گاهه اناج کي پنهنجي جاءِ ڏيڻ نه چاهيندا هئا. هنن پنهنجون پاڙون زمين ۾ گهڻو گهرائيءَ تائين پهچائي ڇڏيون هيون. ۽ جڏهن کَهيڙي سان زمين ۾ گڏ ڪبي هئي، ته ڪين مٿئين تهه نرم نه ملندي هئي، پر ٿوس گاهه ۽ ٿوٺ زمين کيس روڪيندي هئي، جيڪا ڏاڍي سخت هوندي هئي.



سوئيڊن جي هڪ ٽڪريءَ تي هاريءَ جي ڊرائينگ

تنهنڪري ٽي چار عورتون گڏجي کَهيڙي سان گڏ ڪنديون هيون، پوءِ به اُهي رڳو مٿين تهه کي ئي کُرڙي سگهنديون هيون.

ڪُندن پُچڙن ۾ پوکيل ٻجن کي، تيز اُس ساڙي سُڪائي ڇڏيندي هئي يا جهرڪيون چُڳي وينديون هيون. نون پوٽن جا گوُنچ ڇدا پاڊا ۽ تورڙا ڏسڻ ۾ ايندا هئا. پوءِ سوڪهڙو پڻ ٻنيءَ ۾ پنهنجا ڪرتوت ڏيکاريندو هو. اهو اناج جي ڪچڙن ٻوٽن کي ساڙي ڇڏيندو هو ۽ سگهارو گندگاهه باقي رهجي ويندو هو.

جڏهن فصل جي لُٽائيءَ جو وقت ايندو هو، ته عورتن وٽ ته ڪم ئي نه هوندو هو. ڊگهي گاهه ۾ ڏکيائين سان ئي ڪو اناج جو سنگ ڏسڻ ۾ ايندو هو. کليل ميدانن جا گاهه وري دشمنن جي انهيءَ فوج جي جهنڊن جيان جُهولندا هئا، جيڪا هارايل هوندي هئي، پر هاڻي اُهي وري جيتڻ لاءِ اچي وئي هجي.

اناج جي جاءِ تي گندگاهه! ڇا انهيءَ لاءِ سڄو ڏچو ۽ ڇيلهه پڃندڙ ڪم ڪيو ويو هو؟

پر ماڻهوءَ لاءِ گندگاهه ئي مويشين جو چارو آهي. ميدانن ۾ ڍڳين ۽ رڍن جي چارڻ ۾ سَهنجائپ هئي. هر هنڌ سندن واسطي ڪاڌو ونڊيل هوندو هو.

هرسال ڌڻن ۾ واڌارو پئي ٿيو. قبيلي جا ماڻهو پنهنجين ڇيلهن سان خنجر ٻَڌي ساڻن گڏ هلندا هئا. ڌنارن جو ناهوڪو ساٿي، سندن ڪتو ڌڻ کي ڇڙوڇڙ ٿيڻ نه ڏيندو هو ۽ کين گڏائي رکندو هو. ڌڻ اچا به تيزيءَ سان وڌڻ لڳا. منجهانئن ماڻهن کي هر سال وڌيڪ کير، گوشت ۽ اُن ملڻ لڳي.

هاڻي گهر ۾ جهجهو اناج ته نه هوندو هو، پر رڍن جي کير مان ٺهيل پنير، مکڻ ۽ گيهه جي جهجهائي هئي ۽ رڍ جو گوشت هَنڌين ۾ ٿهڪجندو رهندو هو.

کليل ميدانن ۾ مرد جو ڪم- ڌنارڪو ڪم- وڌيڪ اهم ٿي ويو.

ترت ئي اُترين جهنگن ۾ پڻ مرد قبيلي جا سرواڻ بنجڻ لڳا.

سوئيڊن ۾ هڪڙي ٽڪريءَ تي هڪڙي هر- هاريءَ جو آڳاٽو چٽر لڌو ويو آهي. اها چٽرڪاريءَ ڏاڍي اڻنگي ۽ ڀُڏي ٺاهيل آهي ۽ اها هر- هاريءَ وارو چٽر انهن چٽرن جيان آهي، جيڪي ٻار ٺاهين ٿا. پر اسان انهيءَ چٽر کي ان خيال سان نٿا ڏسون، ته اها ڪيئن ٺاهيل آهي، ڇوته اسان ڪيس چٽرڪاريءَ جيان نه، پر گواهه

جي حيثيت سان ڏسون ٿا. اھو گواھہ اسان کي ٻُڌائي ٿو، تہ اھو ھاري ان ھَرَ پويان پيو پيرڙا ڪٽي ھلي، جنھن کي ڍڳن جي جوڙي پئي ڇڪي.

شايد انساني تاريخ ۾ نھيل اھو پھريون ھَرُ ھو. اھو کَھيڙي سان گھٽو ملندڙ جُلندڙ آھي. رڳو فرق اھو آھي تہ انھيءَ ۾ ڍڳا جوٽيل آھن. ماڻھو ڪيس نہ پيا ڇڪين.

اھڙيءَ ريت ماڻھوءَ پنھنجو پھريون "موٽر" ڳولي لڌو. ھر ۾ جوٽيل ڍڳو پڪ سان ھڪڙو جيئرو موٽر- اسان جي فولادي ٽريڪٽر جو جيئرو وڏڙو آھي.

جڏھن ماڻھو ڍڳي جي ڳچيءَ تي جوٽو رکيو، تہ ھن پنھنجو وزن جانور تي لَڏي ڇڏيو. اھڙيءَ ريت جيڪي چوپايا ھُن کي گوشت، کير ۽ چمڙو ڏيندا ھئا، سي ھاڻي ڪيس قوت ۽ وقت بہ ڏيڻ لڳا.

سست پر سگھارن ڍڳن، چمڙي جا جوٽا پنھنجين ڳچين تي رکندي اوائلي ھَرَ ڇڪڻ لڳا. اِھو ھر کَھيڙي جي پيٽ ۾ زمين کي وڌيڪ اونھائي تائين کوٽڻ لڳو. ھاڻي جوٽيل پني ڪاري ڦيٽي جيان ھَرَ پويان ڦھلجڻ لڳي.

اوائلي ھاري ھر جي مُنئي کي پنھنجي پُوري سگھہ سان دٻائيندو ھو. ھاڻي ڍڳي سندس وزن سنڀالي ورتو ھو، جيڪو جوٽجندو، اناج ڳاھيندو ۽ اَنّ کي گھر پھچائيندو ھو. سرءُ ۾ ڍڳو ڪانگڙ ۾ وجي پنھنجن کُرن سان اناج ڳاھيندو ھو.



ڪئناڊا جي اوائلي ماڻھن جي گھوڙا گاڏي



هَر ۾ ڍڳا جوٽجڻ لڳا (مصري ڊرائينگ)

پوءِ اُهي هڪڙي گاڏيءَ ۾ جوٽيا ويندا هئا ۽ موٽندي اناج سان سَٽيل سموري ڀنيءَ سان گهر پهچندا هئا.

مويشي پالڻ سان زراعت ۾ واڌارو ٿيو. هاڻي ڏنار هاري پڻ ٿي ويو ۽ اهڙيءَ ريت هن کي گهر ۾ اڳيان به وڌيڪ اختيار ملي ويا.

اهو سچ آهي ته عورتن وٽ ڪم جو جهجهو ڀاڱو هوندو هو. اُهي ڪَتيَنديون، اُٽنديون، فصل لُڻنديون ۽ ٻارن جي پالنا ڪنديون هيون.

پر هاڻي هنن جا اڳوڻا اختيار نه رهيا ۽ نه ئي اُها عزت هئي. هاڻي مرد گؤچرن ۽ ٻنين ٻنهي جو مالڪ هو.

هاڻي گهرن ۾ عورتون، مردن تي ڪاوڙ نه ڪنديون هيون، جيئن پهرين ٿيندو هو. ۽ هاڻي مرد به پنهنجي ثابتيءَ جي پيٽ ۾ ڪين سِڌو مُنهن تي رُکو جواب ڏيڻ لڳو هو. پهرين سسن، چاچين، پڦين ۽ نانين ڪانڻ مرد کي گهر کان ٻاهر ڪڍڻ گهڻو سولو هو، پر هاڻي اُهي سندن سارسنڀال لهڻ لڳا. چوته اهو ڏاريو مرد، جيڪو ٻئي قبيلي جو هوندو هو ۽ سندن ڪٽنب ۾ شادي ڪندو هو، سو هاڻي سيني لاءِ ڪم ڪندو هو ۽ سڄي قبيلي کي ڪاڏي پهچائڻ ۾ سهڪار ڪندو هو. هاڻي ماڻهو نه چاهيندا هئا ته سندن مرد ٻئي قبيلي ۾ وڃن.

قبيلن تي اختيار ماڻڻ ڪاڻ مرد پاڻ ۾ فوجي ڏاهه ڪرڻ لڳا.

پهرين جڏهن ڪو ماڻهو مرندو هو، ته هن جي ڀيڻ جا ٻار سندس جائز وارث ٿيندا هئا. هاڻي مرد اهي قبائلي قانون ڦيرائڻ لڳا.

تو آريگ قبيلي جي لاڏڙو آفريقين وچ ۾ ورثي جي ورڇ "جائز" ۽ "ناجائز" پاڳن ۾ ھوندي ھئي. ورثي جو "جائز" پاڳو پيڻ جي ٻارن کي ملندو ھو ۽ ان ۾ اُھي سموريون شيون شامل ھونديون ھيون، جيڪي مئل کي پنھنجي ماءُ وٽان ملنديون ھيون ۽ اُھو سڀ ڪجھ پڻ جيڪو ھن گڏيل گھر ۾ ڪم ڪندي ڪمايو ھو. "ناجائز" پاڳي ۾ ويڙھ مان ماڻيل پاڳو ۽ واپارجي ڪمائي شامل ھوندي ھئي، جيڪا فوتيءَ جي پنھنجن ٻارن کي ملندي ھئي.

ماترائي سماج ھزارن ورھين تائين رھيو. پوءِ زندگيءَ جي آڳاٽي ڍنگ ۾ ائين ڏار پوڻ لڳا، جيئن ڪنھن ٻڙ جي جھوني وڻ ۾ پون ٿا.

قبيلي جا ماڻھو ڏينھون ڏينھن پراڻن ڍنگن جي مخالفت ڪرڻ لڳا. اڳي زال، مڙس کي پنھنجي ڪٽنب سان ملائيندي ھئي. ھاڻي مڙس، زال کي پنھنجي گھر آڻڻ لڳو.

جيئن تہ اھا ڳالھ پراڻي طريقي خلاف ھئي، تنھنڪري رواج خلاف ڪم ڪندڙ کي ڏوھاري سمجھڻ لڳا.

ڪوبہ نوجوان ڪنھن قبيلي مان زال کي سولائيءَ سان وٺي وڃي نہ سگھندو ھو. انھيءَ کي ڇوڪريءَ کي چورائڻ يا اغوا ڪرڻو پوندو ھو.

آڌيءَ رات جو نوجوان ۽ سندس مرد مائٽ ڀالن ۽ خنجرن سان ھٿياربند ٿي، ان ڇوڪريءَ جي گھر ڏانھن ماٺ ۾ ويندا ھئا، جنھن کي قبيلي وارا، گھوٽ جي ڪنوار طور چونڊيندا ھئا. ڪُتا ڀُونڪندي ڀُونڪندي سڄي گھر کي جاڳائيندا ھئا. ڪنوار جو جھُور نانو، ڏاڏو ۽ جوان ڀاءُ پنھنجا ھٿيار سنڀاليندا ھئا. مردن جي ويڙھاڪ ھُوڪرن ۾ عورتن جي روئڻ پٽڻ جا آواز دٻجي ويندا ھئا. نيٺ گھوٽ پنھنجي قبيلي وارن جي رکشا ۾ پنھنجي ڦُريعني ڪنوار کي ڪٺي موٽندو ھو.

وقت گُذرندو رھيو ۽ پوءِ قبائلي قانون جي اھا خلاف ورزي ھڪڙو قبائلي رواج بڻجي وَيو. ھاڻي ڪنوار، گھوٽ جي مائٽن وچ ۾ اھا "ويڙھ" ھڪڙي مذھبي رسم بڻجي وئي.

ويڙھاند جي جاءِ سوڪڙين ۽ ڏاج وٺي ورتي. ڪنوار جي روئيندڙ ماءُ، پيٽون ۽ سَرتيون پڻ انھيءَ رسم ۾ پاڳو وٺڻ لڳيون، جنھن جي پڄاڻي دعوت يا ڀَت پوت تي ٿيڻ لڳي.

هينئر به اهڙا ماڻهو موجود آهن، جن کي اُهي قديم ڏکارا گيت ياد آهن، جن ۾ نوجوان ڪنوار، هڪڙي ڌارئي قبيلي ۽ ڌارئي گهر ۾ وڃي پنهنجي ڀاڳ تي روئي ٿي.

۽ عورت جو ڀاڳ پڻ ڪو رشڪ جوڳو نه هو. ڌارئي گهر ۾ نوجوان عورت بلڪل پنهنجي مڙس جي ڪَهل، ستوهه ۽ ٻاجهه تي هوندي هئي. هوءَ ڪنهن سان به پنهنجن اهنجن بابت ڳالهائي نه سگهندي هئي، ڇوته هن جو سس، سهرو ۽ مڙس جا سڀ مائٽ سدائين مڙس جو ئي پاسو ڪندا هئا. جڏهن ڪو مرد پنهنجي گهر ڪنوار آڻيندو هو، ته انهيءَ جو اهو مطلب هوندو هو، ته ڪٽنب ۾ هڪڙي ٻئي ڪم ڪندڙ فرد جو واڌارو ٿيو ۽ هر شخص ان ڳالهه جي نگراني ڪندو هو، ته هوءَ هڪڙي گهڙي به اجائي نه ويهي يا هوءَ پنهنجي پياڳي مان هڪڙو گرهه به وڏيڪ نه کائي. هاڻي ڪٽنب، جتي ماءُ جي هر ڳالهه تي حڪومت هوندي هئي، اهڙو ڪٽنب بڻجي ويو، جتي پيءُ جو هر مامري تي ضابطو هوندو هو.

هاڻي ٻار ماءُ جي ڪٽنب سان گڏجي نه رهندا هئا. اُهي پنهنجي پيءُ جي ڪٽنب سان گڏ رهڻ لڳا ۽ مائٽيءَ جو فيصلو پڻ ماءُ جي ڪٽنب سان نه، پر پيءُ جي ڪٽنب سان ٿيڻ لڳو. روس ۾ نالن ۾ "پُٽ" جو واڌارو ٿيو، يعني نالي ۾ اهو ڳنڍجڻ لڳو ته ڪو شخص ڪنهن پيءُ جو پُٽ آهي.

اُهو ئي پيڙهن جا نالا واپرائجڻ جو ڪارڻ ٿيو ۽ انهيءَ سبب اسان ماڻهن کي ايئن سڏڻ لڳاسين، مثلاً: "پيوتر ايوانوويچ." پراڻي زماني ۾ انهيءَ جو مطلب اهو هوندو هو ته پيوتر پُٽ ايوان جو.

ڪو به شخص پنهنجي نالي پويان پنهنجي ماءُ جو نالو وٺڻ بابت نه سوچيندو هو، مثلاً: ڪو "پيوتر مارياويچ" نه سڏرائيندو هو.

## پهريان لاڏرو

ماڻهو جيڪو اڄرج ۾ وڃهندڙ گودام کولي لڌو هو، جنهن مان هن کي اجا وڏيڪ سوکڙيون ملنديون ويون. کُليل ميدانن ۾ هزارين رڍون چَرنديون هيون. هاري پنهنجن ڍڳن کي جوٽي ٻنين ۾ نرم، ڀوري مٽيءَ ۾ هونگاريندي هڪليندو هو.

زرخيز ماتريءَ ۾ پهرين باغن ۾ انگورن جون باريون وڏيون ويجهيون پئي ۽ شام تائين ماڻهو انجير جي وڻن هيٺان گڏجي ويهي ڳالهيون ڪندا هئا.

ماڻهوءَ جي پورهيي هن کي گهڻيون ئي نعمتون ڏنيون هيون، پر هاڻي هن کي گهڻي سخت ۽ دير تائين ڪم ڪرڻو پوندو هو. انگورن جو هر ڇڳو، ڪڻڪ جو هر سنگ انساني پورهيي جو نتيجو هو.

انگوري ولن جي سارسنڀال ڏاڍو ڏکيو ڪم هو. انگورن جا ڳرا وزني ڇڳا پَٽيا ويندا هئا ۽ پٿريلي جنڊن ۾ وجهي سندن رس نچوڙي ڪڍبو هو ۽ پوءِ انهن جو گهاٽو ڳاڙهسرو رس ساندارين ۾ پريو ويندو هو. ماڻهو انهيءَ حيرت انگيز ديوتا بابت پُراسرار گيت ڳائيندا هئا، جنهن جي پوشاڪ ٻڪريءَ جي کل هوندي هئي. انهن گيتن ۾ ديوتا جي انهن اهنجن توڙي ڏکيائين جو ذڪر هوندو هو، جيڪي هن انهيءَ شراب جي ناماچاريءَ لاءِ سَنيون ۽ ڪنيون هيون.

درياهن لڳ ڪاڇي وارن علائقن ۾، جتي هر بهار جي رُت ۾ ٻوڏ وارو پاڻي زمين کي زرخيز بڻائيندو هو، اُتي قدرت پاڻ سُنا فصل پوکائڻ ۾ هٿ ونڊائيندي هئي.

پر هتي به ڪُڙميءَ جا هٿ پوئتي نه رهيا. ماڻهو تلاءُ کوٽڻ ۽ بند ٻَڌڻ لڳا، ته جيئن پاڻي ٻنين کي ملي ۽ گهُرج واري جاءِ تي پهچائي سگهجي.



ڊاکُن جا ڇڳا گڏ ڪري پٿر جي کُونڊين ۾ وڌا ويندا هئا (مصري ڊرائينگ)



منگول لاڏڙو (آڳاٽي چيني ڊرائينگ)

ماڻهو درياهن کي پوڄڻ لڳو، جيڪو سندن زمينن کي زرخيز بڻائيندو هو ۽ انهيءَ دوران هُو اهو وساري ويٺا ته جيڪڏهن هو پاڻ چيلهه چِٻي ڪندڙ پورهيو نه ڪري ها، ته زمين تي گندگاهه کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڦُٽي ها.

وقت سان گڏوگڏ ڪُڙميءَ جي سمجهه وڌندي رهي. ڌنارن کي پڻ سڪون نه هو. کُليل ميداني سرسبز ساون ستابن گوڄرن تي هُن جي اکين سامهون ڌڻن جي انگ ۾ واڌارو ٿيئي ٿيو. ڌڻ جيڏو وڏو هوندو هو، ڌنار لاءِ ايڏو وڌيڪ ڪم پڻ هوندو هو. ڏهه پندرهن رڍن جي سارسنڀال ڪرڻ ٻي ڳالهه آهي ۽ هڪ هزار رڍن جي ڌڻ جي نگهباني ٻي ڳالهه آهي. وڏو ڌڻ ڪنهن گوڄر کي هڪدم چَٽُ ڪري ڇڏيندو هو ۽ اُن کي پنهنجي ڳوٺان اچا اڳتي ڏورانهين گوڄرن ڏانهن وٺي وڃڻو پوندو هو.

نيٺ پورا ڳوٺ پنهنجا گهرڙا اُکاڙيندي ڌڻن پويان روانا ٿي ويندا هئا. ماڻهو پنهنجا تنبو ۽ سامان اُٺن جي پُٺن تي لڏي، پنهنجي ڌڻ اڳيان هڪليندا هلندا هئا. اُهي پنهنجون ٻنيون ڇڏي ويندا هئا، جن تي هڪدم گندگاهه جو گهيرو ٿي ويندو هو. پر اصل ۾ هنن کي انهن ٻنين جي ڇڏڻ جو ڏک نه هوندو هو، ڇوته پوٺن ۾ سُٺو فصل اٿلپ هو.

تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پورهي جي ورڇ رڳو هڪڙي قبيلي جي ماڻهن وچ ۾ ئي نه، پر انيڪ قبيلن جي وچ ۾ ٿي.

کليل ميدانن ۾ اهڙا قبيلا اُڀريا، جيڪي مويشي پالڻ لڳا ۽ انهن جي متاستا اناج سان ڪرڻ لڳا. اُهي هڪڙي جاءِ تي ڪڏهن به نه رهندا هئا، پر هڪڙي ماڳ کان ٻئي هنڌ، هڪڙي گوڄر کان ٻئي گوڄر ڏانهن هلندا ويندا هئا.

لاڏڙوئن جي زندگي پنچائتي ۽ آزاد هئي.

اُهي ڪليل ميدانن ۾ پنهنجا تنبو کوڙيندا هئا، جتي ڪليل آسمان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندو هو. ڪليل ميدان ئي سندن گهر هوندو هو. ڏکي سفر ۾ سندن ٻار اُٺن جي پُٺن تي جهولنديءَ سُمهي رهندا هئا، ڇوته انهيءَ ڪان سواءِ سندن واسطي ڪو ٻيو جُهولو ئي نه هو.

## جهيڙا اوزار

ڪنهن لاڏڙو قبيلي جي زندگي پرامن ۽ پُرسڪون نه هوندي هئي. جڏهن اُهي پنهنجي رولاڪيءَ ۾ هارين جي ٻنين ۽ ڏٽن تائين پهچي ويندا هئا، ته اُهي اڪثر ڪُڙمين جي اناج تي قبضو ڪري وٺندا هئا. درياهه جي ڪنهن ماٿريءَ ڏانهن ويندي، يا جهنگ جي ڪناري تائين ڪليل ميدان ۾ سفر ڪندي، اُهي مُنهن ۾ ايندڙ ڳوٺن کي ڦُري وٺندا هئا ۽ ساڙي رک ڪري ڇڏيندا هئا. فصلن کي لتاڙي ڀيليندا هئا. مويشي پاڻ سان گڏ ڪاهي ويندا هئا ۽ ڳوٺاڻن کي قيدي بڻائيندا هئا.

هنن کي ٻانهن جي سيني کان وڌيڪ گهُرج هئي، ڇوته انهن ماڻهن کان ڪم وٺي پيو سگهجي، ۽ اُهي ماڻهو ڏٽن جي سارسنڀال ڪري پيا سگهن.

اها هئي لاڏڙو ڏنارن جي زندگي. پر ڪُڙمي پڻ امن پسند نه هوندا هئا.

سرءُ ۾ جڏهن فصل ڪٽڻ تي ويندو هو، ته اُهي پنهنجن پاڙيسرين تي چڙهائي ڪري، سندن اناج جا گودام، ڪپڙا، زيور ۽ هٿيار ڦُرڻ کان نه



مصرين جو ويڙهه ۾ ڪٽيل جنگي مالُ



غلام زمين ۾ گڏ پيا ڪڍن (مصري ڊرائينگ)

ڪيپائيندا هئا. هتي پڻ سيني کان وڏيڪ قيمتي ڦُر قيدي هئا، ڇوته ڪُڙمين کي تلاءُ کوٽڻ، بند ٻَڌڻ ۽ ڍڳن کي هَڪلڻ لاءِ وڏيڪ ماڻهن جي گهُرج هوندي هئي.

مُنڍ ۾ قيدين کي ٻانهو نه بڻائبو هو، ڇوته ڪنهن ماڻهوءَ مان ڪو خاص لاڀ ماڻڻ مقصد نه هوندو هو. جڏهن ته ماڻهو ڪم ڪندو هو، پر هو پنهنجي ڪمائيءَ موجب کاڌو به کائيندو هو.

جڏهن ڏڻ وڌندا ويجهندا رهيا، ۽ ماڻهوءَ جي پورهيي ۽ ڏٽن ڪارڻ وڏيڪ اناج، گوشت ۽ اُن ملڻ لڳي ته سڀ ڪجهه بدلجي ويو. هاڻي ڪُڙمي پنهنجي گهُرج کان وڏيڪ اناج پوکڻ لڳا، ته جيئن اُهي اناج جي مٽاسٽا اُنَّ سان ڪري سگهن. اهڙيءَ ريت ڌنار پنهنجي گهرج جي ڪپڙن کان وڏيڪ رڍن جا ڌڻ پالڻ لڳا، ته جيئن واڌو اُنَّ جي موٽ ۾ اناج ۽ هٿيارو ٺي سگهن.

انهيءَ مٽاسٽا ۽ اڪثر ڦُرمار، ڪجهه قبيلن ۽ ڪٽنبن کي ٻين کان وڏيڪ شاهوڪار بڻائي ڇڏيو. هنن جا ڌڻ وڌا تي ويا ۽ اُهي وڏيڪ اناج پوکڻ لڳا. پر انهن ڏٽن کي پالڻ تاتڻ ۽ هارپ لاءِ گهڻا ڪم ڪندڙ هٿ نه هئا. هاڻي ماڻهو ٻين کي ٻانهو ٺاهڻ لڳا. ٻانهي جو ڪم، مالڪ ۽ پاڻ هُن جو پيٽ ڀريندو هو. بس مالڪ کي اهو ڏسڻو هوندو هو، ته ٻانهو ڪم وڏيڪ ڪري ۽ کائي گهٽ. اهڙيءَ ريت هڪڙي ماڻهوءَ هٿان ٻيو ماڻهو جيئرو اوزار بڻجي ويو.

هڪڙو انسان ذليل ڪيو ويو. هُن جي ڪنڌ تي ائين جوٽو رکيو ويو، ڄڻ ته هو ڪو ڍڳو هجي.

آزاديءَ جي وات تي، قدرت جي طاقتن کي قابو ۾ رکڻ دوران، ماڻهو پاڻ پنهنجي ساٿي ماڻهوءَ جو ٻانهو بڻجي ويو.

اوائل ۾ زمينَ سمورن ڪُڙمين جي گڏيل ملڪيت هوندي هئي. هاڻي ٻانها انهيءَ زمين جي ڪُڙمت ڪرڻ لڳا، جيڪا هنن جي پنهنجي نه هئي. ٻانهو جيڪو ڍڳو هڪليندو هو، سو هن جو پنهنجو ڍڳو نه هوندو هو. هُو جيڪو فصل لُڻيندو هو، اُهو هن جو پنهنجو نه هوندو هو.

قديم مصر ۾ ٻانهو ڍڳن کي هڪليندي ڳائي ٿو:
اي ڍڳو، چيڀاٽي ڇڏيو ڪٽڪ جا سنگ!
چيڀاٽي ڇڏيو ڪٽڪ جا سنگ!
فصل ته آهي منهنجي مالڪ جو.
هاڻي انسانيت جي تاريخ ۾ پهريون ڀيروُ مالڪ ۽ ٻانهو نروار ٿيو.

## حافظو ۽ يادگار

ماضيءَ ۾ اسان جو سفر ٿورڙو ڏکيو هو. ڇوته اسان غارن ۾ رڳو سياح جي حيثيت سان نه، پر کوجي جيان گهُميا ڦِرياسين. هي نئين وٽ جيڪا مليءَ سا پراسرار هئي ۽ انهيءَ جي ڳُجهه کي وينجهارڻو هو. وات تي ڪي نشان به نه هئا ۽ نه اسان جي کوج ۾ رهنمائي ڪندڙ تِير نهيل هئا. ۽ قديم زماني جو ماڻهو، جيڪو پٿر واري زماني ۾ رهندو هو، اسان لاءِ نشان ئي ڪهڙا ڇڏي ڀيو سگهي؟ هُو لکڻ پڙهڻ ته ڄاڻندو ئي نه هو!

نيٺ، اسان انهيءَ وات تي پهچي وياسين، جتي راهه جا نشان هئا. اسان کي اوائلي لکتون مزارن جي ڪَتبن ۽ مندرن جي ديوارن تي چِٽيل ملن ٿيون. اُهي انهيءَ جادوءَ جا نشان نه آهن، جن جو مقصد ڀوتن کان بچاءُ هو. اهي تصويري ٻوليءَ ۾ مڪمل ڪهاڻيون- ماڻهن بابت ماڻهن جون ڪهاڻيون هيون.

پوءِ به اُهي ڪهاڻيون اسان جي هاڻوڪن اکرن سان ٿورڙو به نهڪجندڙ نه هيون. ڍڳي لاءِ اُهي ڍڳي جي تصوير اُڪيريندا هئا ۽ وڻ لاءِ اُهي سڄو وڻ ٽارين سميت تصويري روپ ۾ ڏاهيندا هئا.

لکت جي تاريخ تصويري لفظن سان شروع ٿئي ٿي. صديون گذرڻ تي انهن تصويرن کي سولو بڻائي ڪين نشانن ۾ ڦيرايو ويو آهي.

هاڻي اسان جي صورتختيءَ ۾ انهن تصويرن بابت قياس ڪرڻ ڏکيو آهي، جن مان اُهي نڪتا آهن. ڪير اهو سوچي سگهي ٿو ته "A" جو اکر اصل ۾ ڍڳي جو مٿو آهي. پر جيڪڏهن توهان "A" کي اُبتو ڪري ڏسندؤ ته اُهو سنگدار ڪنڌ سان ٺهڪجندڙ لڳندو. قديم سامين جي ٻوليءَ ۾ سنگدار اکر "A" جي برابر هوندو هو، جيڪو ٻهريون اکر هو ۽ جنهن کي ”الف“ چون ٿا، جنهن جو مطلب هو ڍڳو.

اهڙيءَ ريت اسان سموري صورتختيءَ جي تاريخ جو پتو لڳائي سگهون ٿا. اسان ڏسون ٿا ته اکر "O" اک لاءِ هو ۽ "P" هڪڙي ڊگهي ڳچيءَ واري مٿي لاءِ.

پر اسان پنهنجي جادوئي جُتيءَ وسيلي گهڻو پري نڪري آيا آهيون.

اصل ۾ اسان پنهنجي ڪهاڻي ۾ اُتي پهتا هئاسين، ته اوائلي تصويري لفظ ڪڏهن نروار ٿيا.

ماڻهو ڏاڍو هُٻڪندي ڊِرائيءَ سان لکڻ لڳا. پوءِ به هن لاءِ لکڻ سِکڻ جو وقت اچي ويو هو.



جڏهن گهڻي لاپائتي ڄاڻ ۽ واقعا نه هئا، ته ماڻهو هر ڳالهه کي پنهنجي دماغ ۾ ويهاريندو هو. داستان ۽ قصا وغيره هڪڙي ماڻهو وسيلي ٻئي تائين پهچندا هئا. هر پوڙهو ماڻهو هڪڙي جيئري جاڳندي ڪتاب جيان هوندو هو. ماڻهو ڪهاڻيون، داستان ۽ عام سمجهه واريون ڳالهيون ياد ڪندا هئا ۽ اُهي پنهنجن ٻارن کي هڪڙي قيمتي ورثي جي حيثيت سان حوالي ڪندا هئا، ته جيئن سندن ٻار وقت اچڻ تي پنهنجن ٻارن ڏانهن منتقل ڪن. پر اهو ورثو جيڏو وڏيڪ ٿيندو ويو، ايڏو ئي ان کي ياد رکڻ پڻ ڏکيو ٿيندو پئي ويو.

اوائلي آمريڪي سردار جي قبر

۽ پوءِ حافظي جي واهر يادگيري ڪئي. تجربي

کي منتقل ڪرڻ ۾، ڳالهائجندڙ ٻوليءَ سان لکتي ٻولي سهڪار ڪرڻ لڳي. ڪنهن سردار جي قبر جي ڪَتبي تي سندس مُهمن ۽ ويڙهن جا ڪارناما اُڪريل هوندا هئا، ته جيئن اُهي ايندڙ نسلن کي ياد رهن.

جڏهن ٻين اتحادي قبيلن جي سردارن کي نياپا موڪلبا هئا، ته انهن جي يادگيري لاءِ انيڪ تصويري لفظ وڻن جي ڇوڏن يا مٽيءَ جي ٿاريءَ تي اُڪري کين ڏنا ويندا هئا.

ڪنهن بادشاهه، امير، سردار، جاگيردار يا اولياءَ جي قبر تي ڪُتل ڪَتبو پهريون ڪتاب هو. ڪنهن وَڻ جو ڇوڏو پهريون لکجندڙ ڪاغذ بڻيو.

اسان کي پنهنجي ٽيليفون، ريڊئي ۽ ٽيپ رڪارڊر تي فخر آهي، جو اُهي سڀيئي اسان کي وقت، ۽ فاصلي جي ڏکيائين کان بچائين ٿا. اسان هزارين ڪلوميٽر جي فاصلي تائين آوازن کي موڪلڻ سِکي ورتو آهي. اسان جو آواز ٽيپ ۽ ريڪارڊن ۾ سانڍجي اڄ کان صديون پوءِ پڻ ٻُڌي سگهبو. اسان شاندار ترقي ڪئي آهي، پر اسان کي پاڻ کان اڳوڻي ماڻهن جي ڪارنامن کي وسارڻ نه گهرجي. اسان جي ڄمڻ کان گهڻو اڳ اسان جي وڏڙن، برچ (وڻ) جي ڇوڏي تي



اُتر آمريڪا جي اوائلي رهواسين جي تصويري ڪهاڻي

# ٻانهو ۽ آزاد ماڻهو

ڪٿي اُسريو آهي ڏانڊيءَ مان گُلاب،
ممڪن ناهي ته ٻانهو ٻار هجي مردِ آزاد.

• هيءُ شعر يوناني شاعر ٿيوگنيس تڏهن لکيو هو، جڏهن سماج ۾ ٻانهپ جو رواج پوريءَ ريت سگهارو ٿي چڪو هو.

بهرحال، اوائل ۾ ٻانهن کي تڇ نه سمجهيو هو. آزاد ۽ ٻانهو ماڻهو ٻئي گڏجي ڪم ڪندا هئا ۽ هڪڙي ڪٽنب يا برادريءَ جيان هوندا هئا.

پيءُ يعني قبيلي جو سرواڻ ان ڪٽنب يا برادريءَ جو سرواڻ ۽ حڪمران هوندو هو. هُن جا پُٽ، سندس زالون ۽ ٻار ۽ ٻانها سڀ سندس گهر ۾ رهندا هئا. ۽ هُن جا ماتحت هوندا هئا. پيءُ پنهنجي نافرمان پُٽ کي پڻ پنهنجي نافرمان ٻانهي جيان مارڪُٽ ڪري سگهندو هو.

ڪو پوڙهو ٻانهو پنهنجي مالڪ سان ڳالهه ڪرڻ وقت ڪيس رڳو "پُٽ" چوندو هو، جڏهن ته رواج موجب مالڪ، پوڙهي ٻانهي کي "پيءُ" سڏيندو هو.

جيڪڏهن توهان مشهور يوناني نظم "اوڊيسي" پڙهيو آهي، ته توهان کي شايد پوڙهو ايومئس ياد هوندو، جيڪو سوئر چورائيندڙ هو ۽ پنهنجي مالڪ



غلام ڪُڙمي ۽ زميندار (مصري ڊرائينگ)



مصر ۾ گرفتار ٿيل نيگرو ماڻهن جي ڳٽپ

سان گڏ ميز تي ڪائيندو پيئندو هو ۽ ايوميئس پڻ قبيلي جي سردار جيان ”الله جي برابر“ سڏبو آهي.

پر گيتن جي لفظن تي سدائين ويساهه نٿو ڪري سگهجي. سوئر چورائيندڙ ايوميئس، نه الله جي برابر هو ۽ نه پنهنجي مالڪ جهڙو. هو ڪم ڪرڻ تي مجبور هو ۽ هو مالڪ لاءِ سندس مرضيءَ موجب ڪم ڪندو هو. ڪٽنب جي فرد جي ڀيٽ ۾ ٻانهي کان وڌيڪ ڪم ورتو ويندو هو، پر ٻانهي کي ٻاڳو گهٽو گهٽ ملندو هو. ٻانهو ڪنهن جي ملڪيت هوندو هو ۽ آزاد ماڻهو ٻانهي جو مالڪ هوندو هو.

جڏهن مالڪ مري ويندو هو، ته هُن جا ٻانها ۽ سموري ٻي ملڪيت- سمورو سامان ۽ مويشين جا ڌڻ- سندس پُٽن جي ملڪيت ٿي ويندا هئا.

انهيءَ ڪٽنبي برادريءَ ۾ مساوات جو ڪٿي به ڪو نشان نه هو.

هتي پيءُ ٻارن تي حڪومت ڪندو هو، مڙس زال تي، سَسُون وَهوئن تي، ۽ وڏي نُنهن ننڍي جيٺاڻيءَ تي حڪم هلائيندي هئي. پر ٻانهو سڀني کان هيٺين طبقي ۾ هوندو هو. هن تي سڀ حڪم هلائيندا هئا.

قبيلن ۽ برادرين ۾ جيڪا مساوات پهرين هئي، اُها پڻ هاڻي الوپ ٿي چڪي هئي. ڪجهه ماڻهن وٽ وڌيڪ، ته ڪجهه ماڻهن وٽ گهٽ مويشي هئا.

۽ مويشي ئي دولت جو پيمانو هوندو هو. ڍڳي جي مناسبتا ۾ ڪپڙا ۽ هٿيار وٺي پيا سگهجن. انهيءَ ڪارڻ اوائلي جِست جا سِڪا ڍڳي جي چمڙي جي روپ ۾ گهڙيا ويا.

پوءِ به ٻانهو، ڍڳي کان وڌيڪ قيمتي هوندو هو.

ٻانهو سوئرن، ڍڳين ۽ رڍن جي نگراني ڪندو هو. سڄو ڏينهن ساڻن گڏ گوچر ۾ رهڻ کان پوءِ شام جو کين موٽائي واڙي ۾ آڻيندو هو. ٻانهو فصل ميڙڻ ۾ واهر ڪندو هو. انگورن مان رس ۽ زيتونن مان تيل نچوڙي ڪڍندو هو. سونهري اناج جا ڍير گُندين ڪي پيري ڇڏيندا هئا. خوشبودار تيل وڏن ٺڪرن جي ٿانوَن ۾ ٽِپندي ڪُڏندي وهي اچي گڏ ٿيندو هو.

ٻانهو آزاد ماڻهو جي واهر ڪندو هو؛ پر هن کي سيني کان ڏکيو ۽ ٽِڪ ڪم ڪرڻو پوندو هو.

هاڻي جنگيون لاڀائتيون ٿي ويون، ڇوته منجهانئن ٻانها ملندا هئا ۽ ٻانها مالڪن لاءِ وڏي دولت پيدا ڪندا هئا.

اهڙيءَ ريت آزاد ماڻهو وڙهڻ هليا ويندا هئا ۽ ٻانهن کي پنهنجا ڌڻ پالڻ ۽ زمين جي پوکائيءَ لاءِ ڇڏي ويندا هئا.

ويڙهاند ڪارڻ ڪم اڃا به وڏي ويو. ٻين قبيلن تي حملي لاءِ ماڻهن کي وڌيڪ تلوارن، ڀالن ۽ رٿن جي گهُرج هئي. سپاهي پنهنجن رٿن ۾ تيز رفتار گهوڙا جوٽيندا ۽ جنگي ميدان لاءِ روانا ٿي ويندا هئا.

پر جنگي چالن ۾ راتاهو به شامل هوندو هو ته بچاءُ پڻ. دشمن جي تلوارن ۽ ڀالن جي ڌڪ کان بچڻ لاءِ سپاهي مِٽي تي ٽوپلا (ڪَکر) پائڻ لڳا ۽ ڍالون ٻَڌڻ لڳا. نيٺ، برادريءَ جي گهرن جو بچاءُ ڳرن پٿرن جي ديوارن سان ٿيڻ لڳو.

قبيلو جيڏو وڌيڪ امير هوندو هو، ايڏو ئي وڌيڪ وقت ۽ ڪوشش پنهجي بچاءَ ۾ لڳائيندو هو. هاڻي هن کي گهڻو ڪجهه بچائڻو پوندو هو.

ترت ئي ٽڪرين تي وڏا وڏا قلعا نظر اچڻ لڳا، جن ۾ انيڪ ڪمرا ۽ گودام ٺهيل هوندا هئا ۽ ڪوٽ جي ديوار تي برج ٺاهيا هئا. ۽ داخلا لاءِ ڳرا ڦاٽڪ هوندا هئا.

# تنبو ڪيئن گهر ٿيو ۽ گهر ڪيئن شهر بڻجي ويو

هڪڙي سوويت مؤرخ تولستوف پنهنجي ڪتاب ”قديم خوارزم“ ۾ انهن قلعن جي ڪنڊرن جو احوال لکيو آهي، جيڪو هن وچ ايشيا جي ريگستان ۾ لڌا هئا.

اهي جايون پنهنجي پڪيڙ ۾ گهر نه، پر هڪڙي شهر جيان هيون.

سگهاريون متيءَ جي ديوارن ۾ وڏي علائقي جي زمين گهيريل هئي ۽ اُهي ديوارون ڪيترن ميلن تائين ڦهليل هيون. ديوارن جي اندر انهن محرابدار حُجرن ۾ برادريءَ جا فرد رهندا هئا، جن جي ڇتن ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون دريون هونديون هيون.

اهو ڇاڻندي عجب ٿيو ته هزارين ماڻهو ديوارن منجهه سوڙهن ۽ اونداهن حُجرن ۾ رهندا هئا، جڏهن ته وچيون وڏو اڱڻ خالي هوندو هو.

تلوستوف جو جواب ڏاڍو سولو آهي. انهيءَ زماني ۾ خوارزم جي ماڻهن جي وڏي دولت سندن مويشي هئا. اُهو وڏو اڱڻ اصل ۾ وڏي ڌڻ جو واڙو هوندو هو ۽ ديوارون، جن ۾ ٽُنگ ۽ نگراني لاءِ مينار هوندا هئا، انهيءَ دولت کي دشمن جي حملي کان بچائينديون هيون.

جڏهن دشمن حملو ڪندو هو، ته قلعي جا سمورا رهواسي ٽُنگن تي مِڙندي حملو ڪندڙن تي تيرن جو مينهن وسائيندا هئا.

پر جنهن دولت جو بچاءُ اُهي سڀ گڏجي ڪندا هئا، اُها هاڻي گڏيل ملڪيت نه رهي هئي. ڇوته جيتوڻيڪ سڀ ماڻهو هڪبئي جا مائٽ هئا، پوءِ به ڪجهه ڪٽنبن وٽ رڍون، ڍڳا ۽ گهوڙا وغيره ٻين کان وڌيڪ هئا.

پراڻا داستان اسان کي ٻُڌائين ٿا، ته انهن ڏورانهين زماني ۾ لفظ ”امير“ سيني جملن ۾ هڪڙو پاڳو هوندو هو. ماڻهو رڳو اهو نه چوندا هئا ته هو شخص ”امير آهي. اُهي ايئن به چوندا هئا ته هو ”ڌڻن جو امير“ آهي، يا ”گهوڙن جو امير“ آهي.

پاڙيسري قلعن تي هر نئون حملو، جنگي سردارن جي ڌڻن ۾ نه رڳو واڌارو ڪندو هو ۽ گڏوگڏ امير ۽ غريب جو ويڇو پڻ وڌائيندو هو.

تلستوف ۽ سندن ساٿين ٻيا قلعا- گهر ۽ شهر- پڻ ڳولي لڌا، جيڪي پوءِ ناهيا ويا هئا.

ريگستان ۾ انهن جي ڪوتائي گهٽڻ ورهين تائين ٿيندي رهي. اها ڏاڍي ڏکي ۽ اهم ذميواري هئي. زماني جي وساريل تهذيبي نشانين جي ڳولا ۾ سوويت سائنسدان اُٺن، موٽرن، ڀاڦ- ٻيڙين ۽ هوائي جهازن تي رُڌل رهيا. ورلي اُٺ جي ٿوهن يا ڏٽن تي ويٺي انهن کي رڳو پراڻيون ٽيڪريون نظر اينديون هيون، جن تي ڪلر جي ڪاري تهه ڇميل هوندي هئي. پر ريگستان ۾ هوائي جهاز تان اُڏامندي اُهي ديوارون، رستا ۽ وڏي برادريءَ جي گهرن جا اُهڃاڻ ڏسي وٺندا هئا.

انهن سمورن گهرن ۽ شهرن جي پيٽ ڪندي هنن نيٺ انهيءَ تبديليءَ جي ڪهاڻي جوڙي ورتي، جيڪا ابتدائي پائيچاري واري سرشتي کان ٻانهن جي ملڪيتي نظام تائين ٿي هئي.

جان باس ڪالا ويجهو مهاڻن جو تنبو- گهر هو. اُتي اجا تائين نه امير هئا، ۽ نه ئي غريب. سموريون ڇُلهون هڪڙي ڊنگ جون نهيل هيون. سڀ ماڻهو برابر هئا، ڇوته اُهي سڀ هڪجيترا غريب هوندا هئا. گهرن جي ڇوڏاري پيتيون نه هيون، ڇوته اُتي اهڙي ڪابه دولت نه هئي، جنهن جو بچاءُ ڪيو وڃي.

انهيءَ ڊاٻي جي ويجهو سائنسدانن مٽيءَ جي هڪ "ڊگهي گهر" جا ڪنڊر لڌا. جتي ڇُلهن جي ڊگهي قطار پنجاهه ميٽرن جي ٻن اگهڻ تائين ڦهليل هئي.

اهو گهر پڻ پُورو نه هو.

پر صديون لنگهي ويون. انيڪ "ڊگها گهر" هڪٻئي سان ڳنڍجي ويا هئا، ته جيئن ڪشادي خالي اڱڻ جي چوڌاري اهڙي ديوار ٺهجي وڃي، جنهن منجهه آبادي وسندڙ هجي.

اهڙوئي گهيريل گهر ڪوئزيلي گور ۾ موجود آهي. هتي اسان کي ديوارن ۾ ٽُنگ ۽ نگراني لاءِ برج ملن ٿا. ماڻهو پنهنجن ڌڻن کي دشمن جي حملن کان بچائيندا هئا. پر پنهنجن پاڙيسرين تي چڙهائي ۽ سندن سامان ڦرڻ کان به ڪيٻائيندا نه هئا. هتي ڪجهه ڪتنب ٻين کان وڌيڪ امير هئا يا نه، اهڙو ڪو ڇِٽو ثبوت نٿو ملي. قديم آثارن جا ماهر ٻين ملڪن ۽ دنيا جي ٻين ڀاڱن ۾ رهندڙ ماڻهن جي رواجن جو اڀياس ڪري، رڳو اهو ئي نتيجو ڪڍي سگهيا آهن، ته اُتي اهڙي اڻ برابري هئي.

پيو ڏاڪو جان باس ڪالا جو قلعو آهي. اُتي ديوارن ۾ گهيريل اڱڻ خالي نہ آهي، ڇوتہ خالي جاءِ ۾ بہ وڏا، انيڪ ڪمرن ۾ رهندڙ برادريءَ جا گهر آهن. ڀنهي گهرن جي وچ مان هڪڙو لنگهہ آهي، جيڪو "مقدس چُلهہ" تائين وڃي ٿو. قديم زماني جي مهاڻن جي تنبوءَ واري قديم چُلهہ وارو هنڌ، جنهن ۾ سدائين باهہ ٻرندي رهندي هئي، هاڻي مندر بنجي ويو هو.

هاڻي قلعي ۾ هڪڙو قبيلو نہ رهندو هو. هتي قبيلن جا بہ جٿا رهندا هئا، جن جا الڳ الڳ پنهنجا گهر هئا. هتي واڙهہ نہ هئي، ڇوتہ رهواسين جو خاص ڌنڌو مويشي پالنا نہ پر زراعت هئي. قلعي جي ديوارن ٻاهران ٻنيون هيون، جن جي وچ ۾ هر هنڌ آبپاشي لاءِ واهہ موجود هئا. اهو قلعو لاڏڙوئن کان انهن ٻنين ۽ واهن کي بچائيندو هو.

اڃا هڪڙي ٻي منزل توپ راڪ ڪالا آهي. هتي قلعي جي ديوار اندر اتڪل ٻارهن انيڪ ڪمرن وارا گهر آهن.

هي شهر ڇوڏاري سگهارن مينارن وارين ديوارن ۾ گهيريل هو. ڪوبہ واتهڙو يا پرڏيهي هڪدم شهر ۾ گهڙي نہ سگهندو هو. هن کي سوڙهين ۽ ڳُتيل گهٽين واري ڳُجهارت مان لنگهڻو پوندو هو، جيڪا ڦاتڪ جو بچاءُ ڪندي هئي. خاص وات جيڪا ڦاتڪ کان شروع ٿيندي هئي، سا شهر جي وچان هڪڙي ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين هلي ويندي هئي. انهيءَ جي ڀنهي پاسي برادريءَ وارن جا وڏا وڏا گهر هئا، جن ۾ سوين ڪمرا، ننڍڙا برج ۽ اڱڻ هئا. خاص وات "مقدس باهہ" ڏانهن ۽ شهري حڪمران جي ٽن برجن واري شاندار محل تائين ويندي هئي.

هاڻي انهيءَ شهر جا رڳو کنڊر باقي رهجي ويا آهن، جيڪي هر هنڌ مٽي ۽ واريءَ ۾ ڍڪيل آهن. قديم آثارن جي ماهرن کي شهر جو نقشو ٻيهر جوڙڻ لاءِ جهجهو عرصو لڳو ۽ سخت ڪشالا ڪڍڻا پيا.

کوٽجنا جي لڳاتار ڪم سندن پورهيي کي ميٽا ڏني. سيني کان وڌيڪ وٽندڙ شيون ٽن برجن واري محل مان لڌيون ويون، جتي شاندار ڪمرن جي ديوارن تي ماهر ڪاريگرن جا شاهڪار اُڪريل نظر اچن ٿا. هتي انهيءَ ويران ريگستان ۾ محل جي ديوارن تي ماضيءَ جا چِٽيل منظر بلڪل جيئرا جاڳندا لڳن ٿا. هڪڙي ڇوڪري تنبورو پئي وڄائي. هڪڙي انگور ڇونڊيندڙ جي مٽي تي

سندس ڇپي پيل آهي. هڪڙي ماڻهوءَ کي ڪارو ڪوٽ پاتل آهي. ڳڏوڳڏ گهوڙا ۽ جهنگلي ڪُڪڙ پڻ ڏسڻ ۾ پئي آيا. ماهرن جي ٿاهيل ڳُڏن جا ٽڪرا پڻ مليا آهن.

محل جي هر ڳالهه ان واقعي ڏانهن اشارو ڪري ٿي، ته سندس مالڪ شهر جي ٻين رهواسين کان وڏيڪ امير ۽ اوچي ذات جا هئا.

۽ محل پاڻ ٻين گهرن کان اوچو ۽ رعبدار بڻجي انهيءَ جو ثبوت پئي ڏنو، ته سندس رهواسي باقي ٻين ماڻهن کان گهٽو وڏيڪ سُٺي حالت ۾ هئا.

انهيءَ محل ۾ پنهنجي ڪٽنب ۽ پنهنجي انيڪ ٻانهن سان خوارزم شاهه رهندو هو، جيڪو شهر ۽ سڄي ملڪ جو حڪمران هو.

اهو شهر رڳو ڪو شهر نه، پر پاڻ هڪڙي رياست هو. حڪمران وٽ فوج هوندي هئي، جيڪا سندس ٻانهن ۽ غريبن کي فرمانبردار رکڻ، امير ۽ شريف ڪٽنبن جي حقن جو بچاءُ ڪرڻ ۽ آبپاشي لاءِ واهن جي اڏاوت جي نگراني ۾ واهر ڪندي هئي. آبپاشي جيٰ ڪنهن وڏي واهه جي اڏاوت لاءِ ٻانَهن جو وڏو انگ گهُربل هوندو هو. ۽ رڳو قلعو نه، پر انيڪ قلعا ۽ باقاعدي فوج ٻنين، واهن ۽ خوارزم جي قلعي کان ٻاهر رهيل ڪُڙمين جي گهرن جو بچاءُ ڪندي هئي.

اهڙيءَ ريت هزارين ورهين دؤران ڏورينديُ سائنسدانن پاڻ پنهنجي اکين سان ڏسي سگهيا، ته تنبو ڪيئن گهر ۾ ۽ گهر ڪيئن شهر ۾ تبديل ٿيو ۽ ڪيئن هڪجهڙن ماڻهن جي برادري ٻانهن جي رياست بڻجي وئي.

قديم آثارن جي ماهرن انهيءَ قسم جا رهائشي قلعا وچ ايشيا سميت ٻين جاين تي پڻ لڌا آهن، جتي ماڻهن کي پنهنجي دولت، دشمن جي حملن کان بچائڻي پوندي هئي.

## قلعي جو گهيرو

قلعي جي ديوار مٿان اکيون پري تائين ڏسي سگهنديون هيون. جڏهن ڪو ڌُوڙ جو ڪڪر پريان ڏسڻ ۾ ايندو هو ۽ اُس ۾ ڀالن جون ڇُهنبون چمڪنديون هيون ته قلعي ۾ هڪدم بچاءَ جو تياريون ٿيڻ لڳنديون هيون. ڪُڙمي پنهنجا ڍڳا هڪليندي قلعي جي اندر پهچندا هئا ۽ ڌنار پنهنجا ڌڻ پڻ قلعي ۾ وٺي ايندا

هئا. جڏهن سڀ قلعي ۾ اچي ويندا هئا ته ڳرا ڦاٽڪ مضبوطيءَ سان سوگها ڪبا هئا. سپاهي ديوارن ۽ برجن تي مقرر ڪيا ويندا هئا. اُهي دشمن جي ويجهو اچڻ جو اوسيئڙو ڪندا هئا ۽ پوءِ تيز رفتار ۽ تکن تيرن سان سندن آڌرڀاءُ ڪندا هئا.

حملو ڪندڙ قلعي ويجهو اچي ڏاڍو وڃهي ويهي رهندا هئا. اُهي ڄاڻندا هئا ته قلعي جا رهواسي سولائيءَ سان هار نه مڃيندا. اوچي ديوار ڪِرڻ ۾ گهڻا مهينا لڳي ويندا هئا. هر صبح جو قلعي جا ڦاٽڪ چيچاٽ ڪندي کُلندا هئا. سپاهين جا ميڙ پنهنجا ڀالا اوچا ڪندي اُلرون ڪندا هئا. اُهي کليل ميدان ۾ ويڙهه جو فيصلو ڪرڻ ايندا هئا. اُهي گهوڙن جي پُڇن سان سَينگاريل ۽ چمڪندڙ ٽوپلن وارن دشمن فوجين تي تلوارن سان ڪاوڙ وچان وار ڪندا هئا. اُهي سِر ترريءَ تي رکي وڙهندا هئا، نه پاڻ ساهه پٽيندا هئا ۽ نه دشمن کي سانت سان ويهڻ ڏيندا هئا.



آشوري هڪڙي قلعي تي چڙهائي پيا ڪن.
هيٺ: سپاهي پنهنجا قيدي وٺي پيا وڃن.

هڪڙي کي پنهنجي گهر ۽ ڪٽنب کي بچائڻ جو جوش هوندو هو، ته ٻيو انهيءَ ڪاوڙ مان تپي ڳاڙهو ٿيندو هو، ته دولت ايڏو ويجهو هوندي به سندس هٿ ڪان ڇو پري آهي. بچاءُ ڪندڙن مان جيڪي جيئرا بچي ويندا هئا، سي رات جو قلعي ڏانهن واپس هليا ويندا هئا ۽ صبح تائين ويڙهه رُڪجي ويندي هئي.

اهڙيءَ ريت ڏينهن گذرندا ويندا هئا. گهيريل ماڻهو حملو ڪندڙن سان بهادريءَ سان وڙهندا هئا، پر ٻُڪ جي مار دشمن جي ڀالن ۽ تيرن جي مار کان وڌيڪ موتمار ثابت ٿيندي هئي.

جڏهن انهن گُندين ۾ ڏوڙ اُڏامندي هئي، جيڪي ڪڏهن اناج سان سَٿيل هوندا هئا، ۽ جڏهن نڪراٽي مَٽن جو تيل آخري ڦڙي تائين ختم ٿي ويندو هو، ته قلعي ۾ روح راڙو مَچي ويندو هو. ٻُڪ کان پاهه تيل ٻار روئيندا هئا ۽ عورتون نوڪلاڻيءَ ۾ پنهنجا ڳوڙها اُگهنديون هيون ته متان مردن کي مٿن ڪاوڙ نه اچي.

هر ويڙهه کان پوءِ قلعي ۾ بچاءُ ڪندڙ ماڻهن جو انگ گهٽجندو ويندو هو ۽ نيٺ اُهو ڏينهن پڻ ايندو هو، جڏهن دشمن پوئتي هٽندڙ سپاهين جو پيڇو ڪندي قلعي ۾ گهڙي ويندا هئا. اُهي سگهارين ڏيوارن کي پيچي پوري ڇڏيندا هئا. جتي پهرين ماڻهو رهندا هئا، ڪم ڪندا هئا ۽ خوشيون ملهائيندا هئا، اُتي کنڊرن ۽ انساني لاشن جي ڍيرن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه بچندو هو. فاتح جيئرن ماڻهن کي- يعني جوان ۽ پوڙهن کي ٻانها بڻائي پاڻ سان گڏ وٺي ويندا هئا.

## جيئرن جي ڪهاڻي مُئلن جي زباني

روس جي ڏکڻ ۾ ڦهليل سِڌن پَٽن ۾ اهڙيون جايون آهن جتي اوچن دَڙن جو سلسلو ڏسڻ جي حد تائين نظر اچي ٿو. مقامي رهواسين مان ڪنهن کي به ياد نه آهي، ته سِڌن پَٽن ۾ اهي دَڙا ڪيئن اُبريا يا انهن کي ڪنهن ٺاهيو.

جيڪڏهن توهان وڌيڪ پُڇاڳاڇا ڪندؤ، ته ڪو بزرگ اهو چوندو ته اُهي "ممائين" يا "ممائين جي چوڪرين" جون قبرون آهن. پر هو انهيءَ جي ڇنڊڇاڻ نه ڪري سگهندو، ته ممائي هئا ڪير ۽ اُهي ڪهڙي دؤر ۾ هئا.

جيڪڏهن هو ڳالهوڙي هوندو، ته ڏاڍي سرهائي وچان ان جاگيردار بابت ٻُڌائيندو جيڪو هتي رهندو هو ۽ سندس مالڪ هو: ۽ جنهن ڍڪيل خزاني جي ڳولا ۾ باقاعدي دَڙي جي کوٽائي ڪرائي هئي. پر هن کي هٿ ڪجهه به نه آيو هو. پوءِ انقلاب آيو. جاگيردار جو خاتمو ٿيو ۽ هن جي ڳولا پڻ بيهجي وئي.

بهرحال، انهن پوڙهن کان دَڙن بابت پڇاڳاڇا وقت وڃائڻ آهي، جڏهن ته قديم آثارن جا ماهر اُهي ڳالهيون ڄاڻن ٿا، جيڪي صديون اڳ ٿي گذريون آهن.

پوڙها هتي رکيو پنهنجيَ صديءَ جي ڳالهه ڇاڻن تا ۽ قديم آثارن جي ماهرن کي پنهنجي جمڻ کان صديون اوائلي ڳالهين جي ڄاڻ ڏُجي ٿي.

ٽڪريون قديم زماني جا قبرستاني دَڙا آهن، جتي انهن ماڻهن جون قبرون آهن، جيڪي ڪنهن زماني ۾ پَٽن ۾ رهندا هئا.

قديم آثارن جي ماهرن کي انهن دَڙن ۾ انساني ڍانچن سميت مختلف قسم جون شيون پڻ ملن ٿيون، مثال طور: مٽيءَ جون ڳُهگهيون، پٿر يا جست جا اوزار ۽ گهوڙن جون ڪيئي هڏيون. مئل ماڻهوءَ کي پنهنجي ڊگهي سفر لاءِ اهو توشو ملندو هو.

ماڻهن جو ويساهه هوندو هو، ته موت کان پوءِ به ماڻهو کائي پيئي ٿو ۽ ڪم ڪري ٿو ۽ عورت جي روح کي پنهنجي ڏاتي جي ۽ مرد جي روح کي پنهنجي پالي جي گهُرج پئجي سگهي ٿي.

آڳاٽا قبرستاني دَڙا هڪجهڙا ئي آهن. مئل سان گڏ هن جون ڪيئي شيون ڏڪيون ويندڀون هيونڻ، ڇوته ان ابتدائي دؤر ۾ ملڪيت ۾ گهٽ شيون هونديون هيون. هن جون پنهنجون شيون ڪهڙيون هونديون هيون؟ اهو تعويذ، جيڪو هُن جي ڳچيءَ ۾ پيل هوندو هو يا ويڙهه ۾ واپرائجندڙ پالو.

گهر جي هر شيءِ گڏيل ملڪيت هوندي هئي، ڇوته گهريلو مامرن جو انتظام، پائيچاراڻي بنيادن تي سڄو ڪٽنب ڪندو هو. انهيءَ ڪارڻ قديم دَڙن ۾ اميرن ۽ غريبن جُي قبرن ۾ ويڇو نه هو. سڀ مُردا هڪجهڙا هوندا هئا. پر اڳتي هلي مُردا امير ۽ غريب به ٿيڻ لڳا.

دون درياهه جي ڪناري ايليزا ويتوفسڪيا ڳوٺ ويجهو قبرستاني دَڙا لڌا ويا آهن. منجهن ٽن قسمن- اميرن، وچين درجي جي ماڻهن ۽ غريبن جون قبرون هيون.

سيني کان وڏي دَڙي جي وچ ۾ هڪڙي وڏي کڏ هئي. اها قبر هئي. انهيءَ منجهه چِٽسالي، يوناني گلدان، سينگاريل زرهه سميت سهڻي نقشن جا خنجر هئا.

انهن مان ننڍڙن دَڙن ۾ ورلي سون جون شيئون ملن ٿيون ۽ منجهن چِٽيل گُلدان نٿا هجن. پوءِ به انهن کي غريبن جون قبرون نٿو چئي سگهجي. جيڪڏهن

فوتي غريب هجي ها، ته قبر ۾ سندس پرسان ڪاري روغني تاري يا ڏاتوءَ جي چادر وارن ٽڪرن سان وڏي مهارت سان ٺاهيل زره نه ملي ها.

سيني ڪان ننڍڙن ڏَڙن جو انگ پين ڪان وڌيڪ آهي. اهي غريبن جون قبرون آهن. سوڙهي ڪڏ ۾ مُردي جي ساڄي هٿ وٽان رڳو هڪڙو پيالو ۽ ڪابي هٿ وٽان هڪڙي گهُگهي ملي آهي، ته جيئن جيڪڏهن هو اُڃيو هجي ته هوند پاڻي پي سگهي. غريب ماڻهو پنهنجي قبر ۾ به غريب رهندو هو.

چوڻي آهي: "قبر جهڙي ماٺار." پر ڇا اُهي قبرون واقعي خاموش آهن؟ ڇا اهي اسان کي انهيءَ ڏورانهين زماني بابت ٻڌائين ٿيون جڏهن پهريون ڀيرو امير ۽ غريب وچ ۾ ويڇو ٿيو هو. مُردا اسان کي جيئرن بابت گهڻو ڪجهه ٻڌائي سگهن ٿا.

جيڪڏهن اسان قبرستاني ڏَڙن کي ڇڏي وسنديءَ وارن کنڊرن ڏانهن وڃون، جيڪي ڪجهه فاصلي تي نظر اچن ٿا، ته اسان کي اُتي پڻ آڳاٽي شاهوڪاريءَ ۽ غربت جون نشانيون ملنديون. قديم آثارن جي ماهرن کي جاچ پئي آهي، ته وسنديءَ ۾ به واڙهون هيون. هڪڙي واڙهه وسنديءَ جي چوڌاري ڏنل هئي ۽ ٻي



وڏن پٿرن مان ٺهيل آڳاٽو مقبرو

واڙھہ وسنديءَ جي وچئين ڀاڱي تائين ڏنل ھئي. ھتي ھنن کي نفيس ٿانون ۽ گلدانن جا گھڻائي ٽڪرا مليا. جيڪي يونان جي ڏورانھين علائقي مان آندا ويا ھئا. پن واڙھن جي وچين جاءِ ۾ ڪين اھڙي قسم جا گھڻا گھٽ ٽڪرا مليا. ھتي ھنن کي گھڻي عام قسم جي ٺڪر جا ٿانوَ ۽ ڪُڪڙين جا ٽڪرا مليا. ظاھر آھي تہ وسنديءَ جي مرڪزي ڀاڱي جا ماڻھو انھن ماڻھن جي ڀيٽ ۾ گھڻا امير ھئا، جيڪي وسنديءَ جي ڪناري تي رھندا ھئا، ڇوتہ اُھي پنھنجا قيمتي پيالا ۽ پيڙيون وغيرہ وٺي سگھندا ھئا.

انھن ئي اميرن جي قبرن تي اُتي اوچا دَڙا ٺاھيا ويا، جيڪي پري کان نظر اچن ٿا.

اُھي قبرون اسان کي انھن ماڻھن بابت ٻڌائين ٿيون جيڪي انھن ۾ دفن ڪيا ويا ھئا. ورلي اھي قبرون انھن ٻانھن جا ڏيچارينديڙ داستان ٻڌائين ٿيون، جيڪي رڳو ان ڪري ماريا ويا، تہ جيئن اُھي پنھنجي مئل مالڪ سان گڏ دفن ڪيا وڃن، يا انھن زالن بابت، جن کي پنھنجن مئل مڙسن سان گڏ دفن ٿيڻو پوندو ھو.

اھي قبرون ڪتابن کان وڌيڪ انھي ظالماڻي طاقت بابت ٻڌائين ٿيون، جيڪي پيءُ يعني ڪنھن امير قبيلي جو سردار رکندو ھو. جڏھن ھو مرندو ھو تہ پنھنجين ٻانھن ۽ زالن کي پڻ پاڻ سان گڏ قبر ۾ جيڪي ڪٽي ويندو ھو، ڇوتہ غلام ٻانھا ۽ زالون بہ- جست ۽ سون جي زيورن جيان- سندس ملڪيت ھونديون ھيون.

## ماڻھو ھڪڙو نئون ڌاتو ٺاھيو

قبرن جي ڳجھہ يا قلعن جي ڪنڊرن ۾ جيڪي قيمتي شيون ھزارين ورھين کان ڍڪيل ھيون، سي ھاڻي عجائب- گھرن ۾ ڏسي سگھجن ٿيون. اُھي شيون جيڪي صدين تائين نگاھن کان ڳجھيون رھيون، سي ھاڻي آڳاٽي ماضيءَ سان چاھہ رکندڙ ماڻھو ڪين ڏسي سگھن ٿا.

عجائب- گھرن ۾ ويندڙ ماڻھو ھرڪنھن شيشي جي ڪٻٽ سامھون بيھي، سوني مُٺئي واريون تلوارون، نفيس زنجيرون، سونھري ننڍڙي ڳچيءَ واري وُھڙن جون مورتيون، ٽامي جي داڻن مان ٺھيل ھار ۽ ھرڻ يا ڍڳي جي شڪل جا جوڙيل سونھري سامان ڏسن ٿا.



جِست جي آڳاٽي تلوار

انهن شين مان هرهڪ تي ڪيڏو نہ پورهيو ۽ ڪاريگري ڪَتب آندي وئي آهي!
انتهائي سادي جِست جو خنجر ٺاهڻ ۾ پڻ گهڻا ڏينهن لڳندا هئا.

اوائل ۾ ڪچي ڌاتوءَ کي کاڻ مان ڪڍڻو پوندو هو، ڇو تہ هاڻي اهو زمانو گذري ويو هو، جڏهن خالص ٽامو پيرن جي هيٺان ڌَريل هوندو هو. هاڻي ڪچو ٽامو ماڻهن لاءِ ماڻهوءَ کي زمين جي سيني ۾ اونهائيءَ تائين لهڻو پوندو هو. اونداهي کاڻين جي تهہ ۾ ڪامڙيا ڪچي ڌاتوءَ کي ڪوڏرن ۽ ڪَهيڙن سان ٽوڙي ڪڍندا هئا ۽ چمڙي جي ٿيلهين ۾ وجهي مٿي موڪليندا هئا.

وڏن پٿرن کي ٽوڙڻ واري ڪم کي سولو ڪرڻ واسطي اُهي زمين جي تهہ ۾ باهہ ٻاريندا هئا. جڏهن پٿر ڳاڙها اڱار ٿِيندا هئا، تہ مٿن ٿڌو پاڻي هاربو هو. پاڻي شُون شُون ڪندو هو ۽ ٻاڦ جا ڪڪر اوچا ٿيندا هئا. پٿر ٺڙڪات ڪندي ننڍڙن ننڍڙن ٽڪرن ۾ ورڇجي ويندو هو. اهڙيءَ ريت باهہ ۽ پاڻي، ڪامڙين جي ٽِيشيءَ جي واهر ڪندا هئا.

تڏهن کاڻ ڳاڙهو لاوو ٿجي ويندي هئي. ٻاڦ جا جيڪي ڪڪر هيٺ باهہ مان اُٿندا هئا، اُهي کاڻ جي مُنهن مان ايئن نڪرندا هئا، جيئن ڦاٽجندڙ جبل جي مُنهن مان لاوو نڪري ٿو. تنهنڪري اسان اُجا تائين ڦاٽجندڙ جبل کي Volcanoes سڏيون ٿا، جيڪو باهہ جي رومن ديوتا 'ولڪان' جي نالي مان نڪتل آهي.

جڏهن ڪچو ڌاتو کاڻ مان ڪڍيو هو تہ ان کي پگهاري اُجاريو ويندو هو. انهيءَ ۾ وڏي مهارت جي گهُرج هئي. ڪچي ٽامي ۾ ٽِين ملائبو هو، تہ جيئن ٿڌو ڌاتو سخت ٿي وڃي ۽ پگهريل ڌاتو سولائيءَ سان سانچن ۾ وجهي سگهجي.

پگهاريل ٽامي ۽ ٽين جو هڪڙو مرڪب پيدا ٿيو، جيڪو رڳو ٽامو نہ پر جِست هو. اهو اهڙو نئون ڌاتو هو، جنهن جون نيون خوبيون ۽ نوان گُڻ هئا ۽ ماڻهو پاڻ ئي اهو نئون ڌاتو ٺاهيو هو.

اوائل ۾، جڏھن ماڻھوءَ جا اڪثر ھٿيار رڳو پٿر جا ھوندا ھئا، تڏھن ھڪڙو ماڻھو ٻئي جو ڪم به گھُرج مھل ڪري سگھندو ھو. قديم زماني جي ماڻھوءَ کي جن ھنرن جي ڄاڻ ھئي، تن کي سِکڻ ايڏو ڏکيو نه ھو. قديم زماني جي شڪاري قبيلي ۾ ھر ماڻھو شڪاري ھوندو ھو ۽ پاڻ پنھنجا تير ۽ ڪمان ٺاھي سگھندو ھو.

پر ڪنھن نرم ڌاتوءَ کي جھُڪائي ان جي چيڙن کي تند سان ٻڌي ڇڏڻ ٻي ڳالھ ھئي ۽ ڪنھن ڪچي ڌاتوءَ جي ٽڪري کي چمڪندڙ جِست جي تلوار ۾ بدلائڻ ٻي ڳالھ ھئي.

ڪنھن ماڻھوءَ کي ھٿيار ٺاھڻ وارو ڪم سيکارڻ ۾ ورھيہ لڳي ويندا ھئا. ھٿيار ٺاھيندڙ پنھنجي پُٽن کي اھو سڀ ڪجھ سيکاريندو ھو، جنھن جي کيس ڄاڻ ھوندي ھئي، ڇوته اھو ھنر ته سڄي قبيلي جي ملڪيت ۽ کيس ورثي ۾ ملندڙ دولت ھئي. ورلي ڪنيارن، لوھارن، واڍن ۽ ھٿيار ٺاھيندڙن جون ڏار وسنديون ھونديون ھيون ۽ سندن شھرت ڏورانھين ماڳن تائين ڦھليل ھوندي ھئي.

## منھنجو ۽ تنھنجو

اوائل ۾ ھر ڪاريگر رڳو پنھنجي قبيلي ۽ پنھنجي ڳوٺ لاءِ ڪم ڪندو ھو.

پر ھوريان ھوريان ھٿيار ٺاھيندڙ ۽ ڪنيار پنھنجين شين جي مٽاسٽا اناج، ڪپڙن ۽ ٻين ڪاريگرن جي ٺھيل سامانن سان ڪرڻ لڳا.

ھاڻي قديم قبائلي نظام ۾ ائين ڏار پوڻ لڳا، جيئن ڪاٺ ۾ گرم ڪيل پٿر تي ٿڌي پاڻي وجھڻ سان ڏار پئجي ويندا ھئا.

مُنڍ ۾ ڳوٺ جا سمورا ماڻھو برابر ھوندا ھئا. ھاڻي ھڪڙي ڏار امير ڪٽنب کي غريب ڪٽنب کان ۽ ٻئي ڏار ڪاريگرن کي ڪڙمين کان ڌار ڪري ڇڏيو.

جيستائين ڪاريگر قبيلي لاءِ ڪم ڪندا ھئا، اوستائين قبيلو کين کاڌو ڏيندو ھو. ماڻھو گڏجي ڪم ڪندا ھئا ۽ انھن سمورين شين ۾، جيڪي اُھي ٺاھيندا يا ٻنيءَ مان اُپائيندا ھئا، ڀاڱيوار ھوندا ھئا.

پر جڏھن ڪاريگر پنھنجن ٺاھيَن ۽ تلوارن جو واپار ٻين ڳوٺن سان ڪرڻ لڳا، ته ھنن اناج ۽ ڪپڙي ۾ پنھنجن مائٽن کي ڀائيوار نه ٺاھيو، جيڪي کين معاوضي ۾ مليا ھئا.

نڪري ٿي، جادوگر نه آهي؟ هو ڪيئن ٿو ڄاڻي ته هن جي پيرن هيٺان ڇا پيو ٿئي؟ ۽ ڪاٺ ۾ ڪچو ڌاتو ڪيئن ٿو ملي؟ ڪو هن کي اوُس ٻُڌائيندو هوندو ته ڌاتو ڪٿي آهي. ڪو هن جي واهر ڪري ٿو ۽ ڪنهن معجزي وسيلي ان کي ٽامي يا جست ۾ بدلائي ٿو. اُتي، زميني تهه ڪامڙئي جو پراسرار پرجهلو آهي، جنهن ڪان معمولي ماڻهوءَ جو ڊار رهڻ ئي چڱو آهي.

اهي سوچون رڳو يوناني ماڻهن جي ذهن ۾ ئي نه هيون. آڳاٽي زماني جا ماڻهو هر جاءِ تي اهڙي قسم جون سوچون رکندا هئا.

ٽامو ٺاهيندڙ جادوگرن جا قصا اسان وٽ قديم زماني کان آيل آهن.

اسان جي ٻولين ۾ اجا به اهڙا لفظ موجود آهن، جيڪي ٻُڌائين ٿا ته دولت ۽ غربت کي ڇا سمجهيو ويندو هو. قديم ماڻهو اهو نه سمجهندا هئا، ته برادريون ڪيئن امير ۽ غريب ڪٽنبن ۾ ورهجي ويون. اُهي سمجهندا هئا، ته ديوتا مُنڍ ۾ ئي ماڻهوءَ جي ڀاڳ جو فيصلو ڪري ٿا ڇڏين.

روسي ٻوليءَ ۾ ”بَگاتي“ جي معنيٰ آهي: امير. اهو لفظ ”بوگ“ مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ديوتا يا ڀڳوان. اهو لفظ تڏهن روسي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيو هو، جڏهن ماڻهو اهو ويساهه ڪندا هئا، ته ديوتا اميرن جي واهر ڪن ٿا ۽ غريبن لاءِ رڳو ڏچا توڙي ڏاڪڙا نازل ڪن ٿا.

## هڪڙي نئين نظام جي ابتدا

اچو! هاڻي وري ان وات ڏانهن مُڙي ڏسون، جيڪا ماڻهو پارَ ڪئي آهي.

هڪڙو اهڙو به زمانو هو، جڏهن امير ۽ غريب، ٻانها ۽ مالڪ نه هوندا هئا.

قديم زماني جا شڪاري، جيڪي پنهنجن غارن ۾ گڏجي رهندا هئا، هڪجيترا غريب هوندا هئا. پٿر ۽ هڏين مان ٺهيل سندن اوزار ڏاڍا اڻنگا هوندا هئا. هنن کي رڳو اها ڳالهه جهنگلي جانورن، بک ۽ سيءَ کان بچائيندي هئي ته اُهي گڏجي رهندا هئا. گڏجي شڪار ڪندا هئا، پنهنجين طاقتن کي گڏائي جو کي کان بچاءُ ڪندا هئا ۽ گڏيل گهر ٺاهيندا هئا.

وڏن هاٿين جي ته ڳالهه ئي ڇڏيو، اڪيلو ماڻهو ڪنهن رڇ کي پڻ نه ماري سگهندو هو. اڪيلو ماڻهو پنهنجي چُلهه لاءِ ڪو پٿر گهر تائين گهِيري آڻي نه

سگهندو هو يا ڪنهن اُيڪپري ٽڪريءَ ۾ پٿرن جي سلن ڪي سٽي ديوار ناهي نه سگهندو هو.

تڏهن ماڻهن ۾ هر شيءِ گڏيل ملڪيت هوندي هئي. جڏهن شڪار ۾ سوڀ ٿيندي هئي، ته وڏڙا ماڻهو گوشت وڍي ٽُڪي انهن ماڻهن ۾ ورڇي ڇڏيندا هئا، جن جانور جو پتو لڳائڻ ۽ مارڻ ۾ ڀاڱو ورتو هو.

پر هزارين ورهيه لنگهي ويا. قديم زماني جي تنبوئن ۽ کوهن جي جاءِ گهرن ونئي ڇڏي ۽ پٿريل ۽ هڏاون اوزارن جي جاءِ تي ڌاتوءَ جا اوزار اچي ويا.

ماڻهو پهرين ڪهيڙن سان ۽ پوءِ ڪاٺ جي هرن سان زمين کيڙڻ لڳا. هنن گهوڙا، ڍڳيون ۽ رڍون پالي ورتيون. لوهارن جي دڪانن ۾ سنداڻ تي هٿوڙن جا ٺڪ گونجڻ لڳا. ڪنڀارن جا چڪ گهمڻ لڳا. پورهيي جي ورڇ ٿي وئي. جيڪڏهن لوهار ڪنهن ڪهاڙي يا ڏاتي جي موٽ ۾ سولائيءَ سان اناج ماڻي سگهندو هو، ته کيس ڪڙمت جي گهرج نه هئي. ڪڙميءَ کي ڏٽن جي سارسنڀال جي ڳڻتي نه هئي، ڇوته هو پنهنجي گهرج آهر ڏاس، اناج جي موٽ ۾ ماڻي سگهندو هو.

پيڙيون ۽ سڙهن وارا جهاز هڪڙي ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ وڃڻ لڳا. اُهي اناج ۽ اُنَّ، ڪهاڙين ۽ ٺڪر جي ٿانون سان سٽيل هوندا هئا. ٻاهران ايندڙ ماڻهو اڪثر ڏاڙيل ٻڌجي ويندا هئا، ڇوته لُٽمار ۽ سامان جي متاسٽا جو گهرو ساٿ هوندو هو.

اوائل ۾ ڪوبه پنهنجن مائٽن کان وڌيڪ امير نه ٿي سگهندو هو. سڀ هڪجيترا غريب هوندا هئا.

۽ هاڻي اميرن ۽ بااختيار ڪٽنبن جي ٽڪرين تي ٺهيل گهرن جي چوڌاري پٿر جون اوچيون ديوارون، غريبن جي جهوپڙين مان نظر اچڻ لڳيون. اُتي گُنديون سامان سان ڀريل هونديون هيون ۽ هر سال خزانن ۾ واڌارو ٿيندو پئي ويو.

برادريءَ ۾ امير ماڻهن اختيار پنهنجي هٿن ۾ وٺي ڇڏيا ۽ انهن ماڻهن کي ماتحت ناهي ڇڏيو، جيڪي غريب هئا. غريب ماڻهوءَ کي هاڻي پنهنجي امير پاڙيسريءَ کي هر ڀيري مدد واسطي ٻاڏائڻو پوندو هو، ۽ اها مدد ڏاڍي ڳري پوندي هئي، ڇوته غريب ماڻهوءَ کي اناج جو اُهو قرض، جيڪو هُن ڪنهن ڪَنن سياري واسطي ڪنيو هو، امير ماڻهوءَ کي ورهين تائين ڏيڻو پوندو هو.

اهڙيءَ ريت ماڻهو ٻين کي غلام بڻائڻ لڳا.

پر غلاميءَ جي ارتقا رڳو ائين نه ٿي. ماڻهن کي جنگين ۾ قيد ڪري به غلام ٺاهيو ويندو هو.

ڪنهن زماني ۾ سڀ ماڻهو پورهيو ڪندا هئا، پر پوءِ اهو به زمانو آيو جڏهن ڪجهه ماڻهو ڪم نه ڪرڻ لڳا ۽ ٻين کي ڦتڪا هڻي ڪائڻ ڪم وٺڻ لڳا.

ڪنهن زماني ۾ هر شيءِ- شڪار جا هٿيار ۽ شڪار به- گڏيل ملڪيت هوندي هئي. هاڻي غلامن جو مالڪ ئي وسيع ٻنين، ڍڳن ۽ دڪانن جو اڪيلو مالڪ بڻجي ويو. غلام هن جي ٻنين ۾ هَرُ جوٽيندا هئا. هن جي ڍڳن جي سارسنڀال لهندا هئا ۽ سندن دڪانن تي ڪم ڪندا هئا.

ڪنهن زماني ۾ هڪڙي قبيلي جا ماڻهو پاڻ ۾ ويڙهه نه ڪندا هئا. اُهي امن سان رهندا هئا. روسي ٻوليءَ ۾ "مير" لفظ جي معنيٰ: "امن" ۽ "آڪهه، برادري يا قبيلو" آهي.

پر ٻانهپ ظهورجڻ سان هر ڳوٺ ۽ شهر ۾ ويڙهه ٿيڻ لڳي.

غلامن جا مالڪ، پنهنجن غلامن سان ڏِڪارجندڙ ورتاءُ ڪندا هئا ۽ غلام پنهنجن مالڪن کي ڏِڪاريندا هئا.

غلام پيچڻ جا خواب ڏسندا هئا ۽ مالڪ پنهنجي جائداد کي- پنهنجي جيئري جاڳندي ٻوليندڙ اوزارن کي- هر قيمت تي برقرار رکڻ لاءِ اٽل رهندو هو. غلامدار رياست، هٿياربند طاقت وسيلي شاهوڪار ماڻهن جي ملڪيت جو بچاءُ ڪندي هئي. ۽ جيڪڏهن غلام پنهنجن مالڪن خلاف بغاوت جي ڪوشش ڪندا هئا، ته کين فرمانبرداريءَ تي مجبور ڪبو هو ۽ ظالماڻيون سزائون ڏبيون هيون.

اهڙيءَ ريت ابتدائي برادريءَ واري نظام جي جاءِ هڪڙي نئين نظام- غلامدار نظام- وٺي ورتي.

بارهون باب

# سائنس جي ابتدا

هڪڙو زمانو هو، جڏهن سڄي دنيا انسان لاءِ پُورو ڳُجهه هئي. هر ڳالهه عجب جوڳي هئي.

ماڻهوءَ جو هر قدم، سندس ٻانهن جي هر حرڪت، اهڙين اڻ ڏٺل طاقتن کي چوريندي هئي، جيڪا سندس جُهڳو جهڻ ڪندي هئي يا ڪيس ڪجهه ڏيندي هئي.

اوائلي انسان تڏهن گهٽ تجربو رکندو هو ۽ ايڏو لاچار هو، جو ماڻهن کي اهو پڻ ويساهه نه هوندو هو، ته رات ڪان پوءِ ڏينهن ٿيندو ۽ سياري ڪان پوءِ بهار ايندي.

آڳاٽي زماني جا ماڻهو انهيءَ لاءِ مذهبي عبادتون ڪندا هئا، ته جيئن سج آسمان ڪان اوچو ٿئي. مصر ۾ فرعون، جيڪو زمين تي سج جو اوتار سمجهبو هو، روزانو مندر جي چوڌاري هڪڙو ڦيرو لڳائيندو هو، ته جيئن سج پڻ پنهنجو روزانو چڪر پورو ڪري.

سرءَ ۾ مصري ”شمسي ڏاڪ“ جو جشن ملهائيندا هئا. سندن خيال ۾ سرءَ جي جهَڪي سج کي پنهنجي سفر ۾ ڪنهن لٺ جي سهاري جي گهُرج پوي ٿي.

پر ماڻهو ذهني توڙي جسماني ڪم ڪندو رهيو. دنيا ۽ شين جي ڳُڻ بابت ڏينهون ڏينهن ڄاڻ ماڻيندو رهيو.

قديم زماني جي ڪاريگر چقمقي پٿر کي چمڪائي، اُن کي ڌاريدار ڻاهيو. اهڙيءَ ريت هن پٿر جي صفتن بابت سڌي سنئين ڄاڻ ورتي. هو ڄاڻندو هو، ته پٿر سخت ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن ڪنهن ٻئي پٿر سان ان تي ڌڪ هنيو ٿو وڃي، ته اهو ٽڙڪي ته ٿو، پر ڇيڪاٽ نٿو ڪري. اُن پٿر ٽڙڪاٽ ڪيو، ۽ ڇيڪاٽ نه ڪئي. پر ٻيو پٿر ڇا ڪندو؟ اهڙي سوچ تي اسان کي کِل ٿي اچي، پر قديم زماني جي ماڻهن لاءِ اهي ڳالهيون بلڪل ڪل جوڳيون نه هيون.

هو هي نه ڄاڻندو هو، ته عام قاعدا ڪيئن ٿا ٺهن، ٽنهنڪري زندگي ۾ ان لاءِ گهٽيون ڳالهيون اجايون هيون. هن ڏٺو ته ڪڏهن به پٿر هڪجهڙا نٿا ٿين ۽ ان لاءِ هن سوچيو ته هنن جون صفتون پڻ نراليون ٿينديون هونديون. جڏهن هو پٿر جو ڪو نئون ڪَهيڙو ٺاهيندو هو، ته ان کي بلڪل پراڻي جيان ٺاهيندو هو، ته جيئن اهو پڻ اوائلي ڪَهيڙي جيان زمين کي ڪوٽي سگهي.

هزارين لکين ورهيه لنگهي ويا. ماڻهو پٿر جي انهن مختلف قسمن وسيلي، جيڪي سندس هٿ ۾ آيا هئا، پٿرن بابت ٿلهيون ٿلهيون اهم ڳالهيون سمجهڻ لڳو. جيئن ته سڀ پٿر سخت هوندا هئا، ٽنهنڪري هو ويساهه سان چئي سگهندو هو، ته پٿر سخت ٿئي ٿو. جيئن ته ڪڏهن ڪنهن پٿر ڳالهايو نه هو، ٽنهنڪري هو چئي پيو سگهي ته پٿر نٿو ڳالهائي.

اهڙيءَ ريت سائنس جو اوائلي ذرڙو يعني شين وارو نظريو نروار ٿيو.

جڏهن ڪاريگر اهو چوندو هو، ته چقمقي پٿر سخت ٿئي ٿو، ته انهيءَ جو مطلب رڳو ان پٿر سان نه، جنهن کي هُو ٺاهيندو هو، پر هر چقمقي پٿر سان هوندو هو.

ٽنهنڪري هن جي ڪجهه قدرتي قاعدن قانونن سان، جيڪي دنيا ۾ موجود هئا، سُڃاڻپ ٿي.

”سياري کان پوءِ بهار اچي ٿو،“ انهيءَ ۾ ڪابه عجب جي ڳالهه نه هئي. اهو بلڪل چِٽو آهي ته سياري کان پوءِ سرءُ نه، پر بهار اچي ٿو. پر موسمياتي تبديليءَ جي ڄاڻ اها پهرين ڪوجنا هئي، جيڪا اسان جي وڏڙن گهڻن مشاهدن کان پوءِ ڪئي هئي. ماڻهو ورهين کي تڏهن ڳڻڻ لڳا، جڏهن اُهي سمجهي ويا ته سيارو ۽ اونهارو رڳو اتفاق سان نٿا اچن، چوته سياري کان پوءِ سدائين بهار ۽ پوءِ اونهارو ۽ سرءُ جون مُندون اچن ٿيون.

مصري لوڪن نيل درياهي ٻوڏ جي مشاهدي مان هي ڳالهه سمجهي هئي. اُهي هڪڙي ٻوڏ کان ٻي ٻوڏ واري عرصي جي حساب سان نئين سال کي ڳڻيندا هئا.

مها پروهت درياهه جي نگراني ڪندا هئا، چوته ماڻهن جو خيال هو ته درياهه ديوتا آهي. اڃا تائين مصري مندرن جي ديوارن تي، جيڪي نيل درياهه جي

جي دنيا نہ هئي. مندرن جون چوٽيون اوائلي فلڪياتي رصدگاهون هيون. ڪنيار ۽ لوهار جا دڪان اوائلي تجربي گاهہ هئا، جن ۾ پهريان تجربا ڪيا پئي ويا.
ماڻهن مشاهدو، ڪَٽ، ڪَٽپ، حساب لڳائڻ ۽ نتيجا ڪڍڻ سِکي ورتو هو.
انهيءَ قسم جي سائنس ۽ هاڻوڪي سائنس وچ ۾ ڪا بہ شيءِ ساڳي نہ آهي.
اها سائنس گهڻو ڪجهہ جادوئي دنيا جهڙي هئي، جنهن جي اها هڪڙو پاڳو هئي. ماڻهو رڳو تارن جو مشاهدو نہ ڪندا هئا، پر اُهي پاڳ جو حال پڻ انهن کي ڏسي ٻڌائيندا هئا. آسمان ۽ زمين جي اپياس مهل اُهي آسماني ۽ زميني ديوتائن کان دعائون گهُرندا هئا. بهرحال، جهالت جي گهاٽي ڌُنڌ ڇَنجڻ لڳي هئي.

## ديوتائن جي اولمپس ڏانهن پاڻ

جادوئي دنيا جي ڏوڙ منجهان ڳالهين ۽ شين جا اصل رنگ روپ ۽ نشان هوريان هوريان ماڻهو آڏو نروارجڻ لڳا.
آڳاٽي ماڻهوءَ جي سوچ هئي تہ هر جاءِ- هر پٿر، هر وڻ ۽ هر جانور- ۾ آتما آهي.
پر وقت سان گڏوگڏ اهو ويساهہ پڻ الوپ ٿيندو ويو.
هاڻي ماڻهو اهو نہ سمجهندو هو، تہ هر جانور منجهہ ڪو روح ويٺل آهي.
هاڻي ماڻهوءَ جي تصور ۾ گهاٽي تارين ۾ رهندڙ پيلائي ديوتا انهن سمورن جاندارن جي روحاني جاءِ وٺي ڇڏي.
هاڻي ڪُڙمي جي اها سوچ نہ رهي، تہ ڪڻڪ جي هر سنگ ۾ ڪا آتما رهي ٿي. هن جي ذهن ۾ اناج بابت سمورا روح، هاڻي زرخيزيءَ جي ديويءَ، جيڪا هر شيءِ جي واڌ ويجهہ ۽ اوُسر ڪندي هئي، ۾ گڏجي ويا.
انهن ديوتائن آڳاٽي آتمائن جي جاءِ والاري ورتي. اُهي هاڻي معمولي فاني مخلوق ساڻ نہ رهندا هئا. چاڻ هاڻي ڪين ماڻهن جي گهرن کان پري ڏِڪڻ لڳي.
اهڙيءَ ريت انهن کي اهڙيون جايون- اونداهہ، مقدس غارون يا وڻن سان ڍڪيل جابلو چوٽيون- ڳولهيون پيون، جتي ماڻهو ڪڏهن نہ ويندو هو.
پر وقت اچڻ تي ماڻهو اُتي پڻ پهچي ويو. چاڻ اونداهن جهنگن کي جرڪائي ڇڏيو. هن ان ڏنڌ کي ڊِڪي ڇڏيو، جيڪا جابلو لاهين تي ڦهليل هئي.
اهڙيءَ ريت ديوتائن کي وري هڪڙو پيرو پنهنجا گهر ڇڏڻا پئجي ويا. هاڻي

اُهي آسمانن ڏانهن اُڏامي ويا. سمنڊن جي اونهائين ۾ لهي ويا ۽ زمين جي تهه هيٺان اونداهي پاتال ۾ الوپ ٿي ويا.

هاڻي زمين تي ديوتائن جو اچڻ ورلي ٿيندو ويو. هڪڙي نسل کان ٻئي نسل تائين داستان منتقل ٿيڻ لڳا، جن ۾ ديوتا ڪنهن ويڙهه يا قلعي جي گهيري ۾ ڀاڱو وٺڻ لاءِ آسمان تان لهي ايندا هئا.

تلوارن ۽ ڀالن سان هٿياربند ديوتا، فاني انسان جي جهيڙن ۾ ڀاڱو وٺندا هئا. ڪنهن فيصلائتي گهڙيءَ ۾ اُهي سردار کي گهاتن ڪرڻ ۾ لڪائي ڇڏيندا هئا ۽ دشمن تي وچ ڪيرائي ڪين مارائي ڇڏيندا هئا. پر ڪهاڻي ٻڌائيندڙ توهان کي ٻُڌائيندو، ته اهي ڳالهيون گهڻو اڳي ٿينديون هيون.

اهڙيءَ ريت انسان جو تجربو وڌندو ويو. روشن گهيرو ڦهلجندو ويو ۽ ديوتائن کي اجا پري- حال کان ماضيءَ تائين، هن دنيا کان ٻئي پار جي دنيا تائين- پيچائيندو ويو.

هاڻي ته ديوتائن سان ناتو رکڻ ڏکيو ٿي پيو. اوائل ۾ هر شخص معجزا ڏيکاري سگهندو هو ۽ جادوءَ سان ڀرپور رسمون ادا ڪري سگهندو هو. اُهي رسمون سِڌيون ساديون هونديون هيون. مثال طور: مينهن لاءِ وات ۾ ڍُڪ پاڻيءَ



جنگ کان اڳ ايٿينا ديوي، سردار کي مشورو پئي ڏئي.

جو وجهي، ڪنهن خاص ناچ دوران، ڪيس چٽني طرف چڙڪائڻو پوندو هو. ڪڪرن کي وڪيرڻ واسطي، ماڻهوءَ کي ڇت تي چڙهي، هوا جو نقل ڪندي، ڦوڪون ڏيڻيون پونديون هيون.

اسان ڄاڻون ٿا، ته ايئن نہ ِمينهن وسي سگهي ٿو ۽ نہ ئي ڪڪر ٽڙي سگهن ٿا. ۽ ماڻهو انهيءَ نتيجي تي پهتو، تہ ديوتا سندن دعائن ڏانهن ڏيان نہ پيا ڏين. اهڙيءَ ريت مذهبي پيشوا عام ماڻهن ۽ ديوتائن وچ ۾ ٽيپي پيو، ڇوتہ هُو سمورين ڳُتيل مذهبي رسمن ۽ ديوتائن جي پراسرار داستانن بابت ڄاڻندو هو.

آڳاٽو پروهت رڳو ڪنهن شڪاري ناچ جو هدايتڪار هوندو هو. هو پنهنجن ساٿي قبائلين کان وڌيڪ آنمائن جي ويجهو نہ هوندو هو.

پر هاڻوڪو پوڄاري ڪائنن بلڪل ڌار هو. هو ڪنهن سگوري غار ۾ ديوتائن جي ويجهو رهندو هو. هو مندر جي ڇت تي چڙهي، تارن جي ڪتاب منجهان ديوتائن جي رضا پڙهي وٺندو هو. رڳو هُو اڪيلو اهو ڪتاب پڙهي سگهندو هو. هُو پل ڇاڙهيل جانورن جا آنڊا ڏسندي ئي اهو ٻُڌائي ڇڏيندو هو، تہ ڪهڙي ويڙهہ ۾ سوڀ ٿيندي يا هار پلئہ پوندي. پوڄاري ماڻهن ۽ ديوتائن وچ ۾ ٺياڪڙ بڻجي ويو.

پر ديوتا عام ماڻهن کان پوئتي هٽندا ويا، ۽ اُهي زمانا گذري چڪا هئا، جڏهن ديوتا سيني ماڻهن کي برابر سمجهندا هئا. هاڻي ماڻهو پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي ماحول کي ڏسندي اهو سمجهي وٺندا هئا، تہ برابريءَ واري اڳوڻي حالت هاڻي ختم ٿي چڪي آهي. پوڄارين چيو: " اِهو ٺيڻ گهرجي تہ ماڻهو هر ڳالهہ ديوتائن تي ڇڏي ڏين. ديوتا ايئن دنيا تي حڪومت ڪن ٿا، جيئن ماڻهن تي بادشاهہ ۽ سردار." پر ماڻهن انهن پوڄارين جون ڳالهيون ڪنڌ جهُڪائي نہ ٻُڌيون. اهڙا ماڻهو پڻ هئا، جيڪي ديوتائن جي مرضيءَ آڏو جهُڪڻ نہ پيا چاهين.

اهو بہ وقت آيو جڏهن هڪڙي يوناني شاعر پُڇيو: "هاڻي زيوس ديوتا جو نياءُ ڪٿي آهي، جڏهن نيڪ ماڻهو ڏچن ۽ اهنجن ۾ گهيريل آهن ۽ وري گناهگار سُکيا آهن. گڏوگڏ ٻارن کي پنهنجي والدين جي گناهن جي سزا پئي ملي." هن چيو تہ: "هاڻي هي ٺيڻ گهُرجي تہ آس واري ديويءَ جي پوڄا ڪئي وڃي. اها اڪيلي اهڙي ديوي آهي جيڪا ماڻهن جي وچ ۾ رهي ٿي ۽ باقي ديوتا تہ اولمپس ڏي هليا ويا آهن."

# علم ۽ شعور جو ڦهلاءُ

آڳاٽي ماڻهوءَ کي سچ ۽ پرين جي قصن توڙي علم ۽ وهم وچ ۾ فرق جي ڄاڻ نه هوندي هئي.

وهم کي علم کان ڇڇڻ ۾ لکين ورهيه گذري ويا. انهن گيتن ۽ پراڻين رزميه نظمن ۾ جيڪي اسان تائين پهتا آهن، مختلف قبيلن ۽ سردارن جي تاريخ کي، ديوتائن ۽ هيروئن جي قصن کان، ۽ صحيح جاگرافيائي ڄاڻ کي هترادو جاگرافي کان توڙي تارن بابت پهرين ڄاڻ کي قديم داستانن کان ڌار ڪرڻ ڏکيو آهي.

يونانين اسان کي "ايليڊ" ۽ "اوڊيسي" جهڙيون قديم رزميه نظمون ڏنيون آهن، جن ۾ سندن آڳاٽا گيت ۽ داستان لکيل آهن. اُهو داستان ٽراءِ شهر جي گهيري ۽ ان جي شڪست، سان (جنهن تي يوناني فوج قبضو ڪري ورتو هو) ۽ هڪڙي يوناني سردار اوڊيسيس (اوليسيس) جي انهن سفرن سان ناتو رکي ٿو، جيڪي هن پرڏيهه ۽ سمنڊن جا ڪيا هئا، ۽ نيٺ هو پنهنجي ديس ايٿاڪا واپس موٽي آيو هو. ٽراءِ شهر جي ديوارن هيٺان ديوتا فاني انسانن سان ڪُلهو ڪُلهي ۾ ملائي وڙهيا هئا. ڪجهه ديوتا حملو ڪندڙن طرف هئا ۽ ڪجهه گهيريل ماڻهن سان گڏ هئا. جڏهن ديوتائن جو ڪو پيارو فرد جوکي ۾ ڏسجي پيو، ته اُهي هُن کي جهٽ هٽي کڻي پيا وٺن ۽ سلامتي واري جاءِ تي پهچائي پيا ڇڏين. نيٺ اولمپس تي جشن دوران انهن ديوتائن پاڻ ۾ اهو بحث ڪيو، ته ڇا ويڙهه کي جاري رکيو وڃي يا ويڙهاند ۾ رُڏل ڌرين وچ ۾ ناهه ڪرايو وڃي.

انهن داستانن ۾ سچ ۽ ڪوڙ وچڙيل آهي. پر داستان ڪٿي پڄاڻي تي تو پهچي ۽ سچو واقعو ڪٿان ٿو شروع ٿئي؟ ڇا يونانين ڪڏهن ٽراءِ جي شهر جو گهيرو ڪيو هو؟ ۽ ڇا ٽراءِ شهر جو واقعي ڪو وجود هو؟

عالم متين ڳالهين تي ورهين تائين بحث ڪندا رهيا، نيٺ هڪڙي قديم آثارن واري ماهر جي کهيڙي ان بحث جي پڄاڻي ڪري ڇڏي. "ايليڊ" ۾ جيڪي نشان ٻڌايا ويا آهن، تن موجب قديم آثارن جي ماهرن ايشياءِ ڪوچڪ وچي کوٽائي ڪئي ۽ اُتي ٽراءِ جا ڪنڊر لڌا.

”اوڊيسي“ ۾ پڻ سچيون ڳالهيون لکيل هيون. اها ڳالهه جاگرافيائي ماهرن ثابت ڪئي، جن نقشي وسيلي اوڊيسيس جي سفرن جو جائزو ورتو هو. جيڪڏهن نقشو ڏسبو ته توهان کي لوٽس ايٽر جو ملڪ، ايئولس ٻيٽ سميت سيلا ۽ ڪاريبڊيس جا شهر پڻ ملندا. جتي انهن ٻنهي ملڪن وچان لنگهڻ مهل اوڊيسيس جي جهاز کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

لوٽس ايٽر جو ملڪ حقيقت ۾ آفريقا ۾ ٽريپولي جو ساموندي ڪنارو آهي ۽ ايئولس ٻيٽ، اٽلي ۾ اُهي ٻيٽ آهن جن کي اسان ليپاري چئون ٿا ۽ سيلا ۽ ڪاريبڊيس، سيسلي ۽ اٽلي وچ ۾ نار آهي.

”اوڊيسي“ ۾ سچيون ڳالهيون ته آهن، پر جيڪڏهن توهان قديم دنيا جي جاگرافيءَ جو اڀياس ”اوڊيسي“ وسيلي ڪرڻ چاهيندا، ته اها وڏي غلطي ٿيندي.

مهمن ۽ سفري ڪارنامن سان ڀرپور ان اوائلي ڪتاب ۾ جاگرافيءَ کي ناقابل يقين داستاني ويس پهرايل آهي. جبلن کي ديوَن راڪاسن ۾ تبديل ڪيل آهي ۽ ٻيٽن جا آڳاتا ڪاٺا رهواسي گوشت- کائو ديوَ بڻجي ويا آهن.

ماڻهو انهيءَ زماني ۾ رڳو پنهنجي پاسي کان واقف هوندا هئا. اهو سچ آهي ته سوداگر جهازن ۾ سمنڊ پار ڊوڙيندا هئا، پر اُهي پڻ ساموندي ڪنارن کان پري وڃڻ جي همت نه ڪندا هئا، ڇوته کُليل سمنڊ ۾ سفر ڏاڍو جوکائتو ٿيندو هو. انهيءَ زماني ۾ نه قطب نماءِ نه ئي نقشا هئا. جهازي پنهنجو رستو پُلجي پٽڪي ويندا هئا ۽ نيٺ رستي کي سج ۽ تارن وسيلي ڄاڻي وٺندا هئا. ساموندي ڪناري تي ڪا اوچي ٽڪري يا ڏکو وڻ ئي سندن روشنيءَ جو مينار هوندو هو.

سمنڊ هزارين جوکن سان ڀرپور هوندو هو. ويڪرا پَورا جهاز هلڪي هوا لڳڻ سان لهرن تي جهولڻ لڳندا هئا ۽ سڙهن کي قابو ۾ رکڻ پڻ ڏکيو هوندو هو. هوا ماڻهوءَ جي فرمانبرداري نه ڪندي هئي ۽ سندن جهازن سان ايئن ڪيڏندي هئي، ڄڻ اُهي لهرن تي ڪک پن هجن.

پر نيٺ جهاز ساموندي ڪناري تي پهچي ويندو هو. ٿڪل ٽُٽل ناکوئا ان کي ڇڪيءَ ڪناري تي آڻيندا هئا. هتي خشڪ زمين تي نيٺ آرام ڪندا هئا. پر اُهي بيچين رهندا هئا، ڇوته جنهن ملڪ ۾ اُهي پهچندا هئا، اُهو ڌاريو هوندو هو ۽ سمنڊ کان به وڌيڪ ڊيڄاريندڙ لڳندو هو. ملاحن کي اها سوچ ستائيندي رهندي

هئي، ته هاٿي گوشت- کائو ديوَ متن هوند جُلهه ڪندا، ڇوته هنن جا پين مهاڻن کان انهن وحشين بابت قصا ٻُڌل هوندا هئا. هر نئون عجيب جانور سندن ڏنل اکين لاءِ ڏيڄاريندڙ ديوَ بڻجي ويندو هو. اُهي خشڪي تي وڏيڪ اڳتي وڃڻ جي همت نه ڪندا هئا.



اوڊيسيس جو جهاز

پوءِ به هر نئون سفر ماڻهوءَ جي ڄاڻ ۾ واڌارو ڪندو رهيو. اڻڄاڻائيءَ جون سرحدون- ديوَ ۽ پرين جي قصن جون سرحدون- پوئتي هٽنديون ويون. سورهيه ناڪوئا سمنڊ جي ڦاٽڪن تائين ويندا هئا، جتان ڪيسپين سمنڊ شروع ٿيندو هو ۽ اُهي سمجهندا هئا ته ڪيسپين سمنڊ جيان سڄو سمنڊ اَپار آهي. جڏهن اُهي وطن موٽندا هئا، ته پنهنجن دوستن کي اهو ٻُڌائيندا هئا، ته اُهي دنيا جي ڇيڙي تائين ويا آهن ۽ خشڪي هر پاسي کان سمنڊن جي گهيري ۾ آهي.

هزارين ورهين کان پوءِ ماڻهو يورپ کان هندستان جو ۽ چين کان يورپ جو سفر ڪرڻ لڳا. ملاح سمنڊ پار ڪندا هئا ۽ ٻئي طرف ڪين خشڪي ملندي هئي، جتي ماڻهن جي آبادي هوندي هئي.

پر زميني سائنس ۾ مُدتن تائين ديوَ پرين جا قصا برقرار رهيا.

آمريڪا تائين پهچندڙ ڪرسٽوفر ڪولمبس کي واقعي اهو ويساهه هو، ته دنيا ۾ ڪٿي اهڙو گهٽو اوچو جبل اوُس آهي، جتي جنت موجود آهي. هن اسپين جي راڻيءَ کي لکيو ته: ڪيس انهيءَ جنت ويجهو پهچڻ جي آس آهي ۽ هو انهيءَ جي کوجنا ڪندو.

اڃا پندرهين صديءَ تائين، روس جي يورپي ڀاڱي جي ماڻهن جو سگهارو ويساهه اهو هو، ته اورال جبلن جي ٻئي پار جيڪي ماڻهو رهن ٿا، اُهي رڇن جيان

سياري ۾ ننڊ جي حالت ۾ زندگي گذارين ٿا. اسان کي هڪڙو پراڻو نسخو مليو آهي، جنهن جو نالو آهي ”اوپرندي ملڪ جا اڻجاڻ ماڻهو.“ انهيءَ قلمي نسخي ۾ ڏاڍي پيرائتي ڍنگ سان اهڙن ماڻهن جو حال چاٽايل آهي، جن جا وات، پيشاني تي هوندا هئا ۽ اهڙا ٻُچڙا ماڻهو به هوندا هئا، جن جون اکيون سندن ڇاتين ۾ هونديون هيون.

اهو سڀ ڪجهه اسان کي ڏاڍو کِل جوڳو لڳي ٿو. پر هينئر به سائنسي قصا ڪهاڻيون لکندڙ ليکڪ پنهنجن ڪتابن ۾ لکن ٿا؛ ته هوائي ڪائنات ۾ موجود اڻجاڻ دنيائن جا رهواسي جوڪائتا راڪاس آهن.

زميني سطح جو اڀياس چڱي پيماني تي ڪيل آهي. تنهنڪري هاڻي انهن ليکڪن پنهنجن ڪردارن کي زميني مرڪز، مريخ سياري ۽ چنڊ ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو آهي.

## پهريان چارڻ

هر صدي گُذرڻ سان پراسرار ڳالهيون ۽ زندگي بابت ڏاريا ۽ اَجاتل واقعا گهٽجندا وَيا. ڪاريگرن کي پاڻ تي وڌيڪ ويساهه ٿيڻ لڳو ۽ ديوتائن جي پوڄا ۽ عبادت ۾ گهٽتائي ايندي وئي. روزانيَ زندگيءَ مان ٽوٽڻ ڦيٽڻ جون رسمون ايئن الوپ ٿينديون پئي ويون، جيئن سج نڪرڻ تي ڌُنڌ الوپ ٿي وڃي ٿي.

مختلف قسم جي رسمن، مذهبي راندين، ناچن ۽ گيتن ۾ جادو چڱيءَ ريت سمايل هوندو هو، پر ماڻهوءَ جو جاڳندڙ دماغ ڪيس هتان يعني جادوئي گهر مان ڪڍڻ ۽ ڀڄائڻ لڳو.

جادو ٽوڻن وارين رسمن، ناچن ۽ گيتن سان، جادو تيزيءَ سان الوپ ٿيندو پئي ويو ۽ رڳو گيت ۽ ناچ باقي رهجي ويا.

جڏهن يونان جا ماڻهو ڊيونيسس (شراب جي ديوتا باخوس) جو جشن ملهائيندا هئا، جيڪو کين انگور ڏيندو هو، ته ان ۾ پهرين مقدس جادوءَ واريون رانديون ٿينديون هيون. جشن ۾ جيڪو گيت ڳائبو هو، سو باخوس جي موت، سنڌس نئين جنم ۽ انهيءَ بابت هوندو هو، ته جيئن باخوس، قدرت کي سياري ۾

اهڙيءَ ريت قديم گيت جو اوائلي ڳائڻو المياتي اداڪار بڻجي ويو ۽ ٽڙيل سوانگ پريندڙ ڇهڇڻي ۽ ڪل پوڳ جا اداڪار ٿي ويا.

پر اوائلي ڳائڻو رڳو پهريون اداڪار ئي نه هو، پر هو ڇگو پيڳت پڻ هوندو هو. اوائل ۾ هو سيني سان گڏ گيت ڳائيندو هو، ۽ پوءِ هو اڪيلو ڳائڻ لڳندو هو.

وقت اچڻ تي گيت کي مذهبي رسمن کان ڌار ڪيو ويو. ڳائڻا مقدس راندين، سردار ۽ سپاهين جي دعوتن ۾ ڳائڻ لڳا. پيڳت ڳائيندو، پنهنجي بانسري وڄائيندو ۽ ورلي نچندو پڻ هو ۽ هو پراڻي رواج موجب لفظ، موسيقي ۽ اداڪاري کي گڏائي هم آهنگي پيدا ڪندو هو. هو پهريون ڳائڻو ۽ گيت ڳائيندڙ پڻ ٿي ويو. هو گيت ۽ تال جا ٻول پڻ ڳائيندو هو.

پر هو ڪنهن بابت ڳائيندو هو؟ هو ديوتائن ۽ سورمن- پنهنجي قبيلي جي سردارن بابت- ڳائيندو هو، جن بهادر کان بهادر ماڻهن کي ماري پڇايو هو. هو ويڙهه ۾ جان گهوريندڙ سورهين ۽ انهن پيائرن بابت ڳائيندو هو، جن جو ڪيس پلاند وڻڻو هوندو هو.

اهي گيت نه جادو ۽ نه ئي دعا هوندا هئا. انهن گيتن ۾ سورهيائپ وارن ڪارنامن جي ڪهاڻي هوندي هئي، جيڪا اصل ۾ کين وڏيڪ بهادري لاءِ اُياريندي هئي.

۽ هاڻي محبت، بهار ۽ ڏڪارن گيتن بابت ڇا ٿو چئي سگهجي؟ اُهي ڪٿان کان آيا؟ اُهي پڻ ڪنهن زماني ۾ انهن رسمن جو ڀاڱو هئا، جيڪي شادي ۽ موت جي موقعن يا فصل جي وڍ ۽ انگورن جي چونڊي وقت ڳايا ويندا هئا. پيڳت ۾ واري واري سان ننڍڙا گيت ڳائبا هئا.

آڏاڻي تي ڪتيندڙ ڪنواري ڇوڪري انهن گيتن کي ڳائيندي هئي ۽ ماءُ وري ٻاراڻين لورين ۾ کين جهونگاريندي هئي.

اڄ بهار جا گيت رڳو بهار ۾ يا محبت جا گيت رڳو شاديءَ جي موقعي تي نٿا ڳايا وڃن.

سورمن ۽ محبت جا گيت سڀ کان پهرين ڪنهن جوڙيا هئا؟

اسان کي انهيءَ ڳالهه جي ڄاڻ نه آهي. جيئن ته اسان اهو نٿا ڄاڻون ته اصل ۾ ڪنهن سيني کان اڳ تلوار يا سيني کان پهرين آڏاڻو ٺاهيو هو. هڪڙي شخص

نه، پر سوين نسلن اسان جا اوزار، گيت ۽ لفظ جوڙيا آهن. ڀڳت پنهنجا گيت نه جوڙيندو هو، پر هُو رڳو اهڙا گيت ٻين تائين منتقل ڪندو هو، جيڪي هن ٻڌا هئا. پر هڪڙي ڀڳت کان ٻئي چارڻ تائين منتقليءَ دوران گيت وڌندا ۽ بدلجندا رهيا. جيئن واهڙن ڍورن سان ملي درياهه پيدا ٿئي ٿو، ايئن انهن ابتدائي گيتن منجهان وڏا ڏگها رزميه نظم جُڙيا.

اسان چئون ٿا ته مشهور يوناني نظم "ايليڊ" هومر جي تخليق آهي. پر هومر ڪير هو؟ اسان هن بابت رڳو داستان وسيلي ڄاڻون ٿا ۽ هومر پڻ ايڏي ئي داستاني هستي آهي، جيڏا اُهي سورما آهن، جن جا ڳڻ هن ڳايا آهن.

جڏهن بهادر سورمن بابت پهريا گيت جوڙيا ويا، تڏهن ڀڳت پنهنجي قبيلي ۽ قبيلي سان مضبوطيءَ سان ڳنڍيل هو. تڏهن ماڻهو هر ڪم گڏجي ڪندا هئا ۽ گيت پڻ نسلن جي گڏيل ڪوشش جو نتيجو هوندا هئا.

ڀڳت پاڻ کي گيتڪار نه سمجهندو هو، پوءِ پلي هُن اڳين نسلن کان ملندڙ گيتن ۾ ڪا ڦيرڦار ڪري ڪين بهتر چو نه ٿاهيو هجي.

پر جڏهن ماڻهو "منهنجو" ۽ "تنهنجو" جي ورڇ ڪرڻ لڳا، تڏهن قبيلا هڪٻئي کان ڌار ٿي ويا ۽ اوائلي ٻڌي نه رهي. هاڻي ڪاريگر پنهنجي پاڻ لاءِ ڪم ڪرڻ لڳا. هاڻي اُهي اهو نه سمجهندا هئا ته اُهي قبيلي جي مرضي پوري ڪرڻ جو وسيلو هئا.

ڪيترن صدين کان پوءِ ميگارا جي شاعر ٿيوگنيس لکيو:

"مون انهن شعرن تي
پنهنجي مهر لڳائي ڇڏي آهي
جيڪي منهنجي فن جو ڦل آهن.
ڪوبه انهن کي نٿو چورائي سگهي
۽ نه ئي ڦيرائي ٿو سگهي.
سڀ اهو ئي چوندا:
'اِهي آهن ميگارا جي ٿيوگنيس
جا شعر!'"

برادريءَ واري نظام جو ڪوبه شخص ايئن ڪڏهن به چئي نه پيو سگهي.

هوريان هوريان ماڻهو ”آءُ“ جو لفظ اڪثر واپرائڻ لڳو. اهو زمانو گهڻو اڳي گذري ويو هو، جڏهن هُن جو ويساهه هوندو هو، ته هُو پاڻ ڪم نه پيو ڪري، پر سندس وسيلي ڪا ٻي هستي عمل پئي ڪري. هتي ڳائڻو لطيفي فن جي ديويءَ جو ذڪر ڪندو هو، جنهن منجهس گيت لاءِ ولولو جاڳايو هو. هو چوندو هو ته ”گيت جو عطيو“ کيس ديوتائن کان مليو آهي، پر هو پاڻ بابت به چوڻ نه وساريندو هو.

”ديوتائن پڻ ڪيو آهي وچن

ته مونکي وساريو نه ويندو.“

آڳاٽي يوناني شاعر سافوءَ جي مٿي ڄاڻايل نظم ۾ نئين سوچ جو پراڻي سوچ کي پاڪر پاتل آهي. سافوءَ کي ويساهه هو، ته لطيفي فن جي ديويءَ کيس لفظن جو عطيو ڏنو آهي، نه ڪي هُن پاڻ کيس پنهنجي ٻوليءَ ۾ ماڻيا آهن، جيئن ڪامڙين کي جبلن ۾ ڪچو ڌاتو لڀجي ٿو. پر مٿئين سٽ ۾ اسان کي ليکڪ جو فخر- هڪڙي شاعر جو فخر- ملي ٿو، جيڪو چاهي ٿو ته کيس وساريو نه ويندو.

ائين ماڻهو ارتقا ڪندو رهيو ۽ جيترو هو اوچائين تي چڙهندو ويو، ايترو ئي هُن جو اُفق ڦهلجندو ويو.

# ڪتاب جي پڄاڙي

اجهو هاڻي اسان تاريخي زماني کان آڳاٽي ماڻهوءَ بابت ڪهاڻي پڄاڻي تي پهچائي آهي. هي ڪهاڻي توهان کي غلامدار نظام جي ابتدا تائين آڻي رسائي ٿي. هن ڪتاب جو ٻيون ۽ ٽيون ڀاڱو جيڪي مڪمل ٿي ڇپجي چڪا آهن، اُهي ڪتاب ماتحت غلامدار رياستن جي جوڙجڪ، غلاميءَ ۾ ويساهه رکندڙ مالڪن خلاف غلامن جي جدوجهد ۽ انهيءَ نظام جي زوال بابت آهن، جنهن جون پاڙون غلاميءَ ۾ کُتل هيون.

اسان هي ڪتاب لکڻ کان اڳ انيڪ ڪتاب پڙهيا.

اسان چارلس ڊارون ۽ سندس پيروڪارن ولاديمير ڪووالفسڪي ۽ ڪليمنٽ تيميريازيف کان اها ڄاڻ ورتي: اسان واري دنيا جي جيئري مخلوق ۾ تبديلي ۽ ارتقا ڪيئن ٿيندي رهي، جو نيٺ ماڻهوءَ جو ظهور ٿيو.

فريڊرڪ اينگلس جي ڪتاب مان اسان کي اِها ڄاڻ ملي: پورهئي، پوڙهي کي ڪيئن ماڻهو بڻايو.

ايوان پاولوف اسان کي اها ڳالهه سمجهائڻ ۾ واهر ڪئي: ماڻهو ڪيئن سوچڻ ۽ ڳالهائڻ سِکيو.

ڪارل مارڪس، فريڊرڪ اينگلس ۽ ولاديمير ايليچ لينن جي لکڻين، اسان آڏو لکين ورهين دؤران انساني سماج جي ارتقا جو ڦهليل منظر پيش ڪيو.

اسان فطرت جي کوجيندڙن، مؤرخن ۽ سياحن جا انيڪ ڪتاب پڙهيا.

۽ جيڪڏهن توهان پڻ انساني تاريخ بابت اجا وڌيڪ ڄاڻڻ چاهيو ٿا، جيئن اسان پئي چاهيو، ته علم جي ابتدائي سرچشمن يعني ڌرتي ۽ انساني زندگيءَ جو اڀياس ڪندڙ سائنسدانن جي ڪتابن کي پڙهو.

اسان جو مقصد رڳو اهو هو، ته اسان توهان کي سائنس جي دروازي تائين پهچايون ۽ چئون ته: ”سائين، هاڻي توهان اندر اچو.“

| | | |
|---|---|---|
| زندگي زندگي | استاد بخاري | 100/= |
| نہ ڪمر تبريو - نہ غمر نبريو | استاد بخاري | 120/= |
| ولولو ۽ ووڪ | استاد بخاري | 100/= |
| ميلا ملهالا | استاد بخاري | 100/= |
| لهري لهري پر لالاڻ | استاد بخاري | 125/= |
| گلدستي ۾ گيت | استاد بخاري | 300/= |
| وطن ۽ ويساهہ | استاد بخاري | 125/= |
| ڪوڪڻ يا ڪلياڻ | استاد بخاري | 150/= |
| ڳائي پيو جاڳائي پيو | استاد بخاري | 125/= |
| تڙ تڙ تيڏيان ڳالهيان | استاد بخاري | 90/= |
| گهڙيا سِي چڙهيا | استاد بخاري | 80/= |
| پير نہ هٽن پوئتي | استاد بخاري | 150/= |
| هي گجرا هي گولا | استاد بخاري | 80/= |
| لهر لهر درياءَ | استاد بخاري | 90/= |
| اوتون جوتون | استاد بخاري | 150/= |
| گيت اسان جي جيت اسان جي | استاد بخاري | 100/= |
| دک جي نہ پڇاڻي آ | اياز گل | 250/= |
| ساجن سونهن سرت | تنوير عباسي | 60/= |
| راهون پنڌ پيرون | نارائڻ شيام | 200/= |
| نکريو آهي نيڻهن | نارائڻ شيام | 180/= |
| گيڙو ويس غزل | شيخ اياز (مرتب: اسحاق سميجو) | 200/= |
| ڪاري رات ڪهنگ | شيخ اياز | 100/= |
| مينهن ڪٿيون | شيخ اياز | 80/= |
| هوا جي سامهون | امداد حسيني | 200/= |
| خوشبو خوشبو خواب | علي دوست عاجز | 130/= |
| جهڙا تارا جرڪٿا | علي دوست عاجز | 30/= |
| اڇن پوڙن پنيوليا | علي دوست عاجز | 100/= |
| دل جو رستو | مرتب: اسحاق سميجو | 100/= |
| وفا | وفا ناٿن شاهي | 100/= |
| دادن فقير جو ڪلام | مرتب: اياز لاکير | 200/= |
| سُونهن جي ساڃهہ | محسن ڪڪڙائي | 120/= |

## ناول

| | | |
|---|---|---|
| سنڌ باد جو سفر | علي بابا | 50/= |
| درد جو درياهہ | موهن ڪلپنا | 60/= |
| ڏونگر منجهہ ڏيئو | بورس پوليوائي / پرويز | 100/= |
| پرين پڳهہ چوڙيا | شهيدالله قيصر/غلام نبي ناشاد | 65/= |
| رهجي ويل منظر | طارق عالم ابڙو | 70/= |
| عشق | تالستاءِ/ مصطفيٰ نانگراج | 75/= |
| سيتاهرڻ | قرة العين حيدر/ولي رام ولڀ | 100/= |
| توڪيو جي گيشا گرل | الطاف شيخ | 90/= |
| نيٺ گونگي ڳالهايو | امرجليل | 120/= |

## ڪهاڻيون

| | | |
|---|---|---|
| نسيم کرل جون ڪهاڻيون | نسيم کرل | 125/= |
| منهنجون ڪهاڻيون (جلد I) | علي بابا | 150/= |
| پاڻ ۾ وينا آهيون | نجم عباسي | 65/= |

اجهو هاڻي اسان تاريخي زماني کان آڳاٽي ماڻهوءَ بابت ڪهاڻي پڄاڻيءَ تي پهچائي آهي. هيءَ ڪهاڻي توهان کي غلامدار نظام جي ابتدا تائين آڻي رسائي ٿي. هن ڪتاب جو پهريون ۽ ٽيون ڀاڱو، جيڪي مڪمل ڇپجي چڪا آهن، اُهي ماتحت غلامدار رياستن جي جوڙجڪ، غلاميءَ ۾ ويساهه رکندڙ مالڪن خلاف غلامن جي جدوجهد ۽ انهيءَ نظام جي زوال بابت آهن، جنهن جون پاڙون غلاميءَ ۾ کُتل هيون.

اسان هي ڪتاب لکڻ کان اڳ انيڪ ڪتاب پڙهيا.

اسان چارلس ڊارون ۽ سندس پيروڪارن ولاديمير ڪووليفسڪي ۽ ڪليمنٽ تيميريازيف کان اها ڄاڻ ورتي: اسان واري دنيا جي جيئري مخلوق ۾ تبديلي ۽ ارتقا ڪيئن ٿيندي رهي، جو نيٺ ماڻهوءَ جو ظهور ٿيو.

فريڊرڪ اينگلس جي ڪتاب مان اسان کي اِها ڄاڻ ملي ته، پورهئي، پولڙي کي ڪيئن ماڻهو بڻايو.

ايوان پاولوف اسان کي اها ڳالهه سمجهائڻ ۾ واهر ڪئي ته، ماڻهو ڪيئن سوچڻ ۽ ڳالهائڻ سِکيو.

ڪارل مارڪس، فريڊرڪ اينگلس ۽ ولاديمير ايليچ لينن جي لکڻين، اسان آڏو لکين ورهين دؤران انساني سماج جي ارتقا جو ڦهليل منظر پيش ڪيو.

اسان فطرت جي کوجيندڙن، مؤرخن ۽ سياحن جا انيڪ ڪتاب پڙهيا.

۽ جيڪڏهن توهان پڻ انساني تاريخ بابت اجا وڌيڪ ڄاڻڻ چاهيو ٿا، جيئن اسان پئي چاهيو، ته علم جي ابتدائي سرچشمِن يعني ڌرتيءَ ۽ انساني زندگيءَ جو اڀياس ڪندڙ سائنسدانن جا ڪتاب پڙهو.

اسان جو مقصد رڳو اهو هو، ته اسان توهان کي سائنس جي دروازي تائين پهچائيون ۽ چئون: "سائين، هاڻي توهان اندر اچو."



Rs : 150.00

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڦُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر ا سان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي ڄڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ئي ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)